
وچايل
راهون
(ڪهاڻيون)
ملڪ آگاڻي

# وڃايل راھون

(ڪھاڻيون)

## ملڪ آگاٽي

سرسوتي ساھت گھر، ڏوڪري

2020ع

ڊجيٽل ايڊيشن:

2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

## سڀ حق ۽ واسطا محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | وڄايل راهون |
| ليکڪ: | ملڪ آگاڻي |
| صنف: | ڪهاڻيون |
| مرتب: | پارس آگاڻي |
| ڇاپو: | پهريون |
| تعداد: | 1000 |
| ڪتاب نمبر: | 55 |
| ڇاپي جو سال: | 2020ع |
| ڪمپوزنگ: | علي پناهڻ |
| ٽائيٽل ۽ لي آئوٽ: | مصور منگي03053845227 |
| ڇپائيندڙ: | سرسوتي ساهت گهر، ڏوڪري. |
| قيمت: | 300 روپيا |
| ڊجيٽل ايڊيشن : | 2020ع<br>سنڌ سلامت ڪتاب گهر<br>books.sindhsalamat.com |

### لکپڙهه لاءِ

عيسيٰ ميمڻ

چيئرمين

سرسوتي ساهت گهر، ڏوڪري.

03337555986

هي ڪتاب سرسوتي ساهت گهر ڏوڪريءَ پاران منظور شيخ حيدرآباد مان ڇپائي لاڙڪاڻي مان پڌرو ڪيو آهي.

هيءُ ڪتاب ڊجيٽل ايڊيشن جي صورت ۾ محمد سليمان وساڻ، سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام ڪراچيءَ پاران پڌرو ڪيو .

# ارپنا

ملڪ آگاڻيءَ
جي انهن آدرشن جي نالي،
جيڪي اڄ بہ ساپيان جا
متلاشي آهن.

## سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”وڇايل راهون“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب ناماري ڪهاڻيڪار **ملک آگاٽي** جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي جنهن جو مرتب پارس آگاٽي آهي.

ملک آگاٽي سنڌي ڪهاڻيءَ جي ڏس ۾ پنهنجو هڪ الڳ مقام رکي ٿو. هن جي ڪهاڻين جا موضوع اڪثر ڪري استحصالي قوتون، وڏيرا شاهي ۽ جاگيرداري نظام ۽ انهن جون بڇڙايون آهن جن خلاف هن ۽ هن جي ڪهاڻي جي ڪردارن زبردست مزاحمت ڪئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو ملک آگاٽي پاڻ به وڏيرا شاهيءَ جي ظلم جو شڪار ٿي ويو. پر سندس ڪهاڻين سماج ۾ اٿل پٿل پيدا ڪئي آهي، جنهن ڪري هن جون ڪهاڻيون اڄ به سنڌي سماج جون نمائنده ڪهاڻيون آهن.

هي ڪتاب 2020ع ۾ سرسوتي ساهت گهر، ڏوڪريءَ پاران ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون سائين عيسيٰ ميمڻ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## سِٽاءُ


| | | |
|---|---|---|
| اداري پاران | عيسيٰ ميمڻ | 07 |
| مهاڳ | ننگر چنا | 08 |
| مرتب پاران ............... | پارس آگاڻي | 27 |


## ڪهاڻيون


1. وچايل راهون 28
2. موٽي محرم آيو 39
3. سبق پهريون 47
4. چري چاهت چت جي 49
5. سج ۽ چنڊ 55
6. هن بنگلي ۾ هن بنگلي ۾ 73
7. سونن سنجن وارو گڏهه 96
8. ڪروڏي سنڌو 101
9. چينهرو 106
10. مٺ ۾ ساهه 113
11. ڪوڙڪي 127

# اداري پاران

سرسوتي ساهت گهر ڏوڪريءَ پاران هر پيري اها ڪوشش پئي ڪئي وئي آهي تہ سنڌي ادب کي معياري ڪتاب ڏجن. پنهنجي پبلشنگ جي پنجن سالن جي عرصي ۾ 54 ڪتاب اهڙا شايع ڪيا آهن، جيڪي سنڌي ادب ۾ تمام گهڻي مڃتا ماڻي چڪا آهن. ان معيار کي سامهون رکندي سنڌي ٻوليءَ جي سگهاري ليکڪ ملڪ آگاڻيءَ جي ڪهاڻين جو ڪتاب ”وڄايل راهون“ ڇپائي اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون.

ملڪ آگاڻي سنڌي ڪهاڻيءَ جي ڏس ۾ پنهنجو هڪ الڳ مقام رکي ٿو. هن جي ڪهاڻين جا موضوع اڪثر ڪري استحصالي قوتون، وڏيرا شاهي ۽ جاگيرداري نظام ۽ انهن جون بڇڙايون آهن جن خلاف هن ۽ هن جي ڪهاڻي جي ڪردارن زبردست مزاحمت ڪئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو ملڪ آگاڻي پاڻ بہ وڏيرا شاهيءَ جي ظلم جو شڪار ٿي ويو. پر سندس ڪهاڻين سماج ۾ اٿل پٿل پيدا ڪئي آهي، جنهن ڪري هن جون ڪهاڻيون اڄ بہ سنڌي سماج جون نمائنده ڪهاڻيون آهن. انهن ڳالهين کي سامهون رکندي ملڪ آگاڻيءَ جو سمورو اڻ ڇپيل مواد شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هي ڪتاب ان سلسلي جي ڪڙي آهي. جڏهن تہ ملڪ آگاڻيءَ جي شاعريءَ ۽ ڪهاڻين جا ٻيا مجموعا بہ جلد ئي اوهان پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچايا ويندا.

سرسوتي ساهت گهر ڏوڪريءَ جو سٿ سدائين اوهان جي مفيد راين جو منتظر رهندو.

**عيسيٰ ميمڻ**

چيئرمين

سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري

**01-01-2020**

ننگر چنا

# مهاڳ _ ملڪ آگاڻيءَ جي ڪهاڻين تي هڪ نظر

اسان جي ڪهاڻي ڪٿي بيٺي آهي؟

انهيءَ ٽُز سوال جي ٽُز وُرندي تہ تڏهن ڏئي سگهجي ٿي، جڏهن اسان وٽ ڪجهہ ٻين سوالن جا ڪي نهڪندڙ جواب هوندا. مثال طور عالمي ڪهاڻي ڪٿي بيٺي آهي؟ يعني انگريزي، فرينچ، اٽالين، جرمن، روسي، چيني، جپاني، عربي، فارسي، هندي، دَرِي ۽ ٻي ڪهاڻي ڪٿي بيٺي آهي؟

يا وري اهو تہ هندي، تَمل، ڪَنڙ، مليالم، گجراتي، مراٺي، اُڙي، سنهالي، اڙدو ڪهاڻي ڪٿي بيٺي آهي؟ اڙدوءَ مان منهنجي مراد هندوستان جي اڙدو ڪهاڻي آهي.

يا وري پنجابي، پشتو، سرائيڪي، بلوچي، براهوي ڪهاڻي ڪٿي بيٺي آهي؟

اهڙو ڪو مطالعو ڏاڍو ڏکيو آهي. چو تہ هڪ تہ اسان وٽ سنڌيءَ ۾ اهڙا نقاد نہ هجڻ جي برابر آهن، جيڪي مٿيون ٻوليون ڄاڻندا هجن. اهڙا ڀانڪ ضرور آهن، جيڪي عالمي ادب جو مطالعو انگريزي ترجمن وسيلي ڪن ٿا يا وري اڙدوءَ وسيلي.

وري اهم ڳالهہ هيءَ آهي تہ اسان جي آس پاس وارين ٻولين ۾ سرجندڙ ڪهاڻيءَ جو اهڙو گڏيل ذخيرو اسان وٽ تمام گهٽ اچي ٿو. ڪو بہ اهڙو وڏو ذخيرو آهي ئي ڪونہ، اڙدوءَ ۾ ئي سهي، جنهن ۾ ڪي پنجاهہ ڪن پنجابي يا مراٺي، گجراتي يا تَمل، ڪَنڙ يا مليالم، عربي يا فارسي، جون ڪهاڻيون هجن. يورپي ٻولين مان بہ گهڻو تڻو ڪلاسڪ لکارين جا ترجما شايع ٿين ٿا. اهڙي صورتحال ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ جو تقابلي جائزو وٺڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي.

جيسيتائين سنڌي ڪهاڻي جو لاڳاپو آهي تہ خود اسان جي ڪهاڻي بہ هڪ صدي پوري ڪري چڪي آهي ۽ ان لحاظ کان ڪو بہ ڀرپور مطالعو اڳيان نہ آيو آهي.

منهنجي لاءِ ملڪ آگاڻيءَ تي لکڻ هڪ لحاظ کان سوکو آهي تہ ٻئي لحاظ کان اوکو. سوکو هن ريت تہ روايتي طريقي سان ملڪ آگاڻيءَ جي ڪهاڻين تي لکان. انهن جا مرڪزي خيالَ، انهن جي ڪلائيمڪس ۽ اينٽي ڪلائيمڪس تي. انهن جي ڪردارنگاري، ٻولي ۽ ٻين فني پاسن تي. يا وري سندس ڪهاڻين جي فڪري پهچ تي. اوکو هن ريت آهي تہ سندس ڪهاڻين جي سنڌيءَ جي سيبتن ڪهاڻيڪارن سان ڀيٽ ڪجي يا وري پنجابي، هندي، تَمل، دري، عربي، گجراتي ۽ پشتو ڪهاڻيءَ سان ڀيٽ ڪجي. اهڙا تحقيقي ڪم ڪرڻ جو سنڌيءَ م اجا تائين ڪو رواج ڪونهي ۽ نہ وري ڪو ويجهي آئيندي ۾ نظر اچي ٿو.

ٿيون مطالعاتي پاسو فڪري تحريڪن جي اثر هيٺ ڪري سگهجي ٿو. هڪ وڏو ڪينواس تہ نو آبادياتي ۽ بعد نو آبادياتي پس منظر جو آهي. نفسياتي تنقيد،

سماجي تنقيد، مارڪسي تنقيد، سماجي حقيقت نگاري واري تنقيد سميت اڻ ڳڻين نظرين هيٺ اڀياس ڪرڻ به هڪڙو طريقو آهي.

ملڪ آگاڻي جي ڇپيل ڪهاڻين جا ٻه ڪتاب هڪ اڳ ۾ ”لڄارو عشق“ جي نالي سان ۽ ٻيو هي، ”وڇايل راهون“ آهي جيڪي پڙهندڙن جي اڳيان آهن. سندس ٻه ناول، ”نيروليءَ جو ڪُن“ ۽ ”سچ جا پاڇا“ ڇپيل آهن. ”نيروليءَ جو ڪُن“ پنهنجي طرز جو نيارو ناول آهي. ان ناول ۾ جتي اسان جي هڪ دور جي سياسي عمل تي، سياسي ڳنڍي ڇوڙائپ تي، سياست جي نالي ۾ ٿيل ڪلور تي تنقيد ڪئي وئي آهي، اُتي ٻن اهڙن رشتن جي وچ ۾ عشق ڏيکاريو ويو آهي، جن جي وچ ۾ ٿيڻ عام آهي. ملڪ آگاڻي جي ان ناول تي اُنَ دور ۾ ٿيل تنقيد ۾ سياسي ساڙ گهڻو هو پر ادبي تنقيد گهٽ. ملڪ آگاڻيءَ پنهنجي ان ناول جي باري ۾ پاڻ لکي ٿو، ”۽ پوءِ جڏهن اڳتي هلي ”نيروليءَ جو ڪن“ ناول معجزاتي طور تي ٻن ڳالهين کي سچ ثابت ڪري ڏيکاريو، ته همراهن جون وايون بتال ٿي ويون، پهرين اها ته سنڌ ۾ قومي سياست انتشار جو شڪار رهي. قومي ۽ ڪاٻي ڌر جون جماعتون پنهنجي منطقي انجام کي پهچي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويون ۽ ٻيو ته بين الاقوامي طور تي اشتراڪيت جو زوال عمل ۾ آيو.“

”۽ پوءِ سنڌي ادب ۾ سياستدانن جي ڪردار تي زبردست تنقيد ٿيڻ لڳي. ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻيءَ گلف هوٽل لاڙڪاڻي ۾ منعقد ٿيل ڪهاڻي ويهڪ ۾ ”نيروليءَ جو ڪن“ جي اثر جو اعتراف ڪندي پنهنجي ڪهاڻي ”انقلابيءَ جو موت“ لکي، جنهن ۾ ڪميونسٽن جي ڪردار تي سخت تنقيد ٿيل هئي.“

(ڪجهه رنگ ”نيروليءَ جو ڪن“ جا، لکڻي: ملڪ آگاڻي، صفحو نمبر 5 ۽ 6، ڪتاب ”سچ جا پاڇا“ 2005ع، ڪنول پبليڪيشن)

سندس ٻيو ناول ”سچ جا پاڇا“ سنڌي قوم جي وير ڪٿا آهي، جنهن ۾ بقول ملڪ آگاڻيءَ جي، ”ظلم، جبر، لاچاريون، مجبوريون، بيوسيون، بي ڪسيون، فتحون ۽ شڪستون سمايل آهن ته وڏيرڪي راڄ ۾ ماڻهو ڪيئن نه بيوس، لاچار ۽ مجبور آهي. هن ناول ۾ سنڌ جي سياسي، سماجي، نفسياتي ۽ نظرياتي نقطن کي به بيان ڪيو ويو آهي. جن سان اڄ جو سنڌي ماڻهو منهن مقابل آهي. سنڌي قوم جون ڪي موروثي ڪمزوريون ۽ انقلابي نعري پنيان شيطاني قوتن جي ڪني ٿيڻ وارا خيال به سمايل آهن. ”سچ جا پاڇا“ ۾ اقتدار جي تبديلي ڪان پراڻين تهذيبن جي ڊهڻ ۽ نين تهذيبن جي نهڻ جا ڪي خيال به سمايل آهن. ته اسان کي ملڪ آگاڻي جي ڪهاڻين تي هڪ نظر وجهڻ گهرجي ۽ پوءِ ڏسجي ته مجموعي طور تي اسان ڪهڙن نتيجن تي پهچون ٿا. ان ۾ هڪ ڳالهه اڳوات عرض ڪري ڇڏيان ته مون سندس سڀني ڪهاڻين تي نه لکيو آهي، پر ڪجهه ڪهاڻين تي اک ڦيرائي آهي.

سندس ڪهاڻين مان پهرين ڪهاڻي ”ويچاري سنجها“ آهي. هڪ اهڙي عورت جي ڪهاڻي جيڪا ٿوري گهڻي پڙهيل لکيل به آهي. ٿوري باشعور به آهي، ٿوري آزاد

ٻہ آهي پر آهي ڳوناٽي. اهڙي عورت جيڪا پڇاڙيءَ تائين ويچاري ئي رهجي وڃي ٿي. سنجها جي ڪهاڻي اسان کي ضمير واحد متڪلم ۾ هڪ شخص ٻڌائي رهيو آهي. هڪ مختصر ڪهاڻي، جنهن ۾ سنجها پنهنجي پيءُ جي ساڻس ٿيل دست درازي، جيڪا جنسي عمل تي ڪتي ٿي، جِي ڪٿا ٻڌائي ٿي. اهڙي عورت جيڪا مرد ذات کان هيسايل، هيايل آهي. جيڪا محرم کان، ڪائنات جي سڀ کان ٻاجهاري هستي، پيءُ کان جنسي ڏاڍائي جو شڪار ٿئي ٿي.

اهڙو پيءُ جيڪو وڏيرو آهي ۽ جابر آهي، سندس زال مري چڪي آهي. ملڪ آگاڻي ٻن جملن ۾ سندس تعارف هيئن ڪرائي ٿو: ”هُوءَ وڏيرڪي ماحول ۾ پليل نپايل شاهاڻي گهر جي ڇوڪري، شڪل و صورت جي قابلِ قبول پر آواز جي جادوگرياڻي. جو جڏهن ڳالهائيندي آهي تہ سندس نڙيءَ مان لفظ امرت ڌارا جيان لار ڪري نڪرندا آهن.“

اهڙي سنجها، جنهن جي آواز ۾ ملڪ آگاڻيءَ جي چوڻ مطابق، ”سرائڪي ڪافيءَ وارو سوزُ ۽ مصري خان جي الغوزي جو درد سمايل هوندو آهي“ سا پنهنجي اندر ۾ ڪمزور آهي ۽ ٽيندڙ انياءَ تي ڪو ٻہ وڌو قدم نہ ٿي کڻي سگهي ۽ جڏهن سندس پيءُ دل جي دوري ۾ هڪدم هليو ٿو وڃي، تڏهن سنجها ان جنسي هراسمينٽ واري ماحول ۾ ڪو آجو ساهہ کڻڻ جي لائق ٿئي ٿي.

ڪهاڻيءَ ۾ ملڪ آگاڻيءَ Unity Of Impression جو ايترو تہ خيال رکيو آهي جو ڪجهہ جاين تي ڪهاڻيءَ جا ڪردار اجائي هيٺائي ڏيکارين ٿا، جيڪا اَسپاويڪ آهي، تنهن هوندي بہ پڙهندڙ اها نوٽ ڪرڻ کان سواءِ يا وري نوٽ ڪندي بہ پڇاڙيءَ ڏي وڌي وڃي ٿو.

اسان جي سماج ۾ اڄ ڪٿي اها جنسي ڇڙواڳي (Perversion Sexual) ظاهر ٿيڻ لڳي آهي، پر جڏهن ملڪ آگاڻيءَ انهيءَ تي هيءَ ڪهاڻي لکي هئي، تڏهن اهو سڀ لکڻ لاءِ بہ وڏو ساهس کپندو هو.

سنجها جو پيءُ توڙي جو ٻين سان بہ زنا ڪندو هو، شرابي هو، جُوئاري هو، پوءِ به سُڌَ ناهي تہ ڌيڻس لاءِ جنسي موهہ ڇو پيدا ٿيس؟ ۽ ڌيڻس جيڪا اهڙي جنسي ڏاڍائي ٿيڻ کان پوءِ بہ ٻُڪ ٽڪين جو ڪائي آتم هتيا ڪري ٿي ۽ بچي وڃي ٿي.ان سنجها جا خيال ڪجهہ هيڙا هوندا هيا، ”روالور ڪٽي پيءُ کي شُوٽ ڪريان، بندوق پري ٻئي نالَ سندس سيني ۾ نوڪيان.“ پر ڪري ڪجهہ نہ سگهي. اهڙو مظلوم ۽ هيٺو ڪردار ملڪ ڇو تخليق ڪيو؟

ان ڪري جو هُنَ کي هڪ پاسي صدين جي ماريل، لوڙيل لَتاڙيل، ڪاري ۽ ڪميٽي عورت جو ڪيس جو رکڻو هو. هن کي اهو ٻڌائڻو هو تہ ”هيڏا هاجا ٿين، ٻري هن پنيور ۾“ ۽ ڪالهوڪي مقتول سسئي ۽ سهڻيءَ جو تسلسل آهي هيءَ

سنجها. تڏهن ئي ته سمجهه ۾ اچي ٿو ته ملڪ آگاڻيءَ ڪهاڻيءَ جو سرو ”ويچاري سنجها“ ڇو رکيو؟

سندس ٻي ڪهاڻي آهي ”لڄارو عشق“ هڪ خوبصورت ڪهاڻي. ڇرڪائيندڙ ڪلائمڪس رکندڙ ڪهاڻي. اهائي پنهنجي سنڌ جي ڪهاڻي، جنهن سنڌ لاءِ هيئن چئجي ته اها گذريل ٻن هزار سالن کان تاريخ مان موڪل تي هئي ۽ جڏهن انگريز سامراج آيو ته سنڌ کي به موڪل پوري ڪري موٽي اچڻ تي مجبور ڪيو ويو. وڏو عرصو تاريخ مان موڪل تي رهڻ واري سنڌ جي سماج ڪجهه اهڙو تخليق ڪيو، جيڪو اسان جهڙن ٻين گهڻن ئي سماجن ۾ تخليق ٿيو ۽ ان ۾ اسان به آهيون، وڏيرو به آهي، قبيلا ۽ ذاتيون به آهن. نفرتن ۽ محبتن جا، عشق ۽ پيار جا، مِٽي مائٽي ۽ ريت رواجَ جا پنهنجا پيمانا آهن. شايد اهي پيمانا اسان جو وڏو هٿيار به رهيا آهن.

هن ڪهاڻيءَ جو مرد بندوق سان گڏ شهر مان ڳوٺ جي لاريءَ ۾ چڙهي ڳوٺ وڃي ٿو. ڪهاڻي توڙي جو جنرل ضياءَ جي ڪاري آمريتي دور جي ٽائيم فريم ۾ آهي، سندس لوڪيشن ٻهراڙي آهي. مرڪزي خيال سروانتيس جي ڊان ڪوئيڪزاٽ جهڙي همراهه جو پاڻ هُرتڙو عشق آهي. قبائلي جهيڙن جي ماريل سنڌ ۾ سِر کان ٽَڪَل، اهو پليل مرد آهن، جنهن کي موت جي پاڇي ۾ به عشق جي جهوري لڳل آهي. يا هيئن چئجي ته اهڙي مرد جي ڪهاڻي آهي، جيڪو صدين کان پنهنجي هلڪڙي ۽ ٽرڙي طبيعت جو اهڙو ته هيراڪ آهي جو گهڙي پل جي لاءِ به پنهنجي خسيس پڻي کان واقف نه ٿو ٿئي، يا وري اُهائي لاپرواهي سندس وجود جي بقا جو ڪارڻ آهي. ڏسڻ ۾ ته هُو آڙي ڪاپ لڳي ٿو. هن جي اٽڪي ويهڻي جيڪا عورتن جي باري ۾ ظاهر ٿئي ٿي، اهو به آگاڻيءَ جو ڪمال آهي جو ڪردارُ بس اسٽاپ تي اچي ٿو ۽ ويندي ڳوٺ جي اسٽاپ تائين، ان وچ ۾ هُنَ جي نفسي ٻُڪَ، هن جي آنڊ مانڊ کي سُود پُود اهڙو ڇِٽيو ويو آهي، جهڙو اهو هوندو آهي. انهيءَ شڪاريءَ جو شڪار سندس قبيلائي دشمن ناهن، اها اَڪَ ٻُوٽَ ته هلندي رهندي، پر ”لڄارو عشق“ جو نشانو مظلوم ۽ هيٺي عورت آهي، جيڪا هر مامري ۾ هيٺي آهي ۽ قربان ٿيڻ لاءِ پيدا ٿي آهي. همراهه بس اسٽاپ تي موجود ٻن عورتن جي ڪجهه حرڪتن تي پنيلجي، پاڻ کي معشوق جي اک سان ڏسڻ لڳي ٿو ۽ لڳيس ٿو ته انهن عورتن مان هڪڙي مٿس عاشق آهي ۽ پوءِ هُو سچي واٽَ اهو لڄارو عاشق ٽڙپندو هلي ٿو. هُو پاڻ کي انهيءَ عشق جي ڪوٽ کي فتح ڪرڻ لاءِ پائنئين ٿو. ڪيس انهن عورتن جي چهرن تي ڪن پل لاءِ اداسي به نظر اچي ٿي وڃي پر ڪيس اها اداسي به عشق کان سواءِ ٻيو ڪجهه سوچڻ لاءِ مجبور نه ٿي ڪري. هن کي ته اها ڳڻتي آهي ته : ”نهيو، چئن سنگتين سان ڊاڙ هڻڻ جهڙو ته ٿيس، مان به پري بس ۾ ڪنهن سان عشق لڙايو. عشق لڙائي سگهجي ٿو!! “پر پوءِ ڪيس سُڌَ پوي ٿي ته اهي عورتون قبيلائي دشمني جي ڪري هن جي بندوق کان ڊنل هيون. مايُون اسان جي هِنَ ڊان ڪوئيڪزاٽَ کي ڏسي

پريل بس ۾ رانياڻ ڪرڻ واريون هيون پر منشيءَ جي دلجاءِ ڏيڻ تي وقت ڪڍي ويون.“

سچي ڪهاڻي ۾ ڪردار جيڪو پاڻ وارتا بيان ڪندو ٿو هلي، ان جي ڪردارنگاري ۾ جان اهو ڪردار گهڙڻ ۾ ملڪ آگاڻيءَ وڏين تخليقي صلاحيتن کان ڪم ورتو آهي. هي اهو ڪردار آهي جيڪو اصل ۾ پنهنجي سطحي پڙي تي پاڻ ٺوڪ ڪري سگهي ٿو ۽ ان مان لطف وٺي سگهي ٿو.

ڪهاڻي ”لست جو زوال“ بہ اسان جي سماج جي عڪاسي ڪندڙ ڪهاڻي آهي، جيڪا اڄ تائين مختلف قسطن ۾ جاري ۽ ساري آهي. سنڌ جي وڏي اسڪرين تي ان ڪهاڻي جا هزارين ايپي سوڊَ هلي چڪا آهن ۽ هڪ ئي وقت هلي بہ رهيا آهن. زوالي وڏيرڪي سوچَ جو زوال بہ ايترو ڏکهو ٿي چڪو آهي جو اڄا تہ ان جو انت نظر ئي نہ ٿو اچي. جرڳا، بديَ ۾ سَگَ، اوطاقن جا خرچَ، چٽيون، دربدريون، ٻنين تي قبضا اهو سڀ ڪجھہ اڄ بہ هلي رهيو آهي. نہ تہ ملڪ جي صدر ٻڻجي ويل زرداريءَ ڪي نوابشاهہ جي ننڍين زميندارن جون زمينون ڦٻائڻ لاءِ اٽڪلن جي ضرورت نہ پوي ها. هُنَ ڪي تہ ڪو وڏو صنعت ڪار ٿيڻ گهرجي ها.

هيءَ اهڙي وڏيري جي ڪهاڻي آهي جيڪو اڳ ئي ڳيجهو ٻڻايلَ حضوري لاءِ جرڳو ڪري ٿو. حضوري کان اڳ سندس پيءُ الهہ ڏتو بہ انهيءَ رئيس هٿان ذليل ٿي چڪو هو، پر اهو ڪردار بہ پنهنجي سرسي، اها ارڏائي جيڪا صدين کان پوءِ گڏ ٿيندي آهي تہ پنيٺ ٻڻجي پوندي آهي، ان ارڏائيءَ جو اظهار ڪرڻ جي لاءِ وجهہ وٺي رئيس جي سامهون ٿيو هو. سامهون ڪيئن ٿيو هو؟ پراڻو طريقو ورتو هئائين يعني چوري ڪري بيعزتي ڪرڻ وارو طريقو. طاقتور دشمن سان ڳجهي ويڙهہ ڪرڻ جو طريقو. پر تاريخي شعور کان وانجهيل هجڻ جي ڪري حضورو اڪيلو وڙهيو هو . اهو هن سکيوئي ڪو نہ تہ ٻين کي بہ ساڻ ڪٺي هلجي.

الهہ ڏني جو پُٽُ حضورو ساڳي رئيس جمال وٽ گهرايو ويو آهي ۽ ڪهاڻي انهيءَ جرڳي سان گڏ ڪجھہ ٻين ننڍڙين ڪهاڻين کي بہ بيان ڪري ٿي. ملڪ آگاڻي منڍ ۾ هڪ آکاڻي بيان ڪري ٿو، ڪهاڻيءَ جي پاتر جي واتان، ”گلن واري ساٿياڻيءَ جي ڳالهہ.“ جرڳو جيئن تہ رئيس جي ميڃيءَ جي ڪڏي مان ميڃي مارڻ تي ٿيو آهي، تنهنڪري آگاڻيءَ ڪمال ڪاريگريءَ سان اُٺندي ئي ڪِڪيءَ هاڻين جي قصي کان شروعات ڪري، پڙهندڙ کي انهيءَ خاص ماحول ۾ وٺي وڃي ٿو.ان کان پوءِ ٻي ڪهاڻي ايٺ تاري جي ايرڻ سان لاڳاپيل ڏند ڪٿائن جي آهي. انهن تي ويساهہ جي آهي ۽ ان ۾ بہ توهان ڏسو تہ ملڪ آگاڻي لوڪ روايت مطابق ايٺ تاري سان لاڳاپيل نحوستن جو ذڪر ڪندي اهو بہ چوي ٿو تہ : ”ايٺ ايرڻ سان جَرَ سُڪي ويندا آهن، مينهون مالَ ڪير گهٽائي ڇڏيندا آهن......“

ٻئي پاسي اڄوڪي جرڳي جي وحشت ۽ دهشت ڏيکارڻ لاءِ مثالن ۾ رئيس جمال جا اڳ ڪيل ڪجهه جرڳا بيان ڪيا وڃن ٿا. ماڻهوءَ کي اگهاڙو ڪرڻ، هڪ ٻئي جي جنسي آلتن ۾ هٿ وجهرائڻ، ميڙيون منٿون ڪرائڻ، ڪُتي ڪُتي رت ۾ ٻاڙهو ڪرڻ جهڙا ڪم ٿيندا رهيا آهن ۽ ڪندو رهيو آهي اسان جو رئيس جمالُ. رئيس جمال وٽ سلطاني گواهه ٻه آهن، جج ٻه پاڻ آهي، عدالت سندس اوطاق آهي. پر مثال (Precedent) ۾ ابن ڏاڏن جا اهڙائي وحشت ڀريا فيصلا آهن. پر ڪهاڻي ۾ موڙ تڏهن ٿو اچي جڏهن رئيس جمال ريت رواج مطابق، اصل ۾ ڏاڍن جي ريت رواج مطابق سڱ چٽيءَ تائين اچي پهتو هو جو هڪ هڪل ٿئي ٿي، ”رئيسَ! سنڀال........ سنڀال، هروڀرو ننگن جا نالا نه ڳنهه! ايترا هيٺا ٻه ناهيون.“

”اڙي !بس ڪر.“ پوڙهي هڪل ڪئي، ”تون ننڍو آهين، تنهنجو ڪم ناهي.“

پهرين هڪل هڪ نوجوان جي آهي ۽ ملڪ آگاڻي پاڻ سموري ڄمار انهيءَ هڪل جي آبياريءَ لاءِ جُهدَ ڪندو رهيو.

ڪهاڻي جي پڄاڻي ڏاڍي شاندار آهي. رئيس جو گهڙيل ٽڪسات ڊهي پوي ٿو ۽ ان هوندي ٻه رئيس غلط فيصلو ڪرڻ لڳو.

ڪهاڻي ٻڌائي ٿي: ”رئيس جي گهٻراهٽ ۽ نوجوان جي بهادريءَ ڪچهريءَ ۾ وينلن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. هن ننڍڙي عمر واري جيتامڙي، عقل ۽ ڏاهپ ڀريا گفتا، جنهن ٻي ڊپائيءَ سان چيا، تنهن تي عام ماڻهن کي ڏاڍو عجب لڳو......... سندس حد درجي جي ٻي ڊپائي، خودداري ۽ بهادريءَ ڪيس ٻين کان علحدو ۽ نرالو ڪري بيهاريو، جنهن سبب رئيس وڏي مشڪل ۾ اچي ڦاٿو هو.“

وڏيرڪي لست جو زوال ائين ئي ٿئي ٿو ته رئيس دڙڪا داٻا ڏيندي، گاريون ٻَڪندي، ڌمڪيون ڏيندي راڄ وارن کي ۽ ملزم ڌُر کي نڪري وڃڻ لاءِ چوي ٿو ۽ پنهنجي ئي اوطاق مان پاڻ نڪرڻ لڳي ٿو. ائين ڄڻ ته هي ڪردار ٻه پاڻ ئي پاڻ تي رحم ڪائيندي نظر اچي ٿو. لست جو زوال جيڪو ڪهاڻي جو مرڪزي نڪتو آهي، اهو زوال اوس اچڻو آهي ۽ اهوئي ملڪ آگاڻيءَ جو ارٿ هيو ۽ آهي.

”جهنگل ڪدي پار“ ڪهاڻي هڪ ڍڪڻ جي وارتا بيان ڪري ٿي. استاد جلال، ان جي گهرواري، جيڪي ٻي اولاد آهن. مجيد جيڪو هنن پالي وڏو ڪيو آهي ۽ ڪنهن ٻئي ڳوٺ جو آهي. ڍڪڻ وٽ ڳوٺ ۾ پنهنجي جاءِ آهي ۽ استاد جلال جي مرگ کان پوءِ مجيد جيڪو هن پُٽ ڪري پاليو آهي، سو استاد جي جاءِ ۽ ڌنڌي جو وارث ٿئي ٿو. پر اهوئي وڏيرو جيڪواڄ تائين ناانصافي جو سمبل آهي، استاد جلال جي جڳهه ڦٻائڻ لاءِ مجيد کي ”سَت ڏاريو“ چئي، بيدخل ٿيڻ جو حڪم ڏئي ٿو.

ڪهاڻي ڍَڪاٽڪي ڪرت جي زوال کي بيان ڪري ٿي. ملڪ آگاڻيءَ استاد جلال کي ٻي اولاد ڏيکاري ۽ سندس پُٽيلي مجيد کي دربدر ٿيندي ٻڌايو آهي. هن ڄڻ ته استاد جلال جي پيڙهي نه هئڻ کي ڍڪاٽڪي ڪرت جي روايت جي ٽٽڻ سان تشبيهه

ڏني آهي ۽ پاليل شاگرد مجيد جي وسيلي اهو چوڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس تہ جي اها ڪرت جاري رهڻي آهي تہ انهيءَ کي نئين نسل مان ڪو اڳتي اچي ايڊاپٽ ڪري، تڏهن ئي جاري رهي سگهي ٿي. پر ان ۾ بہ پراڻو مُدي خارج سسٽم رڪاوٽ بڻيل آهي.

انهيءَ صديون پراڻي ڪرت جو اَپمانُ اصل ۾ اسان جي ڪلچر جي هڪ شاندار حصي جو اَپمانُ آهي ۽ سموري ڪلچر جو اَپمان آهي. اسان جي روايتي ۽ شاندار ڪرتن جي نڌڻڪائيءَ کي هيءَ ڪهاڻي وڏي سهڻي نموني بيان ڪري ٿي. اهڙي ئي ڪهاڻي آهي امر لغاري جي "ناد وارو" ۽ وري اهڙوئي ناول آهي اختر رضا سليمي جو "جَندر" ناد وچائڻ وارا بہ ويا تہ ناهڻ وارا بہ ويا. سليميءَ جو ناول پختونخوا جي هندڪو وسيب ۾ ٽُڪرين مان ڪرندڙ جهرڻن تي هلندڙ اَٽي پيهندڙ جَندَ جي چڪين تي آهي. اختر رضا سليمي هندڪو ڪلچر جي هڪ سَب ڪلچر جي معدوم ٿي وڃڻ جي وارتا بيان ڪئي آهي. ايئن ملڪ آگاڻيءَ بہ "جهنگل ڪڏي پار" ڪهاڻي ۾ ڏکاڻڪي ڪرت جي بي قدريءَ ۽ زوال تي لکيو آهي.

ڪهاڻيءَ جو سرو "جهنگل ڪڏي پار" بہ علامتي انداز ۾ ڪهاڻي جي مرڪزي خيال سان ٻن معنائن ۾ ڳنڍيل آهي. هڪ ڏکڻ جي ڪاٺ سان، جهنگ جو ڪاٺ ئي ڏکڻ جو سڀ ڪجهہ آهي. جيڪڏهن ڏکڻ ئي نہ رهندو تہ جهنگ جي ڪاٺ کي ڪير مانُ ڏيندو. هڪ وجود وڻ ٻئي وجود يعني ڪنهن بہ ڪارائتي وٿ ۾ ڪيئن بدلبو؟

ٻيو هن معنيٰ ۾ تہ سماج بہ هڪ جهنگل آهي ۽ اهو پنهنجي هڪ حصي جي نابود ٿيڻ تي پار ڪڏي رهيو آهي.

سندس ٻي ڪهاڻي آهي، "هينئون هيڪل بَن ۾". جنرل ضياءَ جي دَور ۾ سنڌ کي سڀ کان گهڻيون مصيبتون پلئہ پيون. هيروئن، ڪلاشنڪوف، مذهبي انتهاپسندي، فرقي واريت، شهري دهشتگردي ۽ ان زماني ۾هڪ نعرو عام جام لڳندو هو، "پاڪستان جو مطلب ڇا؟ ڦاهيون، ڦٽڪا، مارشلا!" انهيءَ دور ۾ سنڌ جي اُپرندڙ وچئين طبقي جي مُندي پَچڻ لاءِ سڀ کان وڏي آفت جيڪا مسلط ڪئي وئي هئي، تنهن جو نالو هو "ڌاڙيل" ملڪ آگاڻي اُنَ مصيبت جو اکين ڏٺو شاهد آهي. آگاڻين جي ڳوٺ جهڙا هزارين ڳوٺ هيا، جيڪي اُنَ قهر مان گذريا هيا. اها هڪڙي وڏي ٽريجڊي آهي، جنهن جي معمولي حصي تي هيءَ ڪهاڻي لکي وئي آهي. ڌاڙيل ڪلچر تي ان هڪ ڪهاڻيءَ ۾ ئي ايترو تہ مواد آهي جو ان تي ٿيسز لکي سگهجي ٿي. ڌاڙيلن جي ڪم ڪرڻ جو طريقو، سندن ٻولي، ٽارگيٽ جي ريڪي ڪرڻ، پُنگَ جي وصولي جو طريقي ڪار، درياءَ جي ڪنڌيءَ ۽ ڪچي جي رهڻي ڪهڻي، ڌاڙيلن جي ٻولي، هنن جو قيدين سان ورتاءُ ۽ ها سچي! جنسي عمل!!

ملڪ آگاڻيءَ انهن ماڻهن/وحشي ٽولن جي جنسي لاڙن کي بہ هن ڪهاڻيءَ وسيلي ظاهر ڪيو آهي. اُنَ زماني جي سنڌ جا احساس، سنڌ جي سَنڌن ۾ ڊُڪندڙ ڊپ،

سنڌ جي مزاحمت جو ڪنهن کي درشن ڪرڻو آهي ته ”هينئون هيڪل ٻَن ۾“ ضرور پڙهي. ضمير متڪلم واحد ۾ لکيل هيءَ ڪهاڻي اغوا ٿيل سنڌ جي ڪهاڻي آهي، جيڪا اڄا تائين هڪ نه ٻئي ڏاڙيل ٽولي جي هٿيارن هينان ساهه مُٺ ڪيون ٽڳي رهي آهي.

ڪهاڻيءَ ۾ اچي ٿو، ”پوءِ جڏهن منهن اونداهڙي جي وقت زنجير ۾ سلهاڙيل اسان سيني کي دستور موجب ڪڏ مان ٻاهر ڪڍيو ويو. واري واري سان هڪ هڪ کي حاجت پوري ڪرڻ لاءِ زنجير ڇنگهه مان ڪڍندو ٻيهر جڪڙيندو ويو. پنهنجي واري تي مان به خلاصو ٿي آيس. ڪجهه ڇنگهان ساهيم، آرس ڀڳم. سڄو ڏينهن ويٺي ويٺي عضوا ئي ڪَڙجي ويا ٿي. جڏهن ڦري ڦلپوٽي جو وارو آيو. هن جي ڇنگهه مان زنجير نڪتو ته هن جُوانَ مڙس لامارو ڏئي ڀڄيءَ ڪان جهلي ڪٽي پهريدار کي سوگهو ڪيو. هَڪل ڪيائين اسان کي،

”ڀڄي اچو، مڙس ٿيو............“

ائين ئي سنڌ سيني سنگهرن مان آجي ٿيندي ۽ پنهنجن مارن سميت آجي ٿيندي. ۽ اسان جي ڪهاڻين کي منزل ملي پوندي.

مون ملڪ آگاڻيءَ جي ڪهاڻين جو جيترو مطالعو ڪيو آهي، مون کي انهن سيني ڪهاڻين ۾ سماج اندر موجود جنسي لاڙن جا اولڙا به مليا آهن. مَلڪ جي ڪهاڻين جو اهو هڪ الڳ پاسو آهي. جيڪڏهن ڪو سوشيالاجيءَ جو شاگرد ”مَلڪ آگاڻيءَ جي ڪهاڻين ۾ جنسي لاڙا ۽ رجحانَ“ جي نالي سان مطالعو ڪري ته ڪيس حيرت جو جهان نظر ايندو. مان ان جي لاءِ مَلڪ جي هن ڪهاڻيءَ جو نالو ڪڻڻ ئي ڪافي ٿو سمجهان. سندس ڪهاڻي آهي، ”وچايل اُٺُ.“ سندس هن ڪهاڻيءَ جو منڍ ڏسو:

”مان هڪ بستيءَ ۾، بيد جي لَچڪندڙ ڇَهي جهڙي دوشيزه کي ڏٺو، جنهن جي الهڙ ۽ مست جوانيءَ کي، سونا زيور وڏيڪ چمڪائي رهيا هيا. منهنجي سرڪش جذبن جي پرواهه نه ڪندي هُوءَ ڊيل جيان لُڏندي لَمندي لنگهي وئي. لڳي ٿو، شايد پوڙهائپ جي پهريدارن اچي گهيرو ڪيو!!!“ (بلوچي شاعر بيرگ)

هي جيڪو بلوچي شاعريءَ مان نثري ترجمو ڏنو ويو آهي، ان شاعر جو نالو ڇپائي جي چُڪَ سبب غلط اچي ويو آهي. اهو اصل ۾ ٻي بَرگ آهي. بلوچي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ جام دُرَڪ ۽ مست تَوَڪلي، بالاچ گرگيزَ، جوان سال بگٽي سان گڏ هانِي، شَه مريد ۽ ٻي بَرگ تائين وڏي ڪير ڏارا آهي. ٻي برگ جي ڏنل اِنَ ٽڪري ۾ عاشق پنهنجي پوڙهائپ جي چوڪيدارن جي گهيري جي ڳالهه ڪئي آهي. ۽ هيءَ ڪهاڻي به هڪ اهڙيَ لست جيَ ماريل اُٺَ جي آهي، جيڪو وڳر کان وڇڙيل آهي ۽ پوڙهائپ جي چوڪيدارن جي گهيري ۾ آهي، جيڪو هر ڏاچيءَ جي پنيان لڳي پوڻ جي ڪري ٻئي ڪُڙم قبيلي کان نڪتل آهي. جنسي وارداتون ڪندڙ

شاهينگ ڄِي هيءَ ڪهاڻي سچ پچ ته حيران ڪري ڇڏيندڙ آهي. هڪ ڪردار جي جنسي سوڃن ڪي عدالتي ٻوليءَ جي اصطلاحن ۾ ائين پيش ڪيو ويو آهي، جو هڪ ئي وقت ٻن مختلف علمن کي رَلائي ڪيس رکڻ ۾ ملڪ آگاڻيءَ جِي تخليقي اپروچ جو معراج سامهون اچي ويو آهي. صفا عامَ جِي ٻوليءَ ۾ عامُ ڳَالهه "هَهه هَهه بار گڏهِ تي چنگهي ڪوتي!"، "مان ڪا ڇَري آهيان يا لُتا لاهي ڇڏيا ٿم جو ڏند ٿو ٽيڙين!؟"، "اها هنگِ ترڪان ڇاجي آ!؟"، "تو ۾ ته تڪي جو اَقال ڪونهي!!"، "تون ٻه ته ڏس، سڄو ڏينهن تاپُن جي ڪڍ، هاڻي اچي...... جڏي ادي جي اچڻ جو ٽائيم ٿيو آهي.... هاڻي جُود ڪر جُود."

اِهي ته مڙيوئي مثال آهن. خزانو ته ڪهاڻيءَ ۾ پوريو پيو آهي. مون کي نه ٿو سُجهي ته جنسي ڇڙواڳين تي، اهڙيَ آڙِي ڪاپَ ڪردار جي نفسياتي لاڙن ۽ سندس ترڪتالين تي اهڙي ڪهاڻي ڪا ڪنهن لکي هجي. ڪهاڻي ۾ رَنَ زال ٻه آهي، نئين سامايل ٻه آهي، ڪَچِي وَهِي ٻه آهي، ٻارن ٻچن جي ماءُ ٻه آهي، موٽ ڪائي آيل وَهِي ٻه آهي، پر "سڪندر دي گريٽ" هڪ ئي آهي. مَلڪ ڳالهه کي لڪائڻ جو هنر ڄاڻي ٿو: "نئون ناپٽ پَٽڻ لاءِ کهڙن نه تيز تِکن گهوڙن جي ضرورت رهي ٿي! سنو ڪير ونڻ لاءِ کهڙي نه سُني ٽندوالي ڪرٽي پوي ٿي، اهو ته ٿيو وياٿو/ سُوا مينهن ڪان ڪير ونڻ ڪيڏو نه ڏکيو جانِ جوکم جو ڪم آهي!! ان ڪنواري ڪير چڪڻ لاءِ ڇا ڇا نه ٿو ڪرٽو پوي، کهڙا ڪيڏا نه ٽا جتن ڪرٽا پون...... کهڙا کهڙا نه مضبوط ۽ جٽادار ونگ ٽا ونگٽا پون!! پوءِ هُنَ جيئن ئي تڪڙ ۾ اچي ڪري ونگ وجهي گُوهو ڪڍڻ چاهيو هو، اهڙيءَ ئي تيزيءَ سان ونگ ٽٽو هو ۽ تيز پَچاڙ سندس سيني تي چُڙڪ جيان ٽڪاءُ ڪيو هو."

اهي ڳالهيون ڪڙڪ، چتي آڙي ڪاپَ، رنڊي باز جون آهن.

اها ڪهاڻي پڙهندي مون کي ڊاڪٽر شاهه محمد مريءَ جو ڪتاب "بلوچ سماج ۾ عورت ڪا مقام" ياد آيو. بلوچ سماج ۾ ڪنهن دَور ۾ عشق رکو پرٽيل عورت سان ئي ٿيندو هو، ڪنواريءَ سان نه. هيءَ ڪهاڻي پڙهندڙ مٿان سنڌي سماج جا نوان اسرار کوليندي.

سندس هڪ ڪهاڻي آهي "گمنام سپاهيءَ جي قبر" اها ڪتا اسان جي سماج ۽ اهڙن ٻين سماجن جي ان پرت جي آهي، جيڪا زندگاني جو وڏو حصو علم جو فيض ورهائيندي گذاريندي آهي. اسان سڀئي ڪيس استاد جي نالي سان سُڃاڻون. هن ڪهاڻيءَ جو مرڪزي خيال استاد جي رٽائرمينٽ ڪان پوءِ واري جيون تي آڌاريل آهي. اهو وڏو الميو آهي ته استاد، ليڪچرار، پروفيسر جيڪڏهن رکو نصابي سرگرمين تائين محدود رهي پوءِ رٽائر ٿئي ته پوءِ سندس باقي زندگي رحم جوڳي گذرندي آهي. اسان جي آسپاس ڪيئي رٽائرڊ استاد آهن، جن لاءِ هاڻي وڏو مسئلو هي آهي ته هُو پنهنجو جبل جيڏو ڳرو وقت ڪيئن گهارين؟ هن ڪهاڻي جو ڪردار ٻه اهڙين پِيڙا

پرين ڪيفيتن مان گذري ٿو. اهو استاد اڪيلائي ۾ اٻاڻڪائي هٿان وهلور ٿي پنهنجن پراڻن سنگتين سان ملڻ لاءِ نڪري پوي ٿو انهيءَ ڳوٺ ڏي جتي هن ڊيوٽي ڏيندي وڏو وقت گهاريو هو، پر جڏهن اُتي پهچي ٿو ته ڪيئي ڄاتل سُڃاتل چهرا ڪيس ڪيڪارين به نه ٿا. تڏهن سندس اندر جهري پوي ٿو. حد ٿي وڃي ٿي جڏهن پنهنجي هيڊماستر سان ملڻ وڃي ٿو ۽ ڪيس چوي ٿو، ”مان ڪي سُڃاڻُوَ!!؟ ڇا ان ماستر کي وساري وينا آهيو، جيڪو اوهان جي اولاد جي شيوا ڪندو هو؟ ڇا ان کي به وساري وينا آهيو، جيڪو توهان کي وڏ ۾ وڏ پيارو هو، جنهن سان گهٽي گهٽي رات تائين وينا ورونهه ڪندا هئا. ياد نه اَٿو ڪيئن نه ”گل ڦل“ ۽ ”هڪ ڪتيءَ مان به ڪتيون“ جون ڳالهيون ڪري پيا وندرائيندا هئا.“

اُنَ هيڊ ماستر جي آخري ورندي ڪجهه هيئن هئي: ”الائي ابا، وکت وکت جي ڳالهه آهي، سمي سمي جو سوال آهي، ماستر ته گهٽيئي رهي ويا، پوءِ تون الائي ڪهڙو!“

اِنَ ڪهاڻيءَ ۾ رڳو نه سُڃاڻجي سگهڻ جي پيڙا ناهي پر ميڪانڪي انداز ۾ جيون گهارڻ کان پوءِ سڀ ڪجهه وئرٿ وڃڻ جو نانگ به ڏنگ هڻندو رهي ٿو. ايئن اهو رٽائرڊ استاد پنهنجي سڄي زندگي تي اک ڦيرائي ويڳاڻپ جي اوجَهه ۾ لهي وڃي ٿو. ۽ پوئتي رهجي وڃي ٿي گمنام سپاهيءَ جي قبر جهڙي زندگي. سندس آخري ويچار اهڙا ته روح رهڙيندڙ آهن جو پڙهندڙ کي اڻٽر طور تي رٽائرڊ استاد سان همدردي ٿي پوي ٿي:

”هڪ ماستر..... ماستر جنهن جي هن سماج ۾ ڪا عزت ڪا وقعت ڪانه، صرف ۽ صرف ٻن پيسن جو مزدور، مزدور جنهن جو جيئڻ ئي جنجال، جنهن جو زنده رهڻ ئي اڪارتو. ڪاري اماس رات کان سواءِ ڪجهه ڪونه، ڪجهه ڪونه ۽ مرڻ کان پوءِ؟ مرڻ کان پوءِ گمنام سپاهيءَ جي قبر کان وڌيڪ ڪجهه ڪونه، ڪجهه ڪونه ۽ شايد اهو به........“

جيڪڏهن اها ڪهاڻي رٽائرمينٽ واري جيون جو پوتاميل آهي ته وري ”ڪارا ڪکر اڀ تي“ اهڙي شخص جي وارتا آهي جيڪو واندو آهي. روزگار جي ڳولا ۾ آهي. خاص ڪري اهڙو ماڻهو جيڪو شگرمل جو مزور آهي پر ڇانٽين جي وَر چڙهي چڪو آهي ۽ جيڪو ٻارن ٻچن وارو به آهي. بيروزگاريءَ جي ڪري زال ۽ مڙس جي وچ ۾ جيڪا گهڀي ٿئي ٿي، جيڪا بيزاري جنم وٺي ٿي، رکي رکي هڪ ٻئي جي وجودن کان جيڪا ڪرب ونئِن ٿي، جنهن ريت ماڻهپي مان نڪري وڃن ٿا، اهو سڀ مَلڪ آگاڻيءَ جي فڪر ۽ فهم جو ڪمال آهي. پورهئي جي ويڳاڻپ ڪيئن نه رشتن جي ويڳاڻپ کي جنم ڏئي ٿي، اُنَ جو وِستارُ جيئن آگاڻيءَ پيش ڪيو آهي سو پنهنجو مَٽ پاڻ آهي. سڄي ڪهاڻي پنهنجي سماج جي دردڪٿا آهي، جنهن جي اسان جي

سهڻي ٻوليءَ وسيلي وڏي اثرائتي انداز ۾ ترجماني ڪئي وئي آهي. ”ليپي لوڻ ٻہ ڪونہ اَئون جهلي ڪانوَن جي مهماني.........“

سڀي ڪهاڻيءَ ۾ زال مڙس جي ڪِرڪِر آهي. طعنن ٽُنڪن جا ڇَهڪَ آهن، ٽِڪن لفظن جا گهاوَ آهن. ماڻهوءَ جي ٻيرا ٻيرا ٽيل اندر جي ڪٽا آهي، درد آهي، سُور آهي، پِيڙا ۽ پيڙا جا پڙلاءَ آهن. پر پڇاڙيءَ ۾ جيڪو ڪجھ آهي سو ڪمال جو آهي. آگاڻيءَ زال مڙس ڪي جهنم جي وچ ۾ هوندي بہ جنهن ريت زندگيءَ جي سُونهَن ڏي، ماڻهپي ڏي موٽائيندي ڏيکاريو آهي، اُنَ ڪي پڙهندي سماج جي نيڪين ۽ چڱاين تي ويساھ پختو تي وجي ٿو. ٻئي زال مڙس نہ رڳو هڪٻئي جو مُلھ ڄاڻن ٿا پر هن سڄي ماندي جي مانداڻ ڪي اڳتي وڌائڻ واري پنهنجي ايندڙ پيڙهي ڏي جيڪو ورتاءَ اٿن، اُهو برهمانڊ جي باقي رهڻ جِي ضمانت آهي. هُو جيئڻ جي جبلت ۽ ٻک جي جبلت جي اڳيان بيوس هوندي بہ بيوس ناهن. هُو پنهنجن ٻارن سان گڏ سُڪِي وَيل ايري چانور چٻاڙيندي جيڪو مزو ماڻين ٿا، اهو مزو ئي ڪِريائتي جيون ڪي ڪو نئون موڙ ڏئي ٿو. توڻي جو ڪهاڻي ڏهاڙي واري ڪِٽِ پِٽِ ڪان پوءِ ڦِڪي ٻُسي جيون لاءِ اڳتي ڪا روشن راھ نہ ٿي پَسائي، پر جيڪو آهي، جيئن آهي، سو ايترو تہ سهڻو، مَنَ موهڻو آهي جو اڳتي جي ڳُڻتي نہ بيروزگارَ مرد ڪي آهي نہ سندس زال ڪي، نہ ڪهاڻيڪار ڪي ۽ نہ مون ڪي. اِهائي ڪامياب ڪهاڻيءَ جي نشاني آهي تہ سندس ”تاثر جي وحدت“ ايتري تہ سگهاري هجي جو توهان سرجڻهار جي فريم ڪان ٻاهر نڪري سوچي بہ نہ سگهو.

سندس ٻہ ڪهاڻيون ”واشنگ مشين“ ۽ ”سچ ڪَني نڪتي“ هِنَ ڪتاب جي مختصر ڪهاڻين مان آهن. ”واشنگ مشين“ ڪهاڻي سائنس جي ناڪاري پهلوءَ تي آڌاريل آهي. هِنَ ڪهاڻيءَ جا جيڪڏهن پهريان پنج صفحا هن ۾ شامل نہ بہ هجن ها تہ تڏهن بہ ڪهاڻي تي ڪو بہ اثر نہ پوي ها، پر سُڌَ ناهي تہ ملڪ آگاڻيءَ جهڙو ڪهاڻيڪار ڇو ائين ڪري ويو آهي؟ ۽ ڪهاڻي جو مرڪزي خيال بہ ڪو صحتمند خيال ناهي. جڏهن تہ ٻي ڪهاڻي پِيرَ پرستيءَ جي پراڻي ڪوڙھ تي لکيل آهي. هڪ پاسي ڪنهن بہ پِيرَ جي نالي تي باسيلُ اُهو وَهٽ آهي جيڪو جوان ٿيڻ تي اُنَ پِيرَ جي نالي تي خيرات ڪيو ويندو، جڏهن تہ ٻئي پاسي هڪ ناري آهي جا اگهائيءَ هٿان وهلور آهي ۽ سندس دوا درمل جي لاءِ مُڙسهَنسِ وٽ ٽڪو ناهي. هڪ پاسي نوجوانُ تنوير آهي، جيڪو انهن مدي خارج خيالن جو مخالف آهي تہ ٻئي پاسي ملهار آهي، جيڪو پنهنجن پُراڻن پَرمن وِسوسن مان هٿ ڪڍڻ نہ ٿو چاهي. پر سوبَ سچائي ڪي ٿئي ٿي ۽ ائين سماج هڪ وک اڳتي وڌائي ٿو.

ملڪ آگاڻيءَ جي ڪهاڻين ۾ ”موتي محرم آيو“ ٻين ڪهاڻين ڪان هن لحاظ ڪان بہ منفرد آهي تہ مَلڪُ فڪري طور تي ترقي پسند، وطن دوست سوچ جو هيو ۽ سندس ادبي لاڙو سماجي حقيقت نگاريءَ ڏي بہ هيو تہ سوشلسٽ حقيقت نگاريءَ ڏي

ٻہ. سندس ڪهاڻين جي ٻئي ڳُتڪي ”وڃايل راهون“ ۾ ڪجھ ڪهاڻيون تہ آهن ئي هارين جي مسئلن، انهن جي ٻَڌي ۽ تنظيم تي لکيل. پر هِيءَ ڪهاڻي ۽ هڪ ٻي ڪهاڻي ”مُنِ ۾ ساهُ“ وري سنڌ جي تاريخ جي هڪ خاص دَور، ڏاڍ ۽ جبر جي اونداهين دَور، يعني سنڌ ۾ ٿيل لساني فسادن واري عرصي جِي ترجماني ڪن ٿيون. هنن ٻنهين ڪهاڻين ۾ سنڌين سان ٻوليءَ جي بنياد تي، هندستان مان لڏي آيل پناهگير ڀائرن ڇا ڇا ڪيو؟ تنهن سچي وارتا ڪي بيان ڪيو ويو آهي. هنن ٻنهين ڪهاڻين مان وري ”موتي محرم آيو“ ٻن اهڙن ڪردارن جي ڪهاڻي آهي، جيڪي حيدرآباد ۾ ٿيل فسادن کان پوءِ قاسم آباد نالي علائقي جِي ڪيمپ ۾ رهندڙ آهن ۽ اُهي ٻئي مسلڪي طور تي شيعا آهن. ان ڪري هيءَ ڪهاڻي الڳ بہ آهي، جو انهيءَ وسيلي ضمير متڪلم واحدُ اسان کي محرم جي اچي وڃڻ ڪري افسوس ۾ ورتل نظر اچي ٿو. هُنَ کي اها پريشاني آهي تہ مهاجر ڪيمپ ۾ هجڻ ڪري هِنَ ڀيري محرم ڪيئن ملهائبو، ماتم ڪيئن ڪبو، مجلسون ڪيئن ٿينديون، تعزيا ۽ امام اصغر جا پينگها ڪيئن ڪڍندا، غازي عباس جو انگاسُ ۽ ذوالجناح جو ڇا ٿيندو ؟؟؟؟

هيءَ ڪهاڻي هڪ مرد ۽ عورت جي محرم سان محبت جي ڪهاڻي تہ آهي ئي، پر ان سان گڏوگڏ سنڌ ۾ عزاداريءَ جو بہ پوتاميل پيش ڪري ٿي ۽ سنڌ ۾ عزاداريءَ جي مرڪزن، ماتمن، انگاسن، انهن سان لاڳاپيل ريتن رسمن ۽ مولائين جي اُڌمن ۽ احساسن جي نمائندگي بہ ڪري ٿي.

ٻہ عاشق ۽ معشوق، جيڪي لساني فسادن جي ڪري پنهنجي ئي وطن ۾ بي وطن ٿيا آهن، ڀَريا ٿُريا گهر ڇڏي آيا آهن، سندن محبت جي سڳي کي هڪ ٻِي ڏوري بہ مضبوط ڪيو بيٺي آهي. اِها ڏوري آهي مولا حسين جي حبدار هجڻ جي ڏوري، ڪربلا جي درد جو مشترڪ هجڻ بہ اُها ڪڙي آهي، جنهن جي ڪري ڪهاڻي درد جو عَلَمُ ٻڌجي پئي آهي.

هيءَ ڪهاڻي پڙهڻ سان مون کي سعادت حسن منٽو جي ڪهاڻي ”ڪالي شلوار“ ياد اچي وئي. منٽو جي ڪهاڻيءَ ۾ ڳاڙهي بازار جي ڪسبياڻي کي محرم مهيني ۾ ڪاري شلوار کپي ۽ سندس عاشق کي اُها وٺي ڏيڻ لاءِ چوري ڪرڻي پوي ٿي. پر هتي وري هيئن ٿئي ٿو:

”هڪ محرم تي ڪارن ڪپڙن جي فرمائش ڪا نہ ٿي. فرمائش ڪا نہ ٿي تہ چيم نهيو ..... ڇُٽي وياسين ان خرچ خفي کان. پر پهرين محرم کان بہ تاريخون اڳ جڏهن ملياسين تہ مرڪي چيائين،

”چو..... ڪُتي پيو آهين ڇا .......؟“

”وڃ پيٽان......!“ مان کان دانهن نڪري وئي، ”چڱو نُڪُ ناهيو ٿي.“

۽ پوءِ ريشم گليءَ وني هلي. ۽ جوڙا پاڻ لاءِ، ڪو هڪ اڌ مان لاءِ به ڦاڙايائين........"

جڏهن ته "مُٺ ۾ ساهه" ۾ حيدرآباد جي لوڪيشن تي ۽ ساڳي دَور تي آڌاريل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ وري سنڌي ڪاموري جي بيغيرتيءَ ۽ ڪانئرتا کي وائڪو ڪيو ويو آهي. هڪ پاسي مخالف گروهه "مهاجر" جي بزدلي، موقعي پرستي، وطن دشمني کي بيان ڪيو ويو آهي ته ٻئي پاسي سنڌي وچولي طبقي جي ابن الوقتيءَ جا به چوڏا لاٿا ويا آهن. ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جو ڪتاب، "ڪرفيوءَ ۾ لکيل ڊائري" ۽ ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي جي هڪ ڪهاڻي (شايد) "مهاجر ڪيمپ" به هن موضُوع تي پڙهندڙ جو ساهه مٺ ۾ ڪري ڇڏين ٿا.

"ڇري ڇاهت ڇت ڇِي" نالي ڪهاڻي سنڌ جي وجود ۾ ناسور جيئن موجود "ڪارو ڪاري" جهڙي آپدا تي لکيل آهي. جڏهن ته "سبق پهريون" ڪهاڻي پڙهڻ سان چيني انقلاب سان لاڳاپيل ڪهاڻيون ياد اچي وڃن ٿيون. "لانگ مارچ کي يادين" ۽ "گوريلون کي ياد داشتين" جهڙا ڪتاب ۽ "مان وطن دوست گوريلو ڪيئن بڻيس" جهڙيون ڪهاڻيون هاڻوڪي پيڙهيءَ لاءِ رڳو هڪ حوالو آهن. پڙهندو ته ڪو ڪو هوندو. اُهي اسٽڊي سرڪل ئي ويا جَن ۾ اِهي ڪتاب پڙهايا ويندا هيا. هيءَ ڪهاڻي ماضيءَ ۾ هارين سان لاڳاپيل هڪ مامري "بيگر" تي لکي وئي آهي. هاڻي ته سڄو ڪم اچي مشينن والاريو آهي. ڪاٽي، لابُ، ڳاهه ۽ هاڻي ته رونبو به مشين ڪرڻ لڳي آهي، تنهنڪري اجوڪي دَور جي پوٽار کي هارپي واري ڪم ۾ بيگر جي ڳڻتي ناهي، پر سندس سڄو ڌيانُ سياسي بيگر تي آهي. هيءَ ڪهاڻي سليم نالي پڙهيل چوڪر جي، پيرل نالي هاريءَ جي بيگر نه وهڻ تي ساڻس ٿيل جُٺ جي خلاف بغاوت جو بيان آهي. هاري تنظيم نهڻ کان وني جدوجهد جي ڪامياب ٿيڻ تائين سڄي ڪهاڻي طبقاتي فڪر جي عڪاسي ڪري ٿي. پر هيءَ ڪهاڻي سليم جي جدوجهد کي ائين پڇائي پيش نه ڪري سگهي آهي جو هُو هڪ آئيڊيل ڪردار جيئن اُڀري اچي ها.

مَلڪ آگاڻيءَ جي گهڻين ڪهاڻين ۾ ڪنهن نه ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪو اديبُ هڪ ڪردار طور ضرور موجود آهي. ڪهاڻي "وڃايل راهون" به هڪ اهڙي ئي ڪردار جي ڪٿا آهي، جيڪو اديب آهي ۽ ڪنهن جي لاحاصل محبت جي حاصل ٿيڻ ۾ اجا آس رکيون وينو آهي. ثريا نالي اها ناري جيڪا يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندي آهي ته راشد سان پريم ڪرڻ لڳي ٿي، پر پوءِ نثار نالي ڪنهن ٻئي همراهه جي لاري لڳي پوي ٿي. اڳتي هلي ثريا کي نثار وٽان ڏوڪو ۽ طلاق ملن ٿا ۽ راشد وري به ساڻس ساڳيو چاهه رکندي ملندو رهي ٿو. ڪهاڻي ٻنهين ڪردارن جي آخري ملاقات کان شروع ٿِي آخري ملاقات تي ئي پوري ٿئي ٿي ۽ اسان کي وڃايل راهن ۾ ڇڏي وڃي ٿي.

مَلڪُ هڪ ڪردار واتان چوائي ٿو: "اديب، جيڪي پياريون دل ۾ ڇيندڙ ڪهاڻيون چوڻ ڄاڻن، اديب جيڪي ٻين جي خوابن جا تعبير ته ڪري سگهندا آهن پر

پاڻ اڌورا ۽ اڻپورا ئي رهجي ويندا آهن ۽ پوءِ جڏهن مرندا آهن، تڏهن ساڻن گڏ سندن اڻپورن خوابن کي به دفنايو ويندو آهي.“

اهي ويچار اصل ۾ ثريا جا آهن، جيڪا ماضيءَ کي وساري اڳتي وڌڻ وارو ڪردار نظر اچي ٿي. ڇو ته هُوءَ ماضيءَ هٿان ڏنگيل آهي، تڏهن ته ماضيءَ کان لنوائي ٿي ۽ راشد کي ماضيءَ ۾ پيار مليو هو تنهنڪري هُو ماضيءَ مان نڪرڻ نه ٿو چاهي. ڪهاڻي ماضي ۽ حال کي جهلڪين ۾ ڏيکاريندي هلي ٿي. راشد ۽ ثريا جي ملاقات ۾ راشد جو ساڳيو جهڪاءُ آهي، پر ثريا ٻن تجربن کان پوءِ فرد وانگر، هڪ خودمختيار انسان وانگر جيئڻ چاهي ٿي. هاڻ هُوءَ رڳو عورت ناهي، جيڪا مرد جي انا جي گهيري ۾ هوندي آهي پر هُوءَ پنهنجي ماضيءَ ۾ مليل درد کي ڀُلُ ٻٽائي جيئڻ چاهي ٿي. راشد جيڪو سَرير جو چاهڪ آهي، جيڪو مستقبل کان بي پرواهه آهي ۽ حال جو لطف ماڻڻ چاهي ٿو، سو هڪ ڀيرو وري ثريا کي ناتو ڳنڍڻ جي آڇ ڪري ٿو، پر ثريا اهو سڀ ڪجهه رد ڪري ڇڏي ٿي ۽ ٻئي وڇايل راهن جا مسافر اڻ ڄاتل پنڌ جا راهي ٿي وڃن ٿا.

”سچ ۽ چنڊ“ هڪ اهڙي عورت جي ڪهاڻي، جيڪا طلاق مليل آهي ۽ سرڪاري نوڪري ڪندڙ آهي. اها عورت ٽيليفون تي اسان جي ڪهاڻي جي پاتڪ سان لاڳاپا رکي ٿي. اهي لاڳاپا هُوءَ پنهنجي ياءُ سڏيل شخص جي چوڻ تي رکي ٿي ۽ ان همراهه جو خيال آهي ته ڪهاڻي واري پاتڪ کي اُنَ مائيءَ سان وهانءُ ڪرڻ کپي. اِها مائي به ٽيليفون تي ڪچهري ڪندي هڪ پارسا خاتون جو ڏيک ڏئي ٿي. هُوءَ اسان جي پاتڪ سان پنهنجي نام نهاد ”ياءُ“ ڪانسواءِ ملڻ به نه ٿي چاهي. اسان جو پاتڪ پرڻيل آهي، سگهرو آهي، پر دوست جي چوڻ تي ٻي شادي لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. هِنَ عورت ۽ اسان جي پاتڪ جي وچ ۾ ٽيليفون تي ڊگهيون ڊگهيون ڪچهريون ٿينديون رهن ٿيون.

اسان جو پاتڪ هڪ ڏينهن پنهنجن دوستن سان گڏ اوطاق تي آيل ٻن ڪال گرل مائُن سان روح رچنديون ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو، پر جنهن مهل اهو ۽ سندس دوست جيڪو سندس ٽيليفوني محبوبا جو ”ادو“ آهي، ٻئي ڪمري ۾ اندر وڃن ٿا، جتي به ڪال گرل ويٺل آهن. تڏهن اهو ”ادو“ ڪال گرلس مان هڪ کي سُڃاڻي وٺي ٿو ۽ ڪيس پُونڊو گهروڙي ڏئي ٿو. اِها ساڳي پارسا مائي آهي ۽ اسان جو پاتڪ به ڪيس آواز تي سُڃاڻي وٺي ٿو. اُها مائي جيڪا ڪال گرل ٿي پهتي آهي، تنهن جي ننڍي ڀيڻ وري ”ادا“ سان ڪچهريون ڪندي آهي. ننڍي پاڻ کي ”چنڊ“ ۽ وڏيءَ کي ”سچ“ چوندي آهي. ائين اهو ”سچ“ لهي وڃي ٿو.

ملڪ آگاڻيءَ جي سياسي فڪر جون ساڪي ڪهاڻيون تمام ٿوريون آهن، انهن مان هڪ ”ڪروڏي سنڌو“ به آهي. سندس هيءَ ڪهاڻي سياسي پرچار جو شڪار آهي. منهنجي چوڻ جو مطلب آهي ته هن ۾ ڪهاڻي پٽو گهٽ ۽ نعرا وڌيڪ آهن. دلاور

جيڪو سنڌوءَ ۾ ٻوڏ اچڻ جي ڪري ٻار ٻچا، گهر تڙ، الهه تَلهه وڃائي تباهه ٿي آيو آهي. دلاور ٻوڏ ۾ لڙهندي ٻُندَ تي چنبڙيل اَڌ ساهو ٿيلُ، هڪ ڪراڙي ملاح ڪي هٿ اچي ٿو ۽ گهر ٻار جو سوچي وري آتم هتيا ڪرڻ چاهي ٿو. پر ڪراڙو ملاح دلاور کي سنڌوءَ جي ڪروڌ جا ڪارڻ ٻڌائي ٿو. غلامي، وطن فروشي، بي غيرتائي ۽ اَڻ برابري. پوءِ دلاور وچن ڪري ٿو ته هُو سنڌ کي روشن ڪندو ۽ پرماريت ۽ ڏاري سامراجيت جي خلاف مهاڏو اٽڪائيندو ۽ ڪهاڻي هيئن سماپت ٿئي ٿي:

"نئون انسان جاڳي پيو هو!

ڦريل ماريل انسان جاڳي پيو هو!

تاريخ ضرور پنهنجو پاڻ ڏهرائيندي!

سنڌي ساٿيهه ضرور سک جو ساهه کڻندو!

ڪروڌي سنڌو ضرور سامت ۾ ايندو!"

اسان سيني جي به ساڳي سَڌَ آهي ته سنڌ سُکَ جو ساهه کڻي ۽ خوشحالي ڏسي.

ٻن ڪهاڻين، "هن بنگلي ۾، هُنَ بنگلي ۾" ۽ "سونن سنجن وارا گڏهه" ۾ هڪجهڙائي به آهي ته وري اِهي ٻئي ڌار ڌار به آهن. سنڌي ڪاموري جي سوچ ۽ نفسيات تي امر جليل جي ڪهاڻي "پڪي" هڪ شاهڪار لکڻي آهي. مَلڪ به پنهنجين ڪهاڻين، "مٽ ۾ ساهه"، "هِنَ بنگلي ۾، هُنَ بنگلي ۾" ۽ "سونن سنجن وارا گڏهه" ۾ انهن جي ساڳي تاريخي ڪردار ۽ نفسيات کي وائکو ڪيو آهي. اِهي ئي اُهي گڏهه آهن، جن تي سونا سنج پيل آهن ۽ باقي آهن ته گڏهه جا گڏهه. هڪڙو نوڪر اُهڙن گڏهن جا ڪارناما بيان ڪري ٿو ۽ خبر پوي ٿي ته انهن مان گهڻا ٽڻا "مُنهَن ۾ مسلمان، اندر آذر آهين." واري ڪار تي عمل ڪندڙ آهن. راشي، زاني، بداخلاق، جنسي ڪج رَوِي جا ماريلَ، "هيٺي تان لهين ڪانهِ ڏاڍي تي چڙهين ڪانهَ" وارِي راهَ جا راهي. "هِنَ بنگلي ۾، هُنَ بنگلي ۾" وارو ڪامورو اصلي نسلي وڏيرو به آهي، تنهنڪري هُنَ ۾ ٻيڙائپ جا گُڻَ ڪجهه سَرسُ آهن. هيءَ ڪهاڻي ڪافي پراڻي آهي پر اڄ ڪلهه "نيب" هٿان پڪڙيل پوتار/ڪامورا/سياستدان ڏسي مَلَڪَ جي ادبي وجدان تي رشڪ اچي ٿو.

اسان ملڪ آگاڻيءَ جي ڪهاڻين تي ڳوڙهي نظر وجهنداسين ته سندس ٻوليءَ جو لهجو اُترادي آهي ۽ هُنَ پنهنجين ڪهاڻين ۾ اُنَ جو ڀرپور استعمال ڪيو آهي. سيئي ڪهاڻيون اهڙن اترادي لفظن سان ڀريل آهن. اُنَ لهجي ۾ به لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور وارا هڪ لفظ پنهنجي خاص ڍارَ سان ڪم آڻيندا آهن، جيڪو ٻين لهجن ۾ ايئن نه ورتائبو آهي. اهو لفظ آهي، "ني". مثال طور: "ڇڱو، ڇڱو، هاڻي ڇڏ ني روئڻ ڪي." يا "ڏس ني ٻيو ڀلا ڇا ڪيان؟"

اُترادي لهجي ۾ لفظن جو هڪڙو ٻيو نمونو به مخصوص آهي، جيڪو به وري سيئي اُترادي ڪم نه آڻيندا آهن. ان نموني ۾ لفظ جو جمع معياري طريقي موجب نه

ڪيو ويندو آهي. اهو طريقو اترادي رڳو مونث لفظن لاءِ ڪم آڻيندا آهن. مثال طور ”ڪٿ“ جو معياري لهجي مطابق جمع ٿيندو ”ڪٿون“. پر اترادي لهجي ۾ اهو ”ڪٿان“ آهي. ملڪ آگاڻيءَ جي ڪهاڻين مان ڪجهه مثال هن ريت آهن: ”لَتان، ٺُڪان، ٽيڪران ٽاپران، چُوندان، ٽپالان، ڊُنيڪران، ٽوڪان، ڦُسڙڪان، سِينڊان، رهڙان رهچان، ٻيڏڪان، پناڙڪان، ڄنگهان، مُڪان، ڄَڪان وغيره. ائين ئي ”ڪڏهن“ جي جاءِ تي ”ڪَڏِي“، ”مون کي“ جي بدران ”مان کي“ جو استعمال به ڪيو اٿس.

ملڪ آگاڻيءَ جي ڪهاڻين جي ٻوليءَ ۾ وڏي سگهه آهي سنڌ جي ڳوٺاڻي محاوري جي، چوڻين جي، لفظن جي پر ڪٿي ڪٿي ڏارين لفظن جو اَڻ سُونهَندڙ استعمال به ڪري ويو آهي، جيڪو ملڪ آگاڻيءُ کي نه پيو سُونهين. هُنَ کي پنهنجي ٻوليءَ سان پريم هو، عشق هو. هُو پنهنجي قوم ۽ وطن جو عاشق هو. جيئن ته اهو فطري لقاءُ آهي ته ٻوليون ٻين ٻولين کان لفظ وننديون آهن، تيئن سنڌيءَ به ورتا آهن ۽ ملڪ آگاڻي چاهيندي/نه چاهيندي به اهي ورتائي ويو آهي. ڪجهه مثال هي آهن:

فاتحانه، ڪارندو، سرشار، ٻوڪلاهٽ، پاسداري، اضطراب، حجاب، مسرت، طفلانه، خوشگوار، افاديت، اڪتفا، مدافعت، دفع ڪرڻ، جوشيلاپن، خصوصيت، غلبو، غيض، غضب، سرزد، فرض ادائگي، بچپن، بي ڪيف، بي مسرت، ناقص، سطحي، پيچيده، عاري، ڪشيدا ۽ ٻيا.

وري ٻئي پاسي سندس نج ٻوليءَ جو پندار ڏسو: ”هَتر، سپورنجهه، چيڻپ، تنبوالي، ڪِن ڪهجر، گيهَه، ناهر، موڪُ، هَڙس، اُجر، ڪڦڙتال، هتري، جُود، چيهَه، تاڏيون، ڊِهو ڊِهه، پياڪ، ڪاندر، سَتر وَتر، ڪُهڙ، ڏُٽي، هبيَ تبيَ، ٻڙٻٽ، اُگهَه سُگهَه، ٽلهو سَٻر، اوهراٽيو، ڏُرڙي، چيئهرو، هُڳاءُ، لهڪارجڻ، مِنوئڙا، هرڪيا، گهل گهل، ٻال جتي، ٽِمجَهڻ، هيڪل وَسوري، ٻيڊڪ، پناڙڪ، ويسند، اُٻس، ٻوڪڙ، پينگڙيا، مُناڪ، ڪِرُ بيت، پندڻ، ڳَڻ ڳوت، ڇهند، دِسِ، سانجڻ، تلڦڙا، ڪوٽ ٽوپ، سِينوريون، ٽونگ، سُچر، ڏُچر، ڪُلوَٽُ، ڪنڌو، هرش ۽ ٻيا ڪيترائي.

سندس ڪهاڻين ۾ چوڻيون، محاورا، پهاڪا وڏي سهڻي انداز ۽ جهجهي مقدار ۾ ڪتب آندا ويا آهن ۽ اُهي هر جاءِ تي مُنديءَ تي ٽِڪَ جيئن ٺهڪندڙ آهن. مثال جي لاءِ ڏسو:

”رب جنهن کان رسي، تَنهن جي مت کسي، اپٽا مال هي روئسون به ڪائسون به، گهٽين ويهين سَئو آ، هَڙ ۾ ٽڪو نه هجڻ، هريڙ وني ڦڪڻ، نانگ جيان پچڙيون هٽڻ، ڳَن ونجهه ڏيڻ، سَت ڊوهي ڏيڻ، ڊِڊر ئي ڊِرا تي وجڻ، هُڏيون ڏيڻ، ڪاندر ڪري اچڻ، ٻاهي ٻاهي ٽڪجڻ، جڪ مارڻ، پورهيائي اڪارتا هجڻ، اوجاڳائي اجايا وڃڻ، ٻن زالن جو وَرُ، تنهن جو دوزخ ۾ گهر، ليي لوڻ به ڪانه آئون جهلي ڪانون جي مهماني، نرئي ڪير کي ڦوڪان ڏيڻ.“

سندس سڀ کان وڏو هنر ٻولي جي ورتائڻ جي حوالي سان نيٺ عوامي ٻوليءَ جي استعمال سان گڏوگڏ TABOO'S تي لکڻ ته آهي ئي پر ٽيبوز کي مرڪزي خيال بڻائي ڪهاڻيءَ جو ڪوٺ اَڏڻ ۾ ته هُو ڪمال رکي ٿو. سندس ڪهاڻي ”ويچاري سَنجها“ ان جو عمدو مثال آهي. پر SEXUAL PERVERSION تي لکيل ڪهاڻي ”وڃايل اُٺُ“ سنڌيءَ ۾ اڻ لڀ ۽ پنهنجو مٽ پاڻ ڪهاڻي آهي. پائيلو ڪوئيلهو جو، ”يارهن منٽ“ هجي يا نجم عباسيءَ جو ترجمو ڪيل، ”زلزلو“ يا وري خوشونت سنگهه جو ”موهن ڪمار ڪِي سرگزشت“ پر هن ڪهاڻيءَ جو مزو ئي ٻيو آهي. اهڙا اولڙا پرويز ابڙي جي ناول ”تون هڪ خواب آهين“ ۾ به ملن ٿا.

پر انهيءَ سان گڏوگڏ سندس ٻيو ڪمال هي آهي ته هن SLANG'S کي به خوب ڪم آندو آهي. ائين مون کي ڪو ٻيو ڪهاڻيڪار نه سُجهي. اسان گهڻو ٽڻو اخلاق جو بُند ڪٽي جيئندا آهيون ۽ لکڻ ۾ ته تهائين وڌيڪ احتياط ڪندا آهيون. پر اگهاڙي ٻولي (گاريون، چوٽيون، محاورا) به ته اسان ئي ڳالهائيندا آهيون، گهرن ۾، دڪانن ۾، اوطاقن ۾، هوٽلن ۾، وڏي واڪي. پوءِ اهو سڀ ڪجهه اسان جي ڪهاڻين ۾ ڇو ناهي؟ اسان جا ڪردار ڇو نه ٿا ڳالهائن ؟؟

ملڪ آگاڻي وڏي حد تائين ڪليل ٻولي ڪم آندي آهي، ڪٿي ڪٿي ڊَڪُ رکڻ جو جتن به ڪيو اٿائين. ٿورا مثال هي آهن:

”هَهه هَهه، بار گڏهِ تي، ڇنگهي ڪوتي!“

”توکي به ..... ۾ ڪاني آهي“

”تهان جِي ڪور کي پٽڙو پت ڪارايان.“

”ڪوڙ ڏينهن کان وني ڏسين ٿي، تيڪيان ٿو.“

”ڇنڊيءَ کان وني پرُ ڪدائي نَڪاءُ جو چمات ڪراياس ته لِندَ ئي مڪروهه ٿي وڃنس.“

”اها هنگ ترڪان چاجي آهي!؟ ڪوني تي لهين ٿو هر چڙهين ٿو، سُوري ته ڪا نه ٿي پئي تي!!؟“

”چَوانسِ ڪري تنهنجا به هڏ پاڪ!“

”اهو چُگهه تنهنجو آهي،سُک توکي تو ڏي ڪِنَ....“

”اڙي منهنجن کي ڪو لهڻو هيئي ڇا...... منهنجن کي ڪي ڏنيون هيئي ڇا!؟“

”اِهي روب تاب انهن کي ڇو نه ٿو وجين ڏيکارين جيڪي سڄو ڏينهن وتني ٿيون ڇَڙائينديون ڇندائينديون.“

”اسان کي ٿي خيرين صلين پنائين، باقي پٺهين جون سو اَڻ ڏُڏيون چُڙيون وڃن.“

سندس ٻوليءَ جو رس چس ڏسڻو هجيوَ ته ڪهاڻين جا صفحن جا صفحا شاهدي ڏيندا. هڪ به مثال ڏئي سگهجن ٿا: ”سياري جي پڇاڙيءَ تي باغن ۾ ڳاڙها ڳٽول ٻير، ڪجين جي سِپُن جي ڪستوريءَ جهڙي خوشبوءِ، انبن جي ٻُور جي سرهاڻ، چوڏس

پکين جون منڙيون ٻوليون، مٿرن ۾ چٽن ۾ پڪا ڦريون ۾ ڦوٽا، ويني ويني جهولن جي مُنهن چَٽ ڪري ڇڏڻ پنيان، ڪُڙمين جي گهل ڦرياس، دانهون رڙيون، ڪُوڪرا هُوڪرا، جهنگ جهر ۾ تترن، ٻيرن، ڪبوترن جا ولرن جا ولر، پير ڪِدر، پير ڪِدر، ٽيون ڪَڪَ ٽيون ڪَڪَ، ڪيڙو ڪيڙو ڪيڙو، گهُگهُو گهُو، گهُگهُو گهُو. نبي ڪوهه ۾ نبي ڪوهه ۾. اڳيان هوديون ۾ مارا، پنيان وڏڙن توڙي ٻارڙن جا ولر، تڙيون ٽاهه ڪارائڻ پوءِ توبچن جا نڪاءَ، ڇرن جو مينهن، وارو ڙي وارو، ونو ڙي ونو.“

ٻيو مثال: ”ساوڻي جو ڏينهن، سڄو سڄو ڏينهن سدا واهه ۾ ٽُرڳڻ، ڏائي ٻُچي، تخت اسان جو چاريون ڪاريون ڪنديون ڏوريون، ڪُڙهيون ڪُڙوليون ڪامن ۾، ڪڏن ۾ ڍورن ۾، نالن ۾، پراڻن گهاڙن ۾ مڇيءَ جا مڻَ، پوتڙن ۾ ٻيدڪان، ڪلهي تي پُناڙڪان، هٿن ۾ چنگلا، جهڙوڪر مڇيرن جا ٻار!“

منظرنگاريءَ لاءِ مان سندس ڪهاڻي، ”هينئون هيڪل ٻن ۾“ مان هڪ مثال ڏيڻ ڪافي سمجهان ٿو:

”ٻيڙو ڇا........؟ گهر ئي ته هو. هيٺ تري ۾ سَرن جي ٺُئي مٿان پيسِ جو تَڏو ۽ پَنِ جون ٽَونريون وڇايل. پاسن کان پڻ ٺوڻن جون ديوارون جن تي شيشي جون سِينَهريون، فلمي ستارن کان حد جي اسيمبلي ميمبر جون تصويرون، پاڇل ۾ هنڌ بسترا ۽ ٻيو گهرو ضرورت جو سامان، اڳيان آڳل ۾ جنڊ، ٺئو، ديڳڙا چمچا، مٽيءَ جو چُلهو. اَن پاڻي ٻيو سامان سَڙو، صفائي لاءِ پکن جي پرن مان جُڙيل ٻهارو، ٻاهر داسن تي وينل شڪاري پکي سانهه، ڪنگ، ڪانئر، هيئن جو ٻيڙو هلي پيو ته جڻ ته هنج تو تري، ايڏو مزو، ايڏو مزو جو بس ڇا ڳالهه ڪجي.“

ملڪ جي ڪهاڻين ۾ فن آهي، سياسي لٻاڙ ناهي. ملڪ آڳاٽي اسان جي ٻهراڙيءَ جي معدوم ٿيندڙ دنيا ۽ اتان جي ٻوليءَ جو عڪاس آهي. ٻيا ٻه ڪيترائي ڪهاڻيڪار اهو ڪم ڪري چڪا آهن ۽ ڪري رهيا آهن، پر ملڪ آڳاٽي اترادي ٻهراڙيءَ جي حُسناڪيءَ جو NARRATOR آهي ۽ تنهن ۾ ٻه وري درياءَ جي ڪنڌيءَ واري ٻوليءَ جو ميناج چوليون هٽندي نظر اچي ٿو. سندس ڪهاڻين ۾ اسان جي عوامي مزاج کي نروار ڪيو ويو آهي. اسان جي ٻوليءَ وسيلي اها ڪاوڙ، اهو ڪروڌ، اهو ڪِينو ڪڏي ٻاهر ڪيو ويو آهي، جيڪو اسان جي عوام پنهنجي اندر ۾ صدين کان اٻڙڪن ۽ اُڌمن جي شڪل ۾ سانديون پيو اچي. سندس ڪهاڻين ۾ هِتي هُتي سِلينگز آهن، اُگهاڙا جملا آهن، جنسي مامرن کي، جنسي عمل کي اظهاريندڙ پهاڪا، محاورا ۽ چوٽيون آهن. ڪهاڻي ”وڄايل اُٺ“ ته آهي ئي جنس (SEX) جهڙي بنيادي موضوع تي. سڄي ڪهاڻي هڪ فردِ واحد جي ڪهاڻي ناهي پر سنڌي سماج جي مجموعي اُڃَ، فرسٽريشن، دٻايل هَپايل فطري جذبن، انهن جذبن جي موٺَ ۾ پيدا ٿيل ڇِتڪُتائي جي آرسي آهي. ۽ عورت جي پيڙا تي ”ويچاري سنجها“ هڪ خوبصورت ڪهاڻي آهي. اها ڪهاڻي ٻه رڳو SEXUAL PERVERSION جو اظهار ئي

ناهي پر اها اسان جي سموري تاريخ جو سماجي ۽ معاشي PERVERSION آهي، جيڪو سيڪس کان سواءِ خبر ناهي ته ٻين ڪهڙين صورتن ۾ پنهنجو اظهار ڪري ٿو.

اها ڪهاڻي هُونئن ته مٿين سطح تي مرداڻي معتبريءَ جي ڪٿا آهي، اُنَ معتبرائپ جو ڊاڙَ ۽ لباڙَ پَريو اَڇو چِٽو آهي، پر جي انهيءَ جي اندر لهي وڃو ته مڙس ماڻهائپ ۽ مرد جي برتري آهي. اُها ڪهاڻي هجي يا ٻيون، سيني ۾ اهڙو ڳجهو جهانُ آهي جيڪو ٻئي سماج ۾ ناهي. اهڙو جهانُ جيڪو ٻئي جي، ڌارئي جي، ٻاهرئين جي، ڏاڍي جي بيانئي (NARRATIVE) جي ابتڙ، اسان ڪي سوڪي ۽ سَرل نموني سان پنهنجي، صدين کان هلندو ايندڙ بيانيي (NARRATIVE) ڪي اظهاري ٿو. اسان جي وطن جي ٻهراڙين جو اهو بيانيو هن وقت تائين هلندي ايندڙ يُڌ ۾ اسان جي بقا جو بيانيو آهي. اهوئي هڪ معنيٰ ۾ اسان جي الڳ هجڻ، اسان جي ”اسان“ هجڻ جو پڌرنامو آهي.

# مرتب پاران

بابا سائينءَ لکڻ جي شروعات ڪهاڻي لکڻ سان ڪئي هئي. سندس پهرين ڪهاڻي ”ٽُنل ٽنگو“ هئي. جنهن بعد ٻيون ڪيتريون ئي لازوال ڪهاڻيون لکيائين ۽ انهن سان گڏو گڏ ناول ”نيروليءَ جو ڪن“ لکيائين، جنهن جي ڇپجڻ سان سنڌي ادب ۾ وڏو بحث ڇڙي پيو. ٻيو ”هاريءَ جي بغاوت“ نالي مائوزيتنگ جي مشهور رپورٽ ترجمو ڪيائين، جنهن سان جڻ ته وڏيڪ ڪکر ۾ ڪڙو لڳو. سندس ئي ڳوٺ جي وڏيرن ڏاڍي ڪي گهرائي چيو ته، ”ملڪ کي جهل ته اسان جي خلاف واويلا بند ڪري ۽ وڏيرن خلاف لکڻ ڇڏي ڏي نه ته جيئڻ سمجهو ٿا.........“

پنهنجي جنم ڀوميءَ مٿان ظلم، ڏاڍ، ڏارين جي يلغار ۽ اُره زورايون ڏٺائين ته ناول ”سچ جا پاڇا“ لکي ان جا بکيا اُڌيڙيائين.

گذريل سال ملڪ آگاڻيءَ جو چوٿون ڪتاب ”لڄارو عشق“ جي سري سان پڌرو ڪيو ويو هو ۽ هاڻي هي پنجون ڪتاب ”وڃايل راهون“ جيڪو ملڪ آگاڻيءَ جي يارنهن ڪهاڻين تي مشتمل مجموعو آهي، سرسوتي ساهت گهر ڏوڪريءَ پاران ڇپرائي اوهان جي هٿن تائين پهچايو ويو آهي. اڃان بابا جون ڪيتريون ئي اڻ ڇپيل ڪهاڻيون، انٽرويوز، مضمون، پي ٽي ويءَ تان نشر ٿيل ڊراما ۽ شاعري محفوظ آهن. جيڪي پڻ جلد سهيڙي پڙهندڙن تائين پهچايا ويندا.

مان پنهنجي پياري دوست سرسوتي ساهت گهر ڏوڪريءَ جي چيئرمين عيسيٰ ميمڻ جو ٿورائتو آهيان، جنهن جي ڪاوشن ۽ ڪوشش سان هن ڪتاب جو ڇپجڻ ممڪن بڻجي سگهيو آهي. هي ڪتاب ڇپائڻ لاءِ اتساهه ڏيڻ ۽ رهنمائي ڪرڻ تي سنڌ جي ناماياري ليکڪ ۽ بابا ملڪ آگاڻيءَ جي دوست چاچا پروفيسر محمد علي پناڻ، ڪمپوزنگ کان وٺي ڇپائيءَ جي مختلف مرحلن تي مدد ۽ سهڪار ڪرڻ تي نوجوان ساٿي علي پناڻ ۽ ملڪ آگاڻيءَ جي ڪهاڻين جو فني توڙي فڪري حوالي سان ڳوڙهو ۽ پر مغز مهاڳ لکڻ تي ناماياري دانشور، ليکڪ ۽ مترجم سائين ننگر چنا جا لک لائق.

**پارس آگاڻي**

# وڇايل راھون

اڄ وقت جي وڏي وٿيءَ ڪان پوءِ ٻنھين جو ملڻ ٿيو آھي. ثُريا ڪال بيل جي آواز تي وڏي دروازي تي اچي ٿي. پريان راشد کي ڏسي ڇرڪي وڃي ٿي. ايئن ڄڻ اعتبار ئي نہ ايندو ھجيس.

”اچو، اچو........... خبر ناھي الائي ڪيئن ڀلجي پيا آھيو!؟“

”ھا ڀلجي پيو آھيان.............. پر ھي ڀلجڻ اوھان کي تڪليف تہ نہ پيو پھچائي............!“

(پر پوءِ بہ اڱڻ آئي جو سواگت واجبي آھي)

”اچو، اچو“ ھن صوفي ڏانھن اشارو ڪندي چيو.

”چو، ڇا ڳالھ آھي؟ طبيعت مٽئي بگڙيل تي ڏيکارجي!!؟“

”ھا.“

”خير تہ آھي؟“

”ھا، پر اھي پوءِ جون ڳالھيون.............. پھريان گھر آئي جي شيوا............. ترسو مان................“ ھن اُبھر وچان ڪمري ڪان ٻاھر نڪرندي چيو.

* ھن کي تنھن وقت ياد آيو، ايئن ئي ھڪ ٻئي ڏينھن بہ ثريا ڪيس ترسائي، اڪيلو ڇڏي ڪمري مان نڪري وئي ھئي. پوءِ جڏھن موٽي ھئي تڏھن سندس ھٿن ۾ چانھ جو ٽري ھو. ھن ھڪ ڪپ راشد ڏانھن وڌايو ھو ۽ ٻيو پنھنجي اڳيان رکيو ھو، تھن بعد ايئن ئي ٽيبل تي جھڪندي ٻانھن ڊگھيريندي چيو ھئائين، ”ڪيئن، ڪنڊ ڪپئي؟“

”ايڏي ساري عرصي ڪان پوءِ........“ ثريا ڪپ ڪٽندي مرڪندي پڇيو ھو.

”ھا، ايڏي ساري عرصي ڪان پوءِ............“ راشد سندس جملو دھرائيندي چيو ھو.

”ٻڌاءِ ڪٿي ھُئين؟“ ھن ٻيھر مرڪندي پڇيو ھو.

”اونداھن غارن ۾“ چڙي پيو ھو.

”پوءِ وساري ويٺين؟“

”نہ، وساري نہ پر گم ڪري“ ھن ڳيت ڏيندي چيو ھو.

ڪن جي خاموشيءَ ڪان پوءِ ٻيھر ثريا سوال ڪيو ھو.

”ڪڏھن اچڻ ٿيو آھي؟“

”ڪيترن مھينن ڪان پوءِ“ ھن جي آواز ۾ چڙ نہ پر روسامو ھو.

”پوءِ ايترا سارا ڏينهن..........؟“ ثريا سندس غصي کي ٽارڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندي چيو هو.

”ها“ هن وڏيڪ رڪائيءَ مان چيو هو. هن جي لهجي ۾ جا ڪڙاڻ اوتجي آئي هئي، سا ثريا کي ڪين وڻي هئي. هن کي لڳو هو سندس سڀاءَ ۾ ڪو فرق ڪونه، اڳ جيان شوم، رُکو، اَنِ سوشل، تڏهن به هن مرڪندي ٻيهر سوال ڪيو هو.

”ڪيئن آهين؟“

”ٺيڪ ئي ته آهيان، پر تون ٻڌاءِ هن هيڏي ساري فليٽ مان ٻئو نه ٿو ٿيئي؟“

”ٻئو!؟ توهان کي ٻئو ٿيندو آهي ڇا؟“ هن ڀريان حيرت پوءِ تجسس مان پڇيو هو.

”ها، تڏهن جڏهن اڪيلائپ ۾ پاڻ تي ڇوڪري هئڻ جو گمان ٿيندو آهي، تڏهن پنهنجو پاڻ کي لڪائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندو آهيان ته متان ڪنهن راوڻ کي سيتا هجڻ جو گمان نه ٿئي.“ هن سگريٽ دکائيندي چيو هو.

”هر سيتا ڪڄندي آهي ڇا؟“ ثريا ڪجهه سنجيده ٿيندي پڇيو هو.

”ها، اڳ سيتا ڪڄندي هئي، پر اڄ جي سيتا پنهنجو پاڻ پئي راڪشس جون وستيون وَسائي.“

”مان نه سمجهو!“ ثريا اڻ ڄاڻائي ڏيکاريندي چيو هو.

”تون ڪا سمجهندينءَ ڇا، توکي ته ...........“

”سچ، پر ڪڏهن ڪان؟“

”دل ته گهڻو ئي ٿي چوي؟“ هن مرڪندي پڇيو هو.

”اهو ئي ته..............“

”اهو ئي نه ته مون کي سيڪاريو ۽ ها، توهان ته صرف ڳالهيون ڪري ڄاڻو. اهو ته مان به ڄاڻان ٿي ته توهان وٽ مون کي ته ڇا پر پنهنجو پاڻ کي سمجهائڻ واري شڪتي ڪانهي نه ته جيڪر سيتا ڇري نه ٿي هئي جو ليڪا لتاڙي ها“ هن سندس ڪمزوريءَ تي ٺٺول ڪندي چيو هو، تڏهن راشد لاجواب ٿيندي مرڪيو.

”هُنهن ...............“

پوءِ ڪن لاءِ خاموشي، چانهه جا چشڪا ۽ سگريٽن جا سوٽا. ٻنهون هڪ قسم جو گنبذ ناهيندو رهيو هو، تنهن بعد صوفي کي ٽيڪ ڏيندي راشد چيو هو.

”ثريا...........؟“

”هون...........“

”ثريا تو زندگيءَ ۾ هڪ وڏي چُڪ ڪئي آهي ۽ ها، مان چوندس پوءِ تون انهيءَ کي ڀل ته ڪا به معنيٰ ڏئين پر مان چوندو ئي رهندس. تو پنهنجو پاڻ کي فريب ڏنو آهي، دوکو ڏنو آهي. تون ان ويراني طرف ڊوڙي رهي آهين جتي پاڻيءَ جو

ڦڙو ڪونهي. ڪنهن بہ چپر ڇانوَ جو نشان ڪونهي، جتي توکي ساھ پٽڻ لاءِ ايل ملي. اتي تہ رڳو رُڃ ۽ اُڃ آهي.“

اهڙا آدرش اڳ ڏيو ها تہ شايد ڪارگر ٿين ها“ هن مرڪندي چيو هو.

”ثريا، توکي گهٽ ۾ گهٽ پراڻي پريت ڪي وسارڻ نہ گهربو هو. ياد اٿئي هڪ پيري يونيورسٽيءَ جي لابيءَ مان گذرندي نثار ڏانهن اشارو ڪندي چيو هيئي، ”نثار تہ اصل چسو آهي، مون ڪي تہ اکين ڏنو نہ ٿو وڻي، جڏهن ڏس تڏهن پاڇي جيان ڪڍ، هون باسترڊ............ ڪلھ تہ اهڙي چندڪ ڪڍي اٽمانس جو وري نہ اهڙي واهيات حرڪت ڪندو.“ پڇيو هيم، ”خير تہ هو؟“ تڏهن مرڪي اچا بہ قريب اچي چيو هيئي، ”خبر ڪانهي هو اڄڪلھ پاڻ ڪي ڇا ٿو سمجهي، هون............ پائين راشد سان لاڳاپن تي ڪجھ غور ڪر، اهڙن خيالي آئيڊيلسٽ اديبن سان اوهان جهڙن جو ايترو فري ٿيڻ نيڪ نٿو لڳي.“ تڏهن تو ڪن لاءِ خاموش ٿي منهنجي چهري جا تاثرات ڏسڻ چاهيا هئا ۽ پوءِ مون ڪي مرڪي چيو هو، ”پوءِ تو ڇا چيو“ تڏهن تو مان سان گڏ هلڻ ۾ فخر محسوس ڪندي چيو هو، ”توکي ڪهڙو ٿو حق پهچي ايئن ٻين جي معاملن ۾ ٽنگ اڙائڻ جو ۽ تون ڪير ٿيندو آهين مان ڪي مشورو ڏيڻ وارو، تون لڳندو ئي ڇا آهين منهنجو. اي مسٽر! اهو روپ وجي ٻين ڪي جهاڙاءِ، اڳ لاءِ جي ٻيهر اهڙي گستاخي ٿي تہ پوءِ...............“ وري جڏهن سيميسٽر ختم ٿيا هئا ڪجھ ڏينهن جي موڪل ڪان پوءِ يونيورسٽي ڪلي هئي، تڏهن پاڻ جڏهن مليا هئاسين تڏهن تو چيو هو، ”راشد صاحب پوءِ ايترا ڏينهن............“ چيو هئم، ”وري اهي تنهنجا لقب“ تڏهن تو چيو هو، ”تڏهن ڀلا توهان ڪي ڇا چئي پُڪاريان؟“ مان چيو هو، ”اهوئي جيئن اڳ سڏيندي هُئينءَ“ ان وقت هلڪو مرڪندي لڄ وچان ٻئي پاسي مُنهن ڪندي تو چيو هو، ”پوءِ سڪٽي نالي ونڻ سان تہ ماٺهو وڏيڪ...........“ ”۽ مان وجان پيو وڏيڪ پنٽي ٿيندو ايئن نہ“ تڏهن تو مرڪي ڏنو هو ۽ ان مرڪ سان گڏ اندلٺ جيان سوين رنگ سنڌءِ مُک تي وري آيا هئا. ان ڪان بہ وڏيڪ ياد هوندئي جڏهن پاڻ ٻئي سمونڊ جي لهرن جي نچڻ ڪُڏڻ تي ڳالهائي رهيا هئاسين، تڏهن تو چيو هو، ”انهن ڇولين جو ايئن بار بار ڪنارن ڪي چمڻ آخر ڇا معنيٰ رکي ٿو؟ اهي سانت ۾ بہ ايندڀون آهن ڪہ نہ .......... پاڻ جڏهن موڪلائڻ لڳندا آهيون تڏهن لڳندو آهي انهن ڇولين جهڙي ئي ڪا شئي هجي، جيڪا سرير ۾ ڊوڙون پائيندي هجي. پوءِ گهٽي گهٽي رات تائين آرام ڪونہ.........“ ۽ خبر اٿئي تنهن وقت بہ تنهنجي انهن ٻاراٽين حرڪتن ڪي ڪلي ٽاري ڇڏيو هئم، چو تہ مان ڪي خبر آهي تو جهڙين البيلين جي سپنن ۾ اسان سُڄا اديب، اديب جيڪي اڌ سگريٽ ۽ ابتن سبتن ليڪن پاتل چيريل ڦاڙيل پنن جي مالڪ، ميرن گدلن ڪپڙن ۽ هوائي چپل تي اڏرندڙن جا تصور تہ اچي سگهن ٿا. پر حقيقي روپ ۾ توهان تائين پهچڻ ناممڪن آهي.“

”ها، اهو ئي ته پر مون کي ٻيو به گهڻو ڪجهه ئي ياد آهي. مان ته اهو به ڪين وساري سگهي آهيان، جو جڏهن هڪ نئين ڪهاڻيءَ جي عنوان بابت پڇيو هو، تڏهن چيو هئم، نه با با نه مان اديب ته آهيان ڪونه اها ڪهاڻي تو لکي آهي ۽ تون ئي بهتر ڄاڻي سگهين ٿو. مان، مان ته بس رڳو ڪهاڻيون پڙهي ئي ٿي ڄاڻان ۽ ها، هُنَ پنهنجي ڪهاڻيءَ جي عنوان تي به ڪڏهن سوچيو ٿي؟“ تڏهن تو چيو هو، ”هرو ڀرو هر ڪهاڻيءَ کي عنوان ڏيڻ ڇا ضروري آهي؟ ڪي ڪي ڪهاڻيون بغير عنوان جي به هونديون آهن.“ ته رهيو سوال، غلطي نه رڳو منهنجي پر تنهنجي به آهي. پهرين غلطي تنهنجي جو رڪائي، بي توجهي، سرد مهري ۽ بي حرارتي ڪيفيت سان پنهنجي دل جي صحن کي سدائين لاءِ سرد ۽ ويران رکيو ۽ ٻي غلطي منهنجي جو توهان جي لفظن ۾ غير فطري ۽ ڪوڙن ٻنڌڻن ۾ پنهنجو پاڻ کي سوگهو ڪري ڇڏيم. اهو منهنجو انتقام نه پر فطري ضرورت هئي. ۽ هينئر جتي آهيان، جنهن حال ۾ آهيان، اتي ئي رهڻ ڏيو ته بهتر ٿيندو.“

”ڇا اهو بهتر نه ٿيندو ته توهان به روشن مستقبل لاءِ ڪجهه سوچيو. ڏسو نه ڀلا ايئن ڪيسيتائين..............؟“

* ٻيهر جڏهن مليا هئا، تڏهن ثريا چيو هو،

”توجيان؟“ هن ننول ڪندي چيو هو.

”مان جيان نه سهي پر پوءِ به..............“

ثريا سچ پڇين ته مان، تو جيان نه ئي ڪنهن قسم جا ڪي سهانا سپنا سهيڙيان ٿو ۽ نه ئي وري تو جيان ڪنهن روشن مستقبل جي ئي انتظاري اٿم. مان اديب آهيان، اديب، جيڪي پياريون دل ۾ چينڊڙ ڪهاڻيون جوڙڻ ڄاڻن. اديب جيڪي ٻين جي خوابن جا تعبير ته ڪري سگهندا آهن پر پاڻ اڌورا ۽ اڻپورا ئي رهجي ويندا آهن ۽ پوءِ جڏهن مرندا آهن، تڏهن ساڻن گڏ سندن اڻپورن خوابن کي به دفنايو ويندو آهي.“ چوندي چوندي اداسيءَ جي ڇانوَ هن جي چهري تي ڇٽي آئي هئي.

ڪن جي خاموشيءَ کان پوءِ هن ٻيهر ڳالهايو هو.

”ثريا، خبر ناهي ماڻهو ماضيءَ کي ڇو الائي جي پُلائي ويهن ٿا!؟“

”توهان هرو ڀرو ٽٽل زنجير جي ڪڙين کي ملائڻ جي ڪوشش ڇو ڪري رهيا آهيو؟ ۽ توهان کي ماضيءَ جي ڳُٽتي به آخر ڇو؟“

”هُنهن“ هو مرڪيو هو، ”ماضي، ماضي مون کي خبر ناهي ڇو پيارو لڳندو آهي ۽ وچايل جو ئي ته احساس رهي ٿو. گم ٿيل جو ئي ته درد رهي ٿو ۽ تون ٿي چوين...........“

”مون کي ماضي ايذاءَ ڏيڻ کان سواءِ ڪجهه ڪونه ٿو ڏئي سگهي، ان ڪري ماضي مون کي ياد ئي نه رهيو. ها، هاڻي ماضيءَ ۾ لڳو هو ته مان به ڪنهن پراڻي ڪتاب ۾ هڪ امر ڪهاڻي تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ماضيءَ ۾ مان به

ڪنهن کي چاهيو هو پر پوءِ انهيءَ جي بي توجهيءَ ڪري ايئن لڳو هو، جو پنهنجو پاڻ به ويس پئي ڪٽجندي. مان ٻين لاءِ ته جيئس پر مون لاءِ.......... ۽ انهيءَ ماضيءَ جي نراسائيءَ ڏکي ڇڏيو هو هن ڏٻڻ ۾. اڄ ماضي مان لاءِ هڪ ڪنڌر ڪان سواءِ ڪجهه ڪونهي، ڪجهه ڪونهي. ماضيءَ ۾ مان نه ڪنهن کي ڳولي سگهان ٿي ۽ نه ئي وري پنهنجو پاڻ کي ليپي سگهان ٿي، ان ڪري اڄ ئي منهنجي لاءِ سڀ ڪجهه آهي ۽ اڄ کي ئي سيني لائي جيئڻو پوي ٿو ۽ تنهنجو اهو بار بار حق جتائڻ............“

”ها، حق جتائڻ جي چاهنا هڪ ڀيرو ضرور ابري هئي، جڏهن تنهنجي شاديءَ ڪان پوءِ پهريون ڀيرو مليا هئاسين، تڏهن ياد اٿئي مان ڇا چيو هو؟............ مان چيو هو، ثريا توکي گهٽ ۾ گهٽ پراڻي پريت کي وسارڻ نه گهربو هو.......... ۽ اڄ، اڄ مان سڀ ڪجهه وساري ويٺو آهيان. صرف ۽ صرف هڪ ئي ياد باقي اٿم ته مان به ڪنهن کي چاهيو هو، جنهن سان اڄ به ازلي رشتو قائم اٿم. تڏهن ئي ..............“ هو جملي کي اڌورو ڇڏي، سگريٽ جا وڏا وڏا ڪش هڻڻ لڳو هو.

وري هڪ ڀيرو.

”آخر ڪيسيتائين ايئن............“

”شادي جو ڪونه ٿا ڪريو؟“

”ثريا، اهو تنهنجو بار بار شاديءَ لاءِ چوڻ مان کي غصو ڏياري ٿو، آخر شادي آهي ڇا؟“ هو چڙي پيو هو.

”شادي، اوهان جي برادريءَ مان ٽالسٽاءِ چيو آ، هڪ معصوم ساده دل، ذهين ۽ دلڪش زال سان گڏ زندگي گذارڻ، اها ئي حقيقي ۽ لازوال مسرت آهي.“

”ها، پر مان اهڙن ڪوڙن ٻنڌڻن ۾ جڪڙجي خودڪشي ڪرڻ نه ٿو چاهيان. خبر آهي ان شاديءَ، جنهن تنهنجو ڪٽي مٽو خراب ڪيو هو، تنهن موت ۾ تو کي ڇا ڏنو. اهو ئي نه کِلَ خوشي پوءِ ڊِڳي واري فرمانبرداري ۽ آخر ۾ ڏُهاڳ، اڄ هو ته ايئر هوسٽس جي گرم جهوليءَ ۾ مزا ماڻي رهيو آهي ۽ تون.......... پر مان ٿو چوان شاديءَ ۾ رکيو ئي ڇا آهي؟ اجايو هٺ نوڪيون سرحدون ۽ خبر اٿئي ته مان انهن حدن جو قائل نه آهيان. ياد ٿي هڪ شام يونيورسٽيءَ ڪان پري پهاڙن جي چوٽين تي ٿهلندي تو هرو ڀرو به قبوليت ڪرائڻ چاهي هئي. تو چيو هو، ”شاديءَ جو رشتو به کهڙو نه سياويڪ آهي، ٻن دلين کي هميشه هميشه لاءِ پيار جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌڻ، جن ۾ رهندي به دليون ٻن ٻيڙين جيان پيار جي ساگر ۾ ٻي فلڪيون ۽ ٻي الڪيون ترنديون پيون وتن. نه تيز طوفانن جو ڪُتڪو ۽ نه ئي وري ڪو لهر لوڏو.“ تڏهن مان چيو هو، ”پيار جي ٻيڙيءَ کي هرو ڀرو رسيءَ ۾ سوگهو ئي ڇو ڪجي جو هڪ هنڌ ٻيني، ٻيني سينوارجي وڃي ۽ پيار جي قبوليت شادي ڇو؟“ تڏهن تو چيو هو، ”صدين ڪان جو اها رسم دهرائبي پئي اچي.“ ۽ اهو به ياد هوندئي ته ان وقت مان ڇا چيو هو، مان چيو هو، ”شادي ڇا ٻن دلين کي ملائڻ جي پُل آهي؟ شاديءَ ڪان سواءِ ڇا پيار مري

ويندو آهي؟“ تڏهن مُرڪي تو سوال ڪيو هو، ”پوءِ پيار ڇا آهي؟“ مان چيو هو، ”پيار هڪ نہ مٽجندڙ پياس آهي. پيار گلن جي سرهاڻ آهي. پيار تانگر تاري، پنل رابيل جي مهڪار آهي.......... ۽ شادي؟ شادي مهذب سماج جو بنديخانو، شادي سکر سينٽرل جيل آهي. شادي لاڙڪاڻي جي چاوڙي، مڇ جيل آهي..........“ هن جي لفظن ۾ ترشي ۽ بي باڪي هئي، جنهن ڪان ڪيس سدائين ڪُنبٽي وٺندي هئي. هن کي لڳو هو، اجا تائين منجهس ڪا نواڻ ڪانہ آئي آهي.

”ڪڏهن ڪڏهن توهان ضرورت کان وڌيڪ رُڪا ٿي ويندا آهيو، جيڪا ڳالهہ گهٽ ۾ گهٽ منهنجي سهپ ڪان ٻاهر آهي.“

”شادي، شادي، شادي ۽ شاديءَ اهو ئي تہ ڏنو تي نہ، جو ٿوري ئي وقت ۾ پنهنجو روپ بگاڙي ايڊنٽٽي وڃائي چڪي آهين، ڪٿي يونيورسٽيءَ واريون ڪنواريون ڪجليون اکيون، ڪٿي اڄ جون ويران، ڏرا ڏنل اکيون. لڳي ٿو شايد راتين جون ننڊون حرام، ڏينهن جا چين بيڪار. توکي تہ شايد ننڊ لاءِ بہ سليپنگ پلز واپرائيٽيون پونديون هونديون.“

”بس ڪريو، رهڻ ڏيو ان سڀ کي.“ چوندي چوندي هوءَ اُٿي گئلريءَ ۾ وئي هئي ۽ راشد خاموش سگريٽ ڇڪيندو رهيو هو. ڪن لاءِ ڪمري ۾ خزان جي هڪ شام جيان اداس موسيقي ڦهلجي وئي هئي. هڪ اداس خاموشي ڇانئجي وئي هئي. پوءِ جڏهن ٻيهر واپس ڪمري ۾ گهڙي پاڻ کي صوفي تي سٽيو هئائين، تڏهن بہ ڪيترو ئي وقت ساڳي خاموشي ئي رهي هئي، تنهن بعد راشد چيو هو،

”سروس هلي ٿي؟“

”ٻيو“

”ها، ٻڌاءِ اڄڪلهہ هو ڪٿي“ راشد سگريٽ جي رکُ، رکَ وٽيءَ ۾ ڇاڻيندي پڇيو هو.

”ڪير نثار؟“ نثار ساڳئي ئي هنڌ پي آئي اي ۾ سروس پيو ڪري.“

”۽ هوءَ سندس؟“

”خبر ائٿي اها ايئر هوسٽس آهي، ٻئي اسٽاف ڪوارٽرز ۾ رهن.“

”هيڏانهن ڪونہ اچي؟“

”نہ ڪونہ اچي ۽ اچي بہ ڇاڪاڻ، مان ڪا هاٽي..........“

”پوءِ اڪيلائيءَ ۾ بور تہ ٿيندي هوندينءَ؟“

”نہ ڪا بہ بوريت ٻوريت ناهي.“

”ايڏي عرصي ۾ مون ڏانهن بہ ڦيرو نہ ڪيئي؟“ هن جي مُکَ تي اڻ چِٽي، ڏنڌلي ڏنڌلي ڇاهنا جا اولڙا تجلا ڏيڻ لڳا هئا.

”پوءِ نوڪري جو آهي.“

”اهو تہ ٿيو بهانو.“

”پوءِ ڪمزور ئي سمجهو.“

”سڀ ڪجھ ڄاڻندي بہ ايڏي ماٺ!“ هن جي سامهون نهاريندي سندس مُکَ جا ياوَ ڏسڻ چاهيا هئا.

”ايئن سمجهو مون ۾ بغاوت جي سگھہ ڪين آهي.“ هن جي چهري تي ڏک ڀريون ريکائون اُڀري آيون هيون. لائيٽ جي تيز روشنيءَ ۾ هن اکيون ڇنڀيندي جهٽڪي سان چهرو ٻئي طرف ڪري ڇڏيو هو.

”توکي اڄ بہ هن سان پيار آهي؟“

”نہ پيار نہ پر نفرت“ هن تيز لهجي ۾ چيو هو. هن مڙس ڪان مليل گهاون کي من ئي من ۾ ڪنهن راز جيان سانديي رکيو هو پر پوءِ بہ اهو راز ڪنهن نانگ جيان سِرڪي سندس چپن تي اچي ويو هو.

”هُن مون کي دوکو ڏنو آهي. هن مون سان ويساھ گهاتي ڪئي آهي. هن مون کي ........... ان ڪري ئي..........“ ايئن ڄڻ صفائي پيش ڪندي هجي.

”پوءِ هي دک جون ريکائون؟“

”پر تون تہ ٻڌاءِ، ايترا سارا پيرا آئين، پوءِ پيرو بہ نہ ڪيئي؟“ هن سندس حملي کي ٽارڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندي چيو هو.

ياد ٿي، ٿو چيو هو، ”ماضي ايذاءُ پهچائڻ ڪانسواءِ ڪجھ ڪونہ ٿو ڏئي سگهي ۽ مون کي وري ملڻ پيڙا پهچائيندو آهي.“ هن ڏانهس گهُوريندي چيو هو.

”منهنجي چهري ۾ رکيو ئي ڇا آهي، جو ايئن بار بار ڇتائي رهيا آهيو“ هن ٽڪل ۽ حجاب واري آواز ۾ چيو هو.

”هڪ اها شئي پيو ڳوليان، جيڪا ڪنهن وقت پيڙا کان پالهي هئي. جنهن کي خوشگوار روحاني سڪون حاصل هو، جنهن ٻين لاءِ پنهنجي زندگي برباد ڪندي سچي زندگيءَ جي لذت، مُسرت ۽ مزو بہ وڃائي ڇڏيو آهي. اڄ جنهن تي مان کي روئڻ اچي ٿو پر افسوس! جو منهنجا ڳوڙها بہ ان تلخيءَ کي مِٽائڻ لاءِ ڪافي ناهن“

ثريا جو ڪنوارپ وارو زمانو هن وٽ ايئن محفوظ هو، جيئن اڳ جون ڪنواريون شاديءَ کان پوءِ ڏاج کي پوڙهائپ تائين سانديينديون ايندڀون آهن ۽ پوءِ جڏهن کهني لڙڪيل کل واري چهري کي آئيني ۾ ڏسنديون آهن، تڏهن گذريل وقت کي ياد ڪندي پراڻين ڪانوڙين، صندوقن ۽ ٽئنڪن جا پُڙ کولي ڏاج کي اٿلائي پٿلائي ڪن لاءِ پنهنجو پاڻ کي ماضيءَ جي ماترين ۾ اڇلائي ڇڏينديون آهن.

ليڪن هن وساريو ئي ڇا هو؟ يونيورسٽيءَ جي رنگين ماحول کان جبلن جي چوٽين، سمونڊ جي لهرن کان وٺي اڄ تائين، هن کان ڪجھ بہ ڪين وسريو. هن کي تہ اڄ بہ ياد آهي، سندس ڪهاڻين ئي هنن کي هڪ ٻئي جي قريب آندو هو.

* ”راشد صاحب مان توهان جون ڪهاڻيون پڙهندي آهيان.“

”واھ واھ مهرباني، مهرباني.“

”ڏسو نہ ان ۾ مهربانيءَ جي يلا ڪهڙي ڳالهہ، سچ پچ اوهان عظيم اديب آهيو.“
”راشد صاحب اڄڪلهہ ڇا پيا لکو؟“

”مان اڄڪلهہ هڪ ناول تي ڪم ڪري رهيو آهيان“

”واهہ! پوءِ تہ ڏاڍو سٺو.“

”راشد صاحب خبر ناهي، اوهان جو اسان ڪان ايترو پري پري رهڻ آخر ڇا معنيٰ ٿو رکي؟“

”توهان ڪيئن ٿا سمجهو؟“

”پوءِ نڪو ملڻ، نہ ئي وري...........“

”بس ان ڪري بہ تہ متان“

”ڇا مطلب؟ ڊڄو ٿا؟“ هلڪي مرڪ.

”ها.“

”ڪنهن کان؟“

”توکان“ سرگوشيءَ جي آواز ۾.

”مون کان؟“ مُک جو سرخي مائل ٿيڻ، من ۾ امرت جو اوتجي اچڻ.

ايئن ئي ثريا عام ڇوڪرين جي ڪچڪول مان نڪري سڄو سڄو وقت مطالعي ۽ راشد سان ڪچهريون ڪرڻ ۾ گذارڻ لڳي. ڪڏهن ڪڏهن يونيورسٽيءَ کان پري، سمونڊ جي ڪناري، ڪڏهن ساوڪ سان ڍڪيل پهاڙن طرف، جتي فطرت جي گهراين، سمونڊ جي وڏين ڇولين جي نچڻ ڪُڏڻ تي، ڪڏهن پهاڙن جي خوبصورتي، ظاهر ۾ پُرسڪون اندر ئي اندر ٽهڪندڙ لاوا تي، ڪڏهن گهاٽن وڻن جي گلن سان جهنجهيل جهومندڙ ٽارين تي ۽ ڪڏهن زندگيءَ سان واسطو رکندڙ مسئلن تي ڳالهائڻ، خيالن جي هڪجهڙائي هوندي بہ ڪجهہ وٿي. هڪ سماج جي دٻاءَ کي ڪنهن حد تائين برداشت ڪندڙ ۽ ٻيو عقيدن جي سهاري بنايل ڪائنات تي غور فڪر ڪرڻ سان دلي سڪون چاهيندڙ.

راشد ۾ جيڪڏهن ظاهر ۾ محبت واري گرمي ڪين هئي پر پوءِ بہ پنهنجي منهن انهن پريت جي داستانن کي پنهنجين ڪهاڻين ۾ اوتيندو ضرور هو. پڳل ٽُٽل لفظن ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙو اظهار بہ ڪري ويهندو هو، جڻ دل جو ٽانءُ پيچي اهو محسوس ڪرائيندو هجي تہ وٽس بہ ڪا دل آهي. پر محبت جو اهو جهوٽو، جهڙي ئي تيزيءَ سان دلين کي واسڻ بنا ئي گذري ويندو هو. ان ڪري ئي ثريا مٽس گهڻو پروسو ڪري ڪِين سگهي.

۽ اڄ وري ڳچ عرصي کان پوءِ پاڻ هيئن مليا، راشد ڪپ ڪٽندي چيو،

”ثريا، تو جيڪا پاڻ سان ويساهہ گهاتي ڪئي هئي، ان کان بچائڻ جو مون کي...........“

”چپ ڪريو، رهڻ ڏيو ان سڀ ڪي ، بار بار توهان جو اهو رحم وارو جذبو ڏُک ٿو رسائي.“

”ڏٺو اٿئي پنهنجو پاڻ کي آرسيءَ ۾“

”پوءِ جڏهن آتما مري چڪي هوندي آهي، تڏهن سرير جي آخر ڇا معنيٰ؟“ چوندي چوندي سندس آواز ڀرجي آيو.

”پر تنهنجي عمر ئي ڪيتري آهي؟“

”بس، ڪڏهن ڪڏهن انسان عمر کان اڳ ئي پوڙهو ٿي ويندو آهي.“

”سبب؟“

”هر ڳالهه جو سبب ٿيندو آهي ڇا؟“

”پوءِ هيءَ تنهنجي سرير کان لاپرواهي؟“

”سرير ۾ توهان جو ڏاڍو موهه آهي؟“

”ها، چو ته مان اديب آهيان، مان ڪي سرير جي سونهن تي جيتري سرهائي ٿيندي آهي، اوترو ئي سندس ناس ٿيڻ تي ڳوڙها ڳاڙيندو آهيان.“

”پر ڏس، مان ان حد کان اڳتي نڪري آئي آهيان.“

”مان وري به دهرائيندس، تنهنجي عمر ئي..........“

”ها، هڪ وقت اهو به هو جڏهن جسم ۾ هڪ قسم جي خوشبوءِ ۽ گرمائش ٻوڙون پائڻ لڳندي هئي، تڏهن لڳندو هو سچ به مان ڪو مور هجان ۽ مور جيان ئي اڪيلي اڪيلي جهر جهنگ ڪوڪيندي وتان. پر اڄ مان ٻَن ٻَن مان ٻاهر نڪري آئي آهيان. مان اڄ هر ڳالهه کان مُڪتي پائي ورتي آهي. ان ڪري اڄ مان لاءِ سڀ ڪجهه اجايو آهي. مان ٻيهر پنهنجو پاڻ کي وري اهڙي ٻَن ۾ وجائڻ نه ٿي چاهيان، جتان نڪرڻ لاءِ ڪو رستو ئي نه ليي.“ هوءَ ڳالهائي رهي هئي ۽ سندس آواز ۾ دٻيل سُڏڪا هئا.

”پوءِ ڪلهه جو احساس چو؟“

”تون ئي ته چوندو آهين، سڀ ڪجهه وڃائڻ کان پوءِ به ڪلهه جو احساس رهي ٿو. زندگيءَ ۾ رکيو ئي ڇا آهي؟ پر پوءِ به جيئڻو ئي پوي ٿو.“

”گذريل جو ڏک چو، ياد ٿي، مان چيو هو، اسان اديبن لاءِ ماضيءَ کي قيمتي وٿ آهي ۽ مستقبل! مستقبل اسان کي پاڻ نه اچي.“ تڏهن تو چيو هو، ”مستقبل منهنجو آهي. مان مستقبل کي جيئنديس.“

”ها، پر مان اهو به ته چيو هو نه، ته مان شڪست ڪائي ئي نه ٿي سگهان. پوءِ هي زندگيءَ جا ايندڙ پل آزاد پنڇيءَ جيان گذاريندس، ڇا اهو مون لاءِ ٿورو آهي..........؟“ هوءَ اڃان به ڪجهه چوندي چوندي رڪجي وئي، هن جو ڳلو ڀرجي آيو. هن جي ساڙهي ڪلهي تان ترڪي صوفي ۽ بلاڪ تي وڃائجي وئي.

”تڏهن به هڪ مڙس ۽ ٽانگر جيان ٽڙندڙ ٻارڙن جي ته ڪمي رهندي.“

”نہ مان ٻار پيدا ڪرڻ ۽ مڙس سان گڏ هڪ بي معنيٰ ۽ فضول زندگي گذارڻ ڪان تنگ اچي چڪي آهيان.“

”پوءِ ايئن ڪيسين اڪيلي زندگيءَ سان جنگ جوٽيون ايندينءَ؟“

”بس، چا تو چئي سگهجي.“

”پوءِ؟“ هن دلچسپي وٺندي چيو.

”نہ بس مان لاءِ جيڪو ٿيو سو ڪافي ٿيو، ٻيهر ريتن رسمن جي قربان گاهہ تي سِيس نوائڻ لاءِ تيار نہ آهيان.“

”پوءِ بہ؟“ هن جي مُک تي مُرڪ نہ پر وشواس ۽ اُميد ڀيرا ناهڻ لڳي.

”توهان آخر چوائڻ چا ٿا چاهيو؟ جڏهن تہ مان اڳ ۾ ئي چئي چڪي آهيان، زندگي مون لاءِ ڪا معنيٰ نہ ٿي رکي، جنهن جي سهاري باقي پل بہ ڪسارا گذاريان ۽ نہ ئي وري اچ ۾ موهہ اٿم، جو چوڙڻ ماڻڻ جي چاهنا جاڳي اُٿي. مان هن دنيا ڪان پري، دور، پري وڃڻ چاهيان ٿي، جتي ڪنهن جي بہ ڪوڪ ڪنين نہ پوي.“

”سُڪون تہ توکي اُتي بہ نہ ملندو؟“

”گهٽ ۾ گهٽ مايوسي ۽ نراسائيءَ کان تہ پلوَ آجا ٿيندا.“ *هن کي زندگيءَ جا گذريل پل ياد اچڻ لڳا، جڏهن راشد کي اڪيلو ڇڏي وجي نثار جي جهوليءَ ۾ ڪري هئي. ڪاليج جي نوڪريءَ کان پوءِ گهر ۽ پوءِ سارو سارو وقت مطالعي ۾ رڌل، تڏهن شام جي واپسيءَ تي نثار جي مسڪراهٽ جي هلڪي گرمي سندس دل جي خشڪي دور ڪرڻ لاءِ ئي ڪافي هئي. هڪ زمانو اهو بہ هو جو اهڙا منظر ڏاڍا من پرڀائيندڙ لڳندا هئس. ليڪن ان کان پوءِ جو جيڪو زمانو آيو تہ ان جي ڏنڌلي ڏنڌلي روشنيءَ ۾ نظر وجهڻ سان ساڳيائي منظر سندس بدترين يادن ۾ تبديل ٿيڻ لڳا. هن کي تعجب ٿيڻ لڳو تہ ايئن آخر چو ٿيو؟ هوءَ پنهنجو پاڻ کي ملامت ڪري رهي هئي، ”آخر مان، هن سان شادي ڪرڻ تي راضي ئي ڪيئن ٿيس!؟ ڪيئن ظاهري ڏيک تي پنيلجي پنهنجو پاڻ کي فريب ڏنم؟ پنهنجي اڪين ۽ چپن جي مسڪراهٽ ۽ خوشي، هن جي وڏن ڳرن ٿهڪن ۾ ڪيئن گم ڪرڻ لاءِ تيار ٿيس؟“

”ثريا.“

”هون.......“ هن چرڪ ڀريندي چيو.

”چا پئي سوچين؟“

”ڪجهہ نہ، ڪجهہ بہ تہ نہ.“

”ثريا جن ڪڙين توکي نثار سان جڪڙي ڇڏيو هو، اهي ڪڙيون گلن جون هيون، ريشمي هيون، سونيون هيون يا ڪنهن بي شئي جون ۽ اهي سڀ اچ جڏهن ٽُٽي چڪيون آهن، تڏهن، تڏهن تنهائي ۽ دک ڀري زندگي گذارڻ ۽ مُدتن کان ٻوساٽيل رهڻ آخر چا معنيٰ رکي ٿو؟“

”ان معنيٰ کان ڪَڪِ تي تہ پنهنجو پاڻ کي بي معنيٰ بنائي رهي آهيان.“

”۽ سو به ڪيسيتائين؟“
”في الحال ته ڪجهه نه ٿو چئي سگهجي.“
ثريا هڪ ڳالهه چوان؟“
”چئو“
”مان غلط هجان پر اهو ضرور ڄاڻان ٿو ته شايد تنهنجي اندر ۾ ڪو راز هجي، تون ڀل ته ان جو اقرار نه ڪر پر ان جي ڇيتِ سدائينءَ لاءِ پئي تنهنجي من ۾ ڇُپيندي رهندي ۽ مان؟ مون ڪي ته سدائين ياد رهندو هڪ اهڙي به عورت آهي، جنهن سان منهنجو ازل جو رشتو آهي، ان سان ڪوبه فرق نه ٿو پوي ته آيا اهو رشتو دوستيءَ جو آهي، پنهنجائپ جو آهي يا................“ پاڻ تي ڪنٽرول ڪرڻ جي باوجود سندس منُ ڀرجي آيو. سندس لهجي ۾ هڪ قسم جي پنهنجائپ ۽ نينهن جي پاونا ڀريل رهي.
”مان ڪي هڪ ڀيرو وري دهرائڻو پوي ٿو ته، شاديءَ جي ڀيانڪ ۽ خوفناڪ رستي تي گهلي هلڻ ۾ آخر توهان ايتري دلچسپي ڇو وٺي رهيا آهيو، جڏهن ته مان اڳ ۾ ئي چئي چڪي آهيان................ ورجايل لفظن ڪي ٻيهر دهرائڻ مان فائدو؟“
”پوءِ به توکي سوچڻو ئي پوندو.“
”نه، مان سوچڻ واري سگهه ئي وڃائي چڪي آهيان. پائڻ لاءِ مان وٽ رهيو ئي ڇا آهي. بي معنيٰ زندگيءَ ۾ جيڪو ڪجهه مليو آهي، سو آهي ڪجهه تلخ ڳالهيون. ٿورا مليل جُليل تجربا، ڪجهه بغاوت جي ٽڪل خواهش، اهو ۽ شايد اهو به نه، بس مايوسين جو سناٽو ۽ ان سناٽي ۾ وڌيڪ واڌ ڪرڻ نه ٿي چاهيان. مان وٽ منهنجا پنهنجا سُور ئي ڪافي آهن. مان ٻين جي غمن جا بار کڻڻ لاءِ ٻيهر تيار نه آهيان“
”هرو ڀرو نه پر حقيقت ٿو چوان، تو ڪي هارائڻ نه گهرجي. زندگيءَ جا سوين پيچرا آهن. هڪ جي هٿان نڪرڻ تي آخر همت ڇو هارجي؟“
”مان ڇيو نه ته، توهان جا اهي درس ڪارگر ثابت نه ٿيندا، ڇو ته اڄ مان اتي اچي نڪتي آهيان، جتان نه ڪو رستو نڪري ٿو ۽ نه ئي وري داخل ٿئي ٿو. اڄ جڏهن منهنجي دنيا جا سڀ رستا بند ٿي چڪا آهن، تڏهن ٻيهر اهڙو ڪو به سلسلو ڳنڍڻ نه ٿي چاهيان، جنهن سان وڌيڪ ڏک پهچي.“ هن جو من ڀرجي آيو، پنهنجي آواز ڪي توازن ۾ رکندي چيائين.
”تنهنجو مطلب ڪنهن قسم جي ڪا گنجائش ڪانهي؟“ مايوسيءَ وچان سوال ڪيائين.
”نه، بلڪل نه“ هن اکين ۾ آيل لڙڪن ڪي هٿ جي ترِيءَ سان اُگهندي، منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيو ۽ هو اُٿي تکڙو تکڙو فليٽ ڪان ٻاهر نڪري ويو.

# موٽي محرم آيو

اڄ ستين محرم الحرام آهي. پاڻ ٻئي، ٻين سوين هزارين بي گهر ٿيل سنڌي ماڻهن جيان قاسم آباد ڪئمپ نمبر ٻيءَ ۾ رهڻ تي مجبور ڪيا ويا آهيون. هڪ مهيني کان وڌيڪ عرصو بي گهر رهڻ بعد ٻه دهشتگرديءَ جو شڪار بنيل سنڌي ماڻهو پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن اجا ڪونہ وريا آهن. پاڙن جا پاڙا، محلن جا محلا اجا تائين سڃ لڳا پيا آهن. ساٽن جو پاڙو، فقير جو پِڙُ، پاتولن جو پاڙو.............. شهر جي سنڌي آباديءَ وارن پڙن تي ڪا مجلس، ڪو ماتم ڪونهي...........! پناهگير دهشتگردن جي خوني حملن کان ڊنل سنڌي ماڻهو نہ ئي پنهنجن گهرن ڏانهن واپس وريا آهن ۽ نہ ئي دهشتگرديءَ جو شڪار ٿيل پنهنجن پُٽن، پوٽن ۽ پيئرن، پائرن جي ماتم مان پالها ٿي حُسين عالي مقام جي ماتم ۽ مجلس جو ڪو اهتمام ڪري سگهيا آهن.........!! جڏهن تہ، پهرين محرم الحرام جي چنڊ ڏٺي ئي سڄي حيدرآباد مٿان ڪڪر، ڪوهيڙا، غم جا بادل.

**مهينو محرم جو، ڪَپڙا ڪارا ويس.**

اهلبيت جي حُبدارن ۽ حُسين جي ماتمين ڪي ڪارا ڪپڙا پهريل، ماتم ۽ مجلسون گاڏي ڪاتي ۾، اثنا عشري ڪوجن جي امام بارگاهہ ۾، ڏهہ ئي ڏينهن محرم جا مجلس ۽ عزا، ايئن ئي قدم گاهہ مولا تي بہ ڏهہ ئي تاريخون مقرر ذاڪر صاحب فضائل ۽ مصائب پڙهندڙ. ان ڪانسواءِ بہ ڪوڙ ساٽرن امام بارگاهن ۾ مجلسون ۽ مناجاتون، ڪٿي رياض پنجابيءَ جو سوز ۽ ساءَ پريو سرائڪي آواز:

**سجاد تيرا سينا دردان دا خزينا هي،**

**اڄ قيد تيري رَلي زينب تي سڪينہ هي.**

پنيان پنجن، ستن سورين جي يڪي لانڍ آئا...........!! تہ ڪٿي منظور سولنگيءَ جو سباجهڙو پُر اثر آواز، مصري ڪاريءَ جي انداز ۾ قرآن جي تلاوت ۽ پوءِ ”او، مان صدقي ٿيان.......... سائين مان غلام، سائين مان نوڪر، بس آخري جملو.......... بس اوهان پنهنجون اکيون اگهو.......... حسين کي روئڻ وارا، شل اوهان جو روئڻ قبول پوي.“

ڪٿي پروفيسر عبدالحڪيم جون رڙيون، ”بس، روئڻ لئي تيار ٿي.......... بس، آخري مصائب...........“

تہ ڪٿي مولوي عبدالحميد چانديي جو ڪڙڪيدار آواز، ”سڏائين ٿو شيعو ۽ پيئين ٿو ڀنگ.......... نماز جي ويجهو ناهين ۽ سڏائين ٿو اهلبيت اطهر جو حبدار................؟“

جت ڪٿ ٽيپ رڪارڊر جا گونجندڙ آواز، رشيد ترابي، عقيل ترابي، ثابت نجفي، عاشق نابينو، اسدالله شر، نصير، عابدي، ساجد ۽ ٻين عالمن ذاڪرن جا آواز. هر هڪ جو پنهنجو انداز، هر هڪ جو آواز پنهنجو، روڊن رستن، شهر جي مکيہ چوراهن تي جاءِ بجاءِ شاميانہ، ڪناتون، حسيني سبيلون، نظر نياز، جتي اُجي ڪي ٿڌو منو آب تہ بکئي ڪي زردا پُلاءَ، چاشنيون، ڪيرٽيون، ڪٽڪ، مٽر ۽ چڻن، راهن جا ڪوهر، سبيلن تي هر وقت قصيدن، مرثين ۽ ماتم جون وڄندڙ ڪيسيٽون:

**”اڙ اڪبر جاني،**
**او عمران ماٽين.“**
**”ذرا جهل جهل اٺن ڪي ساجدا، هي آيو مقام شام آ،**
**جتي سائڻ سڪينہ ٿي دفن، جنهن ڪي ڪرٽو ودائي سلام آ.“**
**”آ، غازي علمدار سڪينہ ٿي پُڪاري،**
**پياسن جا طرفدار، سڪينہ ٿي پُڪاري.“**
**”اڄ گهر گهر علم عباس جو آ،**
**اها محنت آهي زينب جي.“**

سنڌ سدائين صوفين، بزرگن ۽ درويشن جو ديس رهي آهي. اهو ئي سبب آهي جو هتي مُلائيت گهر ڪري نہ سگهي آهي. هتان جو ماڻهو نمازي هجي يا بي نمازي بهرحال ڪيس حق سچ سان پيار، ڏاڍ ڏمر ڪان نفرت رهي آهي. ان نفرت کي ظاهر ڪرڻ ۽ ڪربلا جي شهيدن، اسيرن ۽ مظلومن لاءِ هتان جي ماڻهن ڪي ڏاڍي عقيدت ۽ احترام رهيو آهي. ان عزت ۽ احترام پنيان ئي پهرين محرم ڪان مرد، عورتون، ويندي ابهم ٻارڙن تائين احتجاجي ۽ غم جو اهڃاڻ ڪارو لباس پهريل نظر ايندا.

**ميرمدينا نڪري آيا نہ موٽي،**
**ڪارا رڱج ڪپڙا، ادا نيروٽي.**

وڏن وڏن امام بارگاهن ۽ پِڙن تي ، تعزيہ، تابوت، معصوم علي اصغر ڪي لولي ڏيڻ وارا پينگها، هندورا، عباس علمدار ڪي سلامي ڏيڻ لاءِ جهنڊا تہ حسين عالي مقام جي سواريءَ طور ڪتب آيل ذوالجناح، دُلدل (گهوڙو) سنبت ۾ نظر ايندا. گهوڙن جي ٽنڊواليءَ ۾ ٻارهوئي ٻہ چار ٿهلڙيا، ماڻهوءَ جي ماس ڪان سواءِ هر چيز گهوڙن جي پيٺ ۾، متل مواڙ، پُنيءَ تي ڪٽ رڪين تہ پوري ڪٽ ماپي وڃي. وري گهوڙا اهڙا اصيل جو هينان ٻار ڊڪندا وتن پر مجال آ جي ڪو عضوو چورين. ڏهين محرم الحرام تي پهريل، سينگاريل، مٿن سونا روپا سنج سجايل، سڄا سارا رت ۾ ٻڏل، جسم تي تيرن ۽ زخمن جا نشان، هني مٿان امام پاڪ جي دستار مبارڪ، ايئن چڻ اجهو هاڻي هاڻي جنگ جي ميدان تان واپس ٿيا هجن!!

تازين، تابوتن ۽ پينگهن جي سنبت ۾ ڪيئي لاساني ڪاريگر ۽ هنرمند ڪاٺ جي چئوڪاٺن تي جنڊي ۽ اُڪر جي ڪم ۾ رڌل، لغڙائي پنن ۽ پلاسٽڪ جون گل

گلزاريون، شيشي سون، چانديءَ جي جڙاوت، موتين، لعلن، مڻين جا پوتل هار، ماڻهو داد ڏيڻ سواءِ رهي نہ سگهي. وڏيون محبتون، محنتون، مشقتون ۽ هلاڪتون............!

سونهاري سنڌ ۾ روهڙي ۽ ڪوٽ ڏجيءَ جو ڪفن پوش ماتم گهڻو مشهور آهي پر گهٽ جو گهر حيدرآباد بہ ناهي، جماعتن جو مشهور پڙُ، ٽنڊو مير محمد مان جمن شاهہ جو پڙُ گاڏي کاتو، قدم گاهہ مولا پاڪ جو پڙُ پڪو قلعو، زنوار رنڊيءَ جو پڙُ سري گهاٽ، گل شاهہ جو پڙُ گاڏي کاتو، چَنڻ شاهہ بادشاهہ جو پڙُ ڪاهي روڊ، استاد رسولي جو پڙُ الهداد چنڊ، سائين ڏنل شاهہ جو پڙُ صدر، ڪاسائن جو پڙُ ريشم گلي، پاٽولين جو پڙُ ميونسپل آفيس، اهي ۽ انهن کان سواءِ ننڍا وڏا الاهي ساترا پڙَ ڪچي پنهنجن پنهنجن روٽن تان هلندا جڏهن وسيع ويڪري اسٽيشن روڊ تي اچي ڪٺي ٿين ۽ پوءِ جيڪا رتوڇاڻ ٿئي ان کي ڏسي ماڻهو هوش حواس وڃايو ويهي.........!!

هاءِ هاءِ.........! حيدرآباد شهر جون راتيون ۽ اهي ڏينهن!! سرهيون، سنيون شامون، تيز، تکيون، شوخ، چنچل، ڪيڏيون البيليون هوائون، اسان ٻئي آزاد روحن جيان هلندا وتون. بس، هلندا ئي وتون. او............. اصلي من ڊاپي ئي ڪونہ ، ڪڏهن فقير جو پڙُ، ڪڏهن قدم گاهہ مولا پاڪ، ڪڏهن تلڪ چاڙهي، ڪڏهن سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو جون هوائون، ڪڏهن ريشم گلي تہ ڪڏهن شاهي بازار، ڪڏهن ڪاٽي تہ ڪڏهن ڪاٽي، رات اڌ رات سڄي ڌرتي پنهنجي، سڄي وسٽي پنهنجي، جت ڪٿ امن، هرجاءِ سانت سڪون، قرب، محبت:

**مهون مڃر ماٹ، نہ ڏاڍ نہ ڏاٹ،**
**پوءِ رهچون ڪير ڏي روح کي!!**

پنهنجي ڌرتي، پنهنجا ماڻهو، پنهنجا گهر، پنهنجون مانيون، شين مان سأءُ، ڳالهين مان ميناڄ، ڌرتيءَ جو هٻڳاءُ ونندا وتون، ڦرندا وتون، گهمندا وتون.

اهو محرم مهينو ايندو، اجا اچڻ ۾ ئي هوندو جو فرمائش ٿيندي ڪارن ڪپڙن جي، ڪارا ڪپڙا وري سندس پوري ٻگي جسم تي ڏاڍا سنا سوهندا:

**جسم پورو لباس ڪاري ۾،**
**برف باري نہ ڪر سياري ۾.**
**"وفا ناٿن شاهي"**

ڪڏهن جي چوندس،
"توکي ڏاڍو حُسين جو درد آ!؟"
تڏهن مرڪي چوندي،
"کهڙي خبر، ستين پيڙهين حسين سان ڪا لِڄَ لڳندي هجي."
"پوءِ تہ توکي بہ هڪ ٻي ڪربلا جي ميدان ۾ بي بي زينب جيان قرباني ڏيڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي."

”اسان عورتن جي نصيب ۾ قيدياڻي ٿي رهڻ لکجي جو چڪو آهي.“ مرڪي چوندي.

مان شرارت وچان اک پيچندي چوندس،

”جائي پڄائي جي سيدياڻي هجين ها، جمين ها ڪنهن سيد سڳوري جي حويليءَ ۾ ته پوءِ پاڻ ٻنهين جو ڇا ٿئي ها!؟“

”ڇا، وري ڇا................“ هوءَ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳندي،

”مالڪ مان تي تو جهڙي اُمتيءَ جو پاڇو پوڻ ئي نه ڏين ها.“

”پوءِ ته ڇُٽي پوين ها گهٽڻ سورن ڪان، سَتي ڄَتي ٿي ويني دعا تعويذ لکي ماڻهن جا ٻيڙا ٻني لائين ها.“

”۽ تون ٻه ته اُمتي ڪنهن مريد خادم جي حيثيت ۾ ڪاني ڪرامت جي مالڪ منهنجي ڪنهن بابي ڏاڏي جي مزار تي مجاور ٿي پنج سير نه پر پنجن مڻن جا پاٽيءَ جا مٽڪا پريندو رهين ها.“

”مجاور ته مان هاڻي ٻه آهيان، ڪهڙي وري بدليل حيثيت آهي.“ مرڪي چوندس، جنهن تي ٽهڪن جي گونجار ۾ ڪا نه ڪا شرارت ڪري ويهندي.

هڪ محرم تي ڪارن ڪپڙن جي فرمائش ڪانه ٿي. چيم نهيو........... ڇٽي وياسين ان خرچ خفي ڪان پر پهرين محرم ڪان ٻه تاريخون اڳ جڏهن ملياسين ته مرڪي چيائين،

”چو........... ڪُٽي پيو آهين ڇا.............؟“

”وڃ پيٽان..............!“ مان ڪان دانهن نڪري وئي، ”ڇگو نُڪُ ناهيو ٿي.“ ۽ پوءِ پاڻ ئي ريشم گليءَ وني هلي. ٻه جوڙا پاڻ لاءِ، ڪو هڪ اڌ مان لاءِ ٻه ڦاڙايائين. مان اجا ڪيسي ۾ هٿ هٽان ئي هٽان ان ڪان اڳ پرس مان ڪي ٻن ڇئن سون جا نوٽ ڪڍي دڪاندار کي ڏيندي مرڪي مان سان مخاطب ٿي،

”رکي ڇڏ، رکي ڇڏ انهن جو ٻه وارو ايندو.“

”ايئن ته الاهي ساترو قرض چڙهي ويندو.“

”آجو وري ڪٽي آهين.“

بيشڪ آجو ڪونه هيس.

**راتيان ڏينهان تنهنجي سار او سپرين.**

سندس تندرست، تازي تواني جسم تي ڪارا ڪپڙا بيشڪ ڏاڍا سونهندا هئا پر ان ڪان ٻه وڌيڪ سندس ڳٽين ڪان پالهي ڇهري تي ڊگها اٽيا، وڪريل وار وڌيڪ سنا لڳندا هئا.

**واءُ وارن کي وکيري منهن بنايو آفتاب،**

**وِڄُ جا ڪيئي وراڪا، ڪو ته ويو هو گهر جلي.**

محرم ڪان پوءِ ڪڏهن، جڏهن ڪارن ڪپڙن پهرڻ جي فرمائش ڪندس،

”ڇا، ڪارن ڪپڙن جو هڪ ئي وڳو هو ڇا؟“

”جيڪي وني ڏنا هوندئي“ مرڪي چوندي ۽ پوءِ مان کي خاموش سندس چهري ۾ اکيون اٽڪائيندو ڏسي پڇي ويهندي،

”ڇو.............! ڪيئن اڄ مند موسم سواءِ ڪارا ڪپڙا ياد پيا تي!!؟“

”ها........... ڪارو ڪلر توکي ڏاڍو سونهندو آ.“

”۽ هي ڳاڙها، گلابي، ساوا، سفيد ڪپڙا نٿا سنا لڳن ڇا!؟“

”ها، پر اسان ماڻهن کي، خوشيون گهٽو وقت راس نه اچن.“

ان وقت نه ڄاڻ ڇو سچ پچ مان تي گنڀيرتا ۽ سنجيدگي طاري ٿي وئي هئي. هن پوءِ کلهي تي ڪنڌ لاڙيندي ڇيو هو،

”اڄ نه وڏيون عقل واريون ڳالهيون ٿو ڪرين. ٻڌاءِ نه ڪڏهن کان ايڏو ڏاهو ٿيو آهين!؟“

ايئن نه ڪوڙ ساترا محرم آيا ويا هن ڪيئي ڪارا وڳا پهريا، پاتا. ڪليل اٽين وارن ۽ سرخي پائوڊر بغير به سندس تندرست توانو جسم، ويڪرو، پورو، ڳاڙهو منهن، ڇيرويون، ڪاريون ڪجليون اکيون، ڊگهو سهڻو نڪ ۽ ڳاڙها سرخي مائل ڦڙڪندڙ چپ محرم جي ماتمي لباس ۾ به ڪيس سهڻو سندر ٻٽائي رکندڙ. سندس طبيعت ۾ جي ڦيرو ايندو به نه هلڪو اٽلڪو، هوءَ محرم جا اهي ڏهه ئي ڏهاڙا ڪجهه وڌيڪ ئي سنجيده رهڻ لڳندي. ڪنوارپ يا پرڻي کان پوءِ تائين به، هوءَ پنهنجن هٿن سان نذر نياز ڏيندي، شربت سبيلون ڪندي، امامن جي نياز ۾ چندا ڏيندي، خير خيرات ڪندي، ڏهه ئي تاريخون ماري رکيس جي کير پيئي يا کٽ تي سمهي، ڏهه ئي ڏهاڙا اُجي بکي رهندي، روزا رکندي ۽ بک تي نه پاڻ وڌيڪ سندس چهرو پيو ٻهڪندو. ڪوٺيءَ جي گل جيان ٽڙي پوندو، سندس ٻاجهاري چهري تي غم جا اڻ لکا نشان نظر ايندا جيڪي وري ڪيس وڌيڪ سوبر بنائي رکندا.

ان ڪري محرم کان پوءِ سال جي ٻين مهينن رجب، شعبان ۽ صفر ۾ به مان ڪڏهن، جڏهن محرم کي سارينداس تڏهن مرڪي چوندي،

”پٽيا.......... ڪڏ نه نه پيو آهين. هٽندي نه نه ڪا نظر“

”تنهنجي شخصيت جو محرم الحرام حصو جو ٻڻجي چڪو آهي.“

۽ ڪنهن ٿي ڇيو! ڪنهن ٿي ڄاتو ڪيس به هڪ نئين ڪربلا کي اُجارڻو پوندو!! بي بي زينب جيان سارو سات لُٽائي بي گهر ٿي ڪئمپن جي قيد ۾ رهڻو پوندو. سندس زندگيءَ جو سچ پچ محرم الحرام حصو ٻڻجي ويندو. جڏهن کان پنهنجو سات لُٽائي، گهر ٻار ساڙائي، ٻارائي پنهنجو سڪيلڌو اڪيلو پُٽُ پناهگير دهشتگردن هٿان مارايو آهي، تڏهن کان هن ڏاڍو رُنو آهي. مسلسل مهيني ڏيڍ کان روئي رڙي هاڻِ نه سندس اکين جا لار ئي سُڪي ويا آهن. اڄ سندس جسم تي ڪي به ڪارا قيمتي ڪپڙا نه پهريل ناهن پر گدڙيل مهيني ڏيڍ کان محرم جي ڏهاڪي ۾

رهندي پئي اچي. ڪيس ڪارا ڪپڙا ته گهڻو اڳ پهرڻ گهربا هئا پر جنهن صورتحال ۾ گهر ڇڏڻو پيو ان ۾ ڪارو وڳو يا ڪو قيمتي سامان کڻڻ ته پري جي ڳالهه سڪتا اڪيلا سِرَ وني ڪئمپن تائين پهچڻ پڻ معجزي کان خالي ڪونه هو.

ڪالهه جنهن پنهنجي مرضيءَ سان تي ڪارا، ڳاڙها ڪپڙا پهريا، پاتا، پوپٽ جيان رنگ روپ بدلايا سدلايا، تنهن لاءِ اڄ ڪئمپن ۾ خيراتي امدادي لٽا پٽا نيلامي چُڙيل اڌوراٽا، قِتل، قاتل ۽ بي رنگ، بدصورت ڪپڙا پهرڻ ئي مقدر بڻجي ويا!! اڄ هوءَ هر شئي کان بي نياز، بي پرواهه. ڇَتن مان ڇائي ڇٽندڙ، ڪربلا جي شهيدن ڪي سارڻ بجاءِ حيدرآباد جي شهيدن تي رت جا ڳوڙها ڳاڙي رهي آهي. وس واري اڄ بي وس ۽ لاچار ڪئمپ جي قيد ۾ قيدياڻي تي پنهنجن شهيدن تي روئي رهي آهي. مان وڏيڪ ڪيس دلداري ڏيان ٿو. ٿمندڙ ڪوسن ڳوڙهن ۾ سندس پراڻو عڪس جاچيان ٿو پر هوءَ دور پري دور.... خلائن ۾ خالي خالي نظرن سان نهاري رهي آهي. هينئر نه ته جوانيءَ واريون سي ادائون، پُرسڪون خوشگوار ۽ سهانيون يادون وٽس رهيون آهن ۽ نه ئي محرم الحرام اچڻ تي ڪارن ڪپڙن پهرڻ ۽ مجلسون، ماتم ڏسڻ، ٻڌڻ جي سندس سڌ رهي آهي.

**هئي هئي ههڙا حال، ليڙون ليڙون لِڱَ!**
**مادر ڪهڙي ماڪ ۾ سيئي تنهنجا ڏِڱَ!!**
**نئين سچ نوان سِڱ، پسجن پليتن متي!!!**

هوءَ هاڻي سچ بہ سا نه رهي آهي، جهڙي مهينو ڏيڍ اڳ هئي. هن پُٽ جي جدائيءَ ۾ سونهري ڏڱها گهاٽا وار چني ڪوهي ڇڏيا آهن. روئي روئي سندس اکيون سجي پيون آهن. اکين جي چوڌاري ڪارا ڪارا نشان تي پيا آهن. هاڻي انهن ڪارين ڪجلين اکين ۾ جوين جوانيءَ واري چمڪ ۽ خمار نه پر نرم ۽ اداس اداس خوابن جهڙي ڪيفيت طاري آهي. سندس ڪرندڙ صحت، ڍهندڙ جوانيءَ وارو پِيلو چهرو جنهن ۾ نه ته جوانيءَ واري جوت ۽ گوبر ڊڳي واري سا مستي رهي آهي. هاڻي ته سندس آڏو پهرڻ، پائڻ، چوڙڻ، ماڻڻ، آرام سڪون، راحت ۽ مسرت جهڙن لفظن جي ڪا معنيٰ ڪو مفهوم ڪونه رهيو آهي ۽ ڊاڪٽرن جي جهل پنيان مان پاڻ سندس آڏو اهڙو ذڪر نه ٿو ڇيڙيان، جنهن سان سندس ذهن تي پراڻين يادن جا قافلا سوار ڪري سندس لاءِ مصيبت ۽ دکن دردن جو ڪو نئون پهاڙ ڪڙو ڪيان. سندس دل ۽ دماغ جي پس منظر ۾ جيڪو دک درد جو سمونڊ چوليون هڻي رهيو آهي، ان مان ايئن پيو محسوس ٿئي هوءَ ڪنهن بہ وقت بي بي سڪينا جيان قيد و بند ۾ سڙي ڳري، پڇي پري ڪائنات جي وسعتن ۾ گم ٿي ويندي. مان ڪان ڳولي نه ليندي، ارمان.............

اهو ٿو ماري ته ڪيس وري هڪ ڀيرو وري پنهنجي گهر، وري امن، سڪون واري شهر حيدرآباد جي روڊن رستن تي گهمڻ ڦرڻ، ڪارا قيمتي ڪپڙا پهري، پائي ڪارن

ڏڪَهن اٽين، ڪليل وارن ۾ بنا ميڪپ واري سادي پر خوبصورت ڇهري پسڻ واري سڌ ۾ خواهش ، خواهش ئي رهجي ويندي............!!

**چوڏا چلهجي چلهجي،**
**وڻ سڄوئي ٻُٽ ٻڏيو!**
**پن پن پرزا،**
**ٽاري ٽاري جهريل، پُريل!!**
**هيڪل ٻر ۾،**
**جهريل جندڙي،**
**جيون،**
**جهڙو سج ۾ سانجهي..............!**

# سبق پهريون

موسم بهار جي آ، جيڏانهن ڪيڏانهن قدرت جا ڪرشما ڪرُ ڪنيون پاڻ پَسائي رهيا آهن. انبن جي ٻور ۽ ڪجين جي سپن جي خوشبوءِ روح کي راحت ڏئي رهي آ. پورنماسيءَ جو چنڊ پنهنجي رَٿَ تي سوار ٿيو، ڪيترن ئي گلڙن کي مرڪائڻ تي هرڪائي رهيو آهي. روشنيءَ جي ديويءَ پنهنجا پر پکيڙي، ساري جڳت کي جرڪائي رکيو آ. رات جو ڪجھ حصو گذري چڪو آهي. سڄي ڏينهن جي جاڪوڙ کان پوءِ ساري لوڪ ننڊ جي ديويءَ جي دامن ۾ پناهه ورتي آ.

اهڙي سمي هڪ سليم ئي هو، جو گهر جي آڳر ۾ کٽ تي پلٽي ماريو وينو هو. سليم تازو تازو ايم اي جو امتحان ڏئي ڳوٺ رسيو هو. هو ڪيترن ڏينهن جي ساهه ۾ سانديل هاسٽل جي پڙاڏن کي پري ڌڪي، روح کي ريجهائڻ لاءِ روشن رات جو سهارو وٺي رهيو هو. هن جي سرير کي سُرور بجاءِ هزارين اوپرا ۽ اوٺا خيال منگهٽن جيان پٽيندا ٿي رهيا. هن من ئي من ۾ سخت مونجهه محسوس ڪئي ۽ ڪنهن اڻ چٽي احساس سببان پاڻ کي پڃرندو محسوس ٿي ڪيائين، ايئن ڄڻ ڪجهه ٿيڻ وارو هجي...........

اوچتو ئي اوچتو خاموش فضا جو سينو چيريندا، ليلائيندڙ انساني اُچار سندس ڪن تي پيا:

"سائين! اويڙو وقت آ، ڏجان ٿو، متان ڦورو مون کان منهنجي جوڳ نه ڦري وڃن!"

هن کي آواز ڄاتل سڃاتل لڳو، جو سندس گهر لڳ رهندڙ پيرل هاريءَ جو هو. ڳوٺ جو پرمار هن کي بي وقتي بيگر چئي رهيو هو. هڪ طرف هاريءَ جي هيٺائپ کيس لُهسائي رکيو. ٻئي طرف هن حيوان جي گونجندڙ آواز ٻاٻرن ٽانڊن جيان کيس جرڪائي رکيو. هي سوچن ۾ پئجي ويو ۽ سوچيندي سوچيندي زندگيءَ جون ڪيتريون منزلون پنتي ماضيءَ ۾ گم ٿي ويو. هن کي ياد اچي ويو، جڏهن هو پرائمري پنجين درجي جو شاگرد هو، تڏهن ڪلاس ۾ ڪين استاد ظالم ۽ مظلوم جو فرق ٻڌايو هو:

"پُٽ، دنيا ۾ انسان جو سڀ کان وڏو ويري اهو آهي، جيڪو ٻئي جي ڪمائي تو ڪائي. پوءِ اهو وڏيرو هجي يا جاگيردار، مير، پير ۽ ڪو شاهوڪار هجي. وڏي ۾ وڏو مظلوم اهو آهي جنهن جي پورهئي جي اُپت ڦرجي ۽ ڪسجي ٿي. پوءِ اهو مزدور هجي يا ڪو ٻيو، جنهن جي پگهر تي پلجي اهي ظالم ڦورو ٿلها، متارا ۽ مڱ لڳا وينا هوندا آهن ۽ پوءِ ٻه هو پورهيتن سان ڪارن آفريڪين وارو سلوڪ ڪندا آهن،

جن کي يورپي لوڪ آفريڪا مان قاسائي، ڪنهن زماني ۾ آمريڪا ۾ ڳڌهن ۽ گهوڙن جيان وهائيندا هئا.“

پوءِ اسڪول جي دريءَ مان استاد سامهون هڪڙي ٿلهي متاري پيٽر جي اوطاق ڏانهن اشارو ڪندي چيو هو:

”هو ڏسو، ڪيئن نه هو ڪم چور پنهنجي ڳوڻ جهڙي سوٽل جسم کي پيو زور ڏياري ۽ منرائي! انهيءَ حرام ڪائوءَ جي جڏهن ڦوس مُنجهندي آهي ته به ڪنهن نه ڪنهن پورهيت کي سڏائيندو آهي. باقي جيڪڏهن ڪنهن پورهيت جو غرض منجهس اٽڪندو آهي ته ان کي هي پڇندو به ناهي!“ استاد جي ڳالهه کي ڪٽيندي، هڪ شاگرد سوال ڪيو هو:

”پورهيت جي محنت ۽ پگهر تي ته سڄو جڳ ٿو جيئي! جي هاري ۽ مزدور نه هجن ته هوند ڪير هن ڌوڙ کي سر سبز بڻائي ۽ ڪير هي محل ۽ ماڙيون جوڙي، ڪارخانا هلائي، رستا ناهي ۽ ٻيا هيترا سارا ڪم ڪري!“

استاد ٻارڙي واتان اهڙا لفظ ٻڌي، گهڻو خوش ٿيو هو ۽ دل ئي دل ۾ هن جي ذهن کي سوين آفرين چوڻ کان پوءِ هن چيو هو ته:

”پُٽ، ايئن برابر آهي، پر پورهيت اڃا پنهنجي تقدير بدلائڻ جو سبق ڪين سکيا آهن. اهو ئي سبب آ، جو منجهن اتحاد ۽ ٻڌيءَ جي اڃا کوٽ آهي. پر مون کي پڪ آ، هڪ نه هڪ ڏينهن ضرور ايندو جڏهن هو ظالم سان ٽڪر ڪائي پاڻ موڪيندا.“

استاد پوءِ کين ٻڌايو هو ته، ”دنيا ۾ زنده رهڻو اٿوَ ته ڪو مقصد آڏو رکي جيئو! ۽ اهو مقصد هئڻ گهرجي......... ظلم سان جنگ يعني هر ظالم پرمار سان جنگ، جن غريبن کي ڦري، لُٽي ڪين نستو، روڳي ۽ لاچار بڻائي ڇڏيو آهي.“

اوچتو وڻ تي وينل چٻري جي آواز تي سليم جا خيال وکري ويا. هن ڪنايو، اڃا ان وحشي ظالم جو آواز گونجندو پئي رهيو!

چي، ”زمين کان جواب اٿئي! صبح ٿئي، ان کان پهرين لَڏِ............!“

انهن لفظن هن کي ڪارائيءَ جيان ڪپي ڇڏيو. هن جي سرير ۾ سانديل ورهين جي نفرت جي چٽنگ پيڙ جيان پڙڪو ڪائي، دکي پئي. هن جي اکين ۾ ازلي انسان جاڳي اُٿيو. هو لُوهه پائي ڪٽ تان اٿي، جوش ۽ جذبات جا وهڪرا پار ڪندو، وڃي هن جي سامهون بيٺو:

”رئيس، جڏهن ته سارو لوڪ سُتو پيو آ ۽ سڀ ڪڙمي، ڪاسبي پنهنجي ڪيتن کي سلام چئي، اڃي آرامي ٿيا آهن. ساري ڏينهن جي جاکوڙ کان پوءِ مس ته ويچارن کي پگهر سڪائڻ جي ويسند ملي آ ۽ هيءَ جهٽ به هي تنهنجي بيگر جي حوالي! پيرل بيگر نه وهندو! ڇڏيو مسڪين جي پچر!“

سليم جي انهن لفظن جڻ ته هنجي ستن پيڙهين جي پڳ لاهي، هڪ هاريءَ جي پيرن ۾ اڇلائي ڇڏي هجي. سو هو ڪاوڙ مان نانگ جيان وٽ ڪائيندو، وهڙي

جيان تاڏ ڪري سليم تي ڪُپي ويو. پر ۾ بينل سندس چاڙتن ۾ خوب نمڪ ملهايو. هل هنگامي ۽ ڪتن جي باهوڙ تي ستل ماحول جاڳي پيو. سليم لوڪ جي لڄ ڪان جيئن تيئن ڪري پاڻ ڇڏائي، رات جي پيٽ ۾ ڪيڏانهن گم ٿي ويو.

اڄ مٿئين واقعي مٿان ڪيترائي وقت جا ڪاتنا لٿ وجهي چڪا آهن. وري ساڳيو بهار موٽيو آ. هارين ۽ پورهيتن ۾ اتحاد ۽ تنظيم، ٻڌي ۽ همت آئي آهي ۽ سليم ٻه اڄ وٺن موٽي آيو آ. اڄ جيئن صبح جي اشا ديوي آشائن ۽ اميدن جا سوين سُر آلاپي رهي آ ۽ سڄي ڌرتي حقيقي بهار جي خوشي محسوس ڪري رهي آ، تيئن اڄ وستيءَ وارن جي واتان وري وري،

”جيئي هاري! جيئي سليم! جيئي سنڌ!“ جا نعرا گونجي رهيا آهن. گل ٽڙي پيا آهن ۽ انبن جي ٻور ۽ ڪجين جي سپن جي خوشبوءِ جا رنگ اٿلي پيا آهن. جيئن ٽارين تي پکي، تيئن گهٽين ۾ نچي ٽپي ۽ ڪوڪي ڪڏي رهيا آهن. ۽ آءٌ حيرت وچان وقت جي چاتيءَ ۾ جهاتي پائي ڏسان ٿو. وقت مون کي ٻيرا ميٽر جيان اڳوات ٿي هزارين اهڙن طوفانن ۽ تيز چوهن جي اچڻ جي جاڻ ڏئي رهيو آ، جن جي جهوٽن ڪان صدين جا کهنا ۽ ٿلها وڻ ٻه پاڙان اکڙي، هميشہ هميشہ لاءِ ڌرتيءَ جي ڌوڙ ۾ دفن ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ نوان ڪونپل ڦٽندا آهن ۽ ڌرتيءَ کي ٻيهر سائو ستابو ۽ سهڻو، سدابهار ڪري ڇڏيندا آهن.

# چري چاهت چتُ جي

فلم جي آخري شو تان موٽندي به هن کي جاڳندو ڏسندو هوس. قدمن جي اوچتي آهٽ هن جي خيالي دريائن کي ٻندو اچي ويندو هو. ايسيتائين جو ڪڏهن ڪڏهن بغير نڪ نڪ ڪرڻ جي دروازو کولي ايندو. منهن تي منجهيل مرڪ پکڙيل، جهريل لفظن ۾ پڇندو،

”پارٽنر آئين؟ ڪيئن پڪچر پسند آئي؟“

جواب ڏنو نه ڏني جهڙو، پنهنجن ئي سوالن جي مٽس بارش، ”ڇا يار، پنهنجا حال قال ته ڪيا اٿئي. مر مرندن لاءِ، واٽ واهن لاءِ ڇا مرجي. هن کي تنهنجي پڇڻ جي سُڌ ئي ڪا نه ۽ تون............“

”اڙي بابا خدا ڏي ڏس توکي انهن ڳالهين ۾ وڌو ڪنهن آ، مان پڇان ڇا ٿو.“

”ڏسيان ڇا بس فلم ڏنم ٻيو..........“

”اڙي بابا تون آخر چڙيو ڇاتي آن، ٻڌائين ڇو نه..............“

”نه بابا نه، مون کي هرويرو نند ناهي ڦٽائڻي.“

”ميان، هاڻ ڪٽي خدا ڏي ڏس.“

”هيس به چار چوريون ساڻ، اسان جي پنيان وينيون هيون. دل ۾ آيو ته ڪجهه ٻڌايانس پر وري سوچي ٽري ويومانس. تون به ڪهڙي نه چسي سينڻ سان ڦاٿو آهين.“

”ڳهلو به ڪو حد جو آهين. ٺهيو ماٺ ڪري آرام ڪر.“

”پر تون سوچين ڇو نه ٿو. اجايو خوابي پارس جي ڪد ڇو پيو آهين. اهي حال رهيا ته پوءِ اهو ڏينهن پري ناهي، جڏهن هڪ ڏينهن سماجي نفرت، ذات پات ۽ اوچ نيچ جي ديوار جي هينان ڇيپاتجي نه وڃين.“

”اڄ جي جيٽ دور ۾ اهڙين ڳالهين کي ڪهڙي اهميت؟“

”پر هن کي ته تنهنجي سورن جي سُڌ ئي ڪانه ۽ تون آهين جو اجايو پيو غمن جي گهراين ۾ تڙڳي تڙڳي زندگيءَ جو انت آڻين.“

”مان پنهنجو پاڻ ملهائي، اوجاڳن جي اڄ لاهيندس پوءِ........“

ايئن ئي هو اوجاڳا ڪاتي ننڊڙي تلڦڙي ٻارڙي جيان لڇي، ڦٽڪي گذاريندو رهيو. عائشه جي ملڻ جي آنڌ مانڌ هن جي اندر ۾ ولوڙ پيدا ڪندي رهي. پهرن جا پهر، راتين جون راتيون وياڪل وياڪل، اُباٽڪو اُباٽڪو تي گذارڻ لڳو. هن جي منهن تي سدائين ڳٽتي ۽ تڪليف جا آثار. هن جي خيالن ئي خيالن ۾ عائشه جون ڪيئي سندر سندر مکڙيءَ جهڙيون مورتيون ڪَرَ موڙي اٿنديون هيون. جن جي مٺر مٺر نيٽن مان امرت جا ڍُڪ پي اندر جي ڪڙاڻ وڃائيندو هو. آواز ۽ آلاپ به سريلو هئس. ڪڏهن ڪڏهن اڪيلائپ ڪان ڪَڪِ ٿي تن جي تندن کي ڇيڙي ويهندو هو.

تڏهن آواز هاسٽل جي ڪمرن مان پولارن ۾ ايئن اڏري ويندا هئا جهڙا ڏوٽيون ڏيندڙ ڪبوتر، پڙڪا ڏيندڙ تتر يا پاڻيءَ جي متاڇري تي قطاريل هنجن ۽ بدڪن جا ولر.

هو هڪ سنگتراش جيان خيالن ئي خيالن ۾ عائشہ جي جڙيل مجسمي ۾ ڪيئي رنگ اوتيندو ۽ ڪيئي روپ پريندوهو، جيڪي ڪن پل ۾ مکڻ جي ماڙيءَ جيان رجي ويندا هئا. وقت جون ويرون ڪيتريون ئي آيون ڪيتريون ئي ويون، جن ۾ هڪ نہ پر سوين پيرا نثار ٻڏو ۽ تريو، آخر هڪ ڏينهن جڏهن هن جو پيار گونجار جيان گونجي اٿيو تڏهن عائشہ جي امن ۽ شانتيءَ ۾ نفرت جو تيز ڇوهو ڇوليون هڻڻ لڳو.

”توکي ڪيترا پيرا روڪيو اٿم، اشراف تيءُ چڏي وڃ منهنجي پچر.“

”مار! ايڏو غصو............“

”سنو ٿئي تہ منهنجي راهن تي اکيون وڇائڻ بند ڪر پر جي نہ تہ پوءِ اجايو ڏنو ٿيندين، تون پاڻ سنڀال..........“

”مون پاڻ سنڀالڻ جي طاقت نہ سارينديِ تہ توکي سهارو......“

”او مسٽر توکي خبر هجڻ گهرجي تہ ڏُٻي جي مڇي سمنڊ جو ترو ڇاڇولي نٿي سگهي. تون هرو ڀرو............“

”ان معاملي ۾ آءٌ تمام سخت آهيان، ڀيهر جيڪڏهن............“

”تون هرو ڀرو ايترو پري ڇو ٿي وڃين، اڄ جي دور ۾ ڌرتي ۽ آسمان جون...........“

”نيڪ آ نيڪ آ، پر مان نٿي چاهيان تہ ماڻهو مون تي تو جهڙي خسيس جي مهڻن جي مَرُ لائن.“

”هون...........! سوچيو هيم..........“

”تنهنجي سوچ هرو ڀرو اڙي بہ مون ۾ آ، ٻيو گهڻو ملڪ پڪو پيو اٿئي، آخر هيءَ قشري مون لاءِ ڇو؟“

”خبر ٿئي مون تو لاءِ ڇا نہ سوچيو............“

”پر مان توسان تن جون تندون ڳنڍي اجائي سجائي زندگيءَ ۾ زهر اوتڻ نہ ٿي چاهيان.“

”خير! تون ڪٽي ڇا بہ چوين پر پوءِ بہ..........“

”تون آخر چاهين ڇا ٿو؟ اهو ئي تہ مان بہ توسان گڏ جان، ٻوهي ۾ ڏئي زندگيءَ ۾ پنهنجي هٿن سان پاڻ زهر اوتيان! جي اهو ٿو سوچين تہ پوءِ تون پليل آهين. مان ايتري اياڻي ئي ناهيان، جو پاڻ تي تنهنجي محبت جو ڇُٽو هڻي پنهنجو پاڻ کي ڪارنهن جي ڪُن ۾ ٻوڙيان.“

”تون ڪٽي ڇا بہ چوين پر مون کي تنهنجو پيار گهرجي پوءِ ڇونہ اهو هزارين پردن پنيان ئي هجي.“

”تون آخر ڪيسيتائين.......... او مسٽر مان چوانءِ ٿي ڪن کولي ٻڌ، اهو ياد رک ته تنهنجي زندگيءَ ۾ منهنجو اچڻ ناممڪن آهي. مان پنهنجو پاڻ کي سٺي نموني سجاڻان ٿي، ان ڳالهه جو خواب خيال ئي دل مان ڪڍي ڇڏ ته ڪو مان به ڪا تنهنجي ٿي سگهنديس.“

لفظ زهر ۾ ٻڏل تير مثل هئا پر پوءِ به آواز ۾ منڙا منڙا سُر هئا، جيڪي سنگيت جي لهرن جيان ماحول ۾ ڊوڙي ويا. ٻنهي جو بحث هو ڄڻ طوفان ۽ لهرن جي ويڙهاند، زندگي ۽ موت جي جنگ، هن جو منهن پيلو ٿي ويو. هن هڪ عورت کان هار کاڌي هئي. لفظن ۾، جملن ۾ ۽ پيار ۾.

”ها! منهنجو ۽ تنهنجو ميلاپ سچ به مشڪل آهي. اها خبر مون کي اڄ پئي آهي. هونءَ به سڪئي مان سک جي اميد رکڻ.......... تون منهنجي زندگيءَ ۾ جهڙيءَ طرح گهڙي آئي آهين، ڪوشش ڪندس ته جيئن اڳ لاءِ تنهنجي وَرِ نه چڙهان!“

”ڏاهو ٿي هرو پرو مون کي بدنام...............“

جملي کي اڌورو ڇڏي هڪ جيڏين ۾ بي عزتيءَ جي ڊپ کان ڊڄي نثار کي پيار جي پڇرنڊڙ باهه ۾ ڏکو ڏئي، اها جو ويندي رهي.

وقت گذرندو رهيو، اڳين ڳالهين جون وِٿيو ويڪريون ٿينديون رهيون. نين ڳالهين، نين باتين، نين چيمگوئين ڳِتن مان منهن ٻاهر ڪڍيا. وڏي جنگاڻ ۽ وڏي ڏي وٺ ٿي. پهرن جا پهر پچارون ٿيون، وقت جي وٿيءَ هڪ پاسي نثار جي تڙپ ۾ واڌارو ڪيو ته ٻئي طرف عائشه جي اندر ۾ آنڌ مانڌ پيدا ڪئي. نثار جي ڳالهين عائشه جي چِتُ تي اهڙا نقش ڇڏيا، جن جون يادگيريون اجا سوڌو تازيون هيون. بي رخي آهستي آهستي ختم ٿيندي وئي، جنهن سان گڏ عائشه جي من ۾ نثار جي پيار جو پکيئڙو پرڙا ساهڻ لڳو. هن ڏانهن بغير خواهش جي به ڇڪجڻ لڳي.

”مون کان چُڪ ٿي آهي جو توسان سُنو ورتاءُ ڪين ڪيو اٿم، مان بي خبريءَ ۾ توکي رنج رسايو، تنهن جي معافي ٿي گهران.“

نثار هڪ پيرو عائشه ڏانهن ڏٺو، جنهن جي مانائپ، معصوميت ۽ گهري خاموشي سمنڊ جيان هئي. جنهن ۾ هن پاڻ کي وساريندي ۽ غرق ٿيندي محسوس ڪيو. هن جي بدن ۾ هڪ قسم جي ڪتڪائي ڊوڙي وئي. شڪست جو سيئاندو هن جي جسم مان نڪرندو رهيو. هن جو ڏک ۽ ڳِٽتي ڪن پل جي لاءِ ڪافور ٿي وئي. هن کي محسوس ٿيڻ لڳو ڄڻ عائشه سان سوين سالن کان سندس سڱ هجي، جنم جنم گڏ گذاريو هجائون، جڳن کان واقف ۽ سڃاپرا هجن.

”تو جيڪو ڪجهه ڪيو، درست ڪيو ۽ وڏيڪ اجا جيڪو ڪجهه ڪرين ها سو به واجبي هجي ها، ڇو ته ان ۾ تنهنجو نه پر قصور حالتن جو هو. تو جيڪو هي مون تي وڙُ ڪيو آهي، تنهن جي قيمت زندگيءَ ڀر ادا ڪري ڪين سگهندس.“

عائشہ کي هن جي لفظن مان سچائي جهلڪندي نظر آئي. هن کي ايئن محسوس ٿيو ڄڻ ڪنهن مقناطيسي اثر سبب نثار ڏانهن ڇڪجي رهي هجي پر پوءِ بہ پڪ ڪرڻ خاطر پڇيائين،

”سچ پچ ٻڌاءِ تون ايئن پاڇولي وانگر منهنجي ڪڍ ڇو پيو آهين؟ پر ان طرح مون کي شرمندي ڪرڻ مان توکي هٿ ڇا ٿو اچي؟ توکي ٻيون بہ تہ ڇوڪريون آهن پوءِ..............؟“

هن جيڪا نثار ۾ هلڪي ڪشش محسوس ڪئي، تنهن جو اڻ ڇٽو احساس نثار کي بہ ٿيڻ لڳو.

”عائشہ! تون منهنجي زندگيءَ جي ميراث آهين، اهڙي ميراث جنهن کي وڃائڻ جو سوچي بہ نہ ٿو سگهجي. ٻيون ڪٽي اڏامنديون اڇن پر لطيف جيان منهنجي پرينءَ جي قدم برابر ناهن.“

هن اکيون زمين ۾ کُپائي ڇڏيون. ايئن ڄڻ ڪجهہ سوچيندي هجي، ايئن ڄڻ ڪجهہ ڳوليندي هجي، لڄ هن جي اکين مان ليئا پائي رهي هئي. چوري پڪڙجي پئي، چوري، پيار جي چوري، نينهن جي چوري، چوري، دل جي چوري.

”ڏجان ٿي متان سماج کا سيڪت نہ ڏئي، ڏجان ٿي متان تنهنجي پياس اجهائيندي اجهائيندي ڪٿي پاڻ نہ پياسي رهجي وڃان!“

”هڪ ڳالهہ ٻڌ! مون سان پيار ڪرڻ تولاءِ ڪٽي ايڏي اهميت نہ بہ رکي پر مون لاءِ زندگي ۽ موت جو سوال آهي. تون ڪيترو بہ ڪيٻائين پر توکي مون سان ساٿ ڏيڻو ئي پوندو.“

هيڏي وچوٽي، هيڏي وِٿيءَ کان پوءِ جڏهن نثار ۽ عائشہ کي ڪٽي ڏنو ويو، تڏهن ڪيترائي لفظ مٽن ميڙا ڪري ڪريا، ڪيترين ئي نظرون ڪين ورائي ويون. عائشہ هڪ پيرو وري چرڪي وئي. هن کي اوچتو پنهنجو وجود ياد اچي ويو. هن وري هڪ پيرو پنهنجي چُڪ تي پڇتايو، پوتيءَ جو پلاند نيڪ ڪندي گهيري مان نڪري وئي.

ايئن ئي ڪيترائي ايڪسيڊنٽ ٿيا، ڪيترائي پيرا جاٽي واٽي قريب ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. نيٺ ٽڪر ٽٽي پيا. آڏو آيل پهاڙ پرزا ٿي پيا، دريائن جا بند ڀڄي پيا، پوءِ ڪيتريو ئي ڇوليون آيون، ڪيترين ئي ڇوليون ويون، جن ٻن دلين کي ڀڪائي رکيو.

عائشہ، نثار جي پلاند سان پنهنجو پلئہ ڪيترن پهرن جي پڪارن کان پوءِ اٽڪايو. جيتوڻيڪ هن کي سُڌ هئي تہ مائٽن جي نانءَ ناموس کي پُٽائي پاڻ لاءِ پاراتو ڪٽڻو آهي پر پوءِ بہ سڀ لڳ لاڳاپا ۽ ڳنڍيون ڳانڍاپا ٽوڙي، نثار کي محبت جو ديوتا سمجهي عمر ڀر پوڄڻ جا پَهہ پچايا ۽ ساٿس گڏ سيج ماڻڻ جا سپنا سهيڙيا. هن وقت جي ويل ٽرڻ نہ ڏني، سر جا سانگا لاهي، وڃي نثار جي اُڄ لاٿي.

گذريل رات جوت جلي، سنجها ٽري، تنهن ٽاٽي هوءَ سهي سنبري نثار جي موهه ۾ نڪتي. اڄ پهريون ڀيرو ٻن دلين پريت جا پيالا وڏي پاٻوهه مان هڪ ٻئي کي پياريا. پهريون ڀيرو ٻن دلين دوريءَ کي ڏڪي وِهُ جي وٽن ۾ زهر جي ڍڪن پرڻ جا ڪيترائي قسم ورجايا. اهڙي سمي روح ريجهائڻ لاءِ ساهه جي سازن تي ڪيئي سُر ڇڙيا، ڪيئي جلترنگ ٻُريا، ڪيئي قربن جا ڪوٽ اڏيا ۽ ڪيئي من مندر ۾ محبت جون مورتيون سجيون.

اڄ ٻن دلين سپنن ۾ نه پر ساڀيان ۾ پنهنجي اُڌمن، خواهشن ۽ تمنائن جا ڪيئي حسين تاج محل جوڙيا. اهڙي سمي عائشه جي سونهن، سندرتا، جوڀن ۽ جواني رات جي سانت کي پيار جي پڙلائن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو.

رات جون رمزون به پيار ڀريون، دل کي پرپائڻ جهڙيون. هوا ۾ گلڙن جي سرهاڻ، بجليءَ جي تيز روشني، رات جي وجود کي لٽي ڇڏيو هو. آسمان تي تارا چمنيءَ جي ٽمڪي جيان ٽمڪي رهيا هئا. چنڊ جي سهائي مرڪيوري بلبن جي روشنيءَ سان وچڙيل. اهڙي سمي چنڊ کي چمڻ لاءِ ڪيترائي چڪور اڏاٽا، ڪيترن جا پر پرزا ٿيا، ڪيترن جا ڳاٽا ٽُٽا ۽ ڪيئي ڌرتيءَ جي ڌوڙ ۾ دفن ٿيا. پر پوءِ به بي خيالو، بي فلڪيو به دليون پيار جي منزلن ڏانهن وڌنديون رهيون. اهڙي سمي مهون مچر ماٺ، نه ڏاڍ نه ڏاٽ، پوءِ رهچون ڪير ڏي روح  ڪي. خاموشيءَ جا بند ڀڃي نثار پنهنجون سڪ ٻُڏل اکيون عائشه جي خماريل اکين ۾ اٽڪائيندي چيو هو،

”عائشه ڄاڻين ٿي ته زندگيءَ جو فلسفو ڇا آهي!؟“

”زندگي! زندگي حقيقت آهي، زندگي سچ آهي، زندگي پيار آهي، محبت آهي ۽ زندگي؟ تون آهين مان آهيان.“

”تون ۽ مان، مان ۽ تون! انهن ٻنهي لفظن ۾ ڪيڏو نه رڌم آهي، ڪيڏي نه آسيس آهي. ڄڻ جوانيءَ جو نشو هجي، زندگيءَ جو نچوڙ هجي ۽ سنسار جو سارو سڪ هجي!!“

ڪن پل لاءِ خاموش پولار ۾ نظرن جي گهُت.

”پيارا ڇا ٿو سوچين!؟“

”سوچيان ٿو انسان ڪيڏا نه سهڻا سپنا سهيڙي ٿو، ڪيڏا نه پَهه پچائي ٿو ۽ آخر ۾ انهن جو ڇيهه.......... پائين ٿي تولاءِ آسن ۽ اميدن جا ڪيڏا نه حسين ڪوٽ اڏيا اٿم، پر........... متان........... ڊڄان ٿو ته تون..............!“

”مان!؟ پرين، مان رات جي تاريڪين ۾ غوطا کائڻ کان جرڪندڙ سوجهري کي وڌيڪ پسند ڪريان ٿي.......... پرين! تون ئي ته منهنجو سوجهرو آهين، تون ئي ته منهنجي زندگي آهين ۽ تون ئي ته منهنجي هستي ۽ مستي آهين.“

”عائشه فطرت جو اٽل قانون آهي، اڳتي، اڳتي، تمام اڳتي ۽ پوءِ...........“

”ها، پر مان اڄتي، تهائين اڳتي نڪري آئي آهيان، دنيا جي ڪا به طاقت واپس ڪري نه ٿي سگهي.“

”مون ڀانيو هو............. خير..........“

”نثار! مان سڪ کي پڪ ۾ بدلجڻ جو ڪڏهن سوچيو به ڪين آهي، تڏهن ته سپ لِيڪا لتاڙي تو وٽ پهتي آهيان. تون هرويرونه چرڪ. مان ڄاڻان ٿي ته تون چوڻ چا ٿو چاهين. پر ٻُڌ، منهنجي پلئه تي ڪڏهن به ٻئي جي پاپ جو پاچو ڪين پوندو. نثار، مان تنهنجي آهيان ۽ تنهنجي ئي ٿي رهنديس، مون کي سنهن آهي تنهنجي سِرَ جو. جيئري جدا ٿيڻ کان ڏاگهه تي چڙهي سَتي ٿيڻ جي رسم کي جيئاريندس.“

”مني، مون کي مونجهه هڪڙي آهي ۽ سا تنهنجي، باقي هي ويراني جا پوڄاري پنهنجو چا ٿا بگاڙي سگهن.“

نثار جي سيني ۾ مُنهن سانديندي سرگوشيءَ واري انداز ۾ چيو هئائين،

”نثار، مان تنهنجي آهيان، تنهنجي ئي ٿي رهنديس ۽ تون منهنجو...........“

”مني، مان تنهنجي لاءِ سپ ڪجهه سهسائي سگهان ٿو، پر آءٌ............!“

”جاني، مون کي تنهنجو سڪ سواد دنيا جي مڙني نعمتن کان وڌيڪ پيارو آهي، جيون جٽا ڪئي ته هڪ ڏينهن..... ها هڪ ڏينهن....... اسان ٻئي.... ها اسان ٻئي.......“

ٻي گهڙيءَ ٻئي دليون کي گهڙيون محبت ۾ محو، پريت جا پيالا پيئڻ لڳيون. هنن کي ڪا ڪَلَ ئي ڪانه ته ڪو گهڙي، گهڙي به گهاءُ هڻندي ۽ پل پل به پڇتاءُ ڪرائيندو.“

ايئن اوچتو ئي اوچتو ڪنهن ازدها جو وات ڦاٽو. موت جي تيز تيزابي ڦوڪ هوا ۾ گهن گهن نا، گهن گهن نا!! به سنهڙا سنهڙا آواز ايري، فطرت جي آگوش ۾ هميشه هميشه لاءِ دفن ٿي ويا. آسون نراسن ۾ تبديل ٿي ويون، پيار پڙاڏي جي صورت ۾ گهايل ڪبوتر جيان پرڙا هڻي هڻي ساٿو ٿي ويو. ساهن جي چڙيل سازن جون تارون ڪن پل ۾ ٽٽي پيون. دور پري دور جڻ ڪنهن نم جي ٽاريءَ تي به سڪايل ساهَ ڪوئل جيان ڪوڪي اٿيا هجن. جوانيءَ جي جوت اجهاڻي، محبت جا اڏيل محلات ڪن پل ۾ ڊهي، ڏو اچي پَٽِ پيا. چند تلقڙي ٻارڙي جيان چيڙا ڪڌي روئي ڏنو، ايسيتائين جو سندس ڳوڙها لالاڻ جي صورت ۾ پرهه جي پاچولن پٺيان گم ٿي ويا. ويري وقت وار ڪري ٻن دلين کي ٻهڪڻ کان اڳ ٻوهي ۾ ڏئي ڏينهن اڇڻ جون ڏياٽيون روشن ڪيون. سوجهري تي اکين ڏٺو، هڪ طرف رت ۾ ليٽڙيل به مئل مڙدا ۽ ٻئي طرف...............!!

# سچ ۽ چنڊ

سنڌ ملاقات جي ٽئين ڏينهن!!

ها، ان ٽئين ڏينهن جي ئي ته ڳالهه آهي! جڏهن ڪان تو ۽ اسان جا رستا الڳ، راهون جدا ٿي ويون (هونءَ وري ڪهڙا گڏ هئاسون؟) اهو ٽيليفون ئي ته هو، جنهن ڪجهه سمو تنهنجي آواز کي رسيلو ۽ چس ڀريو ڪري پيش ڪيو ۽ مان کي وري تنهنجن خوابن جو هيرو، جوان اڙٻنگ، ڪنوارو ڪمرو ۽ قد آور، ڀاري ڀرڪم شخصيت، پنهنجي عمر کان ڪيئي ڏگريون گهٽ ڪري پيش ڪيو.

اهو ٽيون ڏينهن، اهو اڳاري جو منحوس ڏينهن، جنهن ڏينهن کان پوءِ تو اسان جا تصور، پور پچايل پَهه پرزا، پرزا ذرا، ذرا ٿي وڪري ويا! اچ انهن وڪريل، ڪڙيل، ڪنديل خيالن ۽ ڪجهه اڳلين ملاقاتن جي دز کي سيني تان جڏهن چنڊي ڦوڪي صاف ڪرڻ لڳو آهيان تڏهن تون ان کي شڪايتي ڪهاڻي سمجهندينءَ ۽ ٻيو سارو لوڪ وري پيار ۾ ناڪاميءَ جو داستان! بهرحال مان اهو سڀ، سمورو داستان لکندس، جنهن کي شڪايتي بيان سمجهندي ممڪن آهي ته تون به منهنجي خلاف ڪو وڏو ٿلهو فائيل جوڙي وٺين ۽ ايئن ئي عوام آڏو تو کي به پنهنجي صفائيءَ جو موقعو ملي وڃي، جيڪو سنڌ حق به ٿئي ٿو (جيڪو حق ڀرين مڙس توکان کسي ڇڏيو هو) توکي ياد ڏياريان.................!! اچ کان ست مهينا اڳ جي هڪ رات، رات، اها رات جنهن جي طوالت اسپتال جي بيزار ڪندڙ ماحول ۽ مريضن جي چنگهه چنگهاڙي کان تنگ ٿي ڪري منهنجي هڪ هائوس جاب ڪندڙ دوست تو طرف ٽيليفون ڪيو هو. ان وقت هن چواڻي، رات جا تقريبن ٻارنهن وڄي چڪا هئا ۽ تون پنهنجي مٽي ۾ ميندي پائي ٿلهي ٿلهي هاڻي هاڻي بستري جي حوالي ٿئي هُئينءَ. چئي نه ٿو سگهجي ته تون ان وقت اڪيلائيءَ ۾ پنهنجن ارمانن جو ماتم ڪري رهي هُئينءَ يا ڄام جکري جي ملڪ ميهر (ميهڙ) واري مينديءَ جي ٽڏڪارن پنيان اک اک سان لڳي وئي هيئي جو، ٽيليفون جي گهنٽيءَ جاڳائي رکيو هيئي. تنهن بعد ذڪر ڇڙيو هو چنڊ جو، چنڊ جنهن جي سهائي سان مان واري يار چڪور جيان عشق ڪيو هو. سو عشق افسوس جو ٻنهي کي راس نه آيو. چنڊ گرهڻ لڳڻ سبب اڻ ڇتو رهجي ويو، جنهن چنڊ پسڻ لئي مان واري يار ٻيهر اتساهه ڏيکاريو هو پر چنڊ، تو وارو چنڊ اچ ته تو ۽ مان واري يار کان ڏور پري ڏور هو!!

**ڪي ويجها ئي ڏور، ڪي ڏور به ويجها سپرين.**

ايئن ڳالهين ئي ڳالهين ۾ ذڪر ڇڙيو هو تنهنجو، تنهنجي وارن ۽ ميهڙ جي مينديءَ جو، تو پڪ ڏيارڻ چاهي هيُس ته،

”مٽي ۾ ميندي پائڻ جو سبب نه ڪي طويل عُمري ۽ نه ئي وارن جي سفيدي هئي. بس ميندي‌ءَ جي رنگ، روپ ۽ خوشبوءِ سان سنڌءِ چاهه هو. يا اجا به هيئن، مومل جيان ملڪ جهان جا پئونرا ميڙڻ هو! جن پونئرن ڪي ميڙي پنهنجي مٿان پيرا ڏياري پون پون ڪرائي لوڪ ڪي ٻڌائڻو هو ته مومل مئي ڪانهي، ڪاڪ سڙي وڻ وڍيا ناهن، تو اجا وڏيڪ پنهنجي صفائي‌ءَ ۾ چيو هو،

”اون هون............. منهنجي مٽي ۾ پريا ڪٽي! مان ۽ منهنجي نندي ڀيڻ چنڊ جڏهن نه گڏ هلنديون آهيون ته ماڻهو مان ڪي نندي ۽ چنڊ ڪي وڏي سمجهڻ لڳندا آهن! مان وري ڪراڙي ڪٽي“ تنهنجي ان ڳالهين ئي اُڪسايو هو مان واري دوست ڪي. تو چوڏاري پونئر جيان پيرا ڏئي تنهنجن وارن ۾ پيل ميندي‌ءَ جو واس ونڻ تي! تڏهن هن مرڪي چيو هو،

”چئبو اجا ڏاڍي آهين نه!؟ ان سمي ٿهڪن جي هبڪار پٽريندي تو چيو هو،

”اڙي چورا........... تو ڇا مان ڪي پوڙهو ڪري ڇڏيو!؟“ نه، تون پوڙهي ڪٽي، تنهنجي ان نه پوڙهائپ ۽ جواني‌ءَ جي لونجهه ۾ ئي هن توڏانهن هٿ وڌايو هو ۽ پوءِ ٽيليفون جو ڊگهو سلسلو، نئين سچ نئون گفتو، توکي اُڏرڻ، پرڙا ساهڻ لاءِ اُڪسائڻ، تنهنجي جسم جي گرمي‌ءَ کي وڌيڪ ٿهڪائڻ، ٽچڪائڻ، ايئن ئي ٽيليفون ڪرڻ اوهان جو هر روز جو نِيَم بڻجي ويو هو.

پوءِ جڏهن گڏياسين........... شيل شڪار تي، باغن ۾، پوڪن گهمندي، نجي ڪچهرين ۾، حال احوال، ڊاڪٽرن جي ڪاسائڪي ڪردار، نرسن جي چال چلت، سرڪاري دوائن جي چوري ٽيڻ بابت ڪيئي سوال جواب ٽيڻ لڳندا هئا. جن احوالن ڏيندي ونندي وچ وچ ۾ هاڻي تنهنجو نانءُ به ڪجڻ لڳو هو. ان تنهنجي نالي ڪجڻ تي مرڪي اک پيجي چوندو هو،

”نيڪ آهي جي، چنڊ نه ته سچ ئي سهي، ڪوته هجي، جيڪو هن دل جي صحن کي روشن رکي. ڪيئن ٿي وجن به به هٿ!؟“

۽ پوءِ منهنجي جواب ڏيڻ ڪان اڳ ئي ڏنو هو جواب پاڻ واري يار ڦاٽوڙي دهل،

”ها، هونءَ به سس سالي‌ءَ جي عشق ۾ مزو ئي اور آ“
ڪنهن ٻئي موقعي تي مان چيو هو،
انبن جي سِڪَ ڪڪڙين مان ڪا لهندي“

تڏهن هن تنهنجي جوبن جواني، هڏ ڪاٺ ۽ سونهن سوبيا جي فائدي ۾ ڪيئي دليل ڏنا هئا. هونءَ ته توکي چوسيل ڪڪڙي چوڻ منهنجو اصل مقصد ڪونه هو، بس ايئن ئي لوڪ جي ڪهاوت کي ورجايو هو. پوءِ به جڏهن هو نه مڙيو هو تنهنجي تعريف ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڏنو هُئائين، تڏهن سچ پچ، منهنجي وات ۾ به پاڻي اچي ويو هو. تڏهن مرڪي چيو هئم،

”ڪجھ اسان لاءِ بہ ڇڏيندين ڪن سڄو ملڪ...........“ هن پوءِ جلدائيءَ ۾ ڪلهي تي رکيل بندوق کي سڌو ڪندي رستي لنگهندڙ جهنگ ڪڪڙ تي چست وٺندي فائر ڪيو هو. ان فائر دوران ئي سندس وات مان نڪتو هو،

”يلي........... هجي ڪنهن ۾ همت............ اسان تہ يارن لاءِ سدائين پارس پاهڻ رهيا آهيون“

مان سندس ڏک ٽاريندي چيو هو،

”هي جو هيتريون ڊاڪٽرياڻيون ۽ نرسون!؟“ ماڻهو تہ پلئون پل پيا آهن پر خبر ناهي توکي چو نہ ٿا وڻن“

هن پوءِ مئل جهنگ ڪڪڙ مٿان ايندي چيو هو،

”ڊاڪٽرياڻيون..........!؟ يار.......... مان کي تہ ويچارن جي حال تي ڏاڍو رحم ايندو آهي، اڌ عمر جو لڪائيءَ پڙهائي ۾، امتحان پاس ڪئي ڪان پوءِ هائوس جاب ۽ نوڪريءَ جي چڪرن ۾، ان بعد آئڊيل جي تلاش، سندن وٺ رهيو ئي ڇا، جنهن جي آسري ڪي مزا ماڻڻ جا خواب لهن، ۽ نرسيون.............؟ نرسيون وري اهڙيون حرامزاديون جو............. بابا، چگن پلن جا پٽڪا پيا رُلن، نہ چڙهيو آهين ڪنهن جي وَرِ، بس ڪائڻ پٽڻ، ڊوهڻ، نوان هائوس جاب ڪندڙ ويچارا ٻوناٽا، تن کي تہ اهڙا چڪر ڏئي وڃن جو وينا مٿا ڪنهن.“

مان چيو هو،

”توکان بہ زور..........!؟“

”ٻُڌ..........“ هن مرڪندي چيو هو،

”پر ادا ايئن ڳالهين چو تو گهلين، بابا، جي اٿئي نيت ۾ خلل تہ ڪولي ڪولي ٻڌاءِ باقي ايئن ڇپر ۾ چڙيون.......... پر، ادا............ اسان سڄ جي پڇر ڇڏي، بس نہ.............. ڪن ڪجھ ٻيو ڪپي؟“

۽ ان ڪان وڏيڪ ٻيو پلا مان کي ڪپندو ئي ڇا هو. توکي ڪو نئون نينهن لائڻ ۽ ٻيهر شادي رچائڻ لاءِ اُڪسائڻ لڳو هو. ايئن ڳالهين ئي ڳالهين ۾ هن پاڻ کي ڪسڪائي تو آڏو آندو هو مانکي، مان جو تنهنجو اڻ ڏٺو واقف هوس، مان جو، تو آڏو اجنبي ۽ ڏاريو هوس.

تون پهريان، پهريان سندس سوالن کي ٻڌي ٽاري ڇڏيندي هئينءَ تہ ڪڏهن ڪڏهن اڻ ٻڌا ڪري ٽتائي ويندي هئينءَ ۽ سو ٽتائڻ بہ آخر ڪيستائين؟ ابوءِ..............! مرد بہ وڏا حرامي تا ٿين، ڏنئي نہ، ڪيئن نہ هيناهيون متاهيون ڏئي هو توکي ميدان ۾ ڪُڏائي آيو هو. لڳاتار چوڏهن وريھ ري طلاقي نڪاح جي ڪوڙي رسيءَ ۾، سلهاڙيل، پيڪاڻي گهر ۾، ڇئو ڪنيو ٻڌي رهڻ ڪان پوءِ هيئن جو ڪنهن وڏي شد مد سان اڪيلائپ جو احساس، پوڙهائپ جو ڊپ ڏياريو هوءِ تہ تون ڊجي وئي هُئينءَ، ٻي هڪ نئين نڪور زندگي گهارڻ لاءِ پرڙا ساهڻ لڳي هئينءَ.

ايئن ئي گذريل چوڏهن سالن جي اڪيلائيءَ واري زندگيءَ تي سوچڻ لاءِ توکي ڀرپور موقعو مليو هو. اهڙي سوچ تہ تو وٽ ڦيريان بہ آئي هئي، جڏهن تو ٻڌايو هو، تنهنجي پرڻي واري رات جي ٻئي صبح تي توکي سنڌ مڙس اڪيلو ڇڏي وڃي ٻئي ڪنهن سان نيرن ڪئي هئي. پنهنجن پراون، هيتري ساري خلق ۾، هڪ ڪٽ، هڪ ٿانوَ ۾ ماني کائيندي جڏهن هن ڪي ڪو شرم حياءُ نہ آيو هو، تڏهن تون بہ چپ سبي ڀيھر اباڻو گهر وسايو هو، تڏهن ڪان پوءِ ڪنهن سرتي سهيليءَ جي چئي پنيان تو ڏٽيءَ در ڏاڍو ٻاڏايو هو. نماز، روزو، تهجد، تسبيھ اپنايو هو. لڳاتار ڏهن سالن جي عبادت رياضت ڪان پوءِ بہ جڏهن تولاءِ توبھ جا دروازا نہ کليا هئا تڏهن تو مصلي کي ويڙهي سيڙهي گهر جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو هو. اڄڪلھ جي ترقي پسندن ۽ ڪميونسٽن جي ڳالھ ئي ٻي پر مان ڪي تہ تون ان وقت بہ زبردست ترقي پسند لڳي هئينءَ، چيو هيئي،

”جڏهن نماز، روزي، وڏي وڏي رات تهجد ۽ تسبيح پڙهڻ مان بہ ڪجھ نہ مليو، تڏهن چيم اي ماڻهن جا الله جي روبرو هجين تہ چڱي چند ڪدانءِ پر تي پيو آهين پري! ۽ ڪهڙي خبر............... ڪهڙي خبر تون هجين ئي نہ! ماڻهن ڪٽي اجائيءَ جو معمو بڻايو هجي!!“

بهر حال هن جون توسان لڳاتار ڪچهريون ٿينديون رهيون، جيڪي ڪچهريون تو اسان تائين تہ ڪي محدود ڪين هيون، چو تہ ان بهاني هو توڪان تنهنجي نئين پرڻجي ويل پيڻ چند بابت الاهي ساٽريون خبرون چارون پڇندو رهندو هو. ان چند پسڻ لئي هن جا توسان احوال ٿيندا رهندا هئا، ايئن جڻ تون ٻنهي ڪي ملائڻ لاءِ خلائي شٽل جو ڪم ڏيندي هجين، انهن احوالن ڏيندي ونندي جڏي جڏي تنهنجي ذات بابرڪات بابت سوال ٿيڻ لڳندا هئا، تڏي تڏي تون ڏاڍي لپڙ سپڙ ڪان ڪم وٺندي هئينءَ. اهو ان ڪري نہ تہ توکي پنهنجي ذات سان ڪا دلچسپي ڪانہ هئي پر اهڙو احساس هن وقت تائين نہ جو ڪنهن توکي ڏياريو هو. سو منهنجي يار (پوءِ جيڪو تنهنجو ادا بڻجي ويو) جي ڳالهين ڪي ڦيريان ڦيريان تون پسرائڻ ئي سمجهندي رهي هئينءَ ۽ ان جي چرچن پوڳن جي سمي ڪڏهن جي هن سوال ڪيو،

”اڃا تہ تو ۾ داڻا آهن، ڪر ٻي شادي............. مئي پڃاڻا ڪو کلهي ڪانڌي تہ ٿيئي“

تون مرڪي چوندي هئينءَ،

”يلا ڪو ڳوليو اهڙو، مان ڪي تہ ڪونہ ٿو سُجهي، توهان يائر ئي ڪو هٿ پير هڻو“

ان هٿ پير هڻڻ جي بهاني ئي هو منهنجي، تو آڏو هلڪي تصوير چٽڻ لڳو هو. ان تصوير چٽڻ ۾ جيئن هن مون ڏانهن نہ گهٽايو هو. تيئن ئي تو لاءِ بہ باقي ڪا ڪسر نہ ڇڏي هئائين. هن تنهنجو هو بهو اهڙو چتر چٽيو هو، جهڙو منهنجي تصور ۾

محفوظ هو. اسان اديب ته اديب پر هو اسان کان به گوءِ کٽي ويو هو (تنهنجي ملڻ کان پوءِ اهڙو آفرين نامو منهنجي طرفان ڪيس مليو) مان جيتوڻيڪ ٻارن ٻچن، گهر تڙ وارو هئس، نهي نڪي عجب جهڙي ماني ملندي هيم، ڪنهن به اوني کان پالهو، آزاد منش ٿيو گهمندو وتندو هوس پر پوءِ به تو واري ذڪر کان پوءِ مان پنهنجو پاڻ کي اڌورو ۽ اڻ پورو سمجهڻ لڳو هوس هن همراهه تنهنجي تعريف ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيو (جيڪو پوءِ بلڪل بڪواس لڳو ڇو ته تون عورتن جهڙي عورت هئينءَ، نه ڪا اپسرا) تنهنجي حسن، جواني، ڏاهپ، سياڻپ گڏ گڏ سنڌ سڄي ساري تاريخ، جاگرافي به ڏني هئي، تون ٻن وريتن پيننرن جي اياڻي، شادي شده حال حيات مڙس هوندي به اڪيلي، اباڻي گهر ۾ رني وينل، پنهنجي ڪنهن هڪ اڌ ٻار جي پالنا سان گڏ، پنهنجي پوڙهيءَ ماءُ جي ايل آسرو، سڄي گهر جي ڪرتا ڌرتا تون ۽ اهڙي لاوارث اداري جو واهر وسيلو تنهنجي ابي امان جو ٿهليو، تندوالي ڪنڌڙ، بس تنهنجي مايا جو موهه يا سنڌ حسن جوانيءَ جو لوپ پر اهڙو ڪجهه هو ضرور جنهن سبب مان پنهنجو ناتو توسان جوڙڻ چاهيو هو. ان سڀ کان وڏيڪ پڙهيل ڳڙهيل ڪنهن سمجهو سياڻي زال جي ان لاءِ به لوڙ هئي ته جيئن پهرين واري سادي سياڻي پر اڻپڙهيل، ابوجهه ڳوٺاڻي زال جي مقابلي ۾توڪان ڪي ٻيا به فائدا حاصل ڪري سگهجن. مثلن ڪنهن سرسبز ماڙيءَ ۾ توسان گڏ گهمڻ، ڪنهن اڪيلي سنسان راهه تان هلندي توسان پيار وندڻ ورچڻ، رات جو نويڪلائيءَ ۾ شعر و شاعري، ڪا ڪهاڻي، ناول، ڊرامو يا فلم ڏسڻ ٻڌائڻ، سمجهڻ سمجهائڻ، ڪنهن محفل مشاعري يا ادبي ميڙ ۾ ٻانهن ٻانهن ۾ ڏئي گڏ گهمڻ، اٿڻ، ويهڻ ڏٽڙيل ۽ ٻي پهچ اديبن وچ ۾ ويهي ڊاڙ ڊچ هڻڻ، مئي پڇاڻا شاهد گواهه طور ريڊيو، ٽيليوزن يا اخباري بيانن ۾ منهنجي گذريل زندگيءَ تان پردو لاهڻ، منهنجي ذات بابرڪات، منهنجي منفرد شخصيت بابت ڪي نوان انوڪا انڪشاف ڪرڻ، جن انڪشافن کان پوءِ منهنجي شخصيت کي چار چنڊ ڪي به چار سج لڳي وڃن. اِهي هئا اهي سبب جن تحت مان توکي تنهنجي پر پٺ ئي پنهنجي شريڪ حيات بنائي چڪو هئس ۽ تون...............؟

تون به ته پر پٺ ڏسڻ وائسڻ سواءِ ئي ادهِن جي ڳالهين تي لڳي ڪيس اٿارني اختيارات سونپي ڇڏيا هئا. منهنجي نئين ڊگري، اديب، شاعر پنيان پنهنجي خاوند طور قبول ڪري چڪي هئينءَ. ان قبوليت کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ ئي تو ۾ مون سان ملڻ جو ساهس جاڳيو هو پر پوءِ وقت ڏئي به تون مُڪري وئي هئينءَ.

زندگيءَ ۾ ڪنهن عورت سان ٽيليفون تي ڳالهائڻ جو شايد پهريون پيرو شرف حاصل ٿيو هو. ٽيليفون پنيان تنهنجن ٺهڪن پرئي مٺر آواز ڏاڍو موهي رکيو هو، تو ڳالهين ئي ڳالهين ۾ اهڙا ڪرتب ڏيکاريا هئا، اهڙا نوان نرالا رنگ ڏيکاريا هئا جو، مان ته مان پر آڙيڪاپ قسم جا مڙس به توتي اَکن ڇَکن تي پون ها. اهڙو ته هو تنهنجي ڳالهائڻ ۾ جادو! ڳالهه ڳالهه تي ٺهڪن جي ورڪا، لفظ لفظ تي ماڻا ۽ موشا.

”بس........... مان ڇا اچان، هوئن به منهنجو اچڻ ڪو نهي ٿو؟ اوپرين جاين تي پلا ڪير ويندبون آهن؟ ڏارين مڙسالن سامهون پلا ڪير ايندبون آهن؟............ پلا ڇا ڳالهائيو!؟ ڪيئن ڳالهائيو؟ مان ڪي ته ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي، وينو آهي نه سڀ بار ادا تي آهن، ادا جن ڪي جيئن وڻي مان ڪي قبول آهي“

”اڄ هرڪو ڏنڊين ڏاند آ، ڪيسيتائين هن غريب ڪي به گهلبو“

تو اهڙي قبوليت مان ڪان به ڪرائڻ چاهي هئي، پر پٺ جي تاڙي تو مان ڪان به هٽائڻ چاهي هئي پر بار بار منهنجو اسرار رهيو، روبرو ملڻ، ڏسڻ وائسڻ، پرکڻ پروڙڻ جو ته مان ڪي ڊپ ٿيڻ لڳو هو، ڪٿي مان واري يار غلط گهوڙي تي نه شرط پڄائي هجي (جيئن پوءِ پڌرو ٿيو) عين ان وقت تو وٽ تنهنجي چنڊ به آيل هئي، جنهن جي خواهش تي تو ساڻس ڳالهائڻ جي وينتي ڪئي هئي. مان پوءِ ٻڌو هو هن جي آواز ۾ سا مستي ڪٿي، جيڪا تنهنجي آواز ۾! تنهنجو آواز چڙي جيان پئي وڳو ۽ هن جي آواز ۾ نندڙي ٽليءَ جهڙا نفيس ۽ نازڪ سُرَ! هن جي آواز ۾نهنائي، نماڻائي ۽ تنهنجي آواز ۾ زبردست پڙاڏو، پنهنجائپ ۽ حجائتو ٿيڻ جي هيرَ، تنهنجو آواز تيز طوفان ۽ واچوڙو، هن جي آواز ۾صبح جي ٿڌڙي هِير ۽ هڳاءُ. هن نماڻي آواز ۾ پڇيو هو،

”ادا، مان صرف هڪڙو سوال ڪيان؟“

مان يار جي محبوبا ناتي ساڻس حجائتو ٿيندي چيو هو،

”هڪ ڇو، سئو هزار ڪيو، حڪم؟“

”حڪم نه پر عرض، عرض اهو ته اوهان آخر بي شادي ڇو تا ڪيو؟ ۽ جي ڪيو به تا ته سچ ڪي منتخب ڇو ڪيو اتوَ!؟“

مان سنڌءِ ابوجهه پيڻ جي هن سوال تي مرڪي پيو هئم،

”اوهان جو ادب سان واسطو رهيو آهي؟“

”ڪجهه ڪجهه“

”ڪجهه ئي سهي پر پوءِ به ٻڌو هوندءِ اديب مخلوق ئي نرالي ٿيندا آهن، هنن وٽ انوکا ويچار، انوکا تصور ۽ انوکا آئڊيل هوندا آهن ته مان نه اوهان جي سچ جي روشني پسي آهي ۽ نه ئي ساڻس عشق لڙايو آهي. وڏي مائي مان ته آهيان ٻُڌ تي، اوهان واري گهڻ گهري ڊاڪٽر صاحب سنڌءِ پيڻ جا ڳالهين ئي ڳالهين ۾ جيڪي رنگ روپ پسايا آهن، ان مان باسڻ لڳو آهي ته اوهان وارو سچ شايد سچ پچ جو سچ ثابت ٿي هن دل جي اونداهي صحن کي روشن رکي. هونءَ ته بي شاديءَ جي اهڙي ڪا لوڙ به ڪانه اٿم، پنهنجو سهڻو سيبتو گهر آ، نندڙا، پيارا ٻار اٿم، پنهنجي سباجهڙي، گهريتڙي، سگهڙ ۽ سياڻي، چئيوان قسم جي زال اٿم پر پوءِ به جي پاڻ واري يار کي ڪا کوٽ نظر آئي آ ته نيڪ آهي، ڪري شوق پنهنجو پورو، آخر هن کي به ته حق ٿو

پهچي ته آئون پنهنجن معاملن ۾ دوستن جو به اهڙو ئي حق سمجهندو آهيان جهڙو پنهنجو، ٻيو نه ته ان بهاني اوهان جي قرابت ته نصيب ٿيندي“

۽ پوءِ ڳالهين ئي ڳالهين ۾ تو واري چند پاڻ واري يار جي بيوفائن جو داستان ڇيڙيو هو،

پاڻ وري ڪنهن سان نڀايائين، پاڻ وري ڪنهن سان رهايائين، جو اوهان کي ٿو اونهيءَ ۾ ڏکو ڏي“

سچ پچ سندس آواز ۾ ڏاڍو درد سمايل هو، لفظ لفظ ۾ سُڏڪا.

چيو هوم،

”مان کي سڀ خبر آهي ته اوهان ڪيس ڪيترو نه چاهيو پر هو بي وفا نڪتو، هن ٻوٿو ڪونه ٻاريو. ان اوهان واري معاملي تي ته اسان يار دوست اڄا تائين ڪيس ٿوڪيندا رهندا آهيون.“

هن پوءِ پريل آواز ۾ چيو هو،

”جيڪو مان ته ٻڌو پر تو ته ڏنو به هوندو،

”اوهان ڪيس ٿوڪيندا پر مان ته ڏينهن قيامت تائين ڪيس پِٽيندي رهنديس“

پڇيو هوم، ان پِٽ پاراتي جو سبب،

”ڏکي آهين؟“

”ڏکي يا سُکي نيٽ ته وجبو گذاري، پئي جو نباهڻي.......... سس جي پَوَتِ ڪانه، مڙس سدائين مسافرن ۾“

کلي چيو هوم،

”چو ريل ۾ سُتيون ڦڪيون وڪڻندو آهي ڇا؟“

”سياستدان ۽ سُتيون ڦڪيون وڪڻندڙ ۾ پلا ڪو فرق؟ ٻنهي جو گهر نه ڪو گهاٽ“

هن پوءِ ڪجهه ڏينهن لاءِ ان معاملي کي اتي ئي ڇڏي ڏيڻ لاءِ چيو هو ۽ پوءِ مان ته رهڻ ڏنو هو پر تو ڪين ڇڏيو هو. اها شام، اها رات تو زوريءَ رهائي ڇڏيو هو،

اڄ رات ته رهه، منهنجي دل تي چوي
پرين پوءِ اسان جو ڀاڳ ڪٿي.

”ترسان ته ماني ڪير کارائيندو؟“ مرڪي چيو هئم.

”ماني ڪوڙ، مانيءَ جي ڪا ٻُک، اَنُ نه مهانگو پرين نه ڪوڙا“

تو ٻڌايو هو، ان شام تون ڪيڏانهن تيار هُئينءَ، پهرين رٿيل پروگرام موجب پڇي هيئي منهنجي راءِ،

”بلڪل“ مان چيو، ”اوهان پنهنجي چنتا پلي اڇو، رات هتي ئي آهيان“

تو موٽڻ ۾ ٻيهر ٽيليفون ڪرڻ جو ته رات ڏهه وڳا ٽائيم ڏنو هو پر تون واپس گهٽو اڳ ۾ آئي هئينءَ، تنهنجي طرفان ٽيليفون ته بار بار آيو هو پر مان ڏاڍو دير سان ڪنيو، پڇيو هئم،

”جاڳين ٿي؟“

ٽيليفون پنيان تنهنجو ننڊاڪڙو آواز آيو هو،

”ٻيو...........“

”ننڊ نٿي اچئي!؟“

”نه............ ٻيا ته سيئي ستل آهن پر مان.......... پلا چوندو ته رن رهائي به ڇڏيو، ٿوري گهڙي انتظار به نه ڪري سگهي، بس هاڻي سوس پلي مان به سمهڻ جي ڪئي جو............“

”ٽائيم ته ڏهه وڳا ٻڌايو هيئي.“

”ها پر موٽي جلدي آيس، جن وٽ وياسين سي لک قرب ڏين پر مان چوان، هن گهڙيءَ گهر پهچان“

”ها، ته اهي احوال، ايڏو سارو عرصو مڙس ڪان الڳ رهينءَ، چو ڪڏهن بغاوت جو خيال نه آيئي!؟“

”ڪنهن سان بغاوت؟ ڪنهن لاءِ بغاوت؟ اوهان به ته............“

”هڪ مان ئي چو، هي جو هيترا سارا ماڻهو، سهٽا سُنا ماڻهو“

”اهڙو خيال به ته ڪونه هو، هڪڙو سو پري جو مائٽ تنهن شاديءَ لاءِ چيو پر هن جي ٻڌڻي شخصيت ۽ سندس اٽوٽندڙ طريقيڪار پنيان جواب ڏئي ڇڏيو هومِ“

”اجا آهي دعا سلام؟“

”ها پر هن هاڻي شادي ڪري ڇڏي آهي“

”۽ هي اڄ وري...............“

انتهائي لڄ وچان ڪلندي چيو هوءِ،

”بس، اهو ادا آهي جيڪو تو پُتا ڪم ڪرائي“

”تنهنجي معنيٰ ته اهو سڀ ڪجهه زور زبردستي پيو ڪرايو وڃي؟“

”نه، اهڙي به ته ڳالهه ڪانهي“

”پوءِ ته آسرو ڪجي نه؟“

تڏهن تو ٽهڪن جي گونجار ۾ چيو هو،

”ڏسو نه، ڏسو نه هاڻي اوهان به ڏاڍا زور آور آهيو، ان لاءِ پلا مان آخر چا ٿي چئي سگهان، سڀ لاءِ ادا ئي ته وينو آهي“

”۽ پوءِ ادهِن هٽئي جو ڪنهن هائيءَ ۾؟“

”مان نه ٿي سمجهان ته ادا مان ڪي ٻوڙيندو“

تو نهايت برجستائيءَ ۽ خاطريءَ وچان چيو هو،

”پر جي ٻوڙيائين ته به بسم الله، ڪنهن جي ته هٿن ۾ سَرهي ٿيان“

پڇيو هومِ، سندءِ پيڻ چند جا تاثرات، ٻڌايو هوءِ سندس بار بار خبردار ڪرڻ بابت،

”مان سان ڪهڙي رهايائين جو توکي ٿو اڻ ڏنا مڙس ڏي“

”توکي خبر آهي اسان سنڌي ماڻهو آهيون“ مان تفصيل ۾ ويندي چيو هو، ”اسان جي اندر ۾ ٿورو به ڪٽر وينو ته مرڻ گهڙيءَ تائين نٽو نڪري سگهي ۽ اهو شڪ ئي هوندو آهي، جيڪو عمل ڪرڻ لاءِ اُڪسائيندو آهي، جنهن کي هڪڙا غيرت ته ٻيا وحشي پڻو چوندا آهن“

”۽ اوهان اديب آهيو؟“ تو مرڪي سوال ڪيو هو.

”ها پر ان سان گڏ بدقسمتيءَ سان سنڌي ماڻهو به آهيان“

”پوءِ ته اوهان مان خوف ڪرڻ گهرجي!؟“

”سو ته پوءِ جو معاملو آهي پر........ اڄ هوءَ توکي نصيحتون پئي ڪري ڪلهه عشق جي انڌ ۾، هٿن پيرن جي آڱرين کي جهير ڏئي رت هاڻا خط تي لکيائين!“

مان سچ به ڏمري پيو هوس پر سندس خط جي ذڪر تي شرمساريءَ وچان مرڪندي چيو هئم،

”اهڙو سندس آخري خط جيڪو شايد هن جي ونواهه ۾ ويهڻ واري آخري رات ۾ لکيو هو، جيڪو خط اڄ به منهنجي ذهن ۾ محفوظ آهي. جنهن جون سٽون ۽ اکر ڪڏهن به ميٽجي، ميسارجي نٿا سگهن. جيڪو خط لازوال عشق جو سچو پچو داستان آهي، جنهن خط کي عجائب گهر يا سنڌيالاجيءَ ۾ محفوظ ڪرائڻ گهرجي!“

ٿيون ڏينهن اڳاري جو منحوس ڏينهن، ان پنهنجي پهرين ۽ آخري ملاقات کان اڳ جيتوڻيڪ آئون توتي ڪو ايترو زور بار به نه رکيو هو اچڻ جو (چو جو، تو جو تئين ماڻهوءَ جي وچ ۾ موجودگي ضروري ڄاتي هئي) پر پوءِ به هڪ اڌ پيرو تو بار بار ورجائي پڇيو هو ملڻ جو،

”چا............. هرو پرو ملاقات ڪرڻ ضروري آهي!؟“

هڪ پيري ته تو کُلي دل سان اعتراف به ڪيو هو،

”ها، پنهنجو ملڻ ضروري آ، اهڙو رايو منهنجي هڪ سهيليءَ جو به آهي، هونئن به ملڻ ۾ ڪهڙو حرج آهي، نه ملنداسين ته معاملو پلا ڪيئن سلجهندو، پر اچي ادا، ادا اچي يا...............“

ان سندءِ ”ادا“ لفظ تي مان کي غصو ته آيو هو پر پوءِ به ساڌارڻ نموني چيو هئم،

”ها، بلڪل ادهِن اچي“

ان ”ادهِن“ واري ڳالهه تي مان پانئيان ٿو هڪ اڌ پيرو توکي چڙٻيو به هئم، جنهن جي تو ادهن کي دانهن ڏني هئي، ياد هوندءِ اهو ڏينهن جنهن ڏينهن تنهنجي

واتان بار بار ادهن جو نالو ٻڌڻ سان مان بيزار ٿي رسيور کي ڦهڪايو هو ٽيليفون مٿان ۽ اهو سڀ ڪجهه ٿيو به ادهن جي روبرو هو. تو پوءِ ادهن سان ڳالهائڻ چاهيو هو ۽ مان بابت پڇيو هو، مان اڪ پڳي هئي، هن جڏهن منهنجي هليو وڃڻ بابت ٻڌايو هوءِ تڏهن تون سڃي هارجي وئي هئينءَ، منهنجي ڪاوڙ ڪروڌ ڏانهن سندس توجهه ڇڪايو هوءِ،

”ڏنئي ادا.......!؟ شڪايتي انداز ۾ چيو هوءِ، هن بي خبريءَ وچان چيو هو،

”چا.......... ٿيو چا ڪجهه!؟“

”چو، اوهان نه ڏنو چا؟“

”ڏنم ته سهي پر توهان به ته پاڻ تي ڪجهه ڪنٽرول ڪيو، هر ڳالهه ۾ مان کي اڙائڻ نيڪ نه ٿو لڳي، ڪجهه پاڻ به ٻوٿو ٻاريو، ڇو هن جو ڪاوڙجڻ ڇو واجبي ناهي“

”واجبي..........!؟ توکان دانهن نڪري وئي هئي، ”هيءَ سراسر زيادتي آ جيڪا اديءَ به روبرو ڏني“ هن چيو، ”هڙئي مرد هڪجهڙا آهيو، تون به ته ايئن ئي ساڻس تعديون ڪندين هئين، ڪيئي ڪيئي ڏينهن رٺو رهڻ ۽ پوءِ غصي وچان ٽيليفون کي سٽڻ، اڇلائڻ“

اهو سچ آهي ته، تون ان ڏينهن اڄڻ جي پوزيشن ۾ برابر ڪانه هئينءَ، ڇو ته سندءِ پوڙهي پيءُ جي ناچاڪيءَ سبب تو وٽ گهٽائي مٿ مائٽ لٿل هئا پر اهو پهريون پيرو ته تنهنجو تنائڻ ڪو نه هو، ان کان اڳ به ڪيئي پيرا ٺاري ڇڏيو هوءِ،

”اچي ادا، ادا اچي ته ان ڳالهه کي به ڏسي رهبو“

ان ڏينهن کان هڪ مهينو پهرين جڏهن ادهِن سان گڏ تو ساڻ ملڻ جو ٽائيم سيٽ ڪرڻ چاهيو هومِ، ادهن جو پوسٽ گريجوئيشن لاءِ ڪراچيءَ ويل هو، ان جو ئي ته ڇئي ٺاري ڇڏيندي هئينءَ، ڏاڍو سنو ٻهانو مليو هوءِ پر هاڻي هو به اچي نڪتو هو. خوشقسمتيءَ سان وري منهنجو به ساڻس ملڻ ٿيو. تو اسان جي اسرار تي ملڻ جو چيو ته سهي پر هڪ ڏينهن پوءِ يعني ٻئي ڏينهن جي ٻن پهرن جو، اهو ڏينهن شايد جمعي جو ٿئي پيو، تو ڏڪ ڏاڍو ناهوڪو هنيو هو، ڇو ته ان ڏينهن، جمعي ڏينهن مان کي پنهنجي سڀ کان وڏيڪ پياري دوست جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻو هو. مان ته اڄ ئي يعني خميس ڏينهن ئي اوڏانهن وڃڻ لاءِ تيار هئس پر شام تائين تو لاءِ ترسي تي سگهيس ۽ افسوس جو تون ڪونه آئينءَ، تنهنجي ان آنا ڪانيءَ سبب مان ان ڏينهن ئي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ روانو ٿي ويو هئس. ٻئي ڏينهن ڪهڙي به حالت ۾ موٽڻ جي واعدي پٺيان جمعي ڏينهن منهنجي واپسيءَ تي ادهن سُک جو ساهه ڪنيو.

ڏاڍو سنو ٿيو جو اچي وئين، مان پاڻ ڪراچيءَ جي سنبت ڪري رهيو هئس. سنو ٿيندو جي اوهان جي ملاقات ٿي وڃي، وري الائي ڪڏهن اچڻ ٿئي، موڪل ملي ئي ڪانه ٿي“

هن پوءِ رسيور رکي ڊائل گهمايو هو. تو ٻڌايو هو پوڙهي پيءُ جي اوچتو طبيعت خراب ٿيڻ جو، توکي اچڻ جو چيو هئائين پر تو کو اتساهه ڪونه ڏيکاريو هو، تڏهن چيو هئائين،

”مائٽ سان ڳالهاءِ“

تو مختصر ڳالهائڻ تي چاهيو، آئون تفصيل ۾ وڃڻ گهريو هو. پٽهين جي اوچتو طبيعت خراب ٿيڻ تي تو جيڪا معذرت چاهي هئي، تنهن سوال کي مان قبول به ڪيو هو ۽ رُسڻ؟ رُسڻ صرف ان ڳالهه تي جو تو وري به ادهن کي وچ ۾ ٽنبيو هو. مان چيو،

”پل پوڙهو ٺيڪ ٿئي“

تو مختصر جواب ۾ چيو هو،

”ها، پل ادا به تي اچي“

تنهنجو اهو جواب ٻڌي سچ پچ بت تي ڪنڙيون گهمي ويون هيون، غصي وچان پڇيو هئم،

”پلا ادهن جو هجڻ ايڏو ضروري آهي ڇا؟“

ان وقت تنهنجي طرفان جواب آيو هو،

”ها...........“

۽ اها تنهنجي ”ها“ ايتري ته خراب لڳي هئي، جنهن سبب طبيعت نه چاهيو هو وڏيڪ سندءِ آواز ٻڌڻ، تڏهن سخت غصي وچان ڦهڪايو هيم رسيور کي ٽيليفون مٿان، جنهن ڳالهه ئي توکي پريشان ڪري رکيو هو.

اهو ياد ڪر، ان ٽيليفون ڦهڪائڻ ڏانهن اهڙو توجهه تو ان وقت به ڇڪايو هو، جنهن وقت وڪيل دوست جي موجودگيءَ ۾ مان تنهنجو نمبر ملايو هو. مان ملڻ، ملاقات بابت ته ڪونه چيو هو پر تو هرو ڀرو به ان پاسي توجهه ڇڪائيندي ڪلندي ڪلندي چيو هو،

”ڏس جو، ٽيليفون کي ٽا اڇلايو“

مان ٻڌايو هو،

”اهڙين حرڪتن تي تو ئي ته اڪسايو هو، اهو تنهنجو بار بار ادا کي وچ ۾ آڻڻ...............“

ان ”ادا“ لفظ کي ته تو پاڻ واري يار وڪيل سان به ڪيئي ڀيرا ورجايو هو. هن چيو هوءِ،

”ادهن جو ڪم اتي ختم، هاڻي جڏهن اوهان جي گهرائپ ان حد تائين وڌي وئي آهي جو سدائين ٽيليفون جو انتظار رهي ٿو، تڏهن مان نه ٿو سمجهان وچ ۾ ٽياڪڙ جو هجڻ ڪو ضروري آهي. يقين ڪريو اوهان ٻئي هڪ ٻئي کي قبول ته ڪري چڪا

آهيو، هاڻي رڳو رسم افتتاح پوري ڪرڻي آهي، ان ٽيليفون واري وچوٽيءَ ڪي گهٽائڻو آهي.“

تڏهن تون ڏاڍي بود ۾ پرجي وئي هئينءَ، جيڪا سنڌ خوشي مان ڪان بہ لڪي ڪانہ سگهي هئي. تو پوءِ ساڻس قانوني ڳالهيون چوريون هيون، جن جا بہ هن خاطر خواهہ جواب ڏنا هئا. مان چيو هو،

”ڪورٽن ڪي هيون موڪلان، ڪهڙو نہ سنو ٿئي ها، جي سندس موجودگيءَ ۾ اچين ها“

تو مرڪندي چيو هو،

”بس دير ناهي، يڪيون سندن مهمانيون ڪائينداسين“

۽ سي مهمانيون..........!؟ مهمانيون ئي رهجي ويون، افسوس............! جيڪي تنهنجي نصيب ۾ نہ جو اچڻيون هيون سي نہ آيون. پوءِ جو ٽيليفون ڪيو هئم، تہ تو پنهنجي اوسيئڙي بابت ٻڌايو هو. جون جي پنجويهين تاريخ بابت پڇيو هو، جنهن ڏينهن وڪيل دوست ڪي بليو لائن تي اماڻڻ آيو هئس، تو ڏاڍي اُڻ تڻ مان چيو هو،

”اوهان پنجويهين تاريخ تہ شهر ضرور آيا هوندا؟ هن وڪيل دوست ڪي.............“

”ها.............“

تو پوءِ شڪايتي انداز ۾ چيو هو،

”فون بہ نہ ڪيئي.......... مان اهو سڄو ڏينهن فون مٿان مٿو ٻڌيون ويٺي رهيس“

مان پنهنجو ٽيليفون ڪرڻ وارو واعدو ياد ڪندي مرڪي چيو هو،

”ها، پر تو وٽ تہ اسان لاءِ ڪا مٽي چانوَ بہ ڪانهي، جو ڪو ٽڪو ٽُٽو مسافر........ ڪنهن ڳاڙهي يا ڪنهن پوري ڳل تي، ڪٿي تہ هٽجي چڪ مسافر، ڪٿي تہ پيجي ٽڪُ مسافر“

تو پوءِ کلي چيو هو،

چو، ڪوڙ جايون، رڳو دل نہ سوڙهي ڪجي باقي......... ها، اچي وقت...........“

”ان وقت جي اوسيئڙي ۾ تہ مٽي جا وار بہ اچا ٿي ويندا“

مان ڏسندو هئس تون اچن وارن ڪان ڏاڍو گهبرائيندي هئينءَ. جڏهن وڪيل دوست چيو هوءِ،

”اوهان جو ٽِين ايجر عشق تہ آهي ڪونہ، ٻئي عمريون چوڙي ويا آهيو، هن بہ گهٽائي تڙ تانگهيا، اوهان بہ چڱو زماني ڪي ڏنو آهي. هن عمر ۾ هي سڀ ڪجهہ بہ اوهان لاءِ چين جي ديوار سَرِ ڪرڻ ڪان ڪو گهٽ ڪونهي“

تڏهن تون چڙي پئي هئينءَ،

”خير گهرو ادا، ايتري ۾ پوڙهو به ڪري وئين، هِن پاسي ته خير آهي البته اوهان جي دوست ڏانهن سو خير هجي“

هن پوءِ ٻنا ٻنا ٺهڪ ڏيندي چيو هوءِ،

”ايئن نه..........؟ مان به چوان......... مان ڪي ته بس اوهان ڪان اهو چوائڻو هو“

تو سندس عقل کي آفرين ڏيندي چيو هو،

”ڏاڍا ڏاها ٿا ڏسجو، پلا ٿيئو جو وڪيل ماڻهو“

ان بعد مان ڏسندو هئس هر بار تو وٽ اهڙي ڪا گنجائش ڇڏيل هوندي هئي ته مان تولاءِ اچڻ واري پنهنجي ڪوٺ کي ٻيهر ورجايان. پنهنجي ٽيون ڏينهن واري ملاقات کان ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ تائين ته تنهنجي اُڻ تڻ وڌي وئي هئي، تون سڌو ته ڪونه چوندي هئينءَ پر پنهنجي ادا جي واپسيءَ بابت سو ڏاڍو پڇ پڇان ڪرڻ لڳي هئينءَ. هڪ ڏينهن جيئن ئي رسيور کڻي نمبر ملايو هئم ته تو امالڪ پڇيو هو،

”ادا آيو آهي ڇا؟“

ان وقت لڳو هو ڄڻ خواب ئي ادهن جو لهي اٿي هجين پوءِ پنهنجي پل چڪ کي ڪنهن عورت جي مٽي تان سرڪيل پوتيءَ جيان درست ڪرڻ جي انداز ۾ چيو هوءِ،

”اوهان ڪٿان ٿا ڳالهايو؟ مان به چوان ته ادا ته ڪونه آيو آ، جي اچي ها ته پهريان ضرور مان سان............“

”اڄڪلهه ڏاڍو ٿو ادهِن ياد اچئي، خير ته آهي؟“ مان مرڪي چيو هو، تڏهن لڄ وچان چيو هو،

”نه نه اهڙي ڳالهه ڪانهي، اهڙي ڪا تڪڙ به ڪانهي“

تڪڙ توکي هئي يا مان کي پر ڇڳو جو سور به لٿو. ٽيون ڏينهن جڏهن پاڻ ملياسين ته ان ملڻ کان اڳ اوچتو جڏهن ادهن جي جاءِ تي آيس، خبر پئي ته صاحب موصوف ڪراچيءَ کان آيل آهي پر هن وقت ساهرين گهر ٿو رهي. ساهرين گهر ويو مانس، ملياسين، خوش خير عافيت ٿي، هن ٻڌايو سندس گهر واريءَ جي اوچتو طبيعت خراب ٿيڻ بابت،

”اچان ته ڏينهن اڳ ڏينهن پوءِ ضرور ها پر ٽيون ڏينهن اوچتو گهرواريءَ جي ناچاڪيءَ جو ٽيليفون آيو، منهنجي پهچڻ تائين سئو چار، سئو پنج ٽيمپريچر رهيس پيو پر هاڻي الله بچائي جي علاج سان گهٽجي ساڍي نوانوي تي آيو آ. ڪڏهن ڪڏهن وڌي به وڃيس ٿو پر خطري جي ڳالهه ڪانهي، ٽائيفائيڊ اٿس، اينٽي بائيوٽڪ ڪيپسول ڪارائجنس ٿا“

مان چيو،

”چوندا جو آهن ته يورپ ۽ آمريڪا ۾ اينٽي بائيوٽڪ جي منع آهي؟“

هن هڪ سني گار پٽيندي چيو هو،

”مڙئي وينو ٻڌ، آخر بيڪٽيريا جو علاج بيڪٽيريا يعني اينٽي بائيوٽڪ ڪان سواءِ دنيا وٽ ڪهڙو آهي؟ علاج بالضد ئي دنيا ۾ جتي ڪٿي رواج ۾ آهي.“

ايئن ئي ڳالهين ڪندي ڪندي تنهنجو به ذڪر نڪتو هو، هن مرڪي پڇيو هو،
”ڳالهائيندا آهيو؟ ٿي آهي ڪا مائٽياڻيءَ سان ملاقات؟“
مان مرڪي چيو هو،
”واڳ ڏٽي تو وس ميان.............“
”ڳوٺ ۾ ته رنگ ڏيکاريندو آهين، هت ڇو بولتي بند ٿي وئي ٿي؟“
”تون جو ٿئين اهنر ۽ معاملو گهٽو اڳتي وڌي آيو آ، هاڻي رڳو تنهنجي هلو ڪرڻ جي دير آ“
”وري به مان، يار اوهان به الائي ته ڪهڙي مخلوق آهيو، مان ڪي ته وڏا سبق ڏيندو آهين، باقي پاڻ سو............“
ڇوندي ڇوندي هن توساڻ نمبر به ملائي ڇڏيو هو،
”هيلو...........“ ٽيليفون پنيان تنهنجو آواز آيو هو.
”ڪير..........؟ ادا..........!؟ تو انتهائي خوشيءَ وچان چيو هو،
”ڇو ادا مهانگا ٿي ويا آهيو؟“
”اسان..........؟“ هن مرڪندي چيو هو،
”اجا مس مس تو ڪراچيءَ مان پهچان ته پنيان ڪا نه ڪا ٽيليفون ٽڙڪو ٿي ڪري. ڪجي ته ڪجي ڇا. هاڻي به ڪو تڪڙو ٿورئي ٿي آيس پر پنيان زال جي بيماريءَ جو مئسيج آيو، پهچ ۽ بنا دير پهچ، ڇو ته جوٽهين جو اصلي ساهه ٿو نڪري. جاڪون جو تو واري معاملي ڪي هٿ ۾ ڪنيو اٿم تاڪون جو گهر ياتين ڪي هڪ نه ٻي ڇڏي ئي ڪانه ٿي، ڇوري ڪيا ته نه ٿي دعائون دفعا؟“
شايد توبه ڪجهه چيو هو، جنهن تي هن ڪلندي اڪ ڀڇندي چيو هو،
ٻيو ڀلا، جائي نه.......... ها، ڪر حال، ڪهڙا آهن مائٽن جا احوال؟“
تو پوءِ منهنجي شڪايت ۾ چيو هو،
”ڪٿي خبر ئي ڪانهي، تنهن ڏينهن سو هڪ منٽ لاءِ فون ڪيائين، پنهنجي اچڻ جو اطلاع ڏنائين، ٻيهر ڳالهائڻ جو چيائين ۽ ان ڳالهائڻ لاءِ مان سڄو ڏينهن واجهايو پر ياجوڪڙ الائي ڪيڏانهن يجي ويو. شهر ۾ ته ٽڪاءُ ئي نه ٿو اچيس، جي هجيس ڪو هنڌ، ٽڪاڻو، ٽيليفون جو نمبر ته مان ئي ڪيس ڳوليان ڦوليان، هفتو هفتو ڏينهن جو گذري وڃي ٿو پر مائٽ اڳي نه اوري، مان ڪي ته خوف ٿو ٿئي اڳتي............“
”همراهه ڪي ڇڏيو ٿي ڇيڙائي“ هن مرڪندي چيو هو پر تو ساڀيان ۾ چيو هو،
”ڇيڙائي.............؟ جي هن ڪي ايتري ڪاوڙ آهي ته اسان ڪي ايترو آرس آهي، مان آرس به.............“

”آرس............! ذري گهٽ هن ڪان رڙ نڪري وئي هئي، ڇو ته پهريون ڀيرو جو تو واتان اونا ۽ اٽاوا لفظ ٻڌا هئائين،

”تون آرس به نه هارين............ ڇو ڇوري ڏنا تي ڇا ڪنهن مار جا پاڻي؟“

۽ خبر تي تنهنجي ”آرس“ لفظ منهنجي طبيعت تي ڪهڙو اثر ڪيو هو؟ خير هن ٻيهر ڳالهايو هو،

”ڇو توائيءَ ۾ آهين، تي آهي ڇا ڳڙ ٻڙ!؟“

”نه ڳڙ ٻڙ ته ڪانه پر هي انتظار“ تو پنهنجي انتظار ۽ اوسيئڙي واري ڪيفيت بيان ڪئي هئي ۽ هن وڏا وڏا ٺهڪ ڏيندي چيو هوءِ،

”انتظار............ مان سمجهان ٿو، اڳتي لاءِ اوهان کي ايترو انتظار ڪونه ڪرڻو پوندو. بس اوهان جي مٽي جو سُور اڄ ئي لاهبو، ڀلا ڪيئن ٿا پروگرام ڪيو؟ هو همراهه به شهر آيل آ، اڄ، اڄ ته اوهان جو اهو خفو به لاهجي“

تو سچ پچ خفا ٿيندي رُسامي جي انداز ۾ چيو هو،

”خفو............ اهو خفو آهي نه؟“

”مان ته ڪيس جهليو پر هن حجائتو ٿيندي چيو هوءِ،

”نه، خفو ناهي ته ٻيو وري ڇاهي، مڙئي اسان وچ ڪُتيا......... توهان جي لاءِ ته ٿيو مزو پر اسان کي ڇا تو ڦٻي؟“ هن مذاق ئي مذاق ۾ سنڌءِ ڀيڻ ڏانهن اشارو ڪيو هو،

”جاڪون جو مائٽهن سان ڏيٺ تي اٿئي، تاڪون جو ڇئه ته ڏنو تي ڪو چنڊ بابت حال احوال؟ جڏهن به فون ڪڻ ته اهو مائٽ، اهو مائٽ، سو توکي مائٽ الله بخشي ڏي ۽ اسان اڳ لاءِ وري نه............ ۽ هن کي به ڪهڙو ياد رهيا آهيون............“

”ڇو ٿا پرائو نڪر اسان جي سر ڀڄو، پر هن به ڪهڙو اوهان سان پويون ڀير ڏنو، ويچاري ڏهاڙي پئي اوهان جون پڇائون ڪري ۽ اوهان............. ۽ اوهان اڇي ويا شينهن ڪلهي، هاڻي ڪٿي تي اوهان کي ڪنهن جي ياد رهي“

هن پوءِ ڳالهه کي ڪٽائيندي اچڻ جو ٽائيم گهريو هوءِ، منهنجي سخت منع ڪرڻ باوجود، مان هاڻي تڪڙ ڪرڻ نه ٿي چاهي، ڇو ته تنهنجي ان نئين رُخ ”آرس نه هارڻ“ واري جملي مان کي نئين سِر سوچڻ تي مجبور ڪيو هو ۽ ان سوچڻ لاءِ مان کي ڪجهه وقت گهربو هو. ڇو ته مان ته توکي ڏنو هو سدائين منو مرڪندي، مان کي ڪهڙي خبر ته تون اهڙي ڳتي ۽ کهري به آهين، تون اهڙا بازاري لفظ به ڪتب آڻي سگهين ٿي. ان منهنجي منع ڪرڻ باوجود ملاقات جو ٽائيم ٻئي ڏينهن ڏهين وڳي رکيو ويو هو ۽ ڪنهن تي ڄاتو ته هڪ ڏينهن اڳ ۾ ئي ملي ويندا سين!؟ ڪاش اهو هڪ ڏينهن اڳ تون نه ملين ها، ڪاش پنهنجو ڀرم نه ڀڄي ها!!

**پڇان، ڪامان، پڇران، لڇان ۽ لوچان،**

**ٿَن ۾ تونس پرينءَ جي، پيان نه ڍاپان،**

**جي سمونڊ منهن ڪيان، تہ سُرڪيائي هيڪڙي (شاهہ)**

تنهنجي نہ ملڻ تي جيترو پڇيس، پڇريس ان ڪان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ تنهنجي ملڻ تي لڇيس، ڦٿڪيس، ڀڳس، ڀُريس!

دوست تہ ڪافي سوچرايو هو پر مان سوچيو الائي جي ڇو نہ هو............ سچ پڇين تہ مان سوچڻ واري سگهہ ئي وڃائي ويٺو هوس. دوست جڏهن پاڻ واري خبر ٻڌي هئي تہ چڙي پيو هو، مان واري ننڍڙي پارس ڪي پيار ڪندي چيو هئائين،

"اڙي مار پوئي، هھڙا ٻار! سهڻا، سنا ٻار! گلن جھڙا سهڻا ٻار! ۽ توکي ڪپي ئي ڇا جو ٻيهر ٿو پاڻ ٽنگرائين پر مان جهليانءِ، مان ٻڌايانءِ تہ جي اهڙو ڦاهو ڦڪين تہ ٻہ تہ شهر مان تہ نہ ڦڪجانءِ، ڇو تہ اڄڪلهہ شهر ۾ زهر ونندين تہ ان ۾ ٻہ ملاوت ملندئي، مان رهان ٿو شهر ۾، مان ڏنو آهي شهر ڪي"

پوءِ هڪ ڏينهن ادهن ٻہ ذري گهٽ اهڙي ڳالهہ ڪئي هئي. هن ٻڌايو هو اوهان جي آزاد ماحول، بلڪ آزاديءَ ڪان ٻہ چڙواڳيءَ بابت، تڏهن مان ايئن سمجهو هو تہ شايد ساڙ ٿو پچائي، چيو هئم،

"جيڪو ڪجهہ توکي هٿ نہ آيو، سو جي مان ٿو ماڻيان تہ تون سڙين ٿو"

"نہ بلڪل نہ" هن اک تي هٿ رکندي چيو هو،

"ڏس، ڪا غداري ڪبي؟"

"جي اهڙي ڳالهہ تہ ڇو لاتئي گهير ۾؟"

"هرو ڀرو شادي ڇو، دوستي ٻہ ڪا خراب شئي تہ ناهي، ياري ٻہ تہ رکي ٿي سگهجي."

"پر مان توکي ڏوکو ڏيڻ نہ ٿي چاهيو، تنهنجي ويساهہ کي ڀڃڻ نہ ٿي چاهيو، جنهن بنياد تي پنهنجي پريم جي ديوار ٻڌي هئي، مان ان کي ڪيرائڻ نہ ٿي چاهيو.

ان وقت شايد رات جا ڏهہ ٻہ وڄي چڪا هئا، جنهن وقت چاندڪا ٽيچنگ هاسپيٽل پنيان ڊاڪٽر هائوسز ۾ اسان پنهنجي هڪ ڊاڪٽر يار جي دعوت جا مزا ماڻي رهيا هئاسين جو ٻاهران ڪال بيل جو آواز آيو هو. اسان واري ميزبان جو نوڪر وڏي ٻاهرين دروازي تي آيو هو. چند سيڪندن ۾ ساڻس گڏ هڪ ٻيو همراهہ اندر ڪمري ۾ داخل ٿيو هو. هو ڏاڍي جلدائيءَ ۾ هو، ان جلدائيءَ باوجود هو اسان سان مليو، رسمن دعا سلام ٿيو، واقفيت تہ اسان جي ٻہ هيس پر اهڙي ڪا خاص گهرائپ ڪانہ، هو پوءِ پاڻ واري ميزبان کي هٿ کان وٺي ٻاهر ڇڪي ويو، هنن جيڪي سرٻاٽون ڪيون، انهن مان نتيجو ڪڍڻ اهڙو ڪو ڏکيو ٻہ ڪين هو پر پوءِ ٻہ واپس ايندي پاڻ واري ميزبان پنهنجي مهمانداريءَ جو حق ادا ڪندي پڇيو،

"موڊ هجي تہ، ڪنهن مائيءَ جو درشن ڪجي؟"

تڏهن مان کان اڳ ئي ادهن چيو هو.

”خير جي ڪم ۾ ڪا دير، پر ڪيئن!؟“

”همراهہ آهن ڏاڍا خفتي، ٻہ مايون هٽي آيا آهن.“

”سڃيون ساريون ٻہ.........!؟ ڪيئن...........؟ ڪٿان.........؟ آءُ ويهہ تہ“

”ها، پر هو گاڏيءَ ۾.............“

”اڙي وڃ بابا، اسد ڪي چئہ تہ وٺي ٻنهي کي ڪمري ۾ ويهارين“ ميزبان پنهنجي خدمتگار کي حڪم ڏنو هو، جنهن پنيان هو ٻاهر نڪري ويو هو. هن همراهہ پوءِ ٻڌايو هو،

”مان ۽ اسد پرسڪون ريسٽوران جي لان ۾ ويٺا هئاسين جو پري کان هڪ رڪشو سمبارا اِن واري روڊ کان ظاهر ٿيو. رڪشي جو رُخ گهنٽي ڦاٽڪ ڏانهن هو، جڏهن اسان وٽان لانگهائو ٿيو تہ اسد اک هنئي،

”پڪ ئي پڪ ويڪائو مال آهي“

پوءِ تہ اسان بہ لاتيسين گاڏي پنيان، مزي جي ڳالهہ، بولان ميل بہ ڪا اچڻ واري هئي چو تہ ان وقت ڦاٽڪ بند هو، اسان پاڻ واري گاڏي او هيئنءَ رڪشي برابر اچي جهلي، مان ڪليل شيشي مان ئي چيو،

”لهو“

هڪڙيءَ مرڪي چيو،

”ڪو واقف؟“

چيم،

”اسان سان بہ اهڙا ليڪا“

ايئن ڪندي اسد بہ چشمي جا شيشا صاف ڪندو ڪمري ۾ آيو. دعا سلام ٿي، ادهن سان ڏاڍي اُڪير مان مليو.

”آءُ جاني........... تون وري ڪڏهن ڪان؟

”بس رات ئي پهتو آهيان“

”پڙهائيءَ جو ڏي احوال ۽ يار اوهان تہ مزن ۾ آهيو، ڪراچيءَ جو حسن، ڪراچيءَ جون رنگينيون، هت هالو چالو نرس بہ اسان لاءِ مرشدياڻي لڳي ويٺي آهي“

”هاڻي ڇڏيو احوالن کي، اهي ڳالهيون پوءِ جون، وري پرايون مايون پهچائڻيون بہ .............“

عبدالهاديءَ جي اهڙي تڪڙ تي ادهِن پڇيو هو،

”ڪر خبر تي وڃن بہ بہ هٽ؟“

مان چيو هو،

”اڙي يار ڏٻرن ڏاندن تي پلا کهڙي شرط“

”گوءِ جو ميدان تہ اجا پري آ، تو هاڻي ئي سستي لڪائي آ“

ميزبان بہ مرڪندي اهڙي آڇ ڪئي هئي.

”جي هجي موڊ تہ............ سچي........... سنگت سان ڪهڙا حجاب“

”ڇڏيو غريبن کي تہ پنهنجي محنت جو ڦل کائڻ“

عبدالهاديءَ چيو هو،

”بابا اسان تہ ٿياسين عوام جا خدمتگار“

”چڱو، اڳ اوهان ڇڪيو پوءِ پاڻ بہ پنتي ڪونہ رهنداسين“ چوندي چوندي مان بہ اٿي پيو هئس. ايئن ئي مرڪندا مشڪندا ان ڪمري جي دروازي تي آياسين، جنهن ۾ هڪ ٻيءَ مائيءَ سان گڏ تون بہ سلهاڙي ويٺي هئينءَ، اسان مان اڳ ۾ ڪير هو؟ ڪنهن تي تنهنجي پهرين نظر پئي جو، تون منهن ٻئي طرف ڪري پاڻ لڪائڻ جي ڪئي هئي؟ مان تہ توکي ڪين سڃاتو هو پر تنهنجي ان ادا تي مرڪي ڏنو هومِ، ان وقت ادهن جيڪو پيئڻ ڪائڻ جو رند ليکيو ويندو آهي سو پنهنجي رندي ڏيکاريندي تنهنجي سرتيءَ جي مُک کي ڇهندي تو مٿان آيو هو، تنهنجا هٿ سندءِ ڇهري تان هٽائي توکي ڇتائي ڏنو هو، تنهن بعد،

”ذليل، ڪميني...........“ چوندي، تنهنجي ڇهري تي گهروڙي بجو ڏنو هئائين ۽ پوءِ تڪڙو تڪڙو ڪمري مان نڪري ويو هو. سڃاتو تہ تو بہ ڪونہ هو، تڏهن تہ تڪڙ ۾، شال اوڍيندي غصي مان وڦلي پئي هُئينءَ، تنهنجي ان وقت واري ڪيفيت جي تہ ڳالهہ ئي ٻي پر اهو سچ آهي مان کي تون ڏاڍو وڻين هئينءَ. نڪ ڊگهو، چپ سنها، جسم پورو، هڏ ڪاٺ سان، ڪونج جيان ڊگهي ڳچي، هندستاني فلمن جي هيروئن نوتنِ جهڙا پار پتا، تنهنجي ان تڪڙ ۽ ابهري معاملي کي نہ سمجهندي بہ تنهنجي سرتيءَ ۽ منهنجن يارن توکي ڏاڍو روڪيو هو. ان ريڙهہ پيڙهہ ۾ جيترا دفعا تنهنجو آواز آيو هو، اوترائي پيرا مان ڪنايو هو. مان ڇرڪ پريو هو، مان کي اهو آواز ڄاتل سڃاتل لڳو هو. سچ پچ منهنجي دل ان وقت ٻولايو هو، اها تون آهين........... تون ئي آهين............!! تون ئي تہ هئينءَ!!

# هن بنگلي ۾ هن بنگلي ۾......!!

ههڙي بي عزتي............؟ ههڙو مُٺ ۾ ساهه..........؟ آخر، آءٌ هت ڇا لاءِ پيو ڳهان، هِت منهنجو ڇا؟ ڪهڙا ڪارخانا، ڪهڙي جائداد“ هي بنگلو، هي پلاٽ، منهنجو ڪهڙو حصو پتي؟ اُهي ۽ اهڙا سوين سوال منهنجي مٿي ۾ ڦرڻ لڳا. مان قريب سٽل زال ڏانهن ڏٺو، جيڪا دپ ۽ ڪاوڙ وچان پنهنجي اٺن مهينن جي ڌيءُ کي ڪڪڙ جيان ڪوڙي ۾ لڪايون، اکيون ڇت ۾ اٽڪايون نه ڄاڻ ڪهڙن ويچارن ۾ ورتل نظر آئي. ڪيئن به پر ماحول ڏاڍو ڳنڀير هو. هن پاسو بدلائيندي پنهنجي ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو،

”نه، نه هت مان ڪانه رهنديسانءِ ۽ تون به........... ڇڏ پنهنجي صاحب کي، ٻڌاءِ پنهنجي صاحب کي، مان کي، مان کي هن بنگلي ڪان سخت نفرت آهي ۽ تو واري صاحب ڪان به“

مان ڏٺو هن جي لهجي ۾ نفرت ۽ خوف پريل هو، هن جي دل تي جيڪو بار هو، سو لاهڻ لاءِ بي چين هئي، تڏهن به مان ڪيس منع ڪئي.

”نه، نه ايئن نه چئه، ايئن نه ڳالهائبو آهي صاحبن لاءِ“

”ڇو ڪونه ڳالهائبو آهي“ هوءَ وڌيڪ بگڙي پئي، ”ڪاٽيون ريهاٽيون ڪيينس نه تون ڪيينس، مان ڪلو به نه هٽانس“

”مار پَوَئي خدا جي هوش ڪر، هوش ڪر، اڄ ڏسين ٿي ڪنڌيءَ کي به ڪن آهن، ٿي نه پوي ڪا اُبتي سبتي“

”پر مانڪي نه ٻڌاءِ“ هن ڪاڪڙي تي زور ڏنو، ”پرائي بزڪري ڏيندي ڏيندي عمر برباد ڪيئي، ڪهڙو سُک ورتوسين، اهي نوڪر جا نوڪر“

مان وڌيڪ ٽِيڪي ۾ پوڻ ڪان پاڻ پالهو ڪندي پر ۾ سٽل ننڍڙي پٽ جي مٿي تي هٿ ڦيريو، جيڪو ٻليءَ جي ٻلونگڙي جيان اجا سوڙو منهنجي ڇاتيءَ سان چنبڙيل هو. مان ڏٺو اجان تائين خوف ۽ هراس مٿس ڇانيل هو. سندس سينو تنبوري جيان وڄي رهيو هو. ان وقت گهڙيال تي نظر وڌم، رات جا تقريبن ٻه ٿي چڪا هئا. زال کي چيم،

”ڏسين ٿي وقت ڇا ٿيو آهي، اٿ، اٿ بلب وساءِ“

”ها پر مان ڪانه ترسنديسانءِ“

”موکي ڇو ٿي دل لاهين، يا نه اچڻ لاءِ به اچاتري يا نه...........“

”ها ها........... مان کي هن وقت، هن گهڙيءَ ڳوٺ پهچاءِ، ههڙيون بي عزتيون، ههڙيون تاديون، مان ٻاهه ڏيانس ڪهڙيءَ ڪاريءَ ڪاڏو مان کي جو هن بنگلي ۾ آيس“

هوءَ هاڻي زبردست بغاوت تي لهي آئي هئي. مان ڄاتو ته هوءَ حق تي آهي پر هن وقت، هن گهڙيءَ........... ڪهڙي منهنجي حيثيت؟ ڪهڙا رعب هلايان. نوڪر، ٻن پئسن جو غلام ۽ غلام جي به پنهنجي ڪا مرضي!! چيم،

”پاڳل نه ٿيءُ، سچ ته ايڏو ڏي، صاحب سان به ته وات ٽڪاڻي ڪيان“ مان ڏنو منهنجي ڏڍ ڏيڻ تي به هن جي چتڪتائي ڊيري ڪانه ٿي، هن جي چتڪتائي ته ڊيري ڪانه ٿي رهندو منهنجي چتڪتائي وڌي وئي. ايئن لڳو ڄڻ زال گڏ هاڻي هاڻي مانکي به چتي ڪتي چڪ پاتو هجي!

”چئه پنهنجي صاحب کي، ٻڌاءِ پنهنجي صاحب کي“

اهي اهڙا ته اُڏام جيوڙا هيا جيڪي منهنجي رت ۾ ملي جسم ۾ ڊوڙي رهيا هئا. وڦلي پيس،

”پينسان چري.............. ڪهڙي خبر ڪيس ته مان ڪهڙا نه ڪشالا ڪاٽي سندس گڏ رهڻ واري فرمائش پوري ڪئي ۽ هاڻي وري، ڪونه رهنديس.......... ڳوٺ پهچاءِ.......... نفرت آهي........... ڪهڙو سُک ورتوسين!!؟

مان کي ياد ٿو اچي جڏهن صاحب جيل جهليل هو ممي پيڪاڻي، تڏهن هڪ ڏينهن جڏهن مائٽ ڳوٺان ڪنهن بيمار کي ڪٽائي اچي بنگلي تي پهتا هئا ته اصلي ڪُتي نه ٿي پُڳي. مائٽياڻين سان ڏاڍيون ڊاڙون ڊچون هنيون هئائين، وڏي فخر سان پئي چيائين،

”ادي، هت ته بس مزا ئي مزا آهن، قسم خدا جو نويڪلو بنگلو، سُنا اوچا ڪاڏا، ڪارين، جيپن جا چڪر، اديءَ کي چوان شهر بازارون گهمڻ جا مزا، بس مان چا ٻڌايان...............!!“

ٻيو ته الائي ڇا ڇا چيو هئائين پر اهي لفظ ته مان پنهنجن گنهگار ڪنن سان ٻڌا هئا ۽ وري شاديءَ واري رات ئي واعدو ورتو هئائين،

”ڪراچي گهمائيندين نه؟ پاڻ سان گڏ رهائيندين نه؟............ نه، نه مان مان هت اڪيلي رهي ساهيڙين جا مهڻا ڪونه سهنديس، اهڙي، اهڙي ته ڇڏ صاحبن جي نوڪري، بڪ هت به ڪونه مرنداسين............ پر مان ڊاڙ هنئي آهي، هان، هان وني هلندين نه، پاڻ سان گڏ ڪرائيندي نه ڪراچيءَ جا سير؟ رهائيندي نه پاڻ سان گڏ؟“

هن جو انگل ته پنهنجي جاءِ تي پر پرڻي ڪان اڳ ئي بابا چيو هو،

”پٽ صاحب وڏو اوئين توسان راضي پازي آهي، ڪرينس ڪو سوال شاديءَ کان پوءِ ٻار پاڻ سان گڏ رهائڻ جو“

۽ سهرو ته اڳ ۾ ئي تقريران ڪرڻ لڳو،

”ٻچا چوندا آهن، رن ران سان، گهوڙي لغام سان........... سو چڱو پڇئي ته جاتي پاڻ اُتي زال، متان پنيان ڇڏيون وڃين ته پوءِ رنون وڙهي وڙهي ڊينگو ڊيري تي پون ۽ پوءِ وتو پيءُ پٽ چينهرا شبيرا ڪرائيندا“

۽ اڄ............ اڄ جي ڳالهه ته پوءِ جي پر مان پنهنجي ڳالهه ڪريان، پنجين جماعت پڙهندو هئس جو هڪ ڏينهن وڏو صاحب ڳوٺ آيو، آيو به ايامن ڪان پوءِ هو. بين ماڻهن جيان بابا به صاحب سان ملڻ هليو، ساڻ مان کي به ڪنيائين. مان ته صاحب کي پهريون ڀيرو ڏٺو، مان کي ته صاحب ڏاڍو چڱو ماڻهو نظر آيو، ننڍي صاحب جهڙا ته ويهان لهي. صاحب بابي سان ڏاڍو حجائتو ٿي مليو.

"آءُ ڙي منهنجا يار غلام الله خان............"

بابا ڊڪي وجي پيرن تي ڪري پيس، صاحب وڏي ڪيس ياڪر ۾ پريندي مرڪي چيو،

"نه، نه ايئن نه، ايئن نه"

وري بابا هيٺ منجليءَ تي ويهڻ جي ڪئي، پوءِ ته صاحب وڏو صفا چڙي پيو هو،

"اڙي............!! تون ننڍڙي جو يار، تنهنجا به اهڙا ليکا چا، مان ڪو رئيس وڏو آهيان، اٺ، اٺ مٿي ٿي ويهه"

مان کي اڃان تائين ياد آ، بابا هٿ جوڙيندي نيازمنديءَ سان چيو هو،

"صاحب اسين ٿياسين راڄ، اسان جو ڪو اوهان جي جُتيءَ ۾ پير پوندو"

"اڙي هاڻي چڏ پيٽون، اٺ، اٺ" ۽ پوءِ منشيءَ کي سڏيندي چيو هئائين،

"غلام الله کي ڪرسي ڪڍائي ڏي"

بابو ويهي چا صفا پڙُ ڪدي بينو،

"اها ڪنهن جي ڳالهه باشاهن سامهون............"

پر پوءِ بين ڪيترن ماڻهن جو اچي ورايس، تڏهن مس مس وينو، سو به ڪرسيءَ تي نه، مان کي ٻانهن کان وٺي هلي اچي ڪٽ تي وينو."

ابوءِ........... ماڻهو ته صاحب وڏو ٻيو مڙئي ڪوڙ، ڪاٿي آهن اڄ اهڙا ماڻهو، وڏي صاحب لاءِ ته اڄ به مشهور آهي، پائين،

"صاحب وڏو جڏهن ڳڙيءَ چڙهيو، اها سندس پڙهائيءَ واري زماني جي ئي ڳالهه آهي. سندس والد رئيس شاهنواز خان منجهس رئيس ٿيڻ واري چوس وجهڻ چاهي هئي. هڪ ڀيري منشي ساڻ ڏئي ٻنئي ڪرڻ واسطي ديري تي موڪليائينس، ٻنئي وري چا..........! سنئين راند سوتي جي، ٻيڙي ٻڌي ڪوٽي جي، منشين جي نه ڏنائين پريل ٻندين ۽ ڪارن اکرن کي ۽ ٻيا حساب ڪتاب، تويا، ٽبڻا ڪديائين ڪڙمين جا قرض، تقابيون ۽ ڪٽتون معاف ڪري اَنَ جي اڌو اڌ ٻنئي ڪري اچي گهر نڪتو. سندس اهڙن ارڪانن کي ڏسي وري نه ڪڏهن رئيس وڏي ٻيهر ٻنئيءَ تي موڪليس. چي،

"پُٽ، توکان وڏيرپ هلائڻ ڏکي!"

رئيس شاهنواز لاءِ ته اهو به مشهور آهي پائين،

”اڄو ان پٽيءَ تي، جڏهن سندس لاءِ گار هو، ٻٽئي ڪنئي ڪان پوءِ ويچاري هاريءَ کي سڪٽو بوڇڻ ڪلهي تي، ٻارهو ئي رئيس جو ڀيجهو، باقي ڪڙمي وري اهڙا سياڻا جو ڪُڍي ڪاڍاري، پونجن پڙن بهاني پنهنجي وروءَ جيترو اَنُ، پلال ۽ ٻُھ جي ڪرن ۾ لڪايو ڇڏين ۽ پوءِ لپ چڪو ڪري گاڏيءَ جي منجي ۾، مٿان پلال، ٻُھ، هينان هٽي ايئن پيا پورهيو ڪندا هئا.

رئيس شاهنواز خان رعايا مٿان پنهنجا قاعدا، قانون زوريءَ مڙهيندو هو ۽ جيڪو بہ چون چران ڪندو هو ان کي ڳوٺ ڇڏڻ جو حڪم ڏيندو هو. اڃا بہ ڪنهن سُستي ڏيکاري تہ سندس سڀ الھ تلھ ڦري رئيس جي گودام ۾ جمع ڪرائي ڪيس لتون، مڪون هٽي بي عزتو ۽ بڇڙو ڪري زمين تان بي دخل ڪيو ويندو هو. پوءِ زمين تہ زمين، جاءِ جو سڀ سمورو سامان ڪاٺ ڪِلو، ڪڇيون پڪيون سِران رئيس جي ملڪيت، پٽ تہ هونئن ئي رئيس جي اختيار ۾. ايئن ئي ڪيترائي خاندان تڙجي ويا، ڏتڙجي ويا، پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي پرديسي بنجي ويا ۽ وري نہ تن جو ڪو پتو ڪرو لڳو!!

رئيس جون دائمي بيگرون ۽ ٻيا حق خلق خدا مٿان بدستور قائم رهيا. ايئن ئي هن ڳوٺ جا مسڪين ۽ بي پهچ انسان رئيس آڏو گهاٽي ۾ ٻڌل ڍڳن جيان ڏينهن رات وهندا ۽ ڀُهندا رهيا. رئيس جي حڪم سواءِ سندس ڳوٺ ۽ جاگير ڇڏي نہ ٿي سگهيا.

رئيس زندگيءَ جا سڀ ڇيڙا نبيرا ڪندو، ماڻهن ۽ شين تي حڪم هلائڻ جا سڀ سمورا اختيار رکندو. ٻُڌڻ ۾ تہ اهو بہ اچي ٿو تہ هِن خاندان کي پنهنجا جيل هوندا هئا، ماڻهو ويچارا ڪاٺ ۾ واڙيا ويندا هئا! ماڻهو سوريءَ چاڙهيا ويندا هئا!

رئيس جي جاگير مان پکي، پُرنج ۽ هرڻ ڦاڙهو يا ڪو ٻيو جانور مارڻ جي منع! رئيس سڳوري جي سواريءَ آڏو اچڻ جي منع! رئيس جي ٻارن لاءِ اُنن جا ڪجاوا ۽ ڍڪ گاڏيون، رئيس جي سواريءَ لاءِ اُٺ، گهوڙا، مافعا ۽ هندورا ۽ ماڻهن جي ڪلهن تي رکيل ڏوليون. انهن سيني ساھ منجهائيندڙ، رت سڪائيندڙ مصيبتن سان گڏ رئيس جون خون چوسيندڙ بلائون، ڪاراوا، ڪمدار ۽ منشي مڙا هر وقت مُنڪر نڪير جيان ويچارن عام ماڻهن جي ڪلهن تي سوار!!

رئيس جي پوئين ٽائيم ۾ هندن جي هندستان لڏ پلاڻ وقت ڪنهن هندوءَ ڳوٺ جي غريب علي خان تي پنج، ست جريب زمين جو ڪو ايشپو ڪيو. هندوءَ پاڻ لڪائي پڙهائي دستاويز ڪري ڏنس. پئي جو خبر رئيس کي تنهن ڪچو پڪو فصل لُٽائي زمين تان بي دخل ڪري ڇڏيس. جڏهن جو علي خان بہ قرآن کڇ ۾، نياڻيون ساڻ ڪري بنگلي تي نڪتو تہ رئيس مرحيائت صفا آپي مان نڪري ويو، قرآن ڪسائي بنگلي ۾ رکرايائين، علي خان کي بڇڙو بي عزتو ڪري ڳوٺ ڇڏايائين.

رئيس جي پيٽ ۾ سندس پٽ صاحب وڏو وري ڏاڍو قربائتو ۽ سيبائتو نڪتو. صاحب وڏي ڪان موڪلائڻ مهل صاحب پڇيو،

”غلام الله خان هي نينگر ڇا ٿيئي؟“
”صاحب پٽ آهي“ بابا چيو. جنهن تي صاحب دلچسپي وٺندي مرڪي چيو هو،
”اڙي جائي ڪر خبر گهڻو اولاد ٿئي؟“
”صاحب ٽي پٽ ٻه نياڻيون“
”چڱو ٿيو، چڱو ٿيو، اهي ٻه گنج آهن“ صاحب خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو هو،
”ڀلا ڪو پڙهيو يا سڀ پنهنجي پيڙهيءَ تي؟“
”صاحب پهريني تہ پڙهيو ڪونہ، سو تہ پاڻ سان گڏ پوڪي راهيءَ ۾، خدا جي قدرت ٻيو تہ مورئون اسڪول ئي نہ ويو ۽ اجهو هي ٽيون ساماڻو آهي، جيڪو پنجون درجو پڙهي پيو.“
”پڙهائينس، پڙهائينس، پڙهڻ ڏاڍو چڱو آهي. ڏسين ٿو اسان کي، انهن ٻن اکرن هن مانيءَ رسايو آهي نہ تہ جيڪر..........“
”ها پر صاحب اڳتي جا خرچ ڏاڍا اٿاوا آهن“ بابي لاچاري ڏيکاريندي چيو هو،
”اسين غريب ماڻهو ڪونہ ٿا پڄي سگهون، اجايو جو وينو ايمان ٻوڙيان، بس اهي پنج پڙهي پيو تڏي ٻہ گنج ٿيو، پڇاڙيءَ پير سوجهرو تہ هوندس“
صاحب وڏي پوءِ ڪا گهڙي مان کي گهوريندي (مان کي اڄ بہ سندس اها گهور ياد آهي) ۽ پوءِ افسوس جو ساهہ کڻندي کيسي ۾ هٿ هنيو.
”غلام الله پڙهڻ ڏاڍو چڱو آهي...........“ صاحب مان کي پنج روپيہ خرچي ڏيٽا ڪيا، جيڪي بابا وٺڻ ڪين ٿي ڏنا. تڏهن صاحب چيو،
”ڇڏينس، ڇڏينس مان پنهنجي رضا خوشيءَ ٿو ڏيان“ ۽ پوءِ ڪجهہ سوچي چيو هئائين،
”غلام الله نينگر مانکي ڏي تہ پاڻ سان گڏ ورتيون وڃانس، مڙئي تنهنجي گهر جو بار هلڪو ٿي پوندو، پر جي ادا پڙهائينس تہ خرچ ڏيڻ لاءِ مان تيار آهيان.“
”صاحب اوهان جا لک لک ٿورا“ بابي جو احسانمنديءَ جي بار سبب ڪنڌ هيٺ ٿي ويو هو، تڏهن چيو هئائين،
”صاحب واريءَ جو پنڌ آ، اسان ٽڪجي پئون الائي اوهان، تهان جي هيءَ ئي عزت اسان لاءِ ڪافي آهي.“
ايئن ئي صاحب کان موڪلايوسين، گهر آياسين، بابا امان سان صاحب وارو سربستو احوال ڪيو، امان صفا پِڙُ ڪدي بيٺي،
”اهو سون ئي گهوريو جيڪو ڪن چني، مان کي پيٽ ڄڻيو آ ڪو لٿو ٿورئي اٿم جي کُهجي پيو آهين، نٿو پالي سگهين تہ پوءِ ٻڌائين ڇو نہ ٿو.“
بابي ڪيترائي سبز باغ ڏيکاريس، گهڻيون ئي لالچون ڏنس،

”تو، اسان ڪان سُکيو ٽُڪر کائيندو، پاڻ جيڏن ڪان چڱو پهريندو، پائيندو، ڪنهن جي محتاجي ڪانہ ٿيندس، صاحب ڏاڍو سنو ماڻهو آهي، صاحب گهٽ ڪونہ گهرندس. شهر ۾ رهي شهري ٿي پوندو، چڱن جي صحبت ڪيس چڱو بڻائيندي، نهيو ٽُڪيو، پَهريو سَهريو جيپن ڪارن تي چڪر ڪائيندو، ڪاراچي ڪو معمولي شهر ٿورئي آهي، ڪاراچي ڪا هٽ ٿورئي آهي، ڪاراچي ڏسندو، ڪاراچيءَ جون بزارون گهمندو، ڪيل تماشا ناچ گانا ڏسندو ۽ هٽ چاهي..........؟ .......... مان پانئيان ٿو جيڪي سي چار ڪوڏيون اسان ڏانهن بہ مُنجندو.“

پر امان چوي،

”اها ڪنهن جي ڳالهہ، سوگهو ڪر اهو سڀ ڪجهہ مان تي پري، پرديس تي معصومڙو ڪيئي ڏيان“

سچ پچ مان بہ دل هٽي ويس پر اهڙيون ڳالهيون ٻڌي گلَ سَڙيي مان واري پاءُ جي دل هِرڪي پئي،

”بابا مان تو وجان صاحب وڏي ساڻ، هت اُس ۾ مال چاري چاري گل ٿي ڪري وئي آهي، ڇُٽي پوندس ههڙن ڏوجهرن ڪان“

پر پوءِ بابا هينيون مٽيون ڏنيون تہ مان بلڪل تيار تي ويس، صاحب جيترا ڏينهن ڳوٺ رهيو، اسان جي گهر ڪروڌ ۽ پندڻ رهيو. ايسيتائين جو صاحب پاران بنگلي تان سڏ آيو تہ زڪوات جا لٽا ڪپڙا ۽ روڪ پئسا وٺي وجو تہ امان اوڏانهن بہ نہ وئي، جڏهن تہ ڳوٺ جون ڪوڙ ساتريون مايون ڊُڪنديون پڄنديون ويون.

۽ آدم سِرُ الاهي آ، انسان ڏاڍو نِرجو آهي، پيٽ بہ کهڙا نہ ٿو ڪشالا ڪرائي. نيٺ روئي رڙي بابي، امان ۽ ادن ڪان موڪلائي وجي صاحب جي گاڏيءَ ۾ وينس، ان ڳالهہ کي اڄ چوڏنهن سال ٿي چڪا آهن. اڄ ٿو سوچان، ڪنهن چيو پئي ڪراچيءَ ايندس!؟ هن بنگلي، هن ماحول ۾ پلجي، نپجي، نوڪري چاڪري ڏيندي ڏيندي وڏو ٿيندس ۽ آخر ۾ خوار خراب ٿي نڪرندس!!

مان پانئيان ٿو اڄ منهنجي عمر پنجويهہ ڪن سال ٿيندي، جڏهن تہ نون سالن جي ڄمار ۾ هتي هن بنگلي ۾ آيو هئس. ان وچ ۾ ڪراچي صاحب وڏي يا ننڍي سان گڏ سندن بنگلي ۾ رهندي ڪيتريون ئي وڏنڊڙ اڻ وٽنڊڙ ڳالهيون تي گذريون آهن، جن جي جيڪڏهن پُڇ ڪي وٺبو تہ ويندين اينگهنديون، ڊگهيون ٿينديون، ان ڪري وٽ ڪم جي ڳالهہ ڪي، اڄ وڏو صاحب ڪونهي، صاحب وڏي جا ملائڪ تا ٻڌن، اسان جو بہ پنڌ اوڏانهن آهي، ڳالهہ انصاف جي ڪبي تہ صاحب وڏو پنهنجي سِرِ ڏاڍو سنو هو، وڏو خدا ترس، ديندار، حق پرست، ڪل مک ۽ ملنسار هو. نہ رڳو وڏو صاحب پر سندس بيگم صاحبہ جنهن کي اسان سيئي نوڪر ممي ممي ڪري ڪوٺيندا آهيون سا بہ ڏاڍي سياءَ واري، پل چڪ معاف ڪندڙ، کهل ٻاجهہ آٽيندڙ، اسان نوڪرن کي پنهنجي اولاد وانگر پائيندڙ.

وڏو صاحب پاڻ هڪ وڏو انجنيئر هو پر ڪيس ٻيا ٻه ڪوڙ ساترا ڏنڌا هئا. هڪ هوٽل جيڪو نيڪي تي، هڪ اڏاوتن جي ڪمپني. ڪجهه سالن ۾ اڪيلي ۽ سڪيلڊي پٽ ڪي ولايت پڙهڻ لاءِ موڪليائون. گهر ۾ بس اسان نوڪر ۽ پاڻ ٽيئي ٻه سِرَ. مان سان تہ سندس ٻنيهه دليون هيون، او اصلي عيد براد تي ٻه ڳوٺ موڪل ڪونہ ڏين، البتہ پئسو ڏوڪڙ سو منهنجي مائٽن ڏانهن يا مان کي ڪوڙ ڏين. وري صاحب ڪنهن قضاني جي ڳوٺ سنبري تہ مميءَ سان گڏ مان کي بہ ساڻ وٺي هلي. منهنجي عزت، لٽو ڪپڙو، نٽ نانگر ڏسي نہ رڳو ڳوٺ جا ٻيا ٻار پر منهنجا پنهنجا پائر بہ پيا ريس ڪن، ”بخت ............ پيڻ جو ڪوري بہ ڪلارڪ ٿا ٿين، ها ادا ڪر مزا، اسان جي ڀاڳ ۾ هئا جو ٿاپا لکيل“

خوش بابا بہ ڏاڍو هو، ڇو تہ منهنجي موڪليل پئسن مان دڪاندار جو قرض سندس مٿان لهي پوندو هو. بس ڏکي هئي تہ هڪ امان هئي، حالانڪ هن کي خبر هئي تہ مان صاحبن وٽ ڏاڍو خوش آهيان. ڪا ڳُٽي ڳاراٽو ڪونهي ۽ نہ ئي اهڙي ڪا گهٽي محنت مشقت ڪرٽي تي پئي، پر جڏهن بہ ڳوٺ اچان تہ امان اصل پاڪر ڪدي ئي ڪونہ، روئي روئي جو اصلي راهہَ پاٽين جا، پرچائيندي ٿڪجي پئون.

بنگلي جو ماحول ڏاڍو مانو ۽ سنجيدو. ان ماني ماحول ۾ اوچتو ڦيرو تڏهن آيو، جڏهن ننڍي صاحب جا ولايت مان موٽڻ جا سانباها ٿيڻ لڳا. ان ڏينهن بنگلي ۾ وڏو هنگامو ٿيو. پاڙو پنبو، اوري پري جي ڏيٽ ويٽ وارا وڏا وڏا ماڻهو اچي ڪنا ٿيا. ان ڏينهن صاحب وڏو ۽ ممي ڏاڍو خوش هئا. ڇو تہ سندن اڪيلو ۽ سڪيلڊو پٽ ولايت مان وڏا وڏا امتحان پاس ڪري وطن موٽيو هو. خوش اسان نوڪر بہ ڏاڍو هئاسين، وڏي واڙي لڳي ڀاڳ، ٻيو نہ تہ عيد براد، وڏي ڏڻ، وار تي وڏي صاحب ۽ مميءَ ڪانسواءِ هڪ ٿيون ماڻهو بہ ڪيسي خرچي ڏيندو، ولايت جي سوکڙين پاڪڙين سان نوازيندو. نوجوان صاحب نون خيالن، نون نظارن بابت احوال ڏيندو، اوري پري سڄي شهر جا سير سپاٽا ڪرائيندو. گهر ۾ ناچ گانا، ٽي وي، وي سي آر، مزيدار محفلون مچائيندو. پر ٿيو ايئن نہ، جيئن اسان سوچيو هو. ٿيو ايئن جو ننڍو صاحب وڏي صاحب ۽ مميءَ جي بنهہ اُبتڙ طبيعت جو نڪري پيو. ننڍو صاحب ڇا آيو، اسان نوڪرن لاءِ ڄڻ قيامت آئي. سندس اهڙا نٽ نخرا ۽ الٽا سڌا سوال جواب جو اسان نوڪرن جو تہ اصلي دم نڪري ويو ننڍو صاحب طبيعت جو رکو، سخت، شوم، آدم بيزار، تنهائي پسند، سخت هوڏي، اسان رات کي ڇئون رات تہ هو چوي ڏينهن. هڪ ڏينهن سڏي چيائين،

”اڙي ڇورا، هي پکو ۽ بلب هڪ ئي بٽڻ تي ڪيئن ٿا هلن؟“

”فٽنگ دوران مستريءَ هڪ فيوز تي بہ ڪنيڪشنون رکيون هيون“ ڊڄندي ڊڄندي چيم، جنهن تي ننڍو صاحب ڏاڍو چڙي پيو.

”ايئن ناهي، ايئن نہ ٿيندو آ، هڪ فيوز تي پلا ڪي بہ لائينون بہ هلنديون؟“

۽ مان چپ، صاحب ننڍو ڪنجوس بہ هڪ درجي جو، ليڪي چوڪي جو ڏاڍو پڪُو، اصلي پائي پائيءَ جو حساب وٺندو. فوٽو اسٽيٽ ڪاڳر لاءِ هڪ روپيو ڏيندو تہ پنجاھ پئسا بہ واپس وٺندو! ڪڏهن ڪڏهن سندس غير حاضريءَ ۾ سندس ئي ڪمري مان ٽيليفون ڪندس. هن کي اها ڪا خبر پئجي وئي. پوءِ جي ٻاهر وڃي تہ فون جو ڊائل ڪڍيون وڃي. مان وري فالتو ڊائل هٿ ڪيو. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ ڊائل ڪڍڻ ڇڏي ڏنائين. هڪ ڏينهن اوچتو سندس سڏ ٿيو گهرائي دبڙاٽ پٽيائين،

”ڏسِ ڪمينا، ڪنهن سان ڳالهائيندو آهين؟ ڪيڏانهن فون ڪندو آهين؟“

منهنجا تہ وائيسر ئي ڍلا ٿي ويا، ڪچان تہ ڪچان ڇا؟ هيٺ ڪنڌ ڪري بيهي رهيس. پوءِ جو جاچ ڪريان تہ ڪمري ۾ آٽو ريورس ٽيپ رڪارڊ آن لڳو پيو آهي. پوءِ تہ مان بہ ڪنجي لاٽو مانس.

اسان پئي خوش ٿياسين، صاحب ننڍو ولايت مان پڙهي موٽندو، ڏاڍا مزا وٺرائيندو، گهمائيندو، ڪارائيندو پر هت تہ معاملو ئي الٽو ٿي پيو.

ايئن ئي وقت ويندو رهيو، ڏينهن گذرندا رهيا، مان ڪافي وقت تائين ڳوٺ ڪونہ آيو هئس ان ڪري صاحب وڏي کان اجازت وٺي ڳوٺ آيس. دل ۾ اهو ئي خيال ڪري تہ هن ڀيري ٻارن کي ساڻ وٺي بنگلي تي رهائيندس. هونءَ شاديءَ کان پوءِ وڏي صاحب کان اهڙي اجازت بہ گهري هيم. صاحب چيو هو،

”ننڍي صاحب وارو نئون بنگلو جڙي راس ٿئي تہ اتي ئي تولاءِ بہ رهڻ جو الڳ ڪواٽر ٺهرائيندس“ ۽ سو ڪواٽر بہ جڙي راس ٿيو. مان ڳوٺ اجا انهن ئي صلاحن ۾ هيس تہ جو اوچتو منشيءَ جو نياپو پهتو،

”وڏو صاحب گذاري ويو!! سو بنگلي تان فون آيو آ تہ جلدي ڪراچيءَ پهچي وڃ!!“

”اڙي...........!!“ مان کان دانهن نڪري وئي، ”اجان ٽيون ڏينهن ئي تہ ڪائنس موڪلائي آيو آهيان، ايتري ۾.........!!؟“

پوءِ تہ سائين ان جو ان وقت تڪڙ ۾ تيار ٿيس، زال کي بہ تيار ڪيم، بابا بہ ڪڍ لڳي پيو،

”صاحب ننڍڙي لاءِ جو يار آ، منهن ڏسڻ ثواب آ“

ايئن ئي کُمهلو گهران نڪري پيس، پوءِ تہ صبح جو ڳوٺ جي ٻي بہ الاهي ساٿري خلق اچي نڪتي. صاحب کي دفنايو، ڪفنايو ويو. ماني مَنهَہ، جمعاٽا، چانداٽا، ماٺهو جيڪي اوري پري جا ٿيڻ آيا هئا سي سڀ وهي واپري ويا. اوجاڳي ۽ ديوٽي ڏيڻ واري ٽڪ مانکي پيجي رکيو هو. مان اجا سنرو ٿيان ئي ٿيان ان وچ ۾ ننڍي صاحب سڏايو،

”تنهنجا ٻار اجا ترسيل آهن؟“

”هائو صاحب“

”ڳوٺ ڪون ٿو موڪلين؟“

”صاحب ٻارن رهائڻ جو سوچيو اٿم“ مان حجائتو ٿيندي چيو.

”رهائڻ جو..........؟“ صاحب صفا چڙي پيو،

”طبيعت ته نيڪ اٿئي؟ ڇو رهندا تنهنجا ٻار هت!؟ هن سُونڍ پائي ڏنو. مان چيو،

”صاحب اها مميءَ کي به سڌ آهي ته وڏي صاحب نئين بنگلي ۾ مان لاءِ به هڪ ڪواٽر نهرايو آهي، سندس چوڻ هو ان ڪواٽر ۾ تون ٻارن سميت رهجانءِ“

”اڙي...............!“ هو هاڻي اصلي رڳ تي اچي ويو،

”تون نوڪر آهين يا وڏي صاحب جو سئوٽ، ماسات!؟“

”صاحب مهينن پڇاڻان ته موڪل مليم ٿي، ٻار نه رهايان ته............“ مان نهايت نرمائي ۽ روسامي جي انداز ۾ چيم، جنهن تي صاحب چيو،

”ڇوڪرا.......... ڪن کولي ٻڌ“ هن چنبيندي چيو، ”رهين ته اڪيلو رهه پر جي نه ته سنڀال پنهنجو ٿيڻي ٽپڙ“

”نيڪ آهي صاحب مان واپس ٿو وڃان“ مان به فيصلي جي انداز ۾ چيو هو. هن پوءِ چيو هو،

”پلي وڃ پر ڀيريان اهو لائيسنس ته ڪٽي آءُ“

مان ٻڌائيندو هلان ته شهري ماحول، اڄ صاحب وڏي سان ته، اڄ ننڍي سان، ڪڏهن مميءَ ته ڪڏهن ڊرائيور سان گڏ ايئن گاڏيءَ جا مزا وٺندي وٺندي مان به گاڏي هلائڻ سکي ورتي. هڪ ڏينهن خيال آيو، وڏا ماڻهو، وڏيون ڳالهيون، سندن طبيعتون ڦرڻيون گرڻيون، ڪهڙو ڀانور؟ ڪهڙو ڀروسو؟ ان ڪري وڏي صاحب جي سفارش سان ڊرائيونگ لائيسنس ورتم. ان حساب سان ته جي بنگلي جي نوڪري وئي به هٿن مان ته ٻک ته نه مران. ڪو ته هنر پيٽ ۾ هجي. پر صاحب ننڍو به ڪانءُ ليسن هٿن ۾ ڪندي چيائين،

”هن جي آسري ٿو ٽڙين، هان هي وٺ“ ڊرائيوريءَ جو لائيسن پرزا پرزا ڪندي مان طرف اڇلائيندي چيائين وڃ، هاڻي تون وڃي سگهين ٿو.“

مان ڇا چوان، بس پيليءَ جهڙو منهن ڪري واپس ٿيس. ان ڳالهه ڪان ڳچ وقت پوءِ ننڍو صاحب ڳوٺ آيو. ننڍو صاحب هاڻي اچي ڪاري جو اڪيلو وارث. صاحب وڏي ۾ جيتري حليمت، ننڍي صاحب ۾ اوتري ئي تُرشي ۽ ارڏائي، صاحب ننڍي تي سياست ۽ وڏيرپ جو ڀوت سوار ان ڪري ڳوٺ آيو ته وڙهسان، وڙهسان ڪندو آيو. ڪين جهڙي ڳالهه تان ماڻهن کي مارون موچڙا، ڪيترن ئي کي ستي ڪُتي ڪٽي سوڙهو ڪيائين آءُ جو مانکي به قدرت ڏانهن ڪا ڪِسني ڪاٽي هئي، صاحب ننڍي جو ماڻهوءَ مٿان ماڻهو، مان وٺ وري ماڻو ۽ روسامو. لاچار ابي، ادي جن جي چوڻ تي

نندي صاحب جي حاضري ڀرڻي پئي. پيرين پئي مليو مانس، هن پري ڏکو ڏئي گهوريندي چيو هو،
”ڀنو، ڳالهه سچي ڪر، ڪوڙ هڻندين يا الندين ته جيل جهلائيندو سانءِ“
مان حيرت مان اک ڪٽي ڏانهس ڏٺو. هن رُڪائيءَ مان سوال ڪيو هو،
”بابا جي وصال وقت بنگلي مان پنجاهه هزار روپين جو سونو ڪنگڻ گم ٿي ويو آهي، ٻڌاءِ............ توکي ڪا خبر؟“
”پنجاهه هزار جو ڪنگڻ!!؟“
ابا منهنجون مٿيون مٿي، هينيون هيٺ هڏڪين ۾ پئجي ويس. صفا وايون بتال ٿي ويون. بت مان ساهه سَتُ صفا ڇڏائي ويو. مغز کي ڀنواٽيون اچڻ لڳيون. سڄي جان پگهر ۾ پسي وئي هئي. ايتري ۾ صاحب ٻيهر رومڙ ڪئي هئي،
”ڪرين ٿو سچي يا ڪيان ايس پيءَ کي فون؟“
”صاحب...........“ سامت ۾ ايندي چيو هئم، ”صاحب، ايس پي ته وڏي ڳالهه آهي.......... اسان لاءِ ته اوهان جو حڪم ئي ڪافي آ“ هٿ ٻڌي عاجزيءَ مان چيو هئم،
”اعتبار ڪيو ته مان کي ڪن نه جن.......... مان پلا ڪنگڻ...........“ سهڪندي سهڪندي چيو هئم.
”اجايو جو فشري ٿئي، تنهن کان چڱو آ ته لڪ چپ ۾ ڪنگڻ واپس ڪر، پر جي ڪٿي ڳاريو ٿي ته ٻڌاءِ مان پاڻ واپس ڪرائيندس“
”صاحب.........“ مان ڪان هيانءَ ڦاٽي دانهن نڪري وئي هئي، سڏڪندي سڏڪندي چيو هئم،
”صاحب، ايترو نمڪ حرام ڪاٽي آهيان........... اجا ته........... صاحب وڏي ۽ اوهان جون........... جون، جون........... مهربانيون ڪين وسريون آهن. اجا ته اکين ۾ ديد، ديد .......... آهي.“
”اڙي هاڻي ڇڏ ان لباڙ کي............ پينسان زبان دراز.“ نهايت حاڪماڻي انداز ۾ چڙٻيو هئائين،
”اهڙو نه نمڪ حلال هجين ها ته جيڪر مئي مالڪ جو تڏو نه ڇڏين ها.“
”سو ته صاحب اوهان پاڻ.............“
”ها ها هاڻي بند ڪر اها بڪواس، ٽري وچ منهنجي اکين آڏو........... صبحوڪي سج ۾ ڪنگڻ پهچائي وچ نه ته تون تون، مان مان ٿيندس. ڪنگڻ چورائي تو چيو پئي صاحب جي اکين ۾ ڌوڙ وجهندس پر ٻچا مان کي ٻه سڃاڻ............ هي هيڏا سارا امتحان اجائي جا پاس ڪري آيو آهيان. مان کي تو جيترو ٻه عقل ڪونهي، وچ وچ............ ڪنگڻ پهچائي وچ نه ته، ڏاڍو خراب ٿيندين.“
مان وچان ته وچان ڪاڏي!؟ هلان ته هلان ڪيئن!؟ چنگهن ۾ ساهه ست ڪونه هجي جو ڪٽي وِکَ کڻان. بنگلي مان ته نڪتس پر ٻاهر صفا ڏئي وني بينس، ايئن ڇڻ

سڄو ڏينهن رڻ ۾ هليو هجان! دل ۾ آيو، ڇا منهنجي عمر ڀر جي وفادارين جو اهو انعام آ؟ ڇا منهنجين خدمتن ۽ سيوا جو اهو انجام آ؟ بابا چيو هو، ”پٽ سڪيو ٽڪر کائيندين، لوڪ کان سنو پهريندين پائيندين“ ۽ ڇا پاڻ بک ڪاٽي مري ويو؟ ادي جن ڪونه پيا کائڻ؟ ڇا سيني ڳوٺ توڙي ملڪ وارن ڪي بنگلي تان تي ماني پهچي!؟ اکين اڳيان اوندهه وري آئي. چارو هٽ نه اچي جو سڏو رستو وٺان! گذريل ڏهه، پندرنهن وريهه..........!؟ ايترن سالن کان گهر جو ڳيو نصيب نه ٿيو. پرائي گرهه تي گذران ڪرڻو پيو!............ ڪهڙي نه بي مانائتي زندگي گذاريم، قسم خدا جو........... بنگلي جي ماحول ۾ مان اڳ جيترو پاڻ کي سُکي سمجهندو هئس، اڄ اوترو ئي بلڪ ان کان به وڌيڪ پنهنجو پاڻ کي ويڳاڻو ۽ ننڊڙڪو سمجهڻ لڳو هئس. افسوس.........! پنهنجي گهر ۾ حڪم جي راڻي ۽ بنگلي جي قيد ۾ غلامي!!

پهريان ته مان کي ان سڀ جو خيال به نه آيو پر اڄ سوچيان ٿو، پرائي سڙيي گرهه جي پيٽ ۾ گهرجا اٽيا ۽ سيڪيل سُڪا ٽُڪر ۽ پاروٿو ساڳ ڪهڙو نه غنيمت پيو پائنجي. منهنجي شادي پني مرادي............! شادي ڇا ڪيم، اجا هٿن پيرن جي ميندي ئي نه لٿي، ميندي ڇا بلڪ ستاوڙو ئي نه گذريو جو واپس بنگلي تي طلبي ٿي. نوجوان، نئين ڪنوار! اُف..........! ڪيئن نه ڦٿڪي ڦٿڪي اڪيليون راتيون گذاريم!............ زال کان سوين ڪلوميٽر پري، ڪهڙي نه محنت ۽ سچائيءَ سان ديوٽي سر انجام ڏنم. ٻين جي ٽندوالي ڪندي ڪُتو نه ٿي پُڄم.......... اڄ.......... اڄ به ان سڀ تي رت ٿهڪي پوي ٿو، مغز ڦرڻ لڳي ٿو ۽ وات مان چرين جيان ڪَڦَ وهڻ لڳي ٿي. آءُ به ڪيڏو نه اياڻو آهيان پيلا اهڙي نمڪ حلالي ڏيکارڻ جي آخر ضرورت!؟ پرائي خدمت ڪندي ڪندي آخر ڇو جسم جو سارو رت ست سڪايم؟ ۽ روح کي ڇا لاءِ ٽڪائيندو ڇيچلائيندو رهيس!؟.......... ڇا ڳوناٺن يا گهر ڀاتين کان وڌيڪ شاهوڪار يا مانَ مرتبي وارو ليکجان ٿو؟ افسوس..........! هڪ ته پرائي ٻانهپ ڏيندي ڏيندي پاڻ کي برباد ڪيم، مٿان وري چوريءَ جو الزام!!؟

رستي هلندي ايئن پيو لڳي ڪو هجي جيڪو سهارو ڏي، ڪو هجي جيڪو گهر تائين پهچائي. چيلهه چبي ۽ گوڏا زمين ۾ ڳچندا پئي ويا. رڙ دانهن ڪرڻ پئي چاهيم پر اها به نه ڪري سگهيس، نڙي سڪي، ڳچيءَ جون رڳون سُسنديون پئي محسوس ٿيون............ اُف ........ منهنجا الله، هي ڪهڙي مذاق آ؟ آخر ڪهڙي لوڙ لوڙيان ٿو..........؟ پرائي ٻانهپ ڏيندي ڏيندي هاڻي وري جيل ۾ جواني ساڙيندس!؟ ۽ پوءِ جڏهن سزا ڪاٽي گهر واپس ايندس تڏهن مَٽي جا وار ۽ ڏاڙهي مُڇان اڇيون ٿي وينديون، پوڙهو، نبل، ڪمزور ۽ لاغرو ٿي موٽندس!!؟

مان جڏهن گهر پهچي جوان زال جي اکين ۾ اکيون اڙايون هيون، ان وير ايئن لڳو هو ڄڻ ويچاريءَ جي ڪرمن ۾ رنڙ ٿيڻ لکجي ويو هجي. ڪنگڻ............ پنجاهه هزار روپيه.......... پوليس، ٺاڻا.......... ڪيس، ڪورٽون.......... ڏنڊ، سزائون..........

اهي ۽ اهڙا ٻيا خيال ايندي ئي مان ڪان رانيات نڪري ويو هو. هوءَ حيران ٿي وئي ۽ مان کي ڪٺي ڀاڪر ۾ جهليو هئائين، جڏهن پاڻ کان سنڀاليو نه ٿيو هو مانس، تڏهن امان، بابا جن کي رڙيون ڪندي سڏيو هئائين. هو سڀ ڊوڙي آيا هئا. مانکي ڪٽي کٽ تي سمهاريو هئائون. بي هوشي، ڊاڪٽر، دوائون، دعائون، نيٺ گهٽي گهٽي کان پوءِ مس وڃي چرڻ پرڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جهڙو ٿيو هئس. تڏهن مس مس گهر ڀاتين کي پيٽ ۾ ساهه پيو هو. نه ته امان، زال، ڀينرن ۽ ڀاڄاين ڪٺي سندرا ٻڌا هئا. جڏهن ڪنگڻ واري سَربستي ڳالهه ٻڌايم، تڏهن وڏو ممڻ مچي ويو. گهر، گهتي، مٽ مائٽ، اوڙو پاڙو ٻرڻ لڳو. هڪ دل چيو ڀڄي جان بچائجي پر بابا چيو،

”ايئن ته ڪارنهن جو چُٽو ڏوپندو ئي ڪونه، ان ڪري وچڙيل ڏنگر ٻيهي ڇڏائجي“

پوءِ صبح سوير قرآن ڪڇ ۾ ڪري بابو ۽ مان بنگلي تي پهتاسين. ان وقت صاحب چانهه پي رهيو هو ۽ منشي خدمتگار طور ڊيوٽي ڏئي رهيو هو. قرآن تي نظر پوندي ئي صاحب ۽ منشي اٿي ڪڙا ٿيا، اسان کان قرآن ورتائون، سوا ڪسيري جي منائي ورهايائون. ان بعد صاحب اسان سان مخاطب ٿيو،

”مان قرآن تي اعتبار ڪيان ٿو پر پوءِ جي چوري اوهان مان نڪتي ته تهان، تهان مان، مان ٽيندس.“

اسان ٻنهي پيءُ پٽ هٿ جوڙيندي چيو هو،

”صاحب سردار ٿو ڏِسي ته ڪنگڻ جا چور اسان ناهيون، پر جي پس پيش ڪنگڻ اسان مان نڪتو ته اوهان جو موچڙو اسان جو مُنهن.“

بس وڌيڪ نه هو ڪڇيو نه اسان ئي ڪڇياسين، ڪيس پيرين پئي، ساڳيو ئي قرآن ڪڇ ۾، اوطاق مان ٻاهر نڪتاسين ۽ پوءِ گهر تائين ڪلما پڙهندا آياسين.

سائين، ڪاڏي ته ڪرار ڪُتي وڃن، مان جهڙو مسڪين ماڻهو آخر ڪيترو ٿي ويهي ڪاڏم، لاچار ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو هو. چوندا آهن، ”هڏ ڀڳو ڪم ڪري، دل ڀڳو نه ڪري“ سو دل ته منهنجي ڀڳل ڪانه هئي پر بنگلي ۾ رهي رهي چانوَ جو گاهه ٿي پيو هئس، پوکي راهيءَ ۾ سردي گرمي سِرَ تي سهڻ مان لاءِ مسئلو بنجي پيو، هڪ وار ته دل هاري بيهنس، ”هاڻي مان ڪهڙي ڪم جو رهيو آهيان؟“ ذهن ۾ سوال اڀريو، ”هڏن ۾ جڻ واءُ ڀرجي وئي هجي، ڪنهن ٻئي ڪم تي شايد دل نه لڳي ۽ شايد ڪري ئي نه سگهان؟“ پر پوءِ هڪ ڏينهن دل ٻڌي نڪري پيس، شهر آيس، شهر ۾ هڪ هوٽل تي بيراگيري ملي ويم. ويهه روپيه روز جي حساب سان ۽ چانهه پاڻي مفت.

شهر ۾ جڳهه رهڻ لاءِ هئي ڪانه ۽ روز روز ڳوٺ اچڻ وڃڻ به ڏکيو هو ان ڪري هوٽل تي ئي بئنچان ملائي سمهي رهندو هئس پر ننڊ ڏاڍي دير سان ايندي هئي. پراڻي عادت مطابق ڪا ڊائجيسٽ، رسالو، اخبار، مڙئي پاڻ کي رُڌل رکندو هئس.

مالڪ بہ ڪو ڏاڍو سُريلو ماڻهو هو، منهنجي فضيلت پرئي ڳالهائڻ، بنا ساهي ڪم ڪرڻ ۽ رات جو وري پڙهڻ جهڙن عمدن گڻن ڪيس ڏاڍو موهي رکيو. هڪ ڏينهن چيائين،

”پٽ، هوٽل هلائيندين؟“

”مان؟“ حيران ٿي ويس، ڪجهہ گهڙيون خاموش رهڻ ڪان پوءِ چيو هئم،

”مان تہ مسڪين ماڻهو آهيان“

”فڪر ناهي“

”اوهان جو ايڊوانس.............؟“

”سچي ماڻهوءَ جي زبان ئي ڪافي آهي“

ايئن ئي هوٽل جو مالڪ بنجي ويو هئس. ان بعد طئي اهو ٿيو تہ روز جي حساب سان سٺ روپيہ ۽ ست چاهيون مالڪ کي ڏيٽيون پونديون، باقي خرچ پاڻ پربو. پلا هوٽل تي بہ اداڻي مڻ ڪير روز پيو نڪري تہ سٺ روپيہ آخر ڪهڙي ملڪيت. محنت مزدوري پنهنجي پيو ڪيان پر منهنجو گاڏو ڏاڍو سهڻو پيو هلي. ايئن اوچتو دڳ سير مان وارو ڏنار پاءُ ٿو ملي وڃي صاحب جي منشيءَ سان، منشيءَ حال احوال ڪندي پڇيس،

”اڄڪلهہ پناهہ ڪٿي آهي؟“

”هوٽل ٿو هلائي“

”پنهنجو ڪي پرائو؟“ منشيءَ دلچسپي وٺندي پڇيو هو. ادا ڪي بہ هيون صاحب ۽ سندس ڪامين تي ڏاڍيون باهيون، تنهن لاپرواهيءَ مان چيو هو،

”پنهنجو، پرائو وري ڪيئن، تو واري صاحب تي ٿورئي پاڙيو اٿسين، مزور جي جتي ڪٿي ماني.“

اعتبار نہ آيس تہ هوٽل تي آيو، مان ڪيس چانهہ پيئاري، عزت آبرو ڏني پر منشي اندر جو گُندو، دل جو ڏاڍو پليت نڪري پيو. هن فون تي صاحب کي سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو. پوءِ جو واري ڦيري صاحب ڳوٺ آيو تہ مان کي سڏايائين. مان تہ ڪونہ هئس بابو مليس، جنهن کي حڪم ٿيو تہ،

”سياڻي شهر واري بنگلي تي موڪليس“

ٻئي ڏينهن بابا پاڻ سيڙجي آيو،

”پٽ وارو ڪر صاحب تڪڙو سڏايو آ“

”تڪڙو سڏايو آ.............!؟“ منهنجي وري جان ڪنبڻ لڳي،

”الاهي خير ڪجانءِ“

بنگلي تي وياسين، صاحب جا سلامي ٿياسين، صاحب ٻيهر ڪنگڻ وارو سوال ورجايو،

”ڪنگڻ ڪٿي آهي؟“

”صاحب............“ مان حيرت مان چيو.

”هي هوٽل ڪٿان آيو!؟ تون سيٺ ڪٿان بڻئين؟ مان نہ ٿو سڃاڻان تهان کي، مان کي خبر ناهي تهان جي حيثيت جي، ڪوڙ بہ آخر ڪيسيتائين لڪندو، تون ڇا ٿو سمجهين تہ مان ڪراچيءَ وينو آهيان، پڻ منهنجي سڄي نظر تو ۾ آهي، مان ڪان ڪا ٻڄهائي ڪانهي.“

”سو تہ صاحب صحيح آهي پر هوٽل ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جو آهي، اسان کي مسواڙ تي آهي، جي اعتبار نہ اچي تہ جاچ ڪرائي سگهو ٿا.“

”ٺيڪ آهي تون خاطري ڪر، مان توکي بغير ثابتيءَ جي پوليس ۾ ڪونہ ڏيندس.“

”توتي صاحب شُد ڪري پوءِ تہ بس“ منشيءَ آواز ڏنو هو.

”ڇڱو اوهان هلو، مان پاڻ ان ڳالهہ کي ڏسندس“

صاحب ڇا ڏنو، ڇا وائنو، منشيءَ ڪهڙي پنهنجي استادي هلائي، تنهن جي ڪا خبر ڪانہ پئي، البتہ پنجن، ستن ڏينهن پڄاڻا منشي ٻيهر هوٽل تي چڙهي آيو،

”اُٺ صاحب ٿو ياد ڪرئي“

ويا تہ طاق لڳي، چيم، ”اڄ خير ناهي، خبر ناهي ڪهڙو حال ٿئي؟“

مان کي هاريل ڏسي منشيءَ دلجاءِ ڏني،

”اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانهي، تون ڊڄ ڊپ نہ، ڳالهہ ڪنگڻ جي نہ پر صاحب کي ڪجهہ ٻيو چوڻو آهي.“

”ٻيو ڪجهہ............!؟“ منشيءَ جي لهجي ۾ پنهنجائپ تہ هئي پر مان پنهنجي حيثيت کي ڏٺو،

”ڪير مان............؟ ۽ ڇا صاحب کي چوڻو آهي!!؟“ لاچار هوٽل مزدورن حوالي ڪري صاحب جو سڏ پرڻو پيو. بنگلي تي پهتس، صاحب کي نوڙي هٿ ڏنم، صاحب ڏسي مرڪي پڇيو،

”ڏي خبر آهي ڪو مزو؟“

”بس صاحب پيٽ کي منهن ڏيڻو آ“ صاحب جي ههڙي مزماني ڏسي مان حيران رهجي ويس، هن وڌيڪ دلچسپي وٺندي چيو،

”پيٺهان ڏس تہ سهي، سڄو ڪاراڇي ويو آهين، ڄڻ ڪنهن دونهين جي بنيءَ مان نڪري آيو هجين.“

ايتري ۾ منشي صاحب بہ مهربان ٿيو،

”صاحب اوهان جو ڪٽي ٿا ناهہ ڪرايون، لهو اوهان بہ ٻئنش تان ۽ ڇڏ محمد پناهہ تون بہ ضد ڪي“

اڄا اهي ڳالهيون هلن ئي پيون جو بابي بہ اچي نڪاءُ ڪيو. پوءِ خبر پئي تہ سٺيل منصوبي پنيان ڪيس بہ سڏايو ويو هو.

”هان ڏي خبر بنگلي جي نوڪري چڱي يا هوٽل جي بيراگيري؟ صاحب مخاطب ٿيو. ايتري ۾ چانهه آئي، جيڪا اسان کي بہ مليِ، تڏهن پڪ ٿي تہ بچيو آهيان. منشي جيڪو هن سڄي ڪيس ۾ صاحب جو وڪيل هو، تنهن ٻيهر ڳالهايو،

”غلام الله خان پٺنهن کي سمجهاءِ، کهڙو نہ ڦهريو سهريو، اميرزادو لڳو پئي وتو“ وري مان سان مخاطب ٿي،

”تنهنجو کهڙو ڪم ڪُهِيَن ڪمن سان، باهه ڏينس هوٽل جي سِرَ کي“ وري صاحب سان مخاطب ٿيو،

”اوهان بہ ڪٺي وڏي صاحب جي سخن کي پاڻي ڏيو، گنج مان هرڪوئي ڪائي ويندو، اجازت ڏيوس تہ محمد پناهه ٻار ساڻ ورتيون هلي، ڪريو غريب جي دل خوش، نيٺ تہ اوهان جو ٻچو آهي ۽ غلام الله خان بہ وڏي صاحب جو پڳ مٽ يار هو، اهي خطائون رضائون انسانن کان پونديون آهن، ڪريو در گذر، ڏسو پوڙهي جي سِريءَ ڏي.“

”ادا مان کي منظور آ“ صاحب آخري ڍڪ چانهه جو پي ڪوپ ٽيبل تي رکندي چيو. ڏنم بابي جا شهپر هلن پيا، سندس اکين ۾ چمڪ اچي وئي پر اعتبار ڪيو منهنجي هٿن ۾ جهليل ڪوپ ڇلڪي پيو. صاحب جي شڪست پنهنجي فتح تي خوشي ٿي پر هوٽل ڇڏڻ ۽ ٻيهر غلام بڻجڻ واري سوال ڏڪائي رکيو. مان فيصلي جي انداز ۾ چيو،

”صاحب، هونئن تہ اوهان جون لک مهربانيون پر مان هوٽل ڪونہ ڇڏي سگهندس، بس اوهان جي دعا گهرجي، وري جي وقت آيو تہ ٻانهپ ڏبي“

منهنجي ههڙي لاپرواهي ڏسي منشي ڳاڙهو ٿي ويو،

”ٻُڌ ميان غلام الله خان.............! ڄٽ کي لڳي ڀاڳ ڏي جواري ڀَتَ کي داڳ. مس مس تہ صاحب کي مجرايو اٿسين تہ وري پٺهن پيو آڙا گوڙيون ڪري، اڙي ميان اجا تہ ڪا صاحبي نہ ملي ٿي نہ تہ جيڪر تون تہ الائي ڇا ڪرين ها............. چڱائي ڇٽي، دينا داستي ڪنگڻ قبايون وينا آهيو، اسان سا ڳالهه قطاريون ئي نٿا ۽ پاڻ وري............ نيڪ آهي ادا، نيڪ آهي.............“

بابا منشيءَ آڏو لولٽ ڪندي ڪيس ٽڏو رهڻ لاءِ چيو،

”منشي صاحب، ڇو ٿا ايترو ڏرمايو، اسين تہ صاحب جا، تنهنجا، مڙني جا خادم آهيون“ ۽ پوءِ صاحب سامهون هٿ جوڙيندي چيائين،

”صاحب هڪ ڏينهن جي مهلت ملي، ڀلا ڪاڏي ويندا سين، کهڙو اوهان کان ڪنڌ ڪڍائيندا سين“ ۽ پوءِ مان کي سمجهاڻي ڏيندي چيو هئائين،

”پٽ، سائنئن سان بہ ڪي سينا ساهبا آهن، اُٿ اُٿ صاحب کي پيرين پئي پرچاءِ“

بابو جي اٿي آيو ته لاچار مان کي به اٿڻو پيو، ٻنهي ڄڻن صاحب جي پيرن تي هٿ رکيا ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن جي واعدي پنيان موڪلائي واپس ٿياسين، رات ڳوٺ آياسين، مٿن مائٽن ۽ گهر ڀاتين جو وڏو ميڙاڪو ٿيو، ڪنهن چيو،

”اسان پئي سمجهو سچ به پنجاهه هزار جو ڪنگڻ ويو هجي، نياڻيون، قرآن کڻ ۾ ڪري صاحب کي پرچائجي پر هٿ ته معاملو ئي الٽو آهي.“

امان چڙي پئي،

”جي منهنجو پٽ چور به هو ته ايلازو ڇو ٿيو اٿس؟ ناهي ضرور اسان کي، نٿي گهرجي اهڙي نوڪري، اسان ٻَن ڏيون اهڙي پورهئي کي، وسن جهڙو پٽ پرديس تي ڪڍي.............“

”ادي اڄ کهڙو رهيو آ ماڻهن ۾ ايمان، پر پٽِ، ان مڙهي کي پِٽِ جنهن تنهنجي جند اڙائي“

سهري عقل جي ڳالهه ڪندي چيو،

”لاشڪ ته اهو ڊرامو رچايل هو، نه ته پنجاهه هزار روپين جو سونو ڪنگڻ!............... وري ڪنگڻ ڪنهن کنيو؟ ڪٿي آهي؟ ڪاڏي ويو؟ اها به هاڻي ڪا ڳالهه آ!!؟“

بابا چيو هو،

”سو ته ٺيڪ آ پر زور اڳيان زاري آهي، ڪنهن ڪان ڪنڌ ڪڍائجي، ڪنهن کي سهائجي؟ منهنجو ته خيال آ وڃجي ۽ اهو بدناموسيءَ وارو داڳ ڌوپي پوندو.“

۽ ادا وڏو ڏاڍي تواڻيءَ ۾ اچي ويو،

”ناهي ضرور............... اڳ کهڙا صاحب پٽڪا ٻڌايا آهن جو هاڻي وري مدير ٻڌائيندو، جائي جواري جنگ سان پيا ڪائون، بک ڪونه مرنداسين............. اسان جو هوٽل سنو هلي ٿو، ڏنڌو نهي هليو آهي، نه نه............. ڏنڌو نه ڦٽائينداسين“

پر ڏنڌو ڦٽائڻو پيو، ڇو ته بابا جي اها مرضي هئي، هن ڏکي نظر وجهندي چيو هو،

”بابا رهجي جن جي راڄ ۾ واهه واهه تن جي ڪجي، ورهين ڪان سندن راهڪ آهيون، ڳوٺ سندن، زمين سندن، وري ايلازو به پاڻ ٿيو آهي، جيڪر ته هٿ تان لهجي“

۽ پوءِ ٻئي صبح صاحب جا سلامي ٿياسين. هن چيو هو،

”نوڪري ته مان کي آهي ڪانه ٻيو ته پنيان جو سڄو ڪم ڦٽي ويو آهي، هاڻي مان کي هٿ هر مهيني اڇٽو پوندو ۽ توکي به مان سان گڏ اڇٽو پوندو، تون سوچ، پلي ٻار ورتيون هلين ته ونيون هل.“

مان سوچيو، اڳ پنجين ستين مهيني مس موڪل ملندي هئم، هاڻي هر مهيني جو ڳوٺ اچڻ ٿئي ته پوءِ ٻارن کي ڇو تڪليف ۾ وجهان.

”پوءِ ته صاحب، مان ٻار ڪونه ٿو وٺي هلان“

”نيڪ آهي ته پوءِ...........“ هن منشيءَ کي سڏي چيو، ”پناهه کي گهر جي خرچ لاءِ هڪ هزار روپيه آڻي ڏي........... ۽ هن تنهنجي هوٽل جو ڇا ٿيو...........؟ مان کان سوال ڪيائين،

”پل هوٽل وارن سان حساب ڪتاب ڪر، پَريڻ نه، تنهن پريڻ تيار ٿي اڇجانءِ“

ايئن ئي آءٌ ٻيهر پراڻي ڊيوٽيءَ تي پهچي ويس. نوڪرن کان ڪنگڻ بابت پڇيم، سڀ وائڙا، مميءَ سان ڪنگڻ چورائجڻ جو افسوس ڪيم، هوءَ حيران،

”ڪهڙو ڪنگڻ!؟ ڪنهن جو ڪنگڻ!!!“

۽ مان ڪٽي وات تي هٿ ڏنو. ايئن ئي مان ساڳيو پهرين جيان محنت ۽ چُستيءَ سان ڪم ڪندو رهيس. صاحب به ٽي مهينا برابر ڳوٺ ايندو رهيو. هڪ اڌ ڀيرو مان به ساڻس گڏ آيس پر پوءِ اهو سلسلو باقاعده جاري رهي نه سگهيو. ان جا سبب هئا، هڪ ته صاحب کي سياست جي چُوس پيل هئي، جنهن سبب عام جلسا، پارٽي ميٽنگون، اچ اسلام آباد، اچ ڪراچي، ڪوئيٽا، اچ لنڊن ته سڀاڻي آمريڪا، صاحب جي اخباري بيان جا مان ته ڪٽي فائيل جوڙيا ۽ پوءِ جيئن شهرن ۾ ميونسپالٽيءَ وارا رولو ڪتن خلاف مهم هلائيندا آهن. ايئن ئي هڪ ڏينهن سرڪار سڳوريءَ به سياستدانن خلاف پنهنجي مهم جو آغاز ڪري ڇڏيو. هڻ جو ته سوين هزارين سياستدانن ۽ سياسي ڪارڪنن سان گڏ پاڻ وارو صاحب به اندر!

اسان خوش ته چاڻ ٿو صاحب سڳورو وزير، سفير ٿئي پر صاحب ته خير سان وڃي وڏي در پهتو. هو ته مان کان به گوءِ ڪٽي ويو. چيم،

”اي رب حق وڪيل آهين“

هاڻي صاحب جي غير موجودگيءَ ۾ صاحب وڏي جي زماني جيان سڄي بنگلي جي چارج منهنجي ذمي اچي وئي. ممي ته بنگلي ۾ موجود هئي پر سا به وڏي صاحب جي وفات کان پوءِ گوشه نشينيءَ جي زندگي گذاري رهي هئي. ان ڪري آفيسن جون اٽيون ويهٽيون، تار، ٽپال، خط پَٽَ، هٿيارن ۽ گاڏين جا لائيسنس نوان ڪرائڻ، ڏنڊ، چالان ڀيئارڻ، بجلي، سوئي گيس، اخبارن، رسالن جا بل چڪائڻ، ڪاڏي ڀيتي جو سڀ، سمورو انتظام، آئي وئي جي سار سنڀال، صاحب سان جيل تي ميل ملاقات، پارٽيءَ جا ڳجها نياپا ۽ خبرون چارون، ماني، دوا درمل اهو سڀ ڪم منهنجي حوالي هو. ايسيتائين جو ڳوٺ منشيءَ کي حڪم ۽ هدايتون مان ڏيڻ لڳس. بنگلي تي رهن ته ٻيا به نوڪر پيا جهڙوڪ ڊرائيور، بورچي، چوڪيدار ۽ هڪ ٽوپي ٽاندو ڪرڻ وارو ٽاپرو چوڪرو پر انهن جي حيثيت نوڪر واري ئي رهي.

هاڻي جو صاحب وڃي وڏي در پهتو ته مان به ڪتي ٻلي کان قابو ٿي ويس. هونئن ٻيئن ٽئين مهيني ٻارن جو منهن ڏسندو هئس پر هاڻي ڇهين ٻارهين مهيني به يا نصيب. وري جو صاحب جي جيل مان نڪرڻ جوڪو تڪڙو امڪان نه رهيو، تڏهن

ٻار ڪراچيءَ آڻائي ورتم. ايئن ئي ڪراچي ۾ هن وسيع ويڪري عاليشان بنگلي تي رهڻ واري زال جي خواهش پوري ٿي.

ڏيجهان چري.............! اڄ چوي ٿي،

”هن گهڙيءَ، هن ويرم ڳوٺ پهچاءِ، ڇڏ پنهنجي صاحب کي، ٻڌاءِ پنهنجي صاحب کي“

صاحب آزاد ٿئي ئي ٿئي ان وچ ۾ بنگلي جي ماحول ۾ اهڙي ڪا خاص تبديلي ڪانہ آئي، سواءِ ڪنهن هڪ اڌ واقعي جي، جيڪي واقعا هوندئن تہ وڏن ماڻهن ۽ وڏن بنگلن ۾ ٿيڻ اهڙي ڪا نئين ڳالهہ ڪانهي پر اسان ماڻهن لاءِ اهميت جوڳا هوندا آهن.

هڪ ڀيري جيئن ئي صاحب جي ملاقات تان موٽياسين، ممي گاڏي هلائي رهي هئي ۽ مان وينو هئس پنئينءَ سيٽ تي. هڪ ڳالهہ ٻڌائيندو هلان، ممي جيتوڻيڪ هئي چاليهہ پنجاهہ جي وچ ۾، پر هاڻي، ڪاٺي چال چلت ناهوڪي هيس. چيني ۽ جپاني ماين جيان سئو سالن جون هجڻ باوجود چوڏهن سالن جون نينگريون پيون لڳنديون! مان کي منهنجي هڪ يار حاجيءَ ٻڌايو، جيڪو ڳچ سال سعوديءَ ۾ رهي آيو هو. هن ٻڌايو،

”جدي ۾ فوٽ پاٿن تي چين، جپان، ٿائيلينڊ، فلپائن ۽ ڪوريائي نسل جون سوين مايون عام جام شيون وڪڻنديون نظر اينديون. مان سان گڏ هڪ نويل حاجي گڏ هو، هڪ مائيءَ تي مان واري همراهہ جو روح هرکي پيو پر مان ڏاڍو ڪليس، پڇيومانس پٽيا ان مائيءَ جي عمر جي خبر اٿئي؟ هوءَ پنجاهہ سالن کان تہ پڪ ئي پڪ ٽپيل هوندي، تڏهن همراهہ ڏاڍو ڦڪو ٿيو.“

ممي نهايت شريف، سادي، خوش پوش، خوش اخلاق، دل جي سخي، رحمدل ۽ سٻاجهڙي. ايئن ڪيترائي ڀيرا ٿيو جيئن شهر جا رولو ماڻهو وتندا آهن جهپڙان ڏيندا. ڊرائيونگ ڪندڙ عورتن جي گاڏين سان پنهنجون گاڏيون ۽ اسڪوٽر ملائي راز نياز جون ڳالهيون ڪندڙ، پوءِ جي اڳليءَ بہ سُر ملايو پوءِ ڏوئي ڊڪڻ گيهہ پر جي نہ تہ اجائيءَ جي جڪ مارٽي. ڪراچيءَ جي رستن تي هلندي مان اڪثر ايئن ڏٺو آهي ۽ وڏا ماڻهو، وڏي پئسي وارا ماڻهو تہ هونئن ئي وڏي عمر وارين زالن کي ڪاوڙن سرائي ڪري ڦٽو ڪري ڇڏن ۽ پوءِ ويچاريون............ پر مميءَ جي جتيءَ ۾ ڪنهن جو پير، بس ڪڏهن ڪڏهن انهن ڏانهن اشارو ڪري مرڪي چوندي،

”پناهہ ڏس حرامزادي جا ڪم“

”ممي ڇڏ تہ لوسيءَ جي ڳچي پڪڙيان“ مان غصي ۾ وڦلي پوندس، ايئن جڻ ڪنهن منهنجي ماءُ، ڀيڻ سان ڪيشت ڪئي هجي ۽ صاحب............! اڄ جنهن جي ڪانئياري ڪردار تي دل ڪري ٿي، ڇا ڀينسان............ سندس رعب تاب بہ اسان

ماڻهن لاءِ، ڪيڏي نفرت! ڪيڏي ٻچان! جڻ ڪي ڇهڙا ٻالا هجون ۽ اسان، اسان ماڻهو وري مٿن ساهہ ڇڏيون.

اسان ناتا پل تان مٿي پي آءِ اي ڪالوني، ٽيليوزن سينٽر کان ٿيندا سبزي منڊيءَ پهتاسين. مميءَ ڪجهہ شيون وٺي اچڻ لاءِ چيو، مان گاڏيءَ مان لهي ويس ۽ هو همراهہ ڪيس اتي ئي جهاڙي ويو، اسان جي گاڏي هلي تہ هن بہ اسڪوٽر ڪڍ لاتو، حسن اسڪوائر وٽ ٽرئفڪ سبب گاڏي جهڪي ٿي تہ هن موٽر سائيڪل گاڏيءَ ويجهو آندي پر ممي ويچاري حضور شرم ڪيس چکي باکي بہ نہ ڪيائين ۽ نہ ئي ڪا ڪاوڙ ڪروڌ ڏيکاريائين، بلڪل سانت، نارمل، جنهن ڳالهہ ئي هن کي اُڪسايو تہ اجا اڳتي اسان سان ساڻ هلي شايد ٻٽاءُ ٻڻجي پوي. هو همراهہ اڳ پُٺ ڪندو هلي، بس نيپا چورنگيءَ جي قريب هجون جو مميءَ اوچتو گاڏيءَ جي هلڪي ٺوڪر هڻي ڇڏيس ۽ همراهہ بولاٽيون کائيندو وڃي پري ڪريو. مٿان اسڪوٽر هينان پاڻ ايتري ۾ ٽريئفڪ وارا آيا مميءَ گاڏيءَ جا ڪاڳر سندن حوالي ڪيا ۽ اسان گاڏي پڄائي اچي بنگلي تي نڪتاسين پوءِ مميءَ ايس پي صاحب کي فون ڪيو. جهٽ کان پوءِ سارجنٽ آيو گاڏي چالان ٿي البتہ وڏيڪ خفي کان بچي وياسين.

هڪ ڀيو بہ عجيب واقعو ٿيو. ان جي نوعيت ڪجهہ هن طرح هئي، صاحب جيل ياترا تي، مميءَ جون محدود سرگرميون، ڪِولين ڪو ڪمري کان ٻاهر نڪري، اسان نوڪرن جي ٻيگهي مچي وئي، اچي ڪاري جا مالڪ لڳا وتون. هڪ ڀيري ڊرائيور ۽ مان شهر وياسين رستي ۾ هڪ ٺاهوڪڙي جوانڙي ٽڪرائجي وئي، اسان کي بہ خفت ڪنيو، مان بہ واندو زال خير سان ٻئي ٻار جي ويم تي ڳوٺ ويل هئي، مائيءَ کي ڪٽي بنگلي تي آياسين. اسان جو ناٽ ٻاٽ ڏسي مائي ترسي پئي. اسان سيني ڊرائيور، بورچيءَ ۽ مان مائيءَ کي پنهنجي مشترڪ محبوبا ٻڻايوسين ۽ پوءِ هوءَ هفتي مهيني مڙئي ڀيرو ڪرڻ لڳي پر اچي تہ ٻہ بہ ڏينهن ٽڪي پئي هجي. ڪنهن کي ڪائي خبر ڪانہ. ڀلا ٻن ڇئن ايڪڙن ۾ بنگلو، سوين ڪمرا، دالان، وسيع ويڪرا باغيچا، گلن ۽ ناڙيءَ جا گهاٽا وڏا جهڳٽا، سوئر ٿمجي جاچي وجنس ڪتا تہ اها ئي ڳالهہ..............! بس مائي ايندي چور دروازي کان ٽپي، بنگلي اندر گم ٿي ويندي.

هڪ ڀيري مان ۽ ڊرائيور سبزي منڊي ويل هجون. اڄ صاحب جي ملاقات تي وڃڻا هئاسين، ان ڪري ڪجهہ ڪريٽ فروٽ جا وٺڻا هئا. بورچي سوير ئي رڌي پڪي ۾ مميءَ سوير تياري ورتي. هوءَ لان ۾ ڇهل قدمي ڪندي ٽاپرو ڇوري مٿان آئي، ڪيس ڪجهہ هدايتون ڏئي بورچي خاني ڏانهن هلڻ لڳي. سروٽنس ڪواٽرس کان مٿيندي سندس ڪن تي ٽيپ جو آواز پيو ڏيان ڏيڻ تي خبر پيس ڊرائيور جي ڪواٽر ۾ ٽيپ هلي پئي پر دروازو ٻاهران لاڪ ٿيل هو. هن ڊرائيور جي لاپرواهيءَ تي چڙ ڪائيندي بورچيءَ کي سڏ ڪيا ۽ پوءِ وڏي در جي چير کان اندر نهاريائين. جان جو نظر

ڪري ته گاني جي ڏن تي ڪرسيءَ تي ويٺل نوجوان عورت جهومندي نظر آيس. بورچي آيو پڇائينس،

”ڊرائيور جي ڪواٽر ۾ ٻاهران تالو، اندر ٽيپ پئي وڄي ڇا ماجرا آهي؟“

بورچيءَ جملو ٻڌو يا نه ٻڌو يا ڇا جواب ڏنائين ان سڀ کان بي نياز ممي واپس ڊرائنگ روم ۾ هلي وئي. پوءِ جو اسان آياسين ته تڙ تڪڙ ۾ تيار ٿي صاحب جي ملاقات تي اسپتال روانا ٿياسين. اسپتال ان حساب سان جو ٻاهرين سلسلي کي قائم رکڻ ۾ ڪلي هوا ۾ ساهه کڻڻ واري سَڌَ سياستدانن کي هروڀرو به بيمار ڪري رکندي آهي. ايئن ئي ڪَنَ جي سور بهاني صاحب جناح اسپتال رهيل هو.

ماني کائيندي ۾ اڪيلائيءَ ۾ احوال ڪندي ئي مميءَ صاحب کي اسان نوڪرن جي پرڪارن بابت ٻڌايو، ڇو جو پوءِ جو مان ڪريٽ کڻي اندر گهريس ته صاحب غصي کان وڦلڻ لڳو، ڪائنس گرهه ڳهڻ به نه پئي ٿيو.

”اڙي پنو.......... مان ڇا پيو ٻڌان، ڇا اهو سچ آ؟“

”صاحب ڇا بابت؟“ مان عجب مان پڇيو.

”ڇا بابت، ترس ماني کائي وٺان“

مان ته پوءِ ماني کائيندڙ صاحب ۾ مميءَ کي اڪيلو ڇڏي ٻاهر نڪري آيس پر ذهن ۾ فورن اهو خيال آيو ته شايد ڇوڪريءَ کي مميءَ ڏسي ورتو آهي. اهو خيال ايندي ئي ڊرائيور کي پڇايم،

”گاڏي پڇاڙ، پڇ ڇوڪريءَ کي ڪيڏانهن ڇڏ. صاحب کي ڪا ڪڙڪ پئجي وئي آ، شايد مميءَ............ پڇ پر ان پيڙ تي موٽ، جاڻ صاحب واندو ٿيو“

ڊرائيور جي پهچڻ کان اڳ ئي صاحب سڏيو، ٽوال سان هٿ اگهندي چيائين،

”ڪر خبر اها شيطان گيري ڪنهن جي آهي؟“

مان بي خبر ٿيندي چيو،

”مان نه سمجهو صاحب“

منهنجو ايترو چوڻ ڪپ تي ويو زوراٽيو ڇنبو. ڇنبو ڇا لڳو اکين اڳيان اونده وري وئي. اک کي هٿ ڏئي ڪا مهل ته بي سرتو بت بڻيو بيٺو رهيس. ٻيو به هٽي ها پر مميءَ ٻانهن کان ورتس،

”ڇڏيس، هن جو قصور ناهي“

”ممي تون به ايئن ٿي چوين؟“ صاحب غصي وچان وڦلندي چيو،

”بنگلي جي سنڀال هن جي ذمي ۾.......... تون ٿي چوين.......... پڪ ئي پڪ سندس شرارت آهي، ڊرائيور کي ڪهڙي طاقت، ڊرائيور جي ڇا مجال“

ايئن ڪندي ڊرائيور به پهچي ويو. پوءِ ته ٽُٽِي پيو مٿس، هٽي سجائي رکيائينس.

”ممي هنن جو اج ئي ليڪو ڪري تڙي ڇڏين بنگلي مان، اهڙي داداگيري............ زالون تا ٽڪائن، مائٽ تا رهائن، آزاديون تا ماڻن، ڪائن، اوبارين پوءِ به حرامپائي، ايڏي بي ايماني............!!؟“

ان ڪانسواءِ انگريزيءَ ۾ بيو به الائي ڇا ڇا پئي مميءَ کي چيائين. اسان ته ساهه ٻوساتي، پيرن تي ڏنو زور. پوءِ جڏهن واپس بنگلي تي آياسين ته ڇڻ ڪجهه ٿيو ئي ڪين هو. اسان شڪي شڪي پئي ٿياسين پر مميءَ ڪا دلچسپي ڪانه ورتي هئي. نه ته ڊرائيور جي ڪواٽر تي هلي، نه تالو ٽوڙايائين ۽ نه ئي وري صاحب جا ڪن پريائين. بس شفقت جو هٿ گھمائيندي چيو هئائين،

”ٻچا اهڙا گندا ڪم، گندا ماڻهو ڪندا آهن.“

ان وقت ايئن لڳو، زمين جاءِ ڏي ته ٽبي هڻجي، سندس پيرن تي ڪري پيو هئس.

”ممي، خطا معاف، قصور............“

”قصور ڪنهن جو به آهي پر اوهان شريفن سان تا رهو ته پاڻ به شريف ٿي گذاريو. ڀُل چُڪ ڪم آ، اهي خطائون، رضائون انسانن ڪان ئي ٿينديون آهن پر اڳ لاءِ ايئن نه ٿئي.“

اهي ڳالهيون گذريل سردين ڪان به پهريان جون آهن ۽ گذريل سردين ۾ مان اهو سوچي به نه پئي سگهيس ته سال ڏيڍ ڪان پوءِ صاحب جڏهن جيل مان واپس گهر موٽندو ته مان ۽ منهنجي زال کي ايئن بي عزتو ٿي هن بنگلي مان نڪرڻو پوندو ۽ پوءِ هميشه هميشه لاءِ منهنجي بنگلي جي نوڪري ختم ٿي چڪي هوندي، مان بنگلو ۽ بنگلي وارن لاءِ پرائو ۽ اوپرو ٿي چڪو هوندم!!

شام جو جنهن وقت مان صاحب جي ڪم تان واپس ٿي بنگلي ۾ گهريس ته صاحب ڪاوڙيو وينو هو. سندس موڊ ڏاڍو خراب هو. مان کي صاحب اج ڪجهه ٻي طرح ئي نظر آيو. سندس چهري ۾ چتائڻ سان اها وحشت، غصو ۽ بيزاري نظر آئي، جيڪا مان اڳ ڪانه ڀَسي هئي. مان تي نظر پوندي ئي اُيو ٿي ويو، مٿس جنوني ڪيفيت طاري ٿي وئي،

”سنيال پنهنجي رنڊيءَ کي، آءٌ وڌيڪ برداشت نه ٿو ڪري سگهان، پينسان اُلو کي پٺي سمجهي ڇا ٿي پاڻ کي“

”برداشت نه ٿو ڪري سگهان!؟............ الو کي پٺي!!؟“ مان ڇاتو اشارو ته مان واري زال ڏي آ پر سمجهه ۾ نه آيو ته آخر ٿيو ڇا آهي!؟ هونئن صاحب جي مان واري زال ۽ ٻارن سان ڏاڍي گهٽ پوندي آهي. منهنجي زال يا ٻارن جي ڪمري مان ٻاهر نڪرڻ تي ڏاڍو ڪسڪندو، ڪرڪندو آهي.

”ڪمري مان ڇا لاءِ ٿي نڪري؟ ٻاهر ڇا ٿي نوسيندي وتي؟“ ۽ باغيچي ۾ گهمڻ ڦرڻ تي اڃا به وڌيڪ رنج ٿيندو.

”ڇا لاءِ تي باغ لتاڙي؟ ڇا لاءِ تي ٻارن کي ڇيڪ ڇڏي ڏي؟............ هنگڻ، مُتن........... ٿاريون، گل پٽن، ڇنن............“

۽ ڪمري جو قيد بہ آخر ڪير قبوليندو، مان بہ ڪيتروئي منع ڪيانس پر هوءَ هريل آزاد هوائن جي، ڳوٺ جا وسيع، ويڪرا ۽ ڪشادا اڱڻ، ڪليل آزاد هوائون، ڪليل نيري آسمان هيٺان پڌري پٽ سمهندڙ ۽ اهو سڀ ڪجهہ ڪنهن وڏي تنازري جو سبب بنيو. گهٽ ۾ گهٽ مان نہ ٿي ڄاتو. ان وچ ۾ صاحب ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ چئي ويو. منهنجو ساهہ سُڪي ويو. ڏڄندي، ڪنبندي چيم،

”صاحب هوءَ جهنگ جو جانور آهي، پنهنجي جهالت سبب بدتميز ٿي آهي، مان هن کي لغام ڏيان ٿو“

پر صاحب صفا ٻرُ ٻينو هو. چيائين،

”هن جو هن وقت بنگلي مان ڪڍيس“

مان کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو ۽ نہ ئي صاحب جي ڪاوڙيل ۽ ڪروڌ ڀريئي ڇهري ۾ وڏيڪ نهارڻ جي سگهہ ساري سگهيس. صاحب جي آندل سامان جي ٿيلهي جيڪا اڃا سوڌو منهنجن هٿن ۾ جهليل هئي، سا صاحب آڏو ٽيبل تي رکي ساهہ ٻوساتي ماٺ ماٺ ۾ پوئين پير سندس ڪمري مان نڪري آيس. ٻاهر بورچي مليو. پڇيم،

”ڇا ڪجهہ ٿيو آهي ڇا!؟“

هن پوءِ ٻڌايو،

”مان جنهن وقت آيس، ان وقت تو واري زال ۽ صاحب ڏاڍا ڏند چڪ ڏئي رهيا هئا. مان ڀانئيان ٿو جهيڙو شايد ان تي ٿيو جو تو واري پٽ باغ ۾ ڪيڏندي ڪنهن ٻوٽي کي نقصان رسايو، جيڪو صاحب ڏسي ورتو. جنهن تي ئي چڙي پيو. مائيءَ ڪيس ٿڌو ڪرڻ جي گهڻي ئي ڪوشش ڪئي پر صاحب جي طبيعت جي پاڻ کي خبر ٿي. تڙي ڏنائينس،

”ڇگو ڇگو گهڻو ٿيو، ڀينسان گڏهہ جي ڏيءُ، ڳول ڪر پنهنجا ٽپڙ، ڳول پنهنجي بابي پنوءَ کي، هن جو هن وقت منهنجي بنگلي مان نڪرو“

”صاحب ٻيو تہ سڪ آ، ڇو ايڏي پَساري پيو آهين، ڇا ٻار ڇاتي ڪٽي.............“

تو واريءَ مائيءَ کيس ٻاجهہ لاءِ ٻاڏايو. مان ڏٺو صاحب صفا ڪاوڙجي پيو. هَمَ نہ ڪيائين تَمَ نوڪي ڪچي گار ڏنائين.

”خاموش.......... ڪُتي“ صاحب وحشين جيان رڙيون ڪرڻ لڳو. وات مان ڳِفَ پئي وهيس،

”ٽري وچ اڪين اڳيان تہ نپوڙي ساهہ نہ ڪڍي ڇڏيانءِ“ صاحب جي تہ ڪاوڙ خبر پاڻ کي اٽي پر جي اڄوڪا ٻوڪڙ ٻڌينس ها تہ ابا بت مان ساهہ ست ئي ڇڏائي وڃئي ها پر شابس آهي مائيءَ کي، تو واري مائي بابا قهر ڪري ڇڏيا! صفا ٽين ڪڙڪائي

چڏيا. مائي پينسان شير آهي شير!! هن لڙ دهمان تي ممي ٻہ ٻاهر نڪري آئي. هن صاحب کي گهٽو ئي ٽڏو ڪرڻ جي ڪئي پر صاحب صفا ٻڙُ ٻينو هو.

”ممي نہ چئہ مونکي، ذليل ڪُتيءَ مانکي اهڙو غصو ڏياريو آهي، جو منهنجي برداشت کان ٻاهر آهي. ڇا ٻن ٽڪن جي نوڪرياڻي ۽ ڇا پئي حيثيت جتائي. بنگلو نہ ڇڻ بابنهس جي ميراث هجي........... غضب خدا جو..............! ممي ڪيئن تو ڪين برداشت ڪيو آهي؟“

۽ گهٽ جو گهر مائي ٻہ ڪانہ، هن ٻہ ڦهڪائي ڏنس،

”ممي، سنڀال پنهنجي صاحب کي، ڏسين ٿي ڪيئن ٿو مرداڻين واتين گاريون ٻَڪي............ نوڪرياڻي آءٌ ڪانہ آهيان، نوڪر آهي تہ پناهہ آهي.............؟“

”ايتري ۾ صاحب مميءَ کي پري ڌڪو ڏيندي ڊڪي وجي تو واري زال کي جندن ۾ هٿ ڳنڍيا پر ممي اسان ۽ ننڍڙي ٻار جي رانياڻن تي هن جا هٿ ڍرا ٿي ويا. پر يار..............! ويڙهہ تہ ڏسين ها، تو واري زال کي ٻہ ڪي وِهہُ جا پاڻي آيل آهن. مائي پيٽسان مڙساٽو مڙس آ. هوءَ ٻہ جنبوٽين پئجي ويس، اجا ٻہ ڪچ تي ٻار هئس نہ تہ جيڪر.......... پوءِ تہ اسان تو واري مائيءَ کي ۽ ممي صاحب کي اندر بنگلي ۾ گهلي وئي. ايئن مس مس جهيڙو ٽري ويو ۽ اسان ڪلمو پڙهيو............ پر يار مائيءَ کي ايئن ڪرڻ نہ گهربو هو، آخر تہ صاحب صاحب آ“

هاڻي ٻہ زال جي ڇهري ڏانهن چتايان تو، سچ پچ مانکي ڪِين تو لڳي تہ هيءَ ساڳئي ئي ڳوناڻي، اڻ پڙهيل ۽ سادي عورت آهي. هن جنهن نموني صاحب سان ٻہ ٻہ هٿ ڪيا هئا، ان تي سوچيندي منهنجو عقل دنگ رهجي وجي تو! خود غرض، خود پسند ۽ آدم بيزار صاحب کان سچ پچ بيزاري ۽ نفرت ٿيڻ لڳي ٿي.

# سونن سنجن وارا گڏهہ !!

ڪافڪا پنهنجي ”ٻہ شڪليون“ ڪهاڻيءَ ۾ عجب الخلقت جانور جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪلو ڏڙ ريڊيو ۽ سِسي ٻاڪري تہ نہ پر اڌ ٻلي ۽ اڌ ٻگهڙ هو. هو ٻلن ڪا ڊڄندو آهي تہ ٻگهڙ جي پونگڙن تي حملي ڪرڻ جي چست ۾ رهندو آهي. ڪوئن ڪاڻ ڪان نفرت ڪندو آهي تہ ڪڪڙيون پڪڙڻ جي منجهس سگهہ ڪانہ! جيڪو پوءِ اجا ٻہ ٻيون شڪليون بدلائڻ جي تاڙ ۾ رهندو آهي.

هڪ اهڙي ئي ڪهاڻيءَ جو مالڪ منهنجو دوست ٻہ آهي، جيڪو اڌ ڪاٺ، اڌ لوهہ تہ نہ پر اڌ ڪامورو ۽ اڌ اديب هوندو آهي. اهو ٿيو نہ تہ سچو اديب ۽ نہ ئي وري پورو ڪامورو، جنهن سبب ادب توڙي ڪاموڪي ڪرسيءَ تي اجا سوڌو ٽڪي ڪونہ سگهيو آهي. پوءِ ٻہ لک آفرين سنڌي اديبن کي جن ڪجهہ تہ سندس قدرداني ڪئي آهي. پر سندس آفيس عملو!؟ آفيس وارا ڏاڍا بي قدرا، وڏا بي وڙا، بي رحما، سدائين سندن اک ۾ ڪنڊي جيان چڀندو رهيو آهي. جنهن چيڪي سندن اکيون اٿاري، پچائي اهڙيون خراب ڪري وڌيون آهن جو، ننڊ وري ڪين ٻہ نصيب نہ ٿي سگهي آهي.

ڪافڪا کي سا سوغات پنهنجي وڏڙن کان ورثي ۾ ملي ۽ مان کي وري سنڌي ادبي سنگت جي ٿوري سان.

منهنجو دوست مُنهن مُهانڊي آريائي نسل منجهان نظر ايندڙ، صاحب هوندي ڪلارڪاڻو انداز! نہ ئي صاحب لوڪن جيان مٽي جا وار وڏا يا ڪوهيل، ٽڪڻ چاٽ پٽي ۽ نہ ئي وڏ ماڻهپي جي نشان طور سندس پيٽ وڌو سيٽ جيان سوٽل........ سنهڙو سيپڪڙو، سنگل پاسري، نهايت تيز پر انتهائي ڪنزرويٽو سوچ رکندڙ. عزت ۽ غيرت جي معاملي ۾ پنهنجا قدر رکندڙ. پيٽ پنيءَ سان ڪرنگهو نڪتل، ايئن ڄڻ سندس پنيءَ مان ڪرنگهي جي هڏيءَ کي ڪوري سندس ڪاتي کي جوڙيو ويو هجي. شايد ان ڪري ئي سندس ڪاتي کي ڪوئين ئي ”ريڙهہ جي هڏي“. هونءَ ٻہ پاڪستان سرڪار جي ڪاتن ۾ مسڪين، شريف ماڻهن جا هڏا نہ چورائبا تہ ٻيو وري چم ماس!

۽ عجب آهي انهن ماڻهن جو، جيڪي اڄ جي دور ۾ ٻہ ايمانداريءَ ۽ شرافت جو پرچار ڪندا وتن. هن آفيسري لٺ کي هڪ پاسي رکي انسانيت جي چڙيءَ سان ڄارو لاهڻ تي چاهيو عام بي پهچ انسانن جي ڇهرن تان. جنهن ڳالهہ ئي پريشان ڪري رکيو سندس مٿين حاڪمن کي ۽ پوءِ انڪار جي سزا ۾ ٿيو ايئن، جيئن گڏهِ ڪيو هو وتائي فقير سان.

هن کي جيڪا شڪايت آهي سا اها تہ، ”نيڪ آهي منهنجي حصي ۾ آيل ڊرائيور جون تہ صاحب وڏو ڀل خدمتون حاصل ڪندو رهي پر هي ٻيو عملو؟ هي پٽيوالا جهٽيوالا؟ هي داروغا، بيلدار؟ هي فيلڊ ورڪر ۽ من گهڙت نالا؟ هي هٽ نوڪيون پگهارون، هي هضم ڪيل سرڪاري فنڊ؟ هي ڪوڙا بل ۽ واڻوچر؟ هي وزٽ ڪندڙ فارينرن کي بيوقوف بنائڻ واريون چالون؟ هي ڪوڙا فارم رڪرائڻ، هي بج پيت، ميلن ملاکڙن، ثقافتي شو منعقد ڪرڻ جون ڪاغذي ڪاروايون؟“ مطلب تہ هن کي سڄو ڪم بي ترتيبو ۽ ڊانواندول لڳندو آهي. تڏهن مان چوندو آهيان، ”نيڪ آهي اي سائين پر توهان جو انهن ڳالهين سان ڇا، جنهن جي جيڏي تنهن جي تيڏي، ڇا ٿو ٿئي؟ ڪيئن ٿو ٿئي؟ اهو ٽيو ٻين جي مٿي جو سور، اوهان ڇو پيا اجايو پنهنجو پاڻ کي ڏوجهري ۾ وجهو.

جي ان وقت اهو ڊرائيور ڇوڪرو اچي نڪتو تہ ساٽس ملاقات بہ ڪرائي ڇڏيندو. هڪ اڌ ڀيرو تہ ڇوڪري جي ڊرائيونگ ۾ گاڏيءَ سوڌو گهر تي بہ اچي نڪتو ڇي، ”اچي هي حاضر آهي. ونوس، ونوس صاحب وڏي جا احوال ونوس.“ مرڪي چوندس، ”اوهان جا ڇو نہ؟“

صاحب وڏي جا احوال وري ڇا؟ منهن مهاندي ميسوٽو، سنهيون ٽيٽيهر جهڙيون ٽنگون، مٿي تي سنڌي ٽوپ ۽ پيرن ۾ لارينس پور جو بوٽ. ڏسڻ ۾ شريف، اشراف، روزي، نماز، تهجد، اشراق جو پابند. سڳوري سونهاري مُٺ جيتري. ڏاڙهيءَ جي معاملي ۾ انتهائي ڪٽر پٽي جو شڪار. ”توبهہ.......! مسلمان نهائينءَ کي بہ هر پندرهين ڏينهن ٻهاري ٿو ۽ ڏاڙهيءَ سان روز جُٽِ!! اها آهي سون جهڙي سونهاريءَ جي قدرِ منزلت؟“

سائين جي قدر جي ڳالهہ نڪتي آهي تہ هڪ ٻيو بہ عرض ڪندو هلان، صاحب وڏي جي قيمت وري ڇا!؟ نوريڙي جي مهماني بہ ٻير. هڪ ٽيو ڳيرو جوانڙو ڊرائيور ۽ ٻيو هن آفيس جو ڪرتا ڌرتا اڪائونٽنٽ صاحب، جيڪو سدائين خوفناڪ ۽ پوائٽي نانگ جيان سرڪاري فنڊن تي وڪڙ هنيون وينل. هو موڏي يا مانائتو پر ڳالهين ڳالهين ۾ سندس بہ ذڪر نڪرڻ ضروري هوندو. هن جي ڪاني ڪرامتن جا بہ وڏا ڊگها تفصيل ٻڌائڻ لڳندو.

اڪائونٽنٽ، جيڪو قد بت جو پورو پُنو، ڪٽڪ رنگو، گنجو، بُت ۾ پريل، ڏاڙهي عين الپٽي، مڇان نهيل نپيل تلوار ٽائيپ، واچ ۾ سدائين سگريٽ بجاءِ ڪانوڙي پن جي ٻيڙي، جنهن سبب سڀ سڏجي ٿي ”ڪانوڙو“ هي صاحب، صاحب وڏي جو نور نظر ڪيئن بڻيو؟ اهڙي چاٻي ڪيس ڪٿان ۽ ڪيئن هٿ آئي؟ انهن سوالن جا جواب پاڻ واري معتبر صاحب ڪجهہ هن ريت ڏنا.

اڪائونٽنٽ پنهنجي ظاهري عهدي سان گڏوگڏ پارٽ ٽائيم جاب ڪندڙ. هو پنهنجي ڏنڌي کي لڪل ۽ گپت رکڻ ۽ باقي ماڻهن جي ڪارگذارين کي وائکو ڪرڻ

۽ وائرڻ ئي پنهنجو عظيم ڪارنامو شمار ڪندو آهي. هو سدائين شڪاري ڪتي جيان نوس نوس ڪندي غريب اشراف ۽ پروگريسوِ سوچ رکندڙن جي ٽَرا ڇَپَ ڪندو وتندو آهي. اها ”چغلتويو“ جي ڊگري وٽس ڪيئن آئي، سا بہ عجيب ماجرا آهي. ٿلهي ليڪي هن جي ڪنهن سنڌ جي وڏي وڏيري ۽ ٻي ڪنهن سونهن جي ديويءَ معرفت دارالخلافہ تائين پهچ ٿي وئي. جنهن پهچ پنيان وفادار ۽ نمڪ حلال نوڪر طور منڪر نڪير وانگر سنڌي ماڻهن جي گناهن جا فائيل تيار ڪري وقت جي خدائن جي دربار ۾ پهچائي سندن خوشنودي حاصل ڪندو آهي. اهڙي غلامي ڏيڻ ڪان پوءِ ئي هن ڪي اهو حق حاصل ٿيو آهي، جو آفيس جي عام ڪارندي ڪان صاحب وڏي جي دل تي بہ حڪومت ڪرڻ جو حق رکندو آهي. جيڪو هن جي اهڙي حق ڪي چئلينج ڪندو آهي، ان غريب ڪي ان جو ان وقت ٽڙا ٻڌائي، بسترا گول ڪرائيندو آهي. ايئن ئي هڪ اڌ پيرو تہ پاڻ واري يار جا بہ بسترا گول ڪرايائين، پر اسان جو يار.....................

اسان جو يار پل تہ هاني ڪانيءَ سان ناهي پر اتس وِڃُ جا پاٽي. هو هر وقت پنهنجي آفيس ۾ ڪاموڪي ڪرسيءَ تي يا پنهنجي چئن ڦيٿن واري ٽڪندي گاڏيءَ تي چئوتال هلندي نظر ايندو. پاڻ ڳالهہ ڪندو آهي، ڪيس نئين پروموشن سان گڏ جڏهن عالمي اداري جي سهڪار سان هڪ عدد نئين نڪور گاڏي بہ نصيب ۾ آئي، تڏهن هو اهڙو بود ۾ پرجي ويو، جو پنهنجو پاڻ ڪي دوزخ، دوزخ يا بهشت جو داروغو ضرور سمجهڻ لڳو. جيڪا ٽيڳر وري وڏي صاحب ڪي ڪانہ آئڙي. هن جي حصي ۾ جيڪو ڊرائيور آيو، سو جي حور پري ڪونہ هو تہ غلمان ۽ خوبرو ضرور هو. افسوس جو، سو سهڻو ڇوڪرو وري ڪيس بخشش ٿي نہ سگهيو. ان تي وري اجا بہ مٿئين صاحب جو حق رهيو. جنهن نُڪتي تي ئي بنا مُند مهل جي ٻئي صاحب پورين پئجي ويا. اها راءِ ڏيڻ تہ کهڙي ڌر ڪي پُنيءَ پاران ڪنهرائڻ جي عادت هئي، سو تہ ٿيندو الله جي ڳجهہ ۾ هٿ وجهڻ. بهرحال ڪنهڻ لاءِ هن ڊرائيور ڪان وڏيڪ سريلا ۽ نفيسڙا نَهَہ وري ٻئي ڪنهن پٽيوالي جهتيوالي، بورچي، اردلي ۽ پهريدار ٻهريدار جا ڪو نہ هوندا، ايتري شاهدي تہ مان ڏئي سگهندس.

رات اڌ رات، آنڌي مانجهي، هئو مئو ٽري، ايئن ئي ٻِٽي ڊيوٽي ڏيندي ڏيندي غريب ڊرائيور بہ هار مڃي ويٺو. چي، ”صاحب، هوندا اڪارڊ ڪان سوزوڪي وين تائين هر روز هلائي ٿو سگهان پر بلڊوزر هلائڻ ڪان منهنجي توبهہ!“

۽ پوءِ جڏهن، جڏهن اهڙي ڊيوٽي ڏيڻ ڪان انڪاري ٿيو، تڏهن تڏهن عرش ڪان فرش تي ڪرڻ جا دڙڪا، نوڪري وڃائڻ ڪان پگهار ۾ ڪاٽ ڪوٽ، جمعا چانداٽا، جائز، ناجائز مڙئي موڪلون بند.

صاحب وڏي جي وري ٽنڊوالي چا!؟ گاڏي تہ هو رکي ڪانہ، گاڏي هيس پر پلو ٽئي شاگردن جو، جن آگسٽ 1983ع واري هلچل ۾ بہ شيشا پيٽرول جا پرٽي ٻين ڪيترين ئي گاڏين سميت وڏي صاحب جي گاڏيءَ ڪي بہ ساڙي ڇڏائي ڇڏيو صاحب

ڪي گهڻي خفي ڪان. نه ته تيل جي پئسن، ڊرائيور جي المستاين ۽ سوال سَتي صاحب ڪي ڏاڍو بيزار ڪري رکيو هو. تڏهن ڪان هن اشراف نه ته ٻي گاڏي رکي ۽ نه ئي سڙي ويل گاڏيءَ جي رپيئرنگ ڪرائي ڪم ڪاڍو ئي بنائي. رپيئر جا فنڊ ته ڪافي آيا ويا پر سڳوري صاحب جو هرو ڀرو ضد ته، ”گاڏي عالمي اداري جي عجائب گهر جي زينت بڻجڻ گهرجي.“

بهرحال گاڏي ته هلائڻي ئي هئي پوءِ جي ڊرائيور رکي نه ته پاڻ واري يار صاحب ڪي ئي سهي. ڏکهي عرصي ڪان جو ڊرائيور صاحب وڏي جي ٽنڊواليءَ ۾، سو صاحب نندي ڪي گاڏي هلائڻ سکڻي ئي پئي. ان سکڻ واري عمل مان گذرندي فيلڊ ۾ ڪيس چو نه ٿو وزن تي وجهو پوي، پوءِ ته ڪٽي رب رکيس، نه ته ٽُنڊو منڊو ٿي يا عمر لاءِ عذاب پَسي ها.

ٿيو ايئن، جو گاڏي هلائڻ جا فرائض سر انجام ڏئي رهيو هو پاڻ وارو يار ۽ ٻيا وينا هئا سندس پر ۾ ڪنهن ٻئي ڪاتي جا ڪُتي ڪنيل ٻه ملازم. گاڏي هلي رهي هئي ۽ گاڏي پنهنجي پوري رفتار سان ڊوڙي رهي هئي. اسان جو سيڪڙات صاحب پنهنجي اعليٰ ظرفي ۽ پختي ڊرائيونگ جي ثبوت ۾ ڪنهن مها سوار جيان گاڏيءَ جي اسٽئرنگ ڪي ڪڏي ابتو، ڪڏي سُبتو اهڙا جهٽڪا ڏياري رهيو هو، جهڙا ڪو گٽنگ موالي سلفي سَرِ ڪرڻ لاءِ ٻئي جاڙيون ملائي، چپ پڪوڙي پنهنجو پاڻ ڪي دونهين جي غبارن ۾ دڦ ڪري باهه جي ڄر سان پنبڻن ۽ ڀِرُنِ ڪي ٻه جري سينيئر هجڻ جو ثبوت ڏيندو آهي. گاڏي هلي رهي هئي ۽ پوري تيزيءَ سان هلي رهي هئي ۽ پوءِ چو نه ٿو ڪڏهن ڪنهن مهل بريڪ بجاءِ ايڪسيليٽر تي زور اچي وجي، ان زور اچڻ تي تيل جي تيز ڌارا گڏوگڏ گاڏي هوائي جهاز جيان زون............... ڪري وٺي اڏاڻي ۽ افسوس جو سو اڏرڻ ڪيس راس نه آيو، ويچاري ايئر وولف ٻڌجي نه سگهي. پئي جو ڪنهن ساڙ سڙئي ٽاليءَ جي وڻ ڪي خبر، سو سندس آڏو سينو سپر تي بينو ۽ پوءِ اک ڇنڀ ۾ ڪينهوڙي جيان ڪلابازيون ڏيندي ڏو وڃي هڪ ڪاهيءَ ۾ ڪري. اڃا ٻه شڪر جو سُڪ سرءُ جي مند هئي نه ته جيڪر پاڻ وارو صاحب انارڪليءَ جيان جيئرو ئي گپ سان لنبجي پاڻيءَ ۾ غوتا ڪائي غرق ٿئي ها. تڏهن ڪان نه رڳو ويچارا ٻيا ٻه شريف ماڻهو پنهنجا ڪن نڪ ڪپرائي ٻُتا ٻُسا ٿي ويا پر پاڻ وارو صاحب ٻه گوڏي جي ڍڪڻي ڀڃرائي شهيدن جي لسٽ ۾ پنهنجو نالو لکرائي وينو ۽ پوءِ گاڏي جڏهن گهلجي سهلجي شهر پهتي ته ماڻهن جي حيرت جي حد نه رهي! گاڏي ٽڪندي!! اڃ اڃوڻيءَ ڳوتان ڀڄنديون رهن، اها ڪمپني نئين ڪي پراڻي!؟ اها ڪمپني جرمن جي يا جپاني!؟

فنڊ ته روز مهيا ٿين پر گاڏيءَ ڪي پهرين واري روپ ۾ آڻڻ لاءِ صاحب سڳوري جي دل ڪانه چاهيندي آهي.

دل تہ منهنجي بہ ڪانہ چاهيندي آهي تہ اهڙي جهنر گاڏي ۾ اهڙي بي سري ايڪسيڊنٽ جو ذڪر ڪجي پر پاڻ واري صاحب جو هروڀرو ضد تہ مان سندس لاءِ ڪا ڪهاڻي لکان، ڪهاڻي نہ لکڻ جي صورت ۾ وري ڪافڪا جي ڪردار جيان سندس جسم جو ٻيو حصو وجي پيو وڏندو، شايد اجا بہ ڪيس ڪنهن نئين صورت ۾ پنهنجو پاڻ ڪي بدلائڻو اٿس!!

# ڪروڌي سنڌو

آگسٽ جي ايڪويهين تاريخ جو ڏينهن به ڪيڏو نه ڀيانڪ هو، سکر بئراج بند ٽٽڻ جي خبر ماڻهن جي دلين تي موت وانگر واسو ڪري وئي هئي. ريڊئي جي راڪاس جهڙي رنڀندڙ آواز ماڻهن جي دلين کي ڳڻتين جي ڳوراڻ هينان چيڀاڙي رکيو هو. اوچتو ئي اوچتو ٻوڏ جي ٻه مُهين وات ڦاڙي پڪي جي وسندين تي ماڻهن جي جان ۽ مال کي مانگر جيان ڳڙڪائڻ لاءِ پنهنجو منحوس وات کولي وڌي رهي هئي. هرڪو سودائن جي سيڙهن تي لڙڪي لڙڪي پنهنجو پاڻ کي دان جيان سنڌوءَ جي حوالي ڪري رهيو هو. تقريبن هر جيءُ جنجال ۾ هو، سندن هر سج سُورن جو ۽ راتيون روئڻهارڪيون ٿيون ٿي گذريون. پلا ڪٿي مسڪينن وٽ اهڙا وسيلا، جن رستي پاڻ کي پُختن هنڌن تي پهچائن. ٿورين ئي گهڙين ۾ سنڌو تباهي مچائيندو طوفان جيان پڪي کي به ڪچي جيان وڪوڙي ويو هو. پاڻيءَ پير ڪٽڻ جي ويسند به ڪانه ڏني. ماڻهو جان بچائڻ ۾ آزرتا. سڀ ڪو ٻوڏ جي ٻوت کان حراسان، زندگيءَ کي جهدن سان بچائڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل. ڪيترن ئي مائٽن جون جهوليون خالي ٿيون. ڪيتريون ئي مائرون مويي پُٽ وڃائي ويٺيون. ڪيترين ئي ڀينرن پنهنجا ڀائر سهايا. اوچتي آفت سبب ڪيتريون سهاڳڻيون پنهنجا سُهاڳ لُٽائي ويٺيون. نندڙن تلڦڙن ٻارڙن جون هونگڙيون ۽ ٻاڪارون، هر جاءِ محشر جي مهاندي جو ڏيک. ڪنهن جو ڪو واهرو ۽ پرجهلو ڪونه. هر شئي سنڌوءَ جي سيرن ۾ سڏڪي سڏڪي پنهنجا آخري پساهه پورا ڪري ٻي ساهي ٻانڌ جيان لڙهي رهي هئي.

انسانن جو دل ڏاريندڙ رڙيون، پڙاڏا ڪنديون فضا جي آغوش ۾ هميشه هميشه لاءِ دفن ٿينديون رهيون. هن قهري ازدها جيڏانهن به ٿي ڪرُ ڪنيو، تيڏانهن تباهي ئي تباهي. لکين انسان اگهاڙا، بي گهر، پيٽ بُکيا، اَنَ ڪٽي لاءِ حيران، لولي لاءِ وتن پيا رُلندا. اقتداري ازدها جا به موت جهڙا مُهاندا، جنهن کي تباهه ٿيل انسانن تي ڪسيري جي به ڪهل ڪانه. بکئي کي بکيو ۽ اجين کي اجيو رکڻ ۾ چڻ ڪيس آسيس ايندي هجي.

اهڙي تباهيءَ جي سَمي دلاور به قيامت جي ڪنارن کي ڇهندو، سارو سات سهائي ٻوڏ جي ٻرن ۾ ٻوڙي، آسن ۽ اُميدن جي آسري ڪنهن ٻانڌ کي ٻڪ وجهي اٽڪل ٽن ڏينهن کان ڪنهن پهر لاءِ پيو واجهه وجهي ۽ سنڌوءَ جي سيرن ۾ سرير جا آخري پساهه پورا ڪري. پري کان هڪ پيرسن ملاح پاڻ جهڙي انسان کي لڙهندو ڏسي ٻتيلي سميت ڏوڪي آيو هو. ٻڏندڙ کي سهارو ڏئي ٻتيلي ۾ پناهه ڏني هُئائين. ڪجهه ويرم گذرڻ بعد دلاور سامت ۾ ايندي سک جو ساهه کنيو هو. ملاح ڪيس مُنَ

ڀڳڙن جي ڀري ڪاٺڻ لاءِ ڏني هئي. دلاور جيئڻ لاءِ به ڪٽا ڀڳڙن جا وات ۾ وڌا مگر پڪيءَ جي ابهم ٻچڙي جيان ڳيت ڏئي نڙيءَ کان هيٺ لاهي نه سگهيو هو. هن جي آڏو آشائون، نراشائن جي ڀوائتي روپ ۾ نچي ٽپي رهيون هيون. هن جي آڏو گهر ٻار جي تباهيءَ جا منظر مڙي ڪيس روئاري رهيا هئا.

هو اُٻاڻڪو ٿي وسامي ويو هو. سودائن سندس سيني ۾ سوين سوراخ ڪري وڌا هئا. ٻوڏ هن کان ڇا نه ڪسيو هو، هن جي وني ٻڏي، ٻار ٻڏا، ٻچا ٻڏا، ننڍا ٻڏا، وڏا ٻڏا ۽ رهيو به ڇا جو هن جي جڏي جيءَ کي دڙ دلاسو ڏئي! انهيءَ ڳڻتيءَ، انهيءَ پيڙا هن جي سرير کي ڇيهون ڇيهون ڪري رکيو. هو زندگيءَ مان بيزار ٿيو، جيون هن تي بار هو، پوڙهي کي اندر جا ايذاءَ ڏيکاريندي چئي وينو، ”بابا جڏهن ته زندگيءَ ۾ ذليل شڪست نصيب ٿي آهي ته پوءِ اجا جي ڇا ڪندس، ڇو نه ڪٽي پنهنجو پاڻ کي به سنڌوءَ جي سيرن ۾ اڇلائي هن جيون جو انت آڻيان. هينئر اڪيلي سر زندگيءَ سان منهن ڏيڻ مون کان نه ٿو اجهي!“ پوڙهي ملاح ڪيس ڳراٽڙي پائي دلجاءِ ڏني هئي، ”پُٽ، توکي زندگي پياري آهي. توکي زندگيءَ سان پيار آهي، تڏهن ته بي ساهي ٻانڊ کي به سهارو سمجهي وتين پئي واهروءَ لاءِ واجهه وجهندو! مڙس ته ماري پاڻ ملهائيندا آهن، تو ڇو دل لاتي آهي! مون ڏي ڏس، ڪيئن نه ڪمزور هوندي به وقت جي ويرن سان پيو وڙهندو وتان!!“

پوڙهي ملاح جون آتت ڀريون ڳالهيون ٻڌي هن جي ڇپن تي لڙڪن ڳاڙ مرڪ نچڻ لڳي هئي ۽ منجهس جيئڻ جي شڪتي ڪر موڙي اٿي هئي.

دلاور کي پوڙهي ملاح جي ٻتيلي تي رهئي ڪجهه ڏينهن گذري ويا هئا. ٻتيلو ماضي ۽ مستقبل کي سيني تي سوار ڪيو واءَ جي واڇوڙن سان ٽڪرائيندو، ڇولين کي ڇهندو، سڙٻاٽيندو، هنج جيان اوڀارئين طرف اُلري رهيو هو. ڪاري رات جي ڳُتڻ جي مهل قريب هئي، پوئين تاريخن جي چنڊ، ڪن پل ۾ خاموش ۽ سُتل ماحول کي جاڳائي رکيو هو. ننڍن ننڍن وٽن مٿان پاڻي ايئن پٽريل هو، جيئن ڪنهن ناريءَ جي سِرَ تي سفيد ململ جي پوتيءَ جو پلاند. دلاور ۽ پوڙهو اجا سجاڳ هئا. ننڊ هنن جي نيڻن کان اوجهل هئي. خاموشيءَ کي ٽوڙيندي پاڻ کي آدم جو احساس ڏيارڻ خاطر دلاور پوڙهي ملاح سان ڳالهايو هو.

”بابا، توهان جي سانير ۾ ڪڏهن سنڌوءَ ۾ ههڙي اٿل آئي!؟“

اوچتي سوال پوڙهي کي ڇرڪائي ڇڏيو هو. ننڊ کان تتائڻ خاطر سنڌوءَ جي سير مان به ٻُڪ ڀري منهن تي وسائيندي ٽڪل ٽڪل پنبڙين کي کوليندي چيائين،

”ها! وڏڙن واتان ٻڌندا هئاسين، جڏهن ڌرتي ماءُ ڏمربي آهي، سايون ٻنيون، نويل ونيون وهه جي ور چڙهنديون آهن، تڏهن سنڌو اُتل کائي هر شئي کي پنهنجي پيٽ ۾ پيهي، آنڌ اجاڙي، آباديون ويرانين ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو آهي. هڪ ڀيري ٻابي واتان ٻڌو هئم سنڌين وڏو پاپ ڪري ڌرتي ماءُ کي رنجايو هو. هنن غيرن جي

گذاري تي پئي زندگي گذاري. سندن تخم پئي پراون پيرن هيٺان چيپاتيا. هنن ڌرتي ماءُ جي لوئيءَ کي لڄائي غاصبن آڏو سِرُ جهڪايو هو، تڏهن سنڌوءَ جي دل ٻرندڙ جبل جيان ڦاٽي پئي هئي. انسانن جي گناهن جا راز فاش ٿيا هئا. جن سنڌوءَ جي ڪروڌ کي للڪاريو، سي تهس نهس ٿيا هئا. تڏهن کان پوءِ سنڌين سرن جي سخا ڪري سنڌوءَ جي ڏمر کي سرچايو ۽ پراون جي پاڙ پٽي، ڌرتي ماءُ جي سيني کي آجو ڪري رت جو ريج ڏئي، سنڌ جي سينڌ کي اڇو اجرو ڪري جرڪايو هو.“

پوڙهي جي پڄرائيندڙ لفظن ۾ جيئڻ جو سنيهو هو، جنهن دلاور جي لوڻ ڪانداري ڇڏي هئي. هن جي جسم ۾ ايذائن ۽ افسوس جون لهرون ڊوڙون پائڻ لڳيون هيون. هن جي اکين ۾ اُميدن جا سوين ترورا جرڪڻ لڳا هئا. پوڙهي وري چوڻ شروع ڪيو هو، سندس آواز دلاور جي دل ۾ پڙاڏو ڪندو اوچو ٿيندو ڪيس جياپي جي راهه ڏيکارڻ لڳو.

”ابا، جڏهن سنڌين جي حياتين کي ڪلر ڪين ڪاراٽيو هو، جڏهن سنڌي سورهيائي ۽ سرويچيءَ جا سرواڻ ٿي غاصبن کي غرق ڪندا هئا، تڏهن سنڌ ماءُ جي سيني تي راجا ۽ پرجا جو فرق مِٽائي، پريم ۽ پيار، امن ۽ شانتيءَ جي مذهب کي جنم ڏنو ويندو هو!!“

پوڙهي جو آواز جيئن پوءِ تيئين گنڀير ٿيندو ويو هو. هن جي پيشانيءَ تي اٽلڪو پگهر پيچرا ناهي وهڻ لڳو هو. هن جي اکين ۾ ٻيڻل پاٽيءَ جو ڊٻو چلڪي ڳلن جي هڏن تان ٿيندو سفيد ريش ۾ جذب ٿي ويو هو. هن گجندڙ سنڌوءَ جي لهرن کي تڪيندي چيو هو.

”افسوس! اڄ ٻه ساڳئي سنڌ! ساڳيو ئي سنڌو! مگر نه اها ميٺ محبت نه سک سلامتي، رڳو ڇتي ڪتي واريون رهچون!“

دلاور وڏو ساهه کڻندي حيرت مان پڇيو هو.

”پر بابا، اسان ڪهڙو ڏوهه ڪيو!؟ ڇا سنڌوءَ کي ايئن ڄڳائي جو پراون پاپن بجاءِ پيو پنهنجن کي ٻوڙي!!؟“

پوڙهي کي دلاور جا لفظ چوڇڙيءَ جيئن لڳا هئا. ڇڙ وني وئي هُيس.

”ٻچا، جڏهن سنڌو اٿل ڪائيندو آهي، تڏهن هر ڏوهي ۽ گنهگار سان گڏ سنڌين جي ڪمزوريءَ ۽ ٻي وسيءَ جا ڪرتوت ٻه لڙهي ويرن جي وَرِ چڙهندا آهن! سنڌو پنهنجن جي پکن جا بنياد اُکيڙيندو آهي، تڏهن ئي سنڌي غيرن جي محلن جا ڪنگرا ڪيرائڻ لڳندا آهن! ڪنهن انسان واتان ٻڌو هئم هڪڙي ڏاهي جو قول ته ”جيڪڏهن ڪو انسان هزار حيلن ڪان پوءِ غفلت جي ننڊ مان سجاڳ نه ٿئي ته سندس آڏو معصوم ٻچا کهوس ته پاڻهي سجاڳ ٿيندو.“ ٻچا جيسيتائين دز جي غبار ۾ ڪنگهڻ جو سهارو نه ونبو، تيسيتائين دز پئي گهٽيندي رهندي! سنڌوءَ جي اٿل جي مون کي صدين ڪان ڄاڻ هئي! جڏهن کان سنڌي مذهب جي زنجيرن ۾ ڇنبڙي آزين ۽ نيزارين

جا گيت آلاپڻ لڳا هئا. جڏهن غيرن جي گريبان ۾ لڪا رهيا، جڏهن ديس سان ويساهه گهاتي ڪري غيرن جي گلائن تي دت هٽي سُتا رهيا، تڏهن ئي سندن پاپن جا راز کُلي پيا. تڏهن ئي مان سوچيو هو تہ سنڌي سنڌوءَ جي ڪروڙ ڪي لڪاري رهيا آهن.............. اڄ خبر پئي تہ منهنجا سپنا ساپيان نڪتا!!“

پوڙهي جا لفظ دلاور جي دل ۾ سنڌوءَ جيان عجيب طوفان برپا ڪري رهيا هئا. هن جي اکين ۾ اوچتو عجيب چمڪ اچي وئي. عجيب بغاوت جا آثار هن جي پيشانيءَ تي پکڙجي ويا هئا. آزاديءَ جو تصور هن جي نگاهن ۾ اُڀري آيو هو. پوڙهي ملاح جا لفظ سپ جيان ڪيس ڪکيندا رهيا. سندس اکين ۾ ازلي اڙٻنگ انسان جاڳي اٿيو. هٿن ۾ تيز جنبش اچي ويس. هٿ ٻتيلي جي ونجهہ تي اُمالڪ وري ويس. ايئن ٿي محسوس ٿيس، ڄڻ هن جي زنگيل غيرت کي جاڻ جو پاڻي مليو هجي. هن جون اکيون ماضيءَ جا اڻ لکا نقشا تڪينديون رهيون. جڏهن پورهئي تي پرماريت وارن غاصبن جنم ڪين ورتو هو. جڏهن زندگي ايتري اٽيي ۽ هولناڪ ڪانہ هئي. هن جي زبان مان بي اختيار نڪري ويو هو،

”بابا، سچ سچ ٻڌايو توهان روشنيءَ جا مينار ڪير آهيو؟ توهان عام ميربحر نٿا ڏيکارجو!!؟“

”پُٽ، اڳتي هلي تو کي وقت ڏسيندو. توکي بہ مان جيان درس ڏيٺو پوندو، هر ان کي بہ مان جيان رهبر ٿيٺو پوندو، جنهن جي دل ۾ ذري برابر بہ پنهنجي ديس ۽ ديس واسين لاءِ محبت آهي. اسان جو ڪم آهي راهہ جي رهبري ڪرڻ ۽ رستي لائڻ. تون وچن ڪر تہ ڪڏهن بہ سنڌوءَ کي ڪروڙ ۾ نہ اڇڻ ڏيندين. سدائين پاڻ ڪروڙي بنيو رهندين، ظالمن لاءِ، پاپن لاءِ، پرمارن لاءِ.“

”مان وچن ٿو ڪريان، سنڌوءَ کي ڪڏهن بہ ڪروڙ ۾ اڇڻ ڪين ڏيندس. مان نئين سچ جيان، نئين دنيا روشن ڪندس، سنڌ روشن ڪندس. مان هر ان ازدها سان اٽڪندس جيڪا سنڌين جي غيرت کي لڪاريندي. مان پرماريت جي سيني ديوارن کي ڪيرائي سورهيہ ۽ سرويچيءَ جو ٻج ڇٽيندس.“

ايئن ئي هو سخت جنون ۾ سوين لفظ اچاريندو ويو هو. جن مان بغاوت جي ٻٽاس ايندي رهي هئي. ايئن پئي پائنيو ڄڻ دلاور بجاءِ ڪو ڪاوڙيل روح سندس جسم اندر پيهي ويو هجي! هن جي ذهن مان اوندهہ جو واسو وسهندو ويو. هن پٽن ۽ گهورڙين واري زندگيءَ کي ذلت سمجهي سورهيائي ۽ سرويچيءَ جي ٻج ڇٽڻ جو عهد ڪيو هو. پرهہ رات پاچولن جا پاند سنواري، نئين نکوري صبح کي جنم ڏئي، هڪ انسان جي اسهڻ لاءِ رستو صاف ڪيو. هو ويسر وساري پنهنجي منزل طرف وڌڻ لڳو. اونداهين ۾ وڪوڙيل، ٽڪل ٽُٽل، اوجاڳيل انسان شير جيان گجندو اڳتي وڌندو رهيو هو.

”نئون انسان جاڳي پيو هو!“

”ڦريل ماريل انسان جاڳي پيو هو!“
”تاريخ ضرور پنهنجو پاڻ دهرائيندي!“
”سنڌي ساٿيهہ ضرور سڪ جو ساهہ کڻندو!“
”ڪروڙي سنڌو ضرور سامت ۾ ايندو!“
”ڪروڙي سنڌو! ڪروڙي سنڌو............ سامت....... سا.............!
هو اهو راڳ آلاپيندو اڳتي وڌندو رهيو هو................

# ڇينهرو

خان صاحب سڪندر خان جي ته ڇا ڳالهه ڪجي، اهي بنگلا، اهي بسون، انجڻيون، اها روڪڙ، اها ٻني ٻارو، راڄ ڀاڳ، گهر ۾ ڇا نه اٿس. اهو سڀ ڪجهه اٿس، جيڪو ماڻهوءَ کي هن سماج ۾ مهندار بڻائڻ لاءِ ڪافي آهي. صاحبيءَ واري زماني ۾ ته ڇڏ پر هاڻ رٽائر ٿئي ڪان پوءِ به ماڻهو ڪوٺنس ئي خان صاحب، خان صاحب، خان صاحب جڻ ڇنيءَ جو نالو هجي يا ڪو خطاب مليل هجيس! خان صاحب سڪندر خان جي خان صاحب ٿيڻ جو به عجيب قصو آهي. اوجهو وسائي مرحيات جي لفظن ۾، ”خان صاحب جو به هو ڪو لولو اگهاٽل، نه ته ٻِيڪي ها پيو اسان جيئن يا حياتي! هاڻ ته صاحب دفتر تو اٿلائي پر اڳ پڙهيل به نالي لاءِ ڪو نه هو. نسورو ڄٽ، صفا ڄٽ! هاٽي ته سائين ڇا ڳالهه ڪجي! اجا ڪالهوڪو ئي ڏينهن آ جو اسان سان گڏ ٻُوڙا ڪيندو، ڪوڏر هٽندو ۽ ٺوڪري ڊوئيندو هو، اڳلي وقت ۾ ابا، روزگار هئا گهٽ، ڏهاڙي اِها چار آنا، ايڏو ڇيهه ڇيهه آ به ٻيو ٿيو خير................!“

”اها ڪهڙي زماني جي ڳالهه آهي ڪا ڪا!؟“

”ابا اها ان زماني جي ڳالهه آهي، جڏهن دادو ڪئنال نئون نئون ڪچي رهيو هو. هئو ڙي زمانا! ڪهڙي ڳالهه ڪجي، جيڏانهن ڪر مُهاڙ تيڏانهن ست راڄي ڇيڙ. ڪوڏارين ۽ ٺوڪرين جا هوڪرا ۽ دنبها، ڪيو قادر قلندر........... بڪ، بيروزگاري پر پوءِ به مُرڪندڙ منهن، شينهن جهڙيون ڇاتيون، الا الا............ ڇا ڳالهه ڪجي! تن ڏينهن ۾ خانصاحب سڪندر خان اڄ جيان صاحبيءَ کي پهتل ڪِين هو. اڄ آ جو پيٽها نٿو ڪري پرائي پنهنجي جي ساڃاهه!“

”ها، سو ابا خانصاحب به اسان سان گڏ پناٽن جي ڪوتيءَ جيان چارئي پهر پيو لوڙيندو هو. پڻهس به سُتت ئي فوت ٿي ويو هوس. گهر ۾ ٻي ڪا پُهر ڪانه، سو هڪ ڏينهن مرحيائت نوران مون وٽ آئي، اڙي ابا وَسايا جڙئين شال پاڻ سان گڏ منهنجي سِڪوءَ کي به ڪمرائين ته جيڪر ڇا نه ٿئي. پنهنجا ته حال ساريا پيا اٿئي، مرحيائت مئي ڪان پوءِ نه جو ڪو پيٽ ڀري ڪاڻو نصيب ٿيو آهي. مَنَ تنهنجي ٻهاني منهنجي ٻچڙي کي به ڪجهه ملي، پر پُٽڙا اجا ڪچو آ پارت هجئي. پوءِ ٻئي ڏينهن مُلان ٻانگ ڏني ته جوٽي بيناسين اسان ٻه، لاڙوين منجهند تائين ويندي خان صاحب ٺوڪريءَ تي ۽ مان ڪوڏر تي. پهريان چڱا جهٽڪا ڏنائين پر پوءِ ڪچڙي نيرن ڏاري ويو جهڪو ٿيندو، ويو جهڪو ٿيندو، ٺوڪري ڪٽندي جنگهان پئي ڏڪيس. ڪيترن ٺوڪرن کي ڏاڪڻ ۾ ئي ڊاهوڙا ڪرايا، پوءِ ته سڄي ڇيڙ جا هُوڪرا! صاحب به ڏاڍو لڄي ٿيو، پلا مڙس سنهو، سوٽڙو، سيپڪڙو. اجا مڇن جي ساول مس پئي لٽس، ٻيو غربت، هو ڪرنگهه جو پَٽُ ۽ جوئر جي ماني پوءِ ٺوڪري اچليندو نه ته ٻيو ڇا ڪندو. بس تنهن

ڏينهن جمعدار کي سُپارت ڪري اماني ڪمرائي سونس. هندن جي وئي ڪان پوءِ سال اڌ اڳ سيٺ ڏيئي مل جو راضپو ٿي ويس، جنهن ڪيس پوليس ۾ ڪٽائي ڇڏيو..............!!“

ڳالهه ڪٽي ڇا ته هجي پر سڪندر صاحبيءَ کي پهچي ڊي ايس پي جي رُتبي کي رسيو ۽ هينئر سُتت ئي پينشن وٺي اچي گهر وسايو اٿائين. هاڻي ته اڻ سونهين ڪي ته پيئو وٺي ويندو. ڪو به اعتبار نه ڪندو ته صاحب رٽائر آهي. اهائي ساڳئي صاحباڻي لوڏ، اجا سوڌو هڏ ٻُت ۾ پريل، پيٽُ ٿورو اڳتي نڪتل. هٿ ۾ سدائين ڪاري ڏنڊڪي، گهر، گهٽي ۽ اوطاق پائنين ته ڄڻ ٽاٽو هجيس. ٽاٽو! پنهنجا راڄ ڀاڳ، پنهنجون زمينون زڙيون، ڳوٺ جو چڱو مڙس، تر جا سڀ وڏيرا سندس صلاح مصلحت ۾، ٽاٽي وارن وٽ وڏي پهچ، ٻڌ ڇوڙ سندس ڏائي هٿ جو کيلُ.

چوندا آهن وڏي واڙي لڳي ڀاڳ، سو صاحب کي به ٽي نياڻيون ۽ پُٽ. نياڻيون ته هڙئي اٿاري ڇڏيون اٿائين، ڪا ڪنهن رئيس کي، ڪا ڪنهن آفيسر کي، باقي پُٽ تن مان به وڏو ته خير سان پڙهي پيو اٿس، سندس شادي به تر جي رئيس جي ڌيءَ سان ڪرائي اٿائين. تنهن کي به گهر توڙي ٻاهر پيءُ جيان ڪوٺين ٿي خان صاحب، خان صاحب. باقي ننڍو تنهن سان ته صاحبن جي پوي ئي ڪانه. هو همراهه به نه ٻن ۾ نه ٽن ۾، سدائين ٻاهر وتي پيو پنهنجي مُنهن هلندو. وڏو صاحب ته چوندو ئي ايئن آهي، ”پيسان چوري مان غذا ڪانه ٿي، چورو ڪري خراب ٿيو. ڦٽائي تو سڄي ڏنڊي کي. هون! ڇا ڄاڻي ڪتو ڪٽڪ جي مانيءَ مان. ٿيندو پاڻ خراب اسان جو وري ڪهڙو.............!“

هڪ ڏينهن ته ويهاري سمجهايائينس، ”پُٽ سڌر، سڌر چڱو ٿئي. شودن جي سنگت، پاڻين اونئين ڪَکِ وينو ٿي، جي گهٽو گهٽو ته ڪري ڇڏيندوساڻءِ ڏار، اسان جو ڇا ڪندين ٽاٻا پاڻ ڪائيندين.“

هن به ٺَرَ ئي ڪانه ڪَيَسِ، ”ها، وير وير جي تمجهڻ ڪان هڪ ڏينهن جو چينهرو چڱو آ، مون کي توهان جو گهرجي ڪجهه ڪِين، رڳو جان ڇڏايو!“

ننڍي صاحب کي ته پِتي تي ئي ڪونه پوي، چوي ته اصلي هن وقت گهر مان نڪري، اهو ئي سبب سويرو ئي هن کي گهر ڪان الڳ ٿلڳ هڪ ڪوٺڙي ڏني اٿائون. ڪوٺڙي وري ڇا، نسوري ڪولي، جنهن ۾ هڪ کٽ مس ماپي، پاسن ۾ ٻه جاريون، جن ۾ ڪجهه ڪاڳر پَٽَ ۽ ڪتاب ڪڙا، هڪ بيگ ڪپڙن لاءِ ۽ هڪ پراڻو جهنر پکو، ٻيو ٿيو خير.

صاحبن جو رايو ته اسان جي آڏو گونگي گانءِ ٿي بيهي ۽ هوڏانهن هو همراهه اصلي سودو ئي نه سلي، حفيظ شيخ جيان منهنجي آزادي ڪسڻ جو اوهان کي ڪو حق نه ٿو پهچي! ڪيترائي پيرا منهان منهن ٽڪر به ٿيا اٿن. هڪ ڏينهن ته اصلي جنبوٽين پئجي ويا پر رات جو وڳڙو هو، جنهن ڪري گهٽي ڇئو پچئو ڪا نه ٿي. هڪ ڪَنَ

ٻُڌو ٻئي نہ ٻُڌو. ٿيو ايئن جو رات جو هڪ وڳي ڌارين ننڍو صاحب پيون ڪايون مست لڳو جيئن ئي گهر گهڙيو تہ سامهون ڪونيءَ مان اجا تائين روشني اچي رهي هئي. اڳتي وڌيو، ”اڙي ڪٿي هُئين!؟ جهليانءِ پيو پوءِ بہ نہ ٿو مُڙين، اهو ڇا پيو لکين؟ هيڏي ڪر، مون کي ڏي!“

”ڇاهي جو توکي ڏيان.......... تون وڃي آرام ڪر.......... هن کي ڏسي ڇا ڪندين!؟“

جهپڙ ڏئي ڪاڳر ڪسڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، ”ڇڏ، ڇڏ تنهنجي ڪم جا..............!“

”ذليل ڪميڻا..........“ نڪاءُ ٿو چماٽ ڪرائيس، موٽ ۾ ساڳئي چماٽ نڪاءُ! پُنتي ٿيندي دروازي کي ٿو لڳي، دروازي جي اسي ڪلهي کي ڪائي ٿي وڃيس. ٻيهر وار ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي ٿو مگر بي سود، پوءِ ٺُڪ اچلائي، پونڊو ڏيندي نڪري وڃي ٿو.

”هون، ذليل ڪتان جو.......... وڏو آيو آ.......... بس گهٽائي ڏينهن سَنو اٿمانس.......... هن پئي سمجهو هڙئي مذاقان ڪيس ڦٻي وينديون پر..............!!“

پوءِ جڻ سُڪن سرن کي باھ لڳي وئي، پيٽرول تي تيلي ڪري پئي. صاحب جو هو پوءِ ڪير سندس حڪم کي پُني ڏئي، ڪاٿو پُٽ تہ هونئن ئي پيارا. گهر جي اڇي ڪاري جو صاحب مالڪ، مجال آهي ڪنهن جي جو ڪو سندس سڳي ڌاڳي ڪان ٻاهر وڃي. جيڪو ٿورو بہ پاسيرو ٿيو، تنهن تي صاحب جو غضب نازل، پوءِ حقو پاڻي بند! پاڻ بہ جڏهن پڙهائيءَ واري دور مان گذريو هو تڏهن پاڻ ۾ بہ گهٽ ڪانہ هيس، اصلي داداگير، سڄو ڏينهن ڇوڪرين جي ڪڍ پر جسُ آهي مائي ڪمل کي جنهن خان صاحب سڪندر خان سان پُڇي ڪيس سڪيو رکيو.

”ڇوانءِ ٿو قابو ڪر پنهنجي سڪي لڏي کي، نہ تہ ايئن ڪُتيندس جيئن اُٺُ پٽڻ تي!“

”وري ڇا ٿيو..............!؟“

”وري ڇا ٿيو، وري ڇا ٿيو، اجا مون کان ٿي پُڇين، اڄ بہ فون ٺڙڪو ڪيو آ، جهل پنهنجي پُٽ کي نہ تہ پونڊئي ٺوڙهو ڳڇيءَ ۾، منهنجا ٻُڌي ٻُڌي ڪن ئي ڪاڄي ويا آهن ۽ هو آ جو لاٽ خان.................. اسان جو ان ڳالھ سان ڇا تہ سنڌ سائي ٿئي ٿي يا سُڪي ٿي، ماٺ ڪيون پڙهي نہ تہ الله ڪيون گهر وينو هجي، سنيالي پنهنجي ملڪيت. سيو ڪجھ تہ اٿس، اجا ڇا گهرجيس!؟“

”مان وري ڪو گهٽايو آهي ڇا، پر آخر تہ پُٽ ٿي، پڙهي پيو تہ اها بہ تنهنجي عزت.“

”پر عجن ماءُ هو بہ رکي تہ ڪائي.......... مس مس الله سڄاتو آ ۽ هي آ جو رڳو ڏق ڪرڻ جي ڪڍ“

پاڻ ٻه ڏاڍو ارڙو هوندو هو يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيءَ دوران ڪيترا ڀيرا جيل ياترا ڪيائين. ڪيترائي ڀيرا خارج ٿيو. هر جلسي، هر جلوس ۾ اڳرن کان اڳرو، وڏا وڏا نعرا، وڏيون وڏيون تقريرون، ايئن ٿي ڀانئيو ڄڻ سنڌ جي آزادي ۽ شاگردن جي حقن جو بار سندس سر هجي، جوشيلن ۽ وڏن نعرن سبب مٿس نالو ئي ڀنڀرات پئجي ويو. پڙهي ڪونه رڳو ڇوڪرين جي ڪِيِ. هڪ هنڌ ٽڪاءُ ڪونه ڪڏهن ڏس ڪٿي ڪڏهن ڪٿي. پنيان شڪايتن جا انبار. انهن ڳالهين ڪري خان صاحب سڪندر خان ٻه سدائين ناراض، جڏهن پوليس واري رعب تاب کان ڪم نه هليو ته پوءِ، ”ڏس پُٽ، پاڻ مسڪين هئاسين، مس مس ته الله سجاتو آهي نه ته ڪٿان تون پڙهين ها، ڪٿان هي منڊل مچي ها. ڪيترائي ڀيرا مٿان کان ٽيليفون جا ٽڙڪا آهن، پُٽ کي روڪِ نه ته پوءِ نوري مان هٿ ڌوءُ، تون آهين جو اصلي پنهنجيءَ تي، اهي تحريڪون، اهي هُل هنگاما اُهي ڪن جيڪي سياست ڪن، باقي اسان جو ڪهڙو ڪم اهڙن جنجل جي ڪمن سان. اجايو ڇو نرئي ڪير کي ڦوڪان ڏجن!!“

”بابا تون ٻه زور آور آهين، پوليس جو ماڻهو تي ڪري ٻه ڳالهه نه ٿو سمجهين! توهان مون کي صاحب ڏسڻ چاهيو ٿا يا نه؟ جي ها ته پوءِ ٿورو وقت اجا سَهو!“

”هون! هون! سمجهيم، سمجهيم.......... پر ٻچا ڳالهه ته ڳوري آهي.“

پوءِ ته اصلي پڙُ ڪِيِ بينو، پاڻ اُٺ جيان پلاند پلاٽيو سدائين ڇوڪرين جي چڪرن ۾، پُنيان امتحان ٻه ٻيا ڏين يا ريوالور اڳيان پوءِ ڪاپيءَ جي ڏُمَر، مجال آهي ڪنهن جي جو ڪوئي آڱر ڪٽي. عملو ٻه سارو ئي منجهانئس ڪَڪِ، سوچن ته اڄ نڪري صبح ٻيو ٿئي. تان جو سُني نمبر ۾ اچڻ بعد سرڪار سڳوريءَ رکي ڇڏيس پيءُ جيان غلاميءَ جي نوڪري ڪلهن تي. اسسٽنٽ انجنيئر صاحب، پوءِ ڪاڏي ويا وڏا وڏا نعرا، ڪاڏي ويا آزاديءَ جا آواز ته ڪاڏي ويا سنڌ جا سُڏڪا! هاڻي رڳو هڪ ئي ڌن سوار، ڪيئن خانداني ملڪيت ۾ واڌارو آڻجي، باقي ڪاليجي ڳالهيون، سي سُسي، سُڪي، سڙي ويون!

”مان چوانءِ ٿو پنهنجي عجوءَ کي جهل، پيو آهي منهنجي نوڪريءَ جي ڪِيِ هٿ ڌوئي، انهن حرامين سان ته مليو آ پر جڏهن ڏس تڏهن اها سنڌ، اهي هاري، سنڌ ڄڻ بابنهس جي جاگير هجي! سنڌ ڄڻ مُئي پئي وڃي، جو هي مڙس دودو ڪيس جيئاريندو! اسان ٻه هئاسين يا نئينءَ مان اڃي هي ساماڻو آهي. راتين جون راتيون گم، چوي ته بس سڄو ڏينهن هارين سان جڪ ماريان، باقي ٻيو ٿيو خير، لڄائي ٿو...............!“

”يا الله خير! وري الائي ڇا ٿيو، ابا خير ته آهي!!؟“

”هاها خير آهي، پنهنجي ڪونڌر کي سمجهاءِ، اڃا ته مس مس آني مان ڦٿو آهي ۽ هاڻي ئي پيو رنگ ڪِيِ. اڄ ٻه رئيس پنيو خان دانهين آيو آهي ته پنهنجي کي روڪيو، منهنجي هارين کي اهڙيون ته پٽيون پڙهايون اٿائين جو بائيتال مچائي ڏنو

اٿائون. ڇون ته ڇا جي تنهنجي زمين، گهٽو گهٽو ته جيڪو ڪيڙي سو ڪائي، بيگر ٻڙي اسان ڪان ڪانه پُڇي، پيٽها انڌير ته ڏسو! پرائن زمينن تي قبضا. اڄ پرائن تي صبح پنهنجن تي شير شاهه جي شڪري جيان مارينڊو گهر جا ڪکڙ ٻيو وري............!!“

اعجاز جي به ڇا ته زندگي هئي اکيون ئي اهڙي ماحول ۾ کوليائين جتي پابنديون ئي پابنديون هيون. جتي عام انسانن لاءِ نفرتون هيون. جتي احساسن جي اُتل پُتل ڪانه هئي. جتي هر سوچ پاروتي ۽ گندي هئي، جتي وڏي ڪان وڏي ٽيڻ جا ويچار هئا، جتي ذهن زنگ جي ڪن ۾ ٻڏل هئا، جتي رت جي رشتي تي طبقي جي رشتي کي اهميت هئي، جتي شرابن جي وهڪري ۾ ڪيترين ئي معصوم لڇون ٿي لڙهيون، جتي ذهن ۽ ضمير بدبودار گندگيءَ جي پوسل ۾ گڇيل هئا.

هن جڏهن سوچڻ شروع ڪيو، تڏهن هن کي هن جڙتو ماحول جي جهنم ۾ رهڻ اٽانگهو ٿي لڳو. هن مظلوميت جا ڳوڙها ڏٺا، هن هارين جي حياتين کي جنڊ جي پُڙن ۾ اٽي جيان پيسندي ڏٺو. هن غربت ۽ اڻ هوندائيءَ جي اوندهه پَسي، هن ذلالت ۽ بي حيائيءَ جا غليظ ۽ گندا ڪردار ڏٺا. هن ماحول ۾ هن انسانيت، مظلوميت ۽ معصوميت جون ڪنل ۽ ڪرچيل ڪوڪون ٻڌيون. هو سوچڻ لڳو، ”هن سماج ۾ وڏي ڪرسي، وڏي صاحبي، وڏي پئسي، وڏي پاپ ۽ وڏي ۾ وڏي بدمعاش جي عزت ڇو؟“ پوءِ تصور ئي تصور ۾ اهڙي سماج جا ٽنيا ۽ ٽوٽيون ڪوڙيندو رهيو، جتي ڏاڍ نه هو جتي ڪو هيٺو ۽ دٻايل، هيسايل نه هو، جتي ڳٽيءَ ڪان انسان پالهو هو.

هڪ پيري ٻنئيءَ تي ويو، هڙئي انُ هارين کي، پاڻ خالي هٿين گهر، پوءِ، پوءِ مالڪ هوندي مزور، پهچ هوندي بي پهچ، گهر ياتي هوندي به مهمان، هر معاملي ۾ ڪَٽيو ويو.

پوءِ هو اڳتي، گهٽو اڳتي نڪري آيو. هن کي سنڌ جي هر شئي سان ازلي عشق هو. سنڌ جي پِٽن ياٽن، تل تراين، ساوڪ سرهاڻ، ڏهر ڏاڇين، مينهن ميهارن ۽ واهڻن واهوندن سان جيڪا اُڪير هئي تنهن ڪيس جيل جهاڳرايا، ڪشالا ڪيرايا، ويراڳين جي وستين پهچايو، ڪاهوڙين جي ڪيرن سان وڪ وڪ ۾ وجهي واڇوڙي جيان ڦيريون پائيندو رهيو. هن انهن گسن گيڙن ۽ پنڌن پيچرن جا سونهان ڏٺا جن جي پَسڻ جي ورهين ڪان آس هُيس. هن کي جيڪو سيڪيل ماني ۽ پاروتي پليءَ جي ٻوڙ مان ساءُ آيو سو ست رشي طعام ۾ ڪٿان. هن ڌرتيءَ جي سيني تي اهڙا ڪيترائي جيئرا جاڳندا ڪردار ڏٺا جيڪي ديس جي سِڪَ ۾ سڙي مري امر ٿيڻ لاءِ آتا هئا. هن اهڙن مانجهي مردن سان گڏ سنڌ جو سَهڻُ ڪنيو سنڌ سُڪي ٿئي، سنڌ جو پورهيت سُڪي ٿئي، لاٽ ٻرندي رهي، وِڪَ وڌندي رهي، وِڪَ وڌندي رهي.

هو وِڪون کڻندو رهيو، اڳتي وڌندو رهيو. هن پيري ته ماءُ مڙهي به ڇڙي پيس،

”ابا کھڙي ڪٿي دانھن ڪيرائي اٿئي، جيڏانھن ڏس اھو عجو، اھو عجو، روزانو روز پٺھين، پاٿين پيا ڦڪڙيون ڪن، اجايو ڇو ٿو پاڻ پُٽائين، ڇڏ............“

”امان پنھنجا صاحب ويا آهن توکي بہ ڪٿي ۾ مان..............!“

”ڇا ابا ڪِنَ جھڙن ماڻھن سان رُلي رُلي پنھنجو حِظُ ئي وڃائي ڇڏيو اٿئي. هاري نہ جيئارين ڪٿي جڪ مرائن، اسان جو تنھن ۾ اَڌُ يا ٽِھائي؟“

”امان بگھڙ بڪ وگھي مرندو مري ويندو پر گاھہ نہ چرندو!“

”نہ ابا نہ، توسان اسان جي بات ڪانھي، تون ڄاڻ، تنھنجو ڏنڌو ڄاڻي، ھوءَ گوءِ ھو ميدان.“

”امان مان بہ ھجان ھا ڪنڻ ڪمائڻ وارو تہ وٽانءِ ھا ۾ ھاڻي.............“ ”تون نہ ڪٿيءَ ڪمائيءَ وارو ٿئين تہ اسان ڪي ڪٿي نہ ڏجانءِ، وير وير وڏن جي سامھون ٿيو بينو آن، تومان اھائي سورھيائي ٿيندي ٻيو وري ڇا، لوڙيندين پاڻ، اسان جو ڇا ڪندين!“

”مان نہ جيڪو ڦاھيءَ ٽنگيس تہ اوھان نہ ڇڏائجو............“

”پر ٻچا ڏڻُ تہ ڏٺي نہ تہ وڪڻ ڪٽي، جڏھين نہ پٺھين، پاٿين پاسيرو ٿيئي، تڏھن ڏسجانءِ پنھنجا پرڪار، ڪو در تي بيھڻ بہ ڪِين ڏيندئي.“

”مون ڪي نہ ٿي گھرجي توھان جي ماني، پيٽھا جڏھن ڏس تڏھن مانيءَ جا مھڻا، مان ڄاڻان ٿو...............“

”ٻچا ڇگُو ٿي ڇوانءِ، ڇڏ لُچن جي صحبت، لڳُ پنھنجي ڏنڌي، نہ تہ مان مُئي پڇاڻان پاٿين در تي بيھڻ بہ ڪِين ڏيندئي. ھاڻي بہ ويل نہ وئي آ، ڇوين تہ پٺھين يا پاٿين ڪي ڇئي وٺي ڏيانءِ موڪل پڙھڻ جي، جي نہ تہ پوءِ ڪتو ۾ ڪريو اوجھو پيو اٿئي.“

”مان پنھنجو پاڻ ڪي سڄاڻي ورتو آھي، مان انھيءَ ڪن ۾ ٻڌڻ نہ ٿو چاھيان، جنھن ۾ ٻڌڻ تنھنجي صاحبن لاءِ فخر آھي! مون ڪي ناھي غرض تنھنجي صاحبن جي، وڃي پنھنجا صاحب سوگھا ڪَرِ. پر ڊڄ ان ڏينھن ڪان جڏھن تنھنجي صاحبن جي صاحبي نہ رھندي، جڏھن حساب وارو ڏينھن ايندو، سڄ نيزي پاند ايندو ۾ ڪانوَ جي پئي اک نڪرندي. پوءِ ڪنھن جو سڏ ورنائڻ وارو نہ ھوندو، تڏھن ڏسندس تنھنجي صاحبن جي............!!“

”ادا، ڇو اھڙو ٿيو آھين، ڇا ڇيو آھي مڙھيءَ ماءُ ۾ ڇا پيو ٻول ٻُڌائين، خيرين سلين لفظ تہ ڇگا ڪڍُ. ڇڏ امان تون بہ اجايو پئي ڏِنگرن تي اٿو سُڪائين! تون مانڙي ڪيون ويٺي ڏِسُ، پاڻ ڄاڻن پنھنجا ڪم.............!!“وڏيءَ پيٽس وچ ۾ پئي جھيڙي ڪي ٽاريو. ايئن ھڪ پيرو نہ پر ڪيترائي ڀيرا جنگاڻ ٿي، الران ٿيون، ميڙا ٿيا، اوڙي پاڙي، مائٽ متن ڏنو پر مُڙيو وري اعجاز بہ ڪِين. جي ھنن ڪي پنھنجي انا پياري تہ ھن ڪي پنھنجا اصول، ھنن ڪي صاحبيءَ تي ناز تہ ھن ڪي خوداريءَ تي. پوءِ ھر وقت،

جهرجهنگ ۾ جهونگاريندو وتي اسان تي ظلم ڪندڙ اسان جي لاشن ڪي لتاڙي رهيا آهن. وري جيئري ٿيڻ جو ڏينهن اچي پيو، جنهن ڏينهن سڀ حساب ڪتاب ٿيندا، دماغ سوچين پيا، دليون ٻرن پيون. انسانن جي اندر ۾ گرم رت گردش پيو ڪري. قومون حق ۽ ناحق بابت سوچين پيون. پورهيت، پنهوارن جي اندر ۾ ٻرندڙ جبل جيان باھ ڌُکي پئي، ڇپون پکڙن پيون.

اسين خاموش آهيون!

اسين خاموش آهيون!!

# مٽ ۾ ساهه

مان اوهان کي ڇا ٻڌائڻ چاهيو ٿي!؟

ها، مان ٻڌائڻ چاهيو ٿي............ مان چاهيو ٿي.......... ڏسو وسري ويو نه. سائين ڳالهه ڪندا آهن. ڀائين هڪ مائي صبح سوير ڏُڌ ولوڙي مکڻ ڪڍي رهي هئي. هوءَ مکڻ جا چاٽا ناهي چاڏيءَ بجاءِ وات ۾ وجهي رهي هئي. پٽهنس جيڪو پريان اهو سڀ سمورو لقاءُ ڏسي رهيو هو، تنهن بي صبرو ٿيندي چيو، ”امان چاڏي ته هن پاسي پئي آهي“ جنهن تي مائي سڳوريءَ نرڙ تي هٿ هڻندي چيو، ”پُٽ جڏهن کان مرحيائت پٽهين مئو آهي، تڏهن کان اهڙو ته ويسر جو مرض لڳو آهي جو مُني وات ۽ چاڏيءَ جي خبر ئي نه ٿي پوي.“

سو سائين هڪ مان ئي ڇا هِت ته پوري قوم کي ويسر جو مرض لڳل آهي. بيشڪ ويسر جو مرض دور به ٿي سگهي ٿو پر ڊپ ڏاڍي لعنتير چيز آهي، جنهن کي لڳي تنهن کي شينهن مان گدڙ بنايو ڇڏي. توڙي جو پارايوس بگهڙ جي کلَ!!

نه، ويسر نه، لفظ ڳولهي لڌم، ڊپ، ها ڊپ ئي ٿي سگهي ٿو، جنهن سبب جيڪو ڪجهه چوڻ چاهيان ٿو سو نه ٿو چئي سگهان.

هڪ وسيع ويڪرو، خوبصورت ۽ عاليشان بنگلو، جنهن بنگلي ۾ مان ڪيئي سال ڊيوٽي ڏيندو رهيس. هاڻي ته منهنجي نوڪري تنهن بنگلي ۾ ناهي پر اهو بنگلو ۽ بنگلي منجهه رهندڙ خاص طبيعت واري اربيلي نفيس نازڪ ۽ شاهي مخلوق پنهنجي قد بُت جي حساب سان اهڙو ته موضوع مهيا ڪن ٿا، جنهن بابت جيترو گهڻو لکجي ۽ ٻڌائجي اوترو ٿورو. هڪ اهڙي آسماني مخلوق جيڪا توهان جي آقا هجڻ جا اختيارات رکندڙ، سياست، دولت، عزت، شهرت ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه سندس هٿ وس ۾ آهي پر وٽس ڇا ڪونهي!؟ اهوئي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ۽ اها کهڙي ڳالهه آهي!؟ اهو ڪير آهي!؟ جيڪو مون کي روڪي ٿو، جنهن جي ڊپ کان اهو سڀ ٻڌائڻ وسريو وڃي.

ها، انهيءَ جو سبب لاشڪ ته پاڻ واري پوليس ۽ ٻيا سرڪاري فورس ٿي سگهن ٿا، جيڪي پندرنهن جولاءِ تي حيدرآباد ۾ ٽيل بمن جي ڌماڪن جي الزام هيٺ جرمن ڪتن جيان وتن ٿا سنڌي ماڻهن جا گهر گهاٽ نوسيندا اجهو اڄ صبح ئي ته مان واري نندي ڀاءُ کي گرفتار ڪيو اٿائون. جنهن کان پوءِ گذريل ڏينهن کان هن وقت تائين گرفتار ٿيل سنڌي ماڻهن جو ڳاٽاتو وڃي ٽن سون کي پهتو آهي، ان ۾ اڃا اضافو ٿيڻو ته آهي پر مان نه ٿو چاهيان ته منهنجي گرفتاريءَ سان ان انگ ۾ واڌارو ٿئي.

نہ منهنجي ڏپ يا ويسر جو سبب شايد اهو ناهي، ڏپ جو سبب خانگي ڏريس ۾ قريب بيٺل اهو منڊڙو سپاهي آهي، جنهن جون حيدرآباد واري قلعي جي گهيري دوران ڊيوٽي ڏيندي پناهگير دهشتگردن گولين سان جنگهان ڇچري ڇڏيون هيون. هينئر هو تندرست ٿي ٻيهر پنهنجي سرڪاري ڊيوٽي باقائدگيءَ سان ڏئي رهيو آهي. هاڻي مٿان ڪان مليل نئين حڪم موجب ٻم جي ڌماڪن جي الزام ۾ شڪي ماڻهن تي نگاهہ رکي رهيو آهي.

هونئن ڪي سنڌي پوليس وارا سني طبيعت جا بہ ٿين. مثلن صبح واري پوليس واري ڪي ئي وٺو، جنهن منهنجي بزرگي ۽ غربت جا واسطا وجهندي پنهنجي وڏي صاحب آڏو سفارش ڪئي نہ تہ هاڻي مان اوهان ڪي هِت ٿورئي ڏيڪارجان ها. سڌو وچي عذاب گهرن ۾ پهچائن ها. پر هي سپاهي..........؟ هي سپاهي مون ڪي ٻنهہ ڪونہ وڻيو. هو، هاڻي مان ڏانهن وڏي اچي ٿو. ويجهو اچي ڇڙٻ ڏئي ٿو.

”ٽري وڃ.......... پيسان لوسي، هِت ڇو بيٺو آهين؟“ مان ڇو بيٺو آهيان، مان ڪان ذري گهٽ ڪِلَ نڪري وئي. پنهنجي ديس، پنهنجي شهر، پنهنجي گهر سامهون چوس تي بيهڻ، هاڻي اها بہ ڳالهہ پڇڻ جي آهي!؟ مان چاهيان ٿو سندس آڏو وضاحت ڪريان پنهنجي ياءُ جي گرفتاريءَ جي ۽ پڻ ڪيس احساس ڏياريان پنهنجائپ جو. پر ڏسو ٿا هو نامعقول ٻيهر ڪُتي جيان رومڙ ڪري ٿو. نفرت وچان مان ڪي پري ڌڪو ڏئي ٿو. ايئن چڻ مان بہ سندس لاءِ قلعي جي گهيري دوران فائر ڪندڙ ڪو پناهگير دهشتگرد هجان! اهو ڄاڻو ٿا منهنجي لاءِ اها ڪيڏي نہ بي عزتي آهي. ڇا هو نہ ٿو ڄاڻي تہ مان ڪير آهيان؟ ڇا ڪيس خبر ڪانهي تہ قومي ڪارڪن بہ ٿيندا آهن؟ ڇا ڪيس سُڌ ناهي تہ قلعي جي گهيري ۾ ٻئي پاسي ڏانهن ڪير ٿي ڪاهيندا آيا؟ سندس جيان ئي بنگلي تي قائم ڪيل مورچي ۾ ساڳين ئي پناهگير دهشتگردن سان مان ڪونہ وڙهيو هئس، بلڪہ اڄ تائين ڪونہ پيو وڙهندو اچان؟

خير هن غريب جو ڏوهہ ڪهڙو، هن ڪي وري ڪهڙي پنهنجي راءِ، هو تہ ٻين جي اشاري تي، هونئن ڏوهہ هن غريب جو بہ ناهي، بلڪہ سڀ سمورو ڏوهہ انهن ماڻهن جو آهي، جن سندس جيان اسان مِڙني ڪي غلام واري حيثيت ۾ رکڻ وارا قانون ايجاد ڪيا. اسلامي ڀائپي ۽ مسلماني جذبي پنيان پاڪ ملڪ حاصل ڪرڻ لاءِ نهراءَ پاس ڪرايا، پناهگيرن جي آجياڻي لاءِ مهاجر ڪئمپون ڪولايون. ڌارين ڪي اچي ڪاري جو مالڪ بنايو. سنڌ ڪي ون يونٽ جو زنجير پهرايو. اسان مٿان ڌارين ڪي آقا هجڻ جا اجازت ناما ڏياريا. اسان ڪي غربت، تنگي ۽ گُهٽ ٻوسٽ واري زندگي گذارڻ تي هيريو.

۽ اڄ..........؟ اسان پنهنجي ئي ديس ۾ پرديسي! پناهگير بنجي ڪئمپن ۾ رهڻ تي مجبور، وري بہ الله جا لک لک شڪر جو سيئي سنڌي ماڻهو ان منڊڙي سپاهيءَ جيان حڪم جا ٻندا نہ آهن ۽ نہ ئي اسان جي اقتدار جي بکين سياستدانن

جيان ٿا سوچين. ڪي تہ گوليون وسائن ٿا، پنھنجا سِرَ ڪپائن ٿا. بم بارود جا ڌماڪا ڪري دشمن ڪي ھيسائن ٿا. جي ايئن بہ نہ ٿئي تہ پوءِ اسان جا سياستدان، اسان جا اقتدار جا صاحب جي ڏسڻ ۾ اچن تہ ڏني نہ ڪيڪارجو. سنڌ ڪان پنجاب ۽ پنجاپ ڪان سرحد او اصلي .......... مڪي مديني وڃي نڪرن!!

مان ڪي پنھنجو تجربو آھي، مان پنھنجي اکين ڏٺي ٿو ڳالھ ڪريان. مان ڪي پنھنجي صاحب نام ڪنئي سياستدان سان گڏ رھڻ ۽ ھڪ مورچي تي لڙڻ جو تجربو آھي. ھاڻي تہ مان ٺيھ سيپٽمبر تي گوليون وسائي پناھگيرن ڪي ڀڄڙن جيان ڀُڇي ۽ پندرنھن جولاءِ تي بمن جا زوردار ڌماڪا بہ ڪري سگھان ٿو. پر اھو زمانو ٻيو ھو، اھو منظر ڪو ٻيو ھو. اڄ بہ مانکي ياد آھي. بنگلي جي ڇت تي مورچي ۾ ساھ مُنجھائي ويھڻ ۽ وڙھڻ، صاحب جي رڙ متي رڙ پئي پئي، صاحب صفا چريو ٿي پيو ھو.

”اڙي نبو............ اڙي قاسو............“ صاحب چرين جيان اندر بنگلي ۾ ڊوڙون پائڻ لڳو ۽ ھيئن ڦاٽي رڙيون ڪرڻ لڳو، ايئن جڻ ٻاھر وڏ ڦڙو مينھن وسندو ھجي ۽ ڪيس ڪپڙن خراب ٿيڻ جو اونو ھجي. جنھن وقت صاحب جون رڙيون ٿيون، ان وقت مان ٽيم ڏٺو، نيڪ يارنھن وڄڻ وارا ھئا. اجا ھاڻي ھاڻي تہ بنگلي جي ٻَرِ ڪريءَ ڪان پالھو ٿي اچي ماني اڳيان ڪئي ھئُم جو مٿان دانھن ٿي. ھڪ ڳالھ چوندو ھلان، ڪراچي شھر ۾ پناڻن ۽ پناھگيرن وچ ۾ ٿيل جھيڙي ڪان پوءِ بنگلي جي رکوالي ڪندڙ چوڪيدار لالي پناڻ سان ان مسئلي تي مڙئي خوب ڪچھريون ٿينديون ھيون. ھڪ ڀيري مذاق ئي مذاق ۾ مان چيو،

”دِتِ لالا.......... پناھگيرن سان تہ پُڇو، اسان سنڌي ماڻھن لاءِ سو تيسمار خان، ڪي عجب خان تہ ڪي مدد خان........... ريل گاڏيءَ ۾ پوري سيٽ ھڪ لالو پناڻ ولاريون ڊگھو ڦڙھو لڳو پيو ھوندو، غريب سنڌي بيني، بيني سُڪي پوندو پر مجال آ جو پناڻ اک پٽي، جڻ تہ ريل لالي جي بابھنس جي ھجي.......... ڪِين جھڙي ڳالھ تان ٽيڪسيءَ مان ڌڪا ڏئي لاھي ڇڏيندو. رھو بہ اسان جي ملڪ ۾ ۽ اُرھ زورايون بہ اسان سان.“

”ملڪ پاڪستان ھي“ پناڻ نسوار ڇپٽو وات ۾ ھٽندي چيو، ”تون جو ملڪ ڪيا ھي، توھان خوس ھو، توھان جي بہ خبر پوندو، توانِ ڪي بہ نہ ڇدندو، توانِ ڪي بہ مزا ديندو.“

مان اجا بہ وڏيڪ ڪيس پسرائيندس،

”اسان تہ سنڌي، مھاجر ڀائي ڀائي، توھان تِيسري قوم ڪھان سي آئي؟ ڀجو ڪوئيٽا، ڀجو پشاور، ڀجو افغانستان. نسوار ٺُڪي ٺُڪي اسان جي سونھن ڀري ڪراچي ئي خراب ڪري ڇڏي اَٿوَ.“

پناڻ چوڪيدار چڙي ۽ اسان کي لڳي رونشو پر الله منهنجي جي قدرت! پيسان پناڻ جي وات مان بہ ڪو وهٽو وهي ويو هئين نہ تہ ٽئين سال بس دير ئي ڪانہ ٿي، نانگ ويو نڪري ليڪي پئي مارَ! پناڻ چُتا، اوجهو وڙهيا وينا ٿئي سنڌي ماڻهن سان، پناڻ جو ٻُڏو سو نسوار چپٽو وات ۾ هٽي بگليون هٽندو ٽڙا ماچا ڪندو آيو.

”ديو، ديو............ لالا ديو خبر، هانِي دٿا، هاني ڪهان هي آپ ڪا پائي صاحب؟............ اري اسان ٿا جانون ان ڪو، يي بهت حرامي هين“

”پيٽها گڏهہ جا ڦر ڪار زبانو تہ نہ آهين“ مان ڪيس تڙي ڏيندي چيو، ”بيهہُ تہ ڪُٽي تہ ڏنپيانءِ“ منهنجو ايترو چوڻ ۽ لالي ڏنو ڪُڙيءَ تي زور پوءِ تہ پشتو ۾ گڙو گڙو ڪندو، خوشيءَ مان جهومندو، ٺينگ ٽپا ڏيندو، ڏاڍيان سُر ۾ آلاپيندو ويو،

”سنڌي، مهاجر پائي پائي، سنڌي مهاجر..............“

سائين ڪار زبانو يا اڄ زبانو پر جهيڙو تہ ڳچيءَ ۾ پئجي ويو. هاڻي ان جهيڙي کي ڪير ٿي ٿاري سگهيو؟ پناڻ پنجابي تہ پاڻ چيٽو پور ڪرڻ لڳا تہ جيئن سندن سِرَ جي بلا ٽري سنڌي ماڻهن جي ڳچيءَ ۾ پوي. ايئن ئي اڄ حيدرآباد، سپاٽي ڪراچي، وري نواب شاهہ، وري سکر، وري لاڙڪاڻو، ڏسندي ڏسندي سڄي سنڌ جلي، ٻري وئي. سوين هزارين بي گناهہ سنڌي ماڻهو ڪُسي ويا. ڪيترائي گهر برباد، جهُڳا جهڻ ٿي ويا. خاندانن جا خاندان، پاڙن جا پاڙا اُگهجي ويا. ڪراچي حيدرآباد مان تہ سنڌي ماڻهن جي صفا تڏا ويڙهہ ٿي وئي. ٻيو تہ ٺهيو خود سرڪاري اسيمبلي ميمبر ۽ وزير سڳورا بہ جان بچائڻ ۾ آزرتا. ڪيترن جي بنگلن تي فائرنگ جا واقعا ٿي گذريا. اسان جي ويجهو ئي ٻن ٽن سنڌي وڏيرن، سياستدانن جا بنگلا ٻُهاري دينا داستي مال ميڙي ويا، پر ڪو داد فرياد ئي ڪونہ! اهڙيون وارداتون ۽ ڇرڪائيندڙ خبرون روز پيون اخبارن ۾ پڙهجن. ڪيترائي اهڙا وار ڪانداريندڙ واقعا تہ منهنجين هنن گنهگار اکين آڏو بہ ٿي گذريا. منهنجي هڪ ڳوٺ پائيءَ جا ٻار پناهگيرن جي گهيري ۾ اچي ويا. هو مان وٽ لنگهي آيو ان اميد تي تہ صاحب ڪان مدد ونجي پر صاحب ڪان مدد ملڻ جهڙو ٻبرن ڪان ٻير گهرڻ. مان ڪيس ساڻ ڪري هڪ سنڌي مئجسٽريٽ ڏانهن ويس، جيڪو بنگلي تي ايندڙ ويندڙ هو. مئجسٽريٽ سان ملياسين، ڪيس مدد لاءِ چيوسين پر ويچارو مُنهن متو پِٽڻ لڳو،

”ادا اسان بيوس آهيون، خبر ئي نہ ٿي پوي تہ حڪومت پيپلز پارٽيءَ جي آهي يا ملٽريءَ جي“ ۽ پوءِ فون کٽي دائل گهمائڻ لڳو، جنهن ڪان پوءِ چيائين،

”اوهين وڃو، مان فون ڪيو آ، وقفي دوران حد جي فوجي ميجر وٽ پهچي وڃو، هو اوهان جو بندوبست ڪري ڏيندو.“

پوءِ اسان هڪ ڊاٽسن ڪئي، پڪ هئي تہ ڪرفيو ڪنئي ڪان پوءِ پناهگير لوٽ مار مچائيندا ان ڪري ڏاڍي تڪڙ ڪان ڪم ونٽو هو. وقفو بہ ٿيو تہ اسان بہ وڃي ميجر وٽ سلاماليڪي ڪئي، ڪيس سنڌي مئجسٽريٽ جو حوالو ڏنوسين، پنهنجي

رهڻ وارو علائقو ٻڌايوسين، هو اسان جي ڳالهه سمجهي ئي نہ تڏهن هڪ ٻئي فوجيءَ نقشو ڪڍي ڪيس مڪمل صورتحال سمجهائي. هن پوءِ چيو،

”اوهان ڪنهن طرح سرزمين تي پهچي وڃو، ٿوري دير ۾ اوهان جي مدد ۾ ٻہ ملٽري گاڏيون پهچي وينديون.“

هو ڏسي مان ڏي ۽ مان ڏسان هن ڏي، ڏاڍو مُنجهي پياسين ڇو تہ ٻاهه جو درياءُ پار ڪرڻو هو، ڪا چرچي جي ڳالهہ تہ ڪانہ هئي. مان چيو،

”ادا مُڙسي درڪار آ، پنهنجي مُڙسي ڪجي باقي جي ٻين جي آسري تي رهياسين تہ پيننگ ٿي ويندي.“

۽ پوءِ گاڏيءَ کي پٽيوسين، گهر پهتاسين، گهر ۾ پاتين ڏانهن خير هو، هاڻي ملٽريءَ جي گاڏين جو انتظار هو. اسان ڪان ڪجهہ چُڪَ بہ ٿي وئي جي ٿڌي تي جيئن پهتاسين ايئن ئي پار ڪري اچون پر اسان وري ٻي لالچ بہ رکي، اُها اِها تہ گهر جو قيمتي سامان بہ ڪڍجي، اسان اجا انهن سوچن ۾ ئي هجون جو ٻاهر ٻاڪر ڪٿو پئجي ويو. پناهگير دهشتگرد هوا ۾ فائر ڪندا سنڌي ماڻهن جي ملڪيتن تي حملا ڪرڻ لڳا. اسان ڪان ٻيو ڪجهہ نہ ٿيو، ڊُڪي وڃي مان تہ ڇُري ڪنئي، گهر مالڪ وري لوهي سِيخ ڪٽي بيٺو. پناڻ ڊرائيور ڏاڍي مُڙسي ڏيکاري، هو ور ۾ ڇُپيل ريوالور ڪڍي بيهي رهيو. الله ڪٽي خير ڪيو، هو اسان تائين نہ پهتا پر اسان واري ئي بلاڪ ۾ هڪ بہ گهر تباهہ ڪيائون. وري سَٽائي بہ ٿيٽي هئي ڇو تہ هنگامن ٽيڻ تي وقفي ۾ ڪجهہ منٽن جي ڪمي ڪئي وئي. ڪرفيوءَ دوران دل ٻڌي نڪري پياسين ٻار گاڏيءَ ۾ هٽي. ملٽريءَ وارن پهريان تہ ڏاڍيون تاديون ڪيون پر پوءِ نديڙا نديڙا ٻار ۽ عورتون ڏسي مڙئي قياس اچي وين. پوءِ بہ آفيسر جي انتظار ۾ ڪي ڪلاڪ ويهاري ڇڏيائون. آفيسر آيو، ڪيس اسان جي حال کان واقف ڪيائون، جنهن فوجي گاڏي ساڻ ڏئي ٻاهر معمار ڪامپليڪس تائين پهچايو.

اڇو تہ پناهگير دهشتگردن جي بربريت جو هڪ ٻيو نمونو اوهان کي ڏيکاريان. اسان جنهن جي مينهِن جي واڙي تان کير وٺندا هئاسين، سو ماڻهو ڏاڍو ڀلو هو. سچو، سنو کير، جهڙو ملائي. سنڌس اهڙن عمدن گڻن سبب اسان ٻئي يار ٿي وياسين. هڪ ڏينهن شام جو پنجين وڳي ڪان جهٽ ڪن پوءِ مٿس اوچتو هڪ زبردست خوني حملو ٿي پيو، جنهن حملي ۾ سندس مينهن ڏوهو ٿڏي تي مارجي ويو ۽ پاڻ زخمي هجڻ جي حالت ۾ اسپتال پهتو. هن کي ٻانهن ۾ گولي لڳي هئي. هن کي خوف هو تہ رات جو اسپتال ۾ نہ ماري وجن، وري واپس واڙي تي بہ نہ پئي ويو ڇو تہ اتان جون بہ حالتون اجا واضح نہ هيون. هن مان ڏانهن بنگلي تي فون ڪيو. پنهنجي ڏکي ٽيڻ جو سڀ سمورو احوال ڏنو. وڌيڪ اهو بہ چيائين تہ، ”اِيڏي ايمبولينس ۾ ايڏانهن اچي رهيو آهيان.“ خبر تہ هئي سندس اچڻ تي صاحب ناراض ٿيندو. ڇو تہ اسان واري صاحب جي ماڻهن سان پوندي ئي ڪانہ هئي. بهرحال سندس

اڇڻ ۾ ڪيس پناهہ ڏيڻ واري جذبي مانڪي ڏاڍي خوشي تي پهچائي. مان سندس انتظار ۾ ئي هجان جو ايڏي ايمبوليس خطري جا آواز ڏيندي اچي بنگلي جي مين گيٽ تي بيٺي. مان ۽ منهنجا همراز نوڪر ڊُڪي گيٽ تي آياسين، بيڊل گاڏيءَ ۾ ڇِتايوسين، مان ڪان رڙ نڪري وئي،

”لاش...............!!“

پناهگير ڊرائيور پاسيرو خاموش بيٺو رهيو. مان حيران، هن تہ هاڻي هاڻي فون تي ڳالهايو هو، مان بلڪل سندس آواز چڱو سڃاتو پر هي............!؟ مان ڏٺو سندس ساڄي ٻانهن تي برابر پٽي ٻڌل هئي پر سيني ۾ گولين جا گهرا گهرا گهاءَ، جن مان تازو ۽ ڪوسو رت ٽمي رهيو هو!!

مان ڄاڻان ٿو تہ اوهان ڪي ڇا ٻڌائڻو آهي پر............ خير انهيءَ ڪي ڇڏيو، جيڪو ڪجهہ ٻن ڦريل سنڌي ماڻهن سان ٿيو، اسان ونون ان ڪي. ٻہ سنڌي زيتون جي ميوي جا واپاري سٽي اسٽيشن تي ڇرين جيان منهن متو پٽي رڙيون ڪري رهيا هئا. ڏاڍا ماٺهو اچي مڙيا، مان بہ قسمت سانگي ڳوٺ پئي آيس، ماڻهن جو گوڙ ڏسي رهي نہ سگهيس، وڌي وٺن آيس. ٻنهي ماڻهن جي ڏاڍي حالت خراب هئي. خبر پئي تہ زيتونن جا واپاري آهن. سبزي منڊيءَ ۾ دلالن سان حساب ڪتاب ڪري، پئسا ڏوڪڙ ساڻ ڪنيون ڳوٺ اچڻ لاءِ اسٽيشن پئي آيا، جڏهن ٽيڪسي ڇڏيائون تہ اوڏي مهل ڪي ٻہ پناهگير شودا ڪين وري آيا،

”هلو صاحب ٿو سڏي“

صاحب وري ڏاڍو سوٽيل، بوٽيل، ٽپ ٽاپ پريان پاسيرو ڪار جهليون بيٺو هو. ڪار واري پنهنجو پاڻ ڪي ڪسٽم آفيسر ظاهر ڪندي ڏاڍو رعب جهاڙايو،

”خبر پئي آهي توهان وٽ هيروئن آهي، اوهان هيروئن جو ڪاروبار ڪندڙ آهيو“

هو غريب واڻڙا ٿي ويا، قسم قرآن ڪيترائي ڪنيائون پر معاملو وڃي تلاشيءَ تي پهتو. هو بہ پنهنجي سادائپ جو ثبوت ڏيندي تلاشي ڏيڻ تي راضي ٿي ويا. تلاشيءَ دوران هنن وٽان هيروئن تہ نہ البتہ پئسا ڏوڪڙ سو جام نڪتا، جيڪي نقلي ڪسٽم آفيسر جي جڏهن هٿ تي آيا تہ هن اهڙي تہ ڦڙتيءَ سان ڳڻڻ شروع ڪيا جو پنجين سنئين ۾ هزار جا وڏا وڏا نوٽ ترڪائيندو ڪار ۾ اچلائيندو ويو، باقي پئسا ٻيٽائي سيٽائي واپارين جي هٿن ۾ پڪڙائي، ڪار ڊوڙائي اهو جو ويندا رهيا.

”وه آپ نهين هين، جن ڪي همين تلاش هي“

همراهہ ڀهريان تہ خوش ٿيا،

”نهيو جان ڇُٽي“

پر پوءِ جو پئسا ڳڻن تہ ڪاريءَ وارا ڪڪ!! سچا سارا ويهہ ويهہ ٽيهہ هزار گم!!

اهڙو ئي هڪ ٻيو واقعو ٻڌائيندو هلان. موسيٰ ڪالونيءَ مان پئي وياسين، مان واري صاحب ڊرائيونگ پئي ڪئي ۽ ٻيو وينو هئس، مان پنيئن سيٽ تي، مان ڏٺو هلندڙ بس بغير اسٽاپ جي اوچتو بيهجي وئي، بس جي بيهڻ سان ٻه ڄڻا هڪ سنڌي نوجوان کي ڄنڊن کان جهلي بس مان گهلي آيا. اهو ڏسي مان ڪان رڙ نڪري وئي،

”صاحب...........!!“

نه رڳو ايترو پر الائي ڪهڙي جذبي وچان صاحب جي ڪلهي تي هٿ رکي گاڏي روڪڻ لاءِ چيم،

”هو ڏسو، هو ڏسو، سنڌي ماڻهوءَ کي پيا مارن، سنڌي ماڻهوءَ کي...............“

تيز گاڏي اوچتو بريڪ لڳڻ سبب ذري گهٽ ڪلٽي کائي وڃي ڪري هئي. منهنجي دانهن يا مرندڙ سنڌي جوان جي دانهن، رڙين تي ڪو توجهه نه ڏيندي مان ڏانهن خار مان ڏسي چپ پڪوڙي، تارا ڦوٽاري وٺي ايڪسيليٽر تي زور ڏنائين. پر مان کي ياد آهي اڄ به، چٽيءَ طرح ياد آهي ان گاڏيءَ جي تيز زرڙاٽن ۾ به مان ان مظلوم انسان جا ٻاجهه لاءِ ٻاڏائيندڙ آواز ٻڌا هئا. مٿس ٽيل پهرين فائر جو پڙاڏو اڄ به منهنجي وجود ۾ گونجي رهيو آهي. هو جنهن بي وسيءَ ۽ مظلوميت سان ڏسي رهيو هو، ان کي اڄ به مان محسوس ڪري رهيو آهيان، جيڪو ڏک مان کي زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين ڦٽڪائيندو رهندو!!

ڏک ڏاڍو رهجي وڃي ٿو، جيڪڏهن مدد لاءِ سڏيندڙ ٻن سنڌي نوجوانن کي نه بچائجي ها. اهو واقعو ڊائو ڪاليج جو آهي. ڏينهن جا تقريبن ٻارنهن وڳا هئا جو اسان جو گذر ڊائو ڪاليج کان ٿيو. بيگم صاحبه گاڏي هلائي رهي هئي. سندس پرسان فرنٽ سيٽ تي بيبيءَ کي جهليون مان وينو هئس. مان ڏٺو ڪاليج جو احاطو ٽپي هڪ نوجوان رڙيون ڪندو روڊ طرف ڊڪڻ لڳو. هن جي حالت ڏاڍي خراب هئي، سڄو رتو راءِ ٿيل هو. هو سِرُ بچائڻ لاءِ اسان جي گاڏيءَ ۾ اچي پيو. بيگم صاحبه فورن گاڏي روڪي، ايتري ۾ پنيان سندس ٻيو به سنگتي ڪاليج جو احاطو ٽپي زيلان ڪندو اسان طرف ڀڄڻ لڳو، سندس پنيان پناهگير دهشتگرد سڌا فائر ڪندا، ڪٽن جيان ڊوڙڻ لڳا. اسان ٻئي جوان کي به گاڏيءَ ۾ هنيوسين. ايئن ٻنهي ڄڻن کي موت جي منهن مان ڪڍي وياسين پر پنيان فائر لڳڻ سبب گاڏيءَ کي هڪ ٻن جاين تان سنا ڊينٽ پئجي ويا. منجهايو ٻيءَ ڳالهه به بيبي جا منهنجي هنج ۾ هئي، تنهن پڻ هي لقاءُ ڏسي هينئين ڦاڙ دانهون ڪرڻ شروع ڪيون. جيتوڻيڪ بيگم صاحبه گود ۾ ورتس پر پوءِ به ڊپ هن جو نه لٿو. پوءِ جيئن تيئن ڪري بنگلي تي پهتاسين. هنن ٻڌايو،

”روزگار سانگي ڪنهن وزير جي ڏتن تي لڳي ڪراچيءَ آيا هئاسين، هڪ دوست جي ڳولا ۾ ڪاليج آياسين، اسان کي خبر ئي ڪانه ته ڪو ڪاليج ۾ وڳوڙ ٿيا آهن ۽ شاگرد موڪلن تي آهن. هڪ شاگرد مليو پڇا ڪئي سين، هن چيو،

”ترسو جاچ لهي ٿو ڏيان“

پر جڏهن واپس آيو، تڏهن ساڻس گڏ هٿيارن سان ليس اهي ٻه ڄڻا به هئا، جيڪي پوءِ پنيان فائر ڪندا اوهان کي نظر آيا. هنن پهريان اسان جي تلاشي ورتي، پئسا ڏوڪڙ ۽ واچون ڦريون، شناختي ڪارڊ ڦاڙيا، اسان کي مائوزر جا ڳن مٿي ۾ نوڪيا، لتون، مڪون ۽ ڏاڍا نونشا هنيا، اسان کي ماري ماري بي حال ڪري ڇڏيائون،

”ڀڄو يڪدم، نڪري وڃو“

اسان احاطو ٽپي جيئن ئي ڀڄڻ جي ڪئي ته پنيان ٻيهر گوليون وسائڻ لڳا.“

بيگم صاحبه فورن ڊاڪٽر کي گهرائي ورتو. کين ابتدائي طبي امداد پهچائي وئي. ملم پٽي ڪري وهندڙ رت بند ڪيو ويو. ويچارن وٽ ڪجهه رهيو ئي ڪونه هو، ڪرائي جا پئسا به بيگم صاحبه ڏنا پوءِ مانڪي چيائين،

”هنن کي اسٽيشن پهچائي، اصلي ريل ۾ ويهاري اچو“

اها به شابس آهي بيگم صاحبه کي، جنهن عورت هوندي جوانمرديءَ وارو ڪم ڏيکاريو. باقي صاحب...........؟ توبهه، زاري ڪري ڀڄي وڃي، پوءِ جيڪا هن تعدي ڪئي، تنهن کان ته بهتر هو پناهگير دهشتگردن هٿان ماريو وڃا ها، ايڏي اذيت ته نه ڀوڳيان ها.

”گڏهه جا پٽ، اسان جي سِرَ ڪڍ چو پيو آهين؟ اٽئي ڇا ڪو بابن، ڏاڏن جو پلئه رهيل، نه بيگم هن کي صفا ساڻ نه ڪٽندا ڪيو، هي اسان جو سڄڻ نه آهي، هن کي نوڪريءَ کان ئي جواب ٿا ڏيون.“

۽ بيگم صاحبه..........؟ سندس جهڙو وري پاڻ وارو صاحب ڪٿي، هڪ ڏينهن ٻڌم، بيگم صاحبه ڪنهن رئيسياڻيءَ سان ٽيليفون تي ڳالهائي رهي هئي،

”دشمن وٺن اسان جي مارڻ جا اوزار ۽ اسان وري پاڻ ئي پنهنجي پئسن سان پاڻ لاءِ ڳنهون بيماريءَ جا سامان، سنا اوڇا ڪاڏا کائي جسم تي چربي، ٿولهه، جسم ٿلهو سبر، ڇچرو، بي ڊولو ۽ پوءِ کي هائپر ٽينشن ته ڪي وري دائمي شگر جا مريض............“

صاحب نوڪريءَ مان ڪڍي ئي ڪڍي تنهن کان اڳ مان پاڻ ئي نوڪري ڇڏڻ ۾ پنهنجي ڀلائي سمجهي ۽ هن جنجل مان جان ڇڏائڻ ۾ منهنجي مدد هڪ ٻئي واقعي به ڪئي.

ٿيو ڇا، جو اسان کان ڪجهه پنڌ تي هڪ سنڌي ماڻهوءَ جي گهر ۾ گهري مٿس چتي فائرنگ ڪري، ڪيس رسن سان ٻڌي پناهگير دهشتگرد ٻاهر رستي تي گهلي آيا،

شاهي رستي تي، سوين ماڻهن آڏو ڪيس مار موچڙو ڪري، تنهن بعد مٿس پيٽرول ڇڻڪائي ڪٽي تيلي ڏنائون. هن مظلوم گهڙيون ئي آزيون نيزاريون ڪيون پر ڪنهن کي بہ ڪو قياس نہ آيو. نيٺ نچي ٽپي هن پنهنجا پساھ پورا ڪيا. اها خبر اسان کي پر واري بنگلي جي هڪ پناڻ نوڪر ڪئي. مان جوش جذبي وچان صاحب ڏانهن ڀڳس،

”صاحب هڪ سنڌي ماڻهوءَ جي جان خطري ۾ آهي، پوليس ڏانهن ٽيليفون ڪيو.“

صاحب ان وقت ڪجھ لکي رهيو هو. لکڻ بند ڪندي مان کي مارڻي مينهن جيان ڏسندي نفرت وچان چيائين،

”اکيون ڪونہ اٿئي..........؟ ڪونہ پيو ڏسين تہ مان ڇا پيو ڪريان........؟ ڪيترين فونيون ڪبيون، ڪنهن ڪنهن کي بچائبو............؟ هي ڏسين نہ ٿو سنڌي ماڻهن جي قتل عام تي پريس بيان پيو ڪيان، وڃ......... ٿوري دير ۾ اخباري آفيس ۾ پهچائي اچجانءِ“

صاحب تہ برابر لکندو رهيو پر منهنجو روح لڇندو، ڦٿڪندو رهيو، آرام ڪٿي اچي، تڏهن بورچي ساڻ ڪري جاءِ واردات تي پهچي ويس. مان ڏٺو برابر باغيچي پرسان هڪ باھ ۾ سڙيل ماڻهو پيو هو. مٿي ڪان اُرھ تائين باھ ڪيس ساڙي ڇڏيو هو. ماڻهو لنگهيا پئي ويا يا گهمي ڦري رهيا هئا پر ڪنهن جو اوڏانهن ڪو توجھ ڪونہ، ايئن ڇڻ ڍوندي هجي! مان ڏٺو، هئو ٻيلي اجا ساھ اٿس، پوءِ ٽيڪسي ڪرائي ڪيس شهيد عباسي اسپتال پهچايوسين. اسان پٽ پنهنجي پاڙي پر هو مسڪين بچي ڪونہ سگهيو. ظاهر آهي ان سڄي عمل ۾ وقت لڳو هوندو ۽ پوءِ جو واپس بنگلي تي آياسين تہ صاحب صفا زيل ٿي ويو، اهڙي ڪيائين، اهڙي ڪيائين جو ڇا ٻڌايان، اصلي ڪتن سان گڏ ڪارايائين.

اڇيوَ ٿو ڪو جهُبو، اٿوَ ڪا سنڌيت واري رڳ؟ يا اوهين بہ صاحب جا طرفدار، نہ مان غلط هجان تہ ٻڌايو........... ڇو اوهين بہ پائر آهيو، اوهين بہ پنهنجا آهيو، سچ چئي سگهو ٿا. سچ چوڻ بہ گهرجي، پنهنجا ئي تہ آهيون، کهڙا پراوا آهيون، پنهنجو ئي تہ سمجهي سُور سليان ٿو.

ڏسو ٿا مئو سپاهي اجا سوند پائي پيو ڏسي، ڇڻ تہ پٺهس جي پئي سڙي وڃي. حيرت آهي صاحب، يا قومي جذبي کان عاري هي سپاهي ڇو ڪونہ ٿا سمجهن، سندن پناهگيرن سان پهرين جهڙي دوستي برقرار رهندي پئي اچي، گهر ۾ دعوتون، سوکڙين پاکڙين جي مٽا سٽا، سڀ سلسلا ساڳيا ئي رهيا!!

ٻئي پاسي سياسي هيرا ڦيريون بہ جاري رهيون، هر روز نوان بيان، عجيب ۽ کيرا ڪندڙ بيان.

*سنڌ جي مسئلي جو حل اسان وٽ آهي: هڪ خبر

*اسان سنڌي ماڻهن جو رت وهڻ نه ڏينداسين، ان مان سچو نِير ٺاهينداسين.
*سنڌ ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ قومپرست ڌرين پاران امن ريليون.
*سنڌ ۾ مهاجر، انصار جي رشتي جي نئين سر وضاحت ڪرڻ لاءِ مذاڪرا ۽ محفلون.
*حيدرآباد جي حفاظت لاءِ پنج هزار هٿياربند مهيا ڪري سگهون ٿا: هڪ خبر.
*اسان پارٽي آفيس تي ٿيل حملي ۾ هڪ ڪارڪن جي ڪيسي ڦاڙڻ واري حرڪت جي پُر زور لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا.
*سنڌ سرڪار جي سڏ تي امن ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندڙ سنڌي سياستدانن سنا اوچا ڪاڏا ڪائڻ ڪان پوءِ هاضمي خاطر ڪجھ يوڳ چرچا به ڪيا.
*مهاجر اسان جا ڀائر آهن، سنڌي ماڻهن ڪي 1947ع جيان اسلامي ڀائپيءَ جو اعليٰ مثال قائم ڪرڻ گهرجي.
*مهاجرن ۽ سنڌي ماڻهن ڪي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ لاءِ سنڌي مهاجر اديب دانشورن جون امن ڪاميٽيون جڙي ويون.
*سنڌي ماڻهن جي امداد لاءِ قائم ڪيل ڪئمپن ۾ جمع ڪيل چندو ڪارڪن ڪائي ويا ۽ رت جون بوتلون ليبارٽرين ۾ پيون وڪامجن: هڪ خبر
اهڙي ئي سنڌي ماڻهن جي امداد لاءِ قائم ڪيل ڪئمپ جو افتتاح اسان جي صاحب سڳوري ڪان به ڪرايو ويو. ٻئي ڏينهن تي اخبارن ۾ وڏين سرخين سان صاحب پاران خبر ڇپي،
”اسان سنڌي ماڻهن ڪي سندن گهر خالي ڪرڻ نه ڏينداسين.“
اهڙا لقاءَ ۽ پناهگيرن جون تعديون ڏسي رات ڏينهن اها سوچ ته ڇا ڪجي!؟
هتان ڳوٺ سوين ميل پري، ويجهي آهي ته ٽيليفون ۽ سو به صاحب جي اختيار ۾. صاحب وري چوي ته،
”ماڻهو ڇو گهرايان؟ ماڻهو گهرائڻ مان فائدو؟ هي بنگلو ٻڪرن جي واڙ ٿورئي آهي........... پر ڪهڙو ڊپ! اسان ڪي ڪهڙو ڊپ. اسان ڏانهن ميري اک ڪري ڪو ڏسي ته تارا ٽڙڪائي رڪانس...........“
صاحب نه ته عقل جي ڳالھ پيو سمجهي ۽ نه ئي ڪنهن جون التجائون، بس هن جي آڏو گونگو ٿيڻ ضروري هو. سندس وات مان اکر نڪتو ناهي ۽ ان جي تعميل ٿي ناهي.
هاڻي مان اوهان جي حڪم جي تعميل ڪيان، ذڪر ان ڳالھ جو، جنهن جو اوهان ڪي اوسيئڙو آهي. ڳالھ نڪتي هئي صاحب جي رڙين جي، پهريان ان ڳالھ ڪي پورو ڪيون.
ها، ته مان پئي چيو صاحب جي رڙ پئي پئي مان ماني ڇڏي ڊڪي ٻاهر ڀڳس، ٻاهر زبردست فائرنگ جا آواز هئا، جيڪي آواز مان اندر بند ڪمري ۾ به پئي ٻُڌا پر

ڪَن ڪين ٿي ڏنم، ڇو تہ هاڻي اهي آواز روز جو معمول بڻجي چڪا هئا. سچ لڳي ڪان پوءِ منٺ، منٺ، ڪلاڪ، ڪلاڪ، اڌ، اڌ ڪلاڪ ۾ ڪٿان خيري يا نا خيري مڙئي ڪلاشنڪوف هلڻ جا آواز ايندا هئا، جيڪي آواز هاڻي ڊپ ڪان وڌيڪ ميوزڪ جو تاثر ڏيندا هئا. ڪهڙي خبر مانکي تہ ڪاري ڏاند جا مالڪ اچي ويا.

مان وٺ پاسا وٺندو سرونٽ ڪواٽرن ڪان ٿيندو، بنگلي منجھ داخل ٿيس، ڪن پل ۾ ان ڪمري ۾ پهچي ويس جتي صاحب ۽ ٻيا نوڪر واڙيا وينا هئا. مان ڏٺو صاحب ڏاڍو ڊنل هو. هن غصي وچان وڦلندي چيو،

”لک لعنت “ گولين جو ٿو مينهن وسي ۽ تون وري ڪوئي جيان لِڪو وينو آهين“

ان وچ ۾ شايد آخري اوزار بہ بيگم صاحبہ ڪڍي آئي، جنهن جي سيني سان ننڍڙي بيبي چنبڙيل هئي. بيگم صاحبہ ڪجھ چوڻ چاهيو پر ان کي ڏکو ڏيندي پري ڪري ڇڏيائين. مان کي پراڻي زماني جي هڪ رائيفل چنبڙايائين، بورچيءَ کي ڊونالي بندوق ۽ پورو ڊبو ايس جي ڪارتوسن جو، آنڌل پسٽل ڊرائيور کي ڏئي پاڻ مائوزر جهليائين، ان بعد مها شڪاريءَ جيان مالڪاڻي انداز ۾ حڪم ۽ هشيون ڏيڻ لڳو،

”شابي شابي، شاباس منهنجي جانبازن کي، ڀڄو، ڀڄو ۽ ڦٽا ڦٽ ڀڄو، ڏيکاريو مڙسي، ڏيکاريو جوهر، ملهايو نيمڪ“

دل ۾ آيو، ٿي تہ مامي ياڻيجي واري ڪارِ،

”گاھ منهجن کي وجهجانءِ، ڏُڪاءِ ڏِڳا پنهنجا“

پر منهن تہ ڏيڻو هو، صاحب جو حڪم تہ نيٺ مڃڻو هو. ڏاڪڻ تان ٽپ ٽپ ڪندا مٿي ڇت تي تہ پهتاسين پر اڳتي ڪير منهن ڏي! ڪن پل لاءِ مُنجهي بيهي رهياسين پر پوءِ اڳتي قدم وڌائيندي چيم،

”هل ڙي نبي بخش، ڪهڙي خبر........... ! اڄ تنهنجا ڏينهن پُجي آيا هجن!!“

بيشڪ هٿيار تہ اسان وٽ هئا پر اسان پاران هلائي ڪير!؟ بس صفائيءَ جي حد تائين تہ هٿيارن سان پنهنجي واقفيت هئي پر اڳتي.......... خير، ڊڪي وڃي پلويڙي جو پاسو ورتوسين. ڳلڪڙين مان جان جو جهاتي پايون مار........... نور ۽ نانگ واري ويڙھ. هڪ پاسي گيٽ ٻاهران ڪاهيءَ ۾ ليٽيل پناڻ چوڪيدار ٻئي پاسي چار پناهگير دهشتگرد. تقريبن ڏھ، پندرنهن منٺ فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ نانگ نہ پر نور يعني پناڻ چوڪيدار مارجي پيو، گولي سندس ڪوپڙي اُڏائي وئي. پناڻ جي موت ڪان پوءِ اسان مڙني جا ڇيھ ڇجي پيا، ان ڪان پوءِ بہ ڪي پنج، ڏھ منٺ هو مسلسل فائرنگ ڪندا، اسان کي هيسائيندا گيٽ طرف وڌڻ لڳا. اڪا دڪا صاحب جي مائوزر جا مئل آواز تہ اچن پيا پر سي بہ ڪمرن اندر، جنهن کي تہ هو ليڪي ۾ ئي نہ پيا آڻن ۽ اسان جا هٿيار وري اسان جي اختيار ۾ ئي ڪونہ. ڊرائيور ڪجھ ڪِڻ ڪٽ ڪئي پر سو بہ

هٿيار نہ هلائي سگهيو. رائيفل مان ڪان بہ ڪانہ پئي هلي. بورچي ويچاري جو تہ اصلي دم پئي نڪتو، هڪ بورچي ڇا؟ بلڪہ اسان سڀني جو مُٺ ۾ ساهہ هو. هاڻي هو اچا ٽيا گيٽ ويجهو اچڻ لڳا، پاڻ مان هڪ پناهگير دهشتگرد ڪي هينان ٽيڪ ڏئي ديوار تي چاڙهيائون، جيڪو ٽپ ڏئي اندر ٽپي آيو، هن گيٽ جو تالو پيچڻ جي ڪئي، ٻيو سندس ساٿي ديوار تي چڙهي ڪمانڊو جيان ڪلاشنڪوف تاڻي بيٺو ۽ باقي بہ چٽا ٻاهر مورچا سنڀالي بيٺا رهيا. هنن جي ههڙي شهزوري ڏسي اسان جون خوشيون ٽوڙي غم سپ چڪيءَ ۾ پيل ان داڻن جيان پيسندا رهيا. ٻوڏ جي مٺل ڪوئن جيان ڪن ڪڍيون وينا رهياسين. اسان ڪي هر وقت اهو احساس ستائي رهيو هو، ڪٿي پناهگير دهشتگردن جي ابليسي اک ڏسي تہ نہ رهي آهي!؟............ مان ٻيهر ڪٽارو رائيفل جو جائزو ورتو، لڳم تہ هٿ ۾ جهليل ڪنهن هيروئنيءَ جي عضوي جيان لڏي رهي آهي. چيم،

”يا رب، انهن مروانن تي ڪا بجلي ڪڙڪاءِ، نہ تہ الائي ڪهڙو حشر ٿيندو. ايتري ۾ ديوار تي بيٺل دهشتگرد ڪلاشنڪوف جو هڪ يڪو رائونڊ هلائي ڇڏيو. مان ڏٺو سڀ نوڪر مون ڏانهن تڪي رهيا هئا، ايئن ڄڻ مان ڪو گوليون ڳهنڍڙ جادوگر هجان!!

نيٺ عقل آيو، رائيفل ڦٽو ڪري بورچيءَ کان بندوق ڦري ورتم، هڪ خيال آيو، دٻايان.........؟ پر مان بندوق هلائي ئي ڪانہ هئي. چِست ملائڻ تہ پري پر اڄ تہ منهنجي لاءِ بندوق هلائڻ بہ مسئلو بڻجي ويو هو. بس مري وياسين، اُڦٽ مري وياسين، هن پاسي بجليءَ جي تيز روشنيءَ ۾ تالو پيچڻ وارو دهشتگرد پنهنجي ڪار ڪي لڳل ۽ ديوار تي بيٺل دهشتگرد جا ڦاڙهي جيان ڪن پئي هليا، هو ڏاڍو چست ۽ ڦڙتيلو ٿي ڏسڻ ۾ آيو، جنهن رڪي رڪي پوليس جيان وارننگ جي انداز ۾ ٿي آواز ڏنا،

”هٿيار ڦينڪ دو، هٿيار.......... جو ڪوئي هي ٻاهر آجائي“

ٻاهر خاموشي ڏسي اندران بہ آواز اچڻ بند ٿيڻ لڳا. پنهنجن همراهن ڏانهن چتايم تہ اهي بہ دلگير لڳا، مان هڪ پيرو ٻيهر ٽنگڙي کان پريان ڏٺو. مان ڪي نہ رڳو تالي ٽوڙڻ وارو، ديوار تي پهرو ڏيڻ وارو پر ٻاهريان بہ بہ چٽا نظر آيا. بس هاڻي فيصلو ڪرڻو هو. اجهو دروازو بہ کلڻ وارو هو. مانڪي تالي پيچڻ واري کان بہ ديوار تي ايو بيٺل دهشتگرد ڏاڍو سٺائو ٿو لڳي. ايترو تہ اڄ بہ ياد آهي پر پوءِ ڪيئن گهوڙو چاڙهيم، ڪيئن لبلبو دٻايم، ڪيئن چست ملايم ۽ فائر ڪيم، اهو سڀ ڪجهہ بلڪل ياد ڪونهي، خبر تڏهن پئي جو فائر ٿيڻ کان پوءِ پنيان وجي ڪياڙي لڳي، ايئن ڄڻ مان تي فائر ٿيو هجي. جي ٽڏي تي ٻيا همراهہ نہ هجن ۽ سُس پُس نہ ڪن تہ مان جيڪر پنهنجي خوف ۾ پيو ئي رهان. منهنجي پاڻ سنڀالڻ کان اڳ ئي ڊرائيور ۽ بورچي سُس پُس ڪي لڳي ويا،

”مري ويو.......... پيٽ تان هيٺ ڪري پيو.......... رڙيون ٿو ڪري پيو“

مان هاڻي ڏڪي مس اٿيس، رڙيون ته ٻڌڻ ۾ اچن پيون پر ديوار تي بيٺل دهشتگرد ڏسڻ ۾ ڪين ٿي آيو. مان چست به ان سان ئي ملائي هئي، هيٺ ڏٺم، دروازو کولڻ وارو دهشتگرد دروازي تي چڙهيل ٻگن بيل جي جهڳٽن مان گدڙ جيان وائڙو ٿيو فائر ٿيڻ واري پاسي پيو ڏسي. ٻاهر بيٺل به ڇٽا به نظر نه آيا، جيڪي ديوار جي اوٽ هيٺ ڪريل همراهه کي وجي چنبڙيا هئا. ايتري ۾ اندران توڙي ٻاهران ڪلاشنڪوف جا ڪيترائي رائونڊ هلي ويا. اڳ جيڪي آواز موسيقيءَ وارو مزو ڏيندا هئا، سي اڄ دل کي دهلائي رهيا هئا. گوليون ٻرنديون ٽانداڻن جيان ٽمڪا ڏينديون اڏامنديون رهيون. اسان هيٺ ڇت تي ليٽي پياسين. ڪنن ۾ آڱريون ڏئي، ڏند چيپاٽي ڇڏياسين. گولين جو مينهن اچا ڪجهه مانو ئي مس ٿيو ته مان پاسيرو ٿي ٽنگڙي ڪان ٻاهر ڏٺو. ان وقت ٻاهران هڪ ڇٽو اچا ڪلاشنڪوف هلائي رهيو هو ۽ اندريون دروازو کولڻ جي پچر ڇڏي سر بچائڻ جي ڊوڙ ۾ ديوار تي چڙهي پيچڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هو. مان ڪان ڊبيل رڙ نڪري وئي ڇو ته هاڻي منهنجي به دل تي هئي. خوف جو چار مان مٿان به ٽُٽو هو. مان هاڻي باقاعدي چِست ورتي. پيٽ تي لانگ ورائي اچا هيٺ لهڻ جي ئي ڪري پيو جو پنيءَ ۾ منهنجو نڪاءُ فائر ٿي ويس. هڪ ٻيو، ايئن ئي ٻئي نال وهائي ڏٺم. نڪائن ڪان پوءِ مان ڏٺو هو، جنهن صورت ۾ ديوار تي لانگ ورايون هيٺ لهڻ جي ڪوشش ۾ هو، ان ئي حالت ۾ ديوار تي پيو ئي رهيو. بندوق صفا ڪائي ويس، ڪيس انچ به چُرڻ نه ڏنائين. هو هاڻي ڏڪي پيو، ڏڪي سڄو سيٽجي ويو پوءِ ڪپيل ٻُنڊ جيان ڏو اچي اندر ڪيائين. ان وچ ۾ ٻاهرين ٻن دهشتگردن گوليون ته هلايون پر انهن ۾ ڊپ هو جيڪو پهريان ڪين ٿي نظر آيو. هو هاڻي اوٽان پيا جاچن، سر بچائڻ جي ڪوشش ۾ هڪلون ڏيندا پري نڪري ويا. هنن ٻاهرين همراهه کي ڪڍڻ جا ڪافي جتن ڪيا پر اسان جي اوچتن فائرن آڏو صفا نه بيهي سگهيا. ڪين هاڻِ پڪ ٿي وئي ته اڳواٽ ڪيل منصوبابنديءَ پنيان ڳچ همراهه مٿي مورچن ۾ ويٺل آهن. پهريان اسان به همت هاري وينا هئاسين پر پوءِ جو پنهنجي ڪاميابي ڏٺيسين سو اسان به شير ٿي وياسين. دل ۾ خيال آيو، ماڻهو پيٽر جيتري تتر تي نه ٿا گُسن ۽ اسان وري.......... ايئن ئي بندوق ڦيرائيندو فائر ڪندو رهيس. ڊرائيور به هاڻي چڱو پيڙو ٻڌو، هو به مُڏا سڏا فائر ڪرڻ لڳو. اهو فائرنگ جو سلسلو هلي ئي پيو جو پوليس پهچي وئي. تڏي به مان حساب ڪيو تقريبن تقريبن سوا ڪلاڪ اچا به ڏيڍ جيترو گوليبازي هلندي رهي. لاشڪ ته هو لاش ڪڍڻ پيا چاهن پر اسان جي مورچا بنديءَ آڏو ٻيوس ٿي پويان پير ڪيائون.

ايس پي آيو، پچا ڳاڇا ڪيائين، صاحب سان سُس پُس ۽ ضروري صلاح مشورا ٿيا، ان بعد بنگلي تي پنجن پوليس وارن جو گهاٽ بيهاري ٽئي لاش ڪٽائي پڪ اَپ ۾ هٽايائين. ويندي ويندي منهنجي پُٺي ٺپيري ”شاباس“ چيائين.

هاڻي ڪمري ۾ رهياسين اسان نوڪر ۽ پاڻ وارو صاحب سڳورو. صاحب ڪي جيڪو ڪجهه چوڻ لاءِ مان وٽ هو، اهو سڀ ڪجهه ڪونه چئي سگهيو مانس باوجود سخت غصي جي. رهيا ٻيا نوڪر ته انهن مان ڪنهن جي چپ چوريا به ته آواز سندس نڙيءَ ۾ ڦاٿو رهيو. هو سڀ ايترو گولين ڪان به نه ٿي ڊنا جيترو صاحب ڪان.

۽ صاحب.............؟ صاحب بس چپ چاپ، پنيءَ پنيان ٻانهون ٻڌيو ڪنهن ڳوڙهي سوچ ۾ هيڏانهن ڪان هوڏانهن ڪمري ۾ اچ وچ ڪندو رهيو. مان ڏنو، هن جڏهن به مان ڏانهن ٿي ڏٺو، الائي ڇو مان ڪي لڳو ٿي ته هو عجيب ۽ چاپلوسيءَ وچان ڏسي پيو.........!!

ٻئي صبح تي اخبار ۾ وڏن ٿلهن اکرن ۾ خبر ڇپي،

”.............. صاحب جي بنگلي تي ڌاڙيلن جي چڙهائي“ وڌيڪ خبر ۾ ٻڌايل هو،

”پوليس عملي جي بر وقت ڪارروائيءَ ۾ ٻه ڌاڙيل ٿڏي تي مارجي ويا ۽ باقي ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. هن مقابلي ۾ بنگلي جو چوڪيدار پڻ ڌاڙيلن هٿان مارجي ويو............ ڪارروائيءَ ۾ حصو وٺندڙ پوليس عملدارن ڪي سندن اعليٰ ڪارڪردگيءَ تي نقد انعام ۽ ترقيون پڻ ڏنيون وينديون.“

هي خبر پڙهي مان جڏهن سواليه نظرن سان پاڻ واري صاحب ڏانهن نهاريو هو، تڏهن سندس اکين ۾ پاڻ لاءِ اهڙي ئي ڌڪار ۽ ٻڇان ڏٺي هيم، جهڙي اڄ سامهون بيٺل منڍڙي سپاهيءَ جي نهار ۾ سمايل آهي، جنهن جون حيدرآباد واري قلعي جي گهيري دوران ڊيوٽي ڏيندي پناهگير دهشتگردن گولين سان جنگهان ڇچري ڇڏيون هيون. هينئر هو تندرست ٿي ٻيهر پنهنجي سرڪاري ڊيوٽي ڏئي رهيو آهي. هاڻي مٿان ڪان مليل نئين حڪم موجب بم ڌماڪن جي الزام ۾ شڪي ماڻهن تي نگاهه رکي رهيو آهي..............!!

# ڪوڙڪي

ڪالهه واري سڄي ڏينهن جي هڻ هٽان، وٿ پڇان ۽ سڄي رات ننڊ جي ديويءَ جي چرنن ۾ ستو رهڻ ڪان پوءِ ستل ۽ خاموش شهر هڪ ڀيرو وري آرس ڀڃي جاڳي پيو هو. هر جيءَ ننڊ جي ڀاڪر مان پاڻ ڇڏائي مقرر پروگرامن موجب وري ٻيهر پنهنجو پاڻ کي ڏنڊي ڏاڙي، محنت، مزدوريءَ ۾ اٽڪائي سڄو ڏينهن ريجهائڻ جي جستجو ۾ وڏيون وڏيون وکون کڻندو روڊ رستا لتاڙيندو، پنهنجي پنهجي راهه رمي رهيو هو.

اناج منڊيءَ جي مُهڙ ڪان ٻه ٽانگا نروار ٿيا هئا. ٻئي ٽانگا وڏي سامان سڙي سان سٽيل هئا. گهٽي بار هجڻ سبب لڳي رهيو هو، گهوڙا سنبن اڇلائڻ بجاءِ پيٽ ريڙهيون ڏئي جهڪي جهڪي هلي رهيا هجن. گهوڙن جي گيدائپ ۽ جهڪڻ تي سئيس ڏوريءَ ۾ ٻڌل نيٽ جا لڪڻ هوا ۾ لهرائي رهيا هئا. ٽانگن ۾ سئيسن ۽ سامان کان سواءِ هڪ ٻيو ماڻهو به ويٺل ڏيکارجي رهيو هو. جيڪو پڻ حاجين واري ويس ۾ لڳي رهيو هو. بس هينئر ئي هينئر حجاز مقدس کان موٽيو هجي. ٽانگا هلندي هلندي آخر صوفي رانجهڻ شاهه جي پڙ تي رڪجي ويا هئا. ٽانگن رڪجڻ تي پريان ڪُنڊڙيءَ ۾ ننڍڙي هوٽلڙي ۾ بينچن تي ويٺل، چانهه پيئندڙ، اناج منڊيءَ جي مزدورن ۾ چر پر اچي وئي هئي. هر هڪ پاڻ کي اوچو ڪندي ڪنڌ ڦيرائي ڦيرائي ٽانگن تي رکيل سامان ۽ لهندڙ حاجي صاحب کي ڇنائي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ان ڪوشش ۾ هڪ ٻه مزدور چند قدم کڻي ٽانگن تائين به آيا هئا، تڏهن حاجي اقبال ڪنهن کي سڃاڻيندي سڏ ڪيو هو، جنهن تي مزدورن ۾ چر پر تيز ٿي وئي هئي. هڪڙو ايئن چئي اڳتي وڌيو هو ته،

"خدا نه ڀلائي آهي ته حاجي اقبال جو آواز"

"يار مان به چوان حق تي ته..........." ٻئي مزدور حاجيءَ ڏانهن وڌندي چيو هو ۽ پوءِ نه رڳو مزدور پر هوٽلڙي جو مالڪ به استوَ تي ٽچڪندڙ چانهه کي ڇڏي اچي حاجي صاحب جي هٿن کي چمي ڀاڪر پاتو هو، جنهن جي پنيان ٽچڪندڙ چانهه ٽچڪي ٽچڪي نيٽ اُيامي هارجي پئي هئي. حاجيءَ جي هٿن چمڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ ڏسندي ڏسندي ڪيترائي هٿ ٽانگن ۾ لڏيل سامان لاهڻ ۽ حاجي صاحب جي گهر پهچائڻ لاءِ هڪ ٻئي ڪان گوءِ کڻي رهيا هئا. هڪڙا ماڻهو ته ان لاءِ ڪتا نه ٿي پڳا ته ڀلاري پار ڪان مدنيءَ جي چائٺ چمي آيو آهي. ٻيا ان لاءِ جوش سان سامان لاهي ۽ ڍوئي رهيا هئا ته ايئن ڪرڻ سان حاجي صاحب مٿن راضي ٿي من نه من مدنيءَ جي ملڪ جي ڪنهن سوکڙي پاکڙيءَ سان نوازي. ٻيو نه ته ٻن سکل

ڪارڪن يا آب زم زم جي پاڻيءَ جي ٻن ڦڙن جو ثواب حاصل ٿئي ۽ ٿيان وري ٽڪڙ ٽڪڙ ۾ ان ڪري سامان گهر پهچائي رهيا هئا ته سندن ايئن ڪرڻ سان ساڻس وڌيڪ قرابت نظر اچي. تنهن بعد ڏسندي ڏسندي نه رڳو حاجي اقبال جو پراڻو گهر نئين قيمتي سامان سان سجي ويو هو پر سندس پاڻ کان وڏي عمر واري ماسيري زال ۽ پوڙهي سس جون واڇون به گودا هٽي ويون هيون، جيڪي ان وقت ڪٽيون نه ٿي پڳيون. حاجي اقبال تان اول گهول ٿيڻ لڳيون هيون. ڪن ڪان پوءِ ڏسندي ڏسندي ماڻهن سان سڄو گهر پرجي ويو هو. پاڙي پنبي جا ڪيترائي ٻُڍا توڙي ٻار، رنون توڙي اهِرَ حاجي صاحب کي ڀاڪرين پئي مبارڪ ڏيڻ جي بهاني سندس آندل سامان جو به نظرن ئي نظرن ۾ جائزو وٺڻ لڳا هئا. ان سامان کي ڏسندي ڏسندي ڪن هوس ڪئي هئي ته ڪن رِيس ۽ ڪي ته پنهنجي ساڙ ۾ ئي سڙي ويا. ان مبارڪن ۽ گوڙ شور ۾ ئي ڏسڻ ۾ آيو هو، هڪڙو ڪرڙ وڍ ماڻهو، جيڪو ماڻهن جي انبوهه کي چيريندو، لتاڙيندو، هڪلائيندو وڏي اُڪير مان حاجي صاحب طرف رڙهي رهيو هو.

”پري، پري ٿيو، پري، پري........ اچو سائين“ هن پنيان ايندڙ مولودائن جي ٽوليءَ کي چيو هو ۽ پوءِ حاجي صاحب جي قريب ئي پهچندي ساڻس ڀاڪر پائڻ لاءِ وڌندي،

”شروع ڪيو، سائين شروع ............ اڙي بابا اچي وئين، مبارڪ هجئي صد مبارڪ“ هن حاجي صاحب کي ڀاڪر پائي مبارڪن ئي مبارڪن ۾ ڪيس تمام گهٽيون چميون ڏنيون هيون.

”اڙي سائين، ايڏا ڏينهن لائبا آهن، هت جو اسان............ اڄڻ جو ڪو خط پٽ به نه، هاڻي به ٻچل اچي ٻڌايو ته حاجي صاحب آيو آ، تڏي مولودائن کي ٻُولي ڦولهي ٽانگي کي دڪائيندي اچي نڪتو آهيان، ابا خوش ته آهين نه؟“

۽ پوءِ مولودن جي سر تال ۾ ئي هن سرگوشيءَ جي آواز ۾ ڪجهه چيو هو، جيڪا سرگوشي گهر ڏياٽين جي ڪنن تائين به پهچي وئي هئي.

”۽ ها جائي، پهريون ويلو مان وٺ ٿي، مان سڀ بندوبست ڪيون پيو اچان ۽ جي هاڻي ابا آيو به آهين ته اڳو پوءِ ڏينهن ٻن ۾ منهن اگهاڙا به ڪري ڇڏجن“ مولودائن جي ڪڙڪيدار آواز ۾ هن پويان لفظ چٻي چٽي نه پر ڪاڪڙي هينان زبان ڪندي چيا هئا. جن جي معنيٰ کي پروڙڻ لاءِ حاجي صاحب منجهس گهور وجهي ڏٺو هو ۽ ٻنهي عورتن جا ڪن ڪڙا ٿي ويا هئا. تنهن بعد ڦڙتيءَ سان اٿي ڪيسي مان روپئي روپئي جا نوٽ ڪڍي حاجي صاحب مٿان گهوريندي مولودائن سڳورن کي ڏيندو رهيو هو. پوءِ ڳچ تائين مولودائن جا مولود، درود شريف ۽ الله اڪبر جي نعرن جون صدائون بلند ٿينديون رهيون. ڪجهه ساعتن جي مزي وٺڻ کان پوءِ آهستي آهستي جيئن ئي ماڻهو ڇُرڻ لڳا ته ايئن ڪندي ٻاهرين دروازي کان هڪ مرد ۽ عورت نهايت مسرت واري جذبي سان سرشار ٽڪڙيون وکون کڻندا حاجي صاحب جي

قريب آيا. قريب ايندي ئي هو ٻئي حاجي صاحب کي ٻکين پئجي مٿس مِنين جون مينهن وسائڻ لڳا.

”اڙي منهنجا پرديسي پٽڙا خداءِ آنديئي، ايڏا ڏينهن لائبا آهن.“

عورت مٿس اول گهول ٿيندي نهايت پنهنجائپ واري جذبي هيٺ چيو هو.

”اڙي ڏس، ڏس............ ڏيجهان مَتِ جي موڙهي، ايئن ڪو چئبو آهي مدنيءَ جي ملڪ لاءِ، مٿان وري اهڙو ڪُفر بڪيو ٿي.“ مرد، عورت کي هدايت ڪندي چيو هو ۽ پوءِ اتي حاجي صاحب مٿان ڪجهه نوٽ گهوري مولودائن کي ڏنا هئا.

”هتڙي آ جو، او جڏي سيني مائٽن ڏي خط پٽ آيا، تڏي وجي پيٽ ۾ ساهه پيو“ ڪن ڪان پوءِ مرد چيو هو،

”ابا هلجي، ٻاهر بگي تيار بيني آهي“

”ماسڙ ڪيڏانهن!؟ حاجيءَ حيرت مان پڇيو.

”پنهنجي ئي گهر ٻيو وري ڪيڏانهن“

”هي ٻہ تہ..............“

”ها ها، اسان وري ڪنهن جا آهيون، هت آهن جو نياڻيون سياڻيون، اوڙو پاڙو، اصلي گهر ئي پرجي ويو آهي. مان سڀ بندوبست ڪيون آيو آهيان.“ هن وڏيڪ حجائتو ٿيندي چيو هو ۽ عورت ويني ئي ويني چيو هو،

”اڙي چڏيس، ٻچڙي کي ساهہ تہ پٽڻ ڏي، هِت ٻہ راحتڻ ۽ ادي ويچاري..............“ چڱو چڱو پر مانيءَ جو تونڪرو نہ ڪجانءِ، اسان اڳ ۾ ئي بندوبست ڪري ڇڏيو آهي.“

”اڙي ميان پريا مڙس، ڏسي وائسي تہ هوڪا ڏي، هيڏانهن اسان وري چا تي............ هت آ جو ڪُنا ئي چڙهي ويا آهن، هئي سا وات ٽڪاٽي سا ٻہ.................“ اڳئين همراهہ ڪيس اڏ ۾ ڪٽيندي چيو،

”ماسات، تون تہ صفا هيانءُ ئي ڪائي وئين، مان چيو تہ.............“ هن پريان ٻيءَ ڪٽ تي وينل همراهہ کي چيو هو پوءِ سرگوشيءَ وارو انداز اختيار ڪندي، حاجيءَ جي ڪن آڏو منهن آٽيندي چيو هئائين،

”ابا هو خفو ٻہ لاهٽو آهي، ٻيلي جواڻ وياءُ ويهاريو ڪو چڱو آهي، الاهي ساترا ماٺهو ٿوڪون هٽن ٿا مان ٻہ پئي ٻڌو. چيم،

”جيسيتائين اقبال موتي تيسيتائين چئو پلي چئو“ هن جيتوٽيڪ رازداريءَ وارو لهجو اختيار ڪيو هو پر پوءِ ٻہ اها ڳالهہ ڪيترن ئي وينلن، بيٺلن جي ڪنن تائين پهچي چڪي هئي. حاجي اقبال وائڙو ئي رهجي ويو ۽ ٻيا سمجهو ماڻهو پريان ئي بيني بيني ڪامينٽري ڪري رهيا هئا.

”جوفي جوءِ ...............“

”ساهوءَ جا سالا ٻہ گهٽا، ٻُڪئي جو پيٽيوو ٻہ ڪونہ“

”اڳ ۾ هو اهو اڪو ٽوڪو ڪن ماڻي اچي.......... هاڻي يڪو وينو موج ڪري عيش اُڏائي“

”چئو سائين............ يلا هُتِ وَهن نَوَ نندين، عربن کي ۾ پاڻيءَ جو، پيٽرول جو پئسو. سنبر يار ته پاڻ ۾ هلون عربن جي ملڪ تي، هت ڇاهي، آهي ته سڀ ڪجهه اتي آهي، اجايو هڏ هڻي جوائي ڪائي ويا آهن.“

تنهن بعد نه رڳو ڪامينٽريون ٽيڻ لڳيون پر حاجي صاحب سان نسبت ظاهر ڪرڻ لاءِ سندس اوري پري وارن مائٽن طرفان ڪافي حُجتون ۾ اٽاريون ويون. هن کي نه رڳو مائٽن جي سُنن طعامن کائڻ سان لست آئي پر ڪائنس گذريل وارداتن جا ٽيل ڏنا ۾ ڪونه وسريا. مائٽن طرفان رهڙان رهڇان، يتيم ٽيڻ تي لولي لاءِ ڏڪا ٽاٻا، گهر گهر جون نوڪرون، پراڻن مساڻن، اسٽيشن تي بيٺل ريل جي ناڪاره ڏٻن ۽ پائخانن ۾ لڪڻ ڇپڻ کان وٺي هن اڄ تائين ڪجهه ۾ ڪونه وساريو هو. هن ته انهن گڏهن جي لغامن، ڏنڊڪين، لڪڻن ۽ وٽن ٽالهين کي ۾ ڪين وساريو هو، جن جا نشان اجا سوڏو سندس جسم تي چاپاڪا نهيا بينا هئا. هن جي ايتري چرڪڻ جي باوجود مائٽن منجهائنس هٿ ڪونه ڏوتا ۽ ٻئي پاسي جوٽس سدائين سندس ڪچ ۾ رهي ڪيس سنيالڻ جو ذريعو ثابت ٿي. البته پوڙهي سس سندس مائٽن طرفان ٽيل ڳالهين جي آڳي پيشي تي نهايت گهرائيءَ سان سوچيندي رهي هئي. هوءَ آزمودگار عورت هئي، سندس ٽڙُ ٽڙُ تانگهيل هو، ان ڪري هن لاءِ اهي ڳوٺان ۽ ڳجهارتون پيڇڻ کي اوکيون ڪين هيون. ظاهر ۾ ته اهڙو ڪوبه رد عمل ڪين ڏيکاريائين پر ڪَنَ سيءُ مڙئي رکيون آئي. ان سڀ جي باوجود گهر جي ناهه نوهه ۽ ٻين معاملن ۾ پڻ وڌيڪ دلچسپي وٺندي رهي. هن نه رڳو فرج جو ٽڏو پاڻي پي پي پئي اندر ٺاريو پر نئين نڪور تنگن واري عينڪ سان ٽيليوزن، صوفه سيٽ ۽ نين ڪرسين جا ۾ خوب مزا ماڻيا هئائين.

”اڙي هاءِ هاءِ، قرآن سنئون جڻ بت ئي وڃي پشم ۾ پيو“ هوءَ صوفه تي پاڻ اڇلائيندي چوندي، تڏهن پريان ئي ڪنهن ڪم ۾ رُڌل راحت هڪل ڪندي،

”هاڻي چڱيان هل، متان نڪ آئون وات وانگر وسن جهڙن ڪوچن کي ۾ ناس سان ٽقي ليساڙا ڪري ڇڏين، اجا هاڻي آيا آهن، جن جي پوريءَ طرح ٻها ۾ ڪانه لٿي آهي.“

”اڙي هائو هائو، خبر آهي ڇا ڪا مانکي، پاڻ وري اهڙي.......... شڪر جو تو ڪونه آندا آهن، نه ته جيڪر سانديي وڃي سوگها ڪرين ها.“

۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن دعوتن جي ڏکهي سلسلي تي ڳالهائيندي، جيڪي سعوديءَ کان موٽڻ بعد اقبال کي مائٽن طرفان ڏنيون ٿي ويون.

”داعتون، داعتون، اهي منيون داعتون ڪُٽنديون ۾ الائي......“

تڏهن اقبال بيزاريءَ مان چوندو،

”ماسي، بس رڳو راتوڪي دعوت ڪائي اچان، پوءِ.......... مان پاڻ دعوتون ڪائي، ڪائي ڪَڪِ ٿي پيو آهيان.“

”پر ٻه جاڪون جو آيو آهين ٿي ٿئي ڪا گهر جي ماني نصيب، هجني رڳو پرايون داعتون ڪائٽيون، پراوا ڪُنا چٽٽا“

راحت مرڪندي چوندي ۽ سندس دل ۾ جڳهه ونڻ لاءِ وڏيڪ قريب ايندي،

”يلا مائٽن سان ٻه ته منهن ڏيٺو آهي نه، اڳ اجا ٻي ڳالهه، هاٽي جو پاڻ وِڪَ وڏائي اٽائون.............“

”اهي مائٽ اڳ ٻه هئا، ڪن هاٽي اچي نئينءَ مان ظاهر ٿيا آهن“

راحت سندس عضون ڪي مروٽا ڏيندي چوندي، ايئن جڻ اهو سڀ ڪجهه ڪيس خراب لڳندو هجي ۽ پوڙهي نڪ ڪي موڙو ڏيندي اڱڙيءَ سان ناس هاٽيون آڱريون اگهندي اٽي ٻئي پاسي ويهي چوندي،

”هُون........... ڪڇيءَ ڪونه باقي پَڪيءَ هر ڪنهن جي سَڏ.“

۽ پوءِ هو ته ان دعوتن جي ڊگهي سلسلي جي آخري دعوت مان لطف اندوز ٿيڻ ويو ۽ پنيان چڏي ويو هو سس ۽ زال ڪي ڪنهن پڄرندڙ باهه ۾ ٻَچ ٻَچ رات تائين بسترن ۾ ليٽڻ ڪان پوءِ ٻنهي ڪي لوڇ پوڇ رهي ته رڳو دعوتن جي ئي رهي. راحت بي آراميءَ مان هرو پرو ٻه پاسا ورائيندي ان دعوتن جي ڊگهي اڻ وٽندڙ سلسلي ڪي نظر انداز ڪرڻ چاهيو هو ۽ پوڙهيءَ ناس جو آخري ڊوز واپرائيندي اڱڙيءَ سان نڪ، وات ۽ آڱريون اُگهندي وات ڪي مِڇڪايو هو.

”اهي داعتون، داعتون............ داعتون ڪُٽنديون ٻه الائي....... خداءِ جي قدرت ته ڏِس، جان ته ڪو مائٽ ڳوليو ڪون ليندو هوس، جان ته وري الائي ڪٽان اچي ڳجهن وارو ڳاهٽ ڪِولن واريون قطارون ڪري پنهنجن ٽنگڙن مان نڪري پيا آهن.“

پوڙهيءَ جي آخري جملي تي راحت ٻه سُر سان سُر ملائڻ ڪان رهي ڪانه سگهي هئي،

”اڳ ويچارو وٽندو ئي ڪونه هو، هاٽي اچي منو لڳو آهي.“

”اڙي چوانءِ ٿي ڏتِ ڪر پنهنجي چَڳهَه ڪي، ملڪ ۾ پيون ٿي ڏوتيون متان ڪا وجهئيس نه جَڦرَ جو عِلم، اڳي ئي ٻڏين نه ٿي ته هرڪو ڪنيون ٿو ڏيسِ“ پوڙهيءَ نيٺ پنهنجو اوجهه اوڳاچيندي ڪجهه خدشو ظاهر ڪندي ڳالهايو.

”بات آ، مان جڻ مري وئي آهيان، ڏيڪاريانس وري ڏينهن جا تارا“ راحت غصي ۾ ٽمٽار بستري تي اٽي ويهندي چيو هو. ۽ پوڙهيءَ پنهنجي مراد ڪيرائيندي اجا ٻه وڏيڪ ڳالهه ڪي ڳالهيئڙي وارو انداز ڏياريندي چيو هو.

”ٻيو نه ته، هي چوڻِ چا لاءِ ٿا وجهنس، مان ڪا...............“ هن جملي ڪي اڌ ۾ چڏي راحت ڪان ئي مڪمل ڪرائڻ چاهيو هو. راحت پنهنجي حيثيت جتائيندي چيو هو،

”مان تہ نہ اگهايون مان ني، وتن ڪاريءَ ۾ ڪٽي ڪوسا ڪُهَرَ ڪري ڪپائيندا“

”مُني خداءِ تہ ڏي اَمانَ پر جي سچ بہ ڪو نئون ميوو چکي چريو ٿيو پوءِ تہ پُڪڙ وجهيس جي مُڙي. ها رنگ ڪي سجاڻ نہ، هاڻي تہ الائي ڪتان اچي رنگ ڪڍيا اٿائين. ڏسين ٿي سنن ڪپڙن ۾ ڪيئن نہ ناڪ ڦوڪ سان ٿو هلي، الائي تہ نيت ۾ ڪهڙو خلل ٿس“

”نہ نہ ايئن نہ ٿيندو، ايئن نہ............ هو مان ڪي دوکو نہ ڏيندو، ايئن نہ ڪندو، ايئن نہ ڪندو“ هن پوڙهيءَ جي وار ڪان بوڪلائيندي وڦلندي پاڻ ڪي ڪوڙي دلجاءِ ڏيڻ لاءِ وڏي آواز ۾ چيو هو ۽ پوڙهي پنهنجي مراد حاصل ڪرڻ جي جُهد ۾ هڪ وِڪَ اجا اڳتي وڌائيندي چيو هو.

”ايئن ڪندو، ضرور ڪندو، تون ڪير ٿيندي آهينس روڪڻ واري؟ توسان زور مس جي ميندي، توسان ڪهڙو سندس سڱ؟ تون ڪهڙو سندس هڏُ رت؟ اڄ هن وٽ ڏوڪڙ آهن، سمجھ آهي، پئسي هٿ ڪرڻ جو گُر آهي، اڄ هن جي ڪُني حلال آهي، هاڻي هن ڪي اُڏرڻ وارا پَرَ ڄاوا آهن. هو ڪڏهن بہ توکي آڪ ٿُو ڪتا ڪري سگهي ٿو. اهو وقت ڪائي وئينءَ جڏهن تون ڪيس ننهن تي نچائيندي، آڱر جي اشاري تي هلائيندي هُئينءَ ۽ اچي ڪاري جي مالڪياڻي هُئينءَ. اڄ هو ڏندين ڏاند آهي. اڄ هو............“ پوڙهيءَ ڪي پڪ هئي تہ سندس ٻاڻُ خالي نہ ويو هو. ان ڪري ڪنهن بہ نتيجي جو انتظار ڪرڻ بغير ئي عينڪ لاهي ويهاڻي هيٺان رکي آهستي آهستي آهلي پئي ۽ راحت، پوڙهيءَ جي سوالن ڪان لاجواب ٿيندي ويهاڻي ۾ منهن وجهي ڪنهن اوچتي ڪال جي ڌڪ ڪان روئندي، سڏڪا ڀريندي ئي رهجي وئي هئي.

ڳچ وقت جي خاموش ڳوڙها ڳاڙڻ ڪان پوءِ هن ٻيهر دل ئي دل ۾ ساڳيا پهريان وارا ئي سوال دهرايا هئا.

”ڇا سچ بہ آڪ ٿو ڪتا ڪري سگهي ٿو؟ ڇا سچ بہ هو مون ڪي ڇڏي ڏيندو!؟“

هن ڪي انهن سوالن جو في الفور ڪوبہ جواب سمجھ ۾ ڪونہ آيو هو، بس رڳو هڪ نظر پريان سُتل پوڙهيءَ جي بي سُرتي جسم تي وڌائين ۽ پوءِ هڪ ڊگهو ٿڌو ساھ ڪٽندي، ڊگهو ٿي سمهندي منهن تائين چادر تاڻي ڇڏي هئائين. هن پوءِ سُتي ئي ستي ڪافي وقت تائين پوڙهيءَ جي لفظن ۽ سندس مڙس ۽ پوءِ مائٽن جي گفتن تي سوچيو هو. هن جي سوچڻ واري انداز مان لڳي رهيو هو تہ هوءَ نہ رڳو پوڙهيءَ جي ڳالهين ڪان متاثر ٿي هئي پر هن ڪي پنهنجي مستقبل ۾ پيش اچڻ وارن هولناڪ حالتن جو بہ زبردست ڌڪ ٿيڻ لڳو هو. ظاهر ۾ تہ هوءَ سڀ ڪجھ يقين ۽ اعتماد جي آڌار تي رد ڪندي رهي پر اندر ئي اندر انتها درجي جو خوف ڪائي رهيو هئس. ان خوف، جلن، ساڙ، پڇڻ پڇرڻ ڪان بچڻ جو وٽس ٻيو ڪو بہ رستو نہ رهيو هو. سواءِ ان جي تہ هوءَ گذريل، اقبال سان گڏ گهاريل گهڙين ڪي ياد ڪري ڪي ڪن تسڪين

وني. يا ايئن ڪٿي چئجي، پوڙهيءَ واري ڪسوٽيءَ تي هٽي اهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪندي هجي ته،

”ڇا اهو سڀ ڪجهه تي به سگهي ٿو؟“ جنهن جو خوف پوڙهيءَ ڏياريو هئس.

هن کي باسڻ لڳو هو ته، نه رڳو سندس ئي پنجويهن سالن جي جواڻ جماڻ مڙس سان بي انتها سڪ هئي پر سندس گذريل حياتيءَ جي ڪجهه لمحن ۾ (جيڪي هنن گڏ گذاريا هئا) اقبال اهڙو ڪو به تاثر ڪين ڏنو هو، جنهن مان محسوس ٿئي ته هن جي پاڻ کان ڪيئي سال وڏي چمار واري زال سان ڪا سڪ، محبت يا قرب ڪونه هو. هن ته ڪيس وڏيڪ ئي چاهيو هو. هو جڏهن به ٿڪو ٽٽو گهر ايندو هو ته راحت جي هڪ ئي مرڪ سندس سڀ ڏک دور ڪري ڇڏيا. نه صرف اقبال جا ڏک دور ٿيا پر هن به پنهنجي جسم کي اقبال جي ٻانهن ۾ سونپيندي ڪافي لطف ورتو. ايئن ڪٿي چئجي ته هڪ ٻئي کي ٻڏندڙ ٻيڙيءَ جو سهارو ئي سمجهي چنبڙيا رهيا ۽ ان چنبڙڻ ۾ راحت کي ڪڏهن ڪڏهن ايئن محسوس ٿيندو هو جڻ ڪناري کان به سندس وِڪَ سوين قدم اڳتي ڪجي وئي هجي.

ساري ساري رات پوڳ، چرچا، کِل مشڪريون، پيار پريت ۽ پوءِ صبح دير سان بستري مان نڪرڻ ۽ ان دير سان سجاڳ ٿيڻ تي پوڙهيءَ جو جهونگارڻ:

وِجهه ڪِيرُ ڪُمِرِ ۾، منهنجا مور لاڏا،
وَهندين ته نهندين، منهنجا مور لاڏا،
وِجهه ڪِيرُ ڪُمِرِ ۾، وِجهه ڪِيرُ ڪُمِرِ ۾..................

”اڙي مڙهي، هن عمر ۾ وري ڪهڙو سوز جاڳيو تي!؟ ياد ته نه پيو تي مرحيائت ماسڙ، هه هه هه هه............“ هوءَ پوڙهيءَ جي جهونگارڻ تي بسترو ڇڏي، آرس ڀڃي، هلڪڙا هلڪڙا ٿهڪڙا ڏيندي ڪمري کان نڪرندي چوندي، تڏهن پوڙهي سڳڙن واري عينڪ اکين تي چاڙهيندي جلدائيءَ ۾ ڪيس سڏيندي،

”مئي ماري، ڇڏاءِ ته قبر هن عينڪ جا سڳڙا ته ٻڌ، ڏينهون ڏينهن نظر کي به الائي ته ڇا ٿو ٿيندو وڃي“ پوڙهي پنهنجي پڇاڙيءَ جي نور جي شڪايت ڪندي ۽ هوءَ اڳتي وڌي پوڙهيءَ جي عينڪ جا سڳڙا سندس ڪياڙيءَ کان ٻڌندي. سڳڙا ٻڌڻ کان پوءِ پنتي ٿيندي هڪ ڪرسيءَ تي پاڻ ڇڏيندي، اوٻاسي ڏئي آرس ڀڃي، ٻيهر چوندي،

”ماسي اهو اڳوٽي چا پئي چيئي، وري ته ٻڌائجانءِ“

”اڙي هاٽي ته ڊاپي نه تي ڊاپين.......... چوانءِ تي رکي رکي ڪاءُ، رکي رکي ڪاءُ“

”تو کي ته وڏو سور آ، چوانس ڪري تنهنجا به هڏ پاڪ“ هوءَ پوڙهيءَ کي پسرائڻ خاطر چوندي.

”اڙي مان ڏيانس باهہ، منهنجو تہ ٿئي ٻچو، تنهنجي باهہ لاهي پلي پيو ٽڏا ٽار ڪرائي. سڄي رات اهڙا ڪي سيڪا ٿو پٽئي جو ڪچڙي منجهند تائين هنڌ جي پچر ئي نہ ٿي ڇڏين. نائون مهينو راتين جو گذريو آ، ويچاريءَ جو اجا اوسو نہ لٿو آ“

”ههہ، ههہ، ههہ............. هاڻي پئي سڙُ، پَچُ، تو بہ گهڻيون ئي وٽان ورتيون، هاڻي...............“

”اڙي اها بہ دعا ڪر منهنجي سِرَ ڪي، جنهن سون جهڙي ڏنبي ڏوٽي اڪڻ پٽ ڪي نوڙائي ڏنئي، منهنجو بہ جيڪر هڪ ٿورو نہ لاهين، آئون پائين، نہ تہ هن وهيءَ ۾ ڪير ڪنگهئي بہ نہ ها“

۽ ڪڏهن ڪڏهن ايئن ئي سندن طعنا تنڪا ڏيڻ جي سمي جي ڪٽي اوچتو اقبال اچي نڪرندو تہ پوڙهي خوشامند جي انداز ۾ چوندي،

”اڙي پٽڙا.......... تنهنجي بہ ڪا وڏي ڄمار آهي، اصلي هاڻي هاڻي پئي توکي ئي سنياليوسين“

”اڄ ڪيئن سائينجن ساڄهر ساڄهر اچي نڪتا آهن!؟“ راحت پنهنجون خماريل اکيون سندس اکين سان چار ڪندي، مرڪندي سوال ڪندي.

”تنهنجي سِڪَ جو ستايو، چئہ ڪو آرام ايندو“ هو پڻ مرڪ سان مرڪ ملائيندي جواب ڏيندو.

”ٻچڙا چڱو چڱو، پر ٽانگو ڪنهن جي حوالي ڪري آئين؟“

”ماسي هو ٻڍين نٿي هٽڪار، گهر ٻاهران بيهاري آيو آهيان، لڳي وئي هئي پاڙي جي سواري“ چوندي، چوندي گهوڙي جي هٽڪارن ڏانهن اشارو ڪندو ۽ پوءِ ڪيس ڪجهہ ياد ڏياريندي چوندي،

”نهيو، نهيو پٽڙا، هو منهنجو ڪمڙو ڪيون آئين؟“

”ماسي ناس“ ڪجهہ ياد ڪندي ڪيسي ۾ هٿ هٽندي، ”اڄ تنهنجي لاءِ اهڙي تہ ڦسڪلاس ناس آندي اٿم جو اصلي دنيا خاب“ هو ڪيسي مان ناس جي پلاسٽڪ واري ٿيلهي ڪڍندي چپٽي وڄائيندي چوندو.

”اڙي پٽڙا، شل الهہ اها جواني بشڪي ڏيندئي“ چوندي، چوندي هوءَ خوش خوش ٿي ٿيلهيءَ کي کوليندي، ”سچ بہ ابا، ناس ڪا الستي تي ڏيڪارجي، اصلي نئون نمونو“ پوڙهي ناس کي چٽائي هلڪي چپٽي پريندي، ”ماريا اسان جي پاڙي وارا دڪاندار تہ الائي ڇاٽا هٿ تي رکن، اصلي اوئين بہ گهوري“

”ماسي مان ٿو چوان اِمام سنئون، اهڙي ناس عمر ۾ نہ ڏني هوندئي، اها ناس تہ رڳو اسان وارو مرشد سڳورو ئي ڏيندو آ، ڏسينس تي خوشبوءِ.“

”سچ بہ ابا خوشبوءِ ڏاڍي ٿس“

”ماسي، تون ٻه ڇا ياد ڪندينءَ، هجنئي ٽورا، روزانو نيون نيون ناسان، نوان نوان نمونا، نوان نوان قِسمر“ راحت مرڪندي پوڙهيءَ کي پنهنجا احسان جتائيندي چوندي، پوڙهي چپٽي ناس جي نڪ کي ڏيندي چوندي،

”او هاءِ هاءِ.............. اصلي مڱز ئي کُلي پيو“ ناس ڏيڻ سان پوڙهيءَ کي نڇ ايندي، جنهن تي اقبال ٺهڪن کي روڪيندي ڪيس گهٽي ناس واپرائڻ کان منع ڪندو.

”ماسي گهٽي نه ڏجانءِ گهٽي نه........... ناس اُگري متان.........“

۽ پوءِ ڳالهين ئي ڳالهين ۾ ناس پنهنجو اثر ڏيکارڻ شروع ڪري ڏيندي پوءِ هڪ، ٻه، ٽي، تنهن بعد نڇن اچڻ جو هڪ يڪو ڊگهو سلسلو شروع ٿي ويندو.

”اوڇون.......اوڇون.........اوڇون..........ابو مڱز ئي، اوڇون...... اوڇون.......... اوڇون........“ پوڙهيءَ تي ڇڪن جا دورا پوڻ لڳندا، تڏهن ٻئي زال مڙس ڪِلي ڪِلي کيرا ٿي پوندا، ان ٽهڪن جي گونجار ۾ ئي هڪ ٻئي کي ٻکجي ويندا ۽ هنن جا اهي ٽهڪ ئي ته سندن زندگيءَ جو بي بها سرمايو هئا. هنن جا اهي اُڪير مان هڪ ٻئي کي وِڏل ٻکَ ئي ته سندن زندگيءَ جو نه ڪٽندڙ خزانو هئا، جن جي سهاري هو زندگيءَ جا ڪسارا ۽ ڪڙا پل به سرور ۽ سڪون ۾ گذاريندا رهيا ۽ انهن ٽهڪن ڏيندي ئي ڪڏي ڪڏي پوڙهيءَ کي پنهنجي جوانيءَ وارا ٽهڪ ياد اچي ويندا، تڏهن رِيس ۽ هيس جي آگ ۾ جلندي پنهنجو پاڻ تي ڪِلون ۽ ٺنوليون محسوس ڪندي چڙي پوندي.

”ڏاڍا ته هاڻي ٽهڪڙا تا ڏيو، اَتوَ رڳو ٽهڪ ڏيٽا ڪن ٻيو ٻه ڪجهه سُجهيوَ ٿو، اهي خالي ٽهڪڙا ٻه..............“

”ماسي، سچ پڇين ته هي اسان جا ٽهڪ خالي نه پر زندگيءَ جو سمورو سرمايو آهن ۽ اهڙو سرمايو جنهن کي سوين جيپون، موٽرون ۽ ريل گاڏيون ٻه نه ٽيون ڍوئي سگهن.“

۽ پوءِ جڏهن ويني، ويني ٽهڪن جي گونجار ۾ ئي راحت آڏو ٽيبل تي پيل ننڍو آئينو کڻي پنهنجو منهن ڏسڻ لڳندي، تڏهن پوڙهي وڏيڪ چوهه چندڻ لڳندي،

”اڙي هاڻي نهيو، نهيو، تنهنجو ته ٻوٿ نهي نٿو نهي، توبهه، مائي توبهه جڏي ڏس تڏي آئيني آڏو، اهو ڪنو پوندر آئون سرخي منهن تي ملي ملي ڇا ته پنهنجي شبي بنائي ٿي. هاڻي اچي اچي متي ۾ خفت ڪنيو ٿس، ڇورا اهي سبق تنهنجا ته ڏنل نٿس، سچي چو نٿو ٻڌائين؟“

”صدقو ڪيانءِ ڏائڻ، درديلي، ساڙ سڙي، چو ٿو سور ٿيئي، اڳي ڏهاڙي، ڏهاڙي هٽندي هيس تڏي نه هاڻي جڏي ڇنيءَ ڇهه ماهيءَ هنيم ته توکي چو ٿو ساڙ ٿئي. هجي ڪو ياڙي جيڪو تو ڪوليءَ ڏي اک ڪڻي ڏسي پوءِ ڏس ان ڳوهه جهڙيءَ ڪل کي ڪابر هٽي، هٽي ڪيئن نٽي چمڪائين، چلڪائين.“

”اڙي ڇاتي ٿي ٻه ٻه هٿ اڏامين، مان نه جڏهن وهيءَ ۾ هئس ته تو پارن کي ساڻ ٻه نه ڪٽندي هيس، پلي سردار سنئون، تون لوڪ پڇائي ڏس، خانوءَ واري ڪوهه تان جڏي نه پاڻيءَ جي گهاگهر ڪڇ ۾ ڪري ٿي دلا متي تي رکي، نوٽ تائين آج جي ٻانهينءَ واري ٻانهن هٽندي هلندي هيس، تڏي خداءِ ۾ پت ڪرين ته پل پليرن جي واڇ گودو هٽي ويندي هئي، سندن پيرن ۾ پنجوڙ پئجي ويندا هئا.“

”جنهن جي جم جو واقف تنهن جا ڏند ڇا ڏسجن. مان ڪي خبر آهي ڇا ڪا تنهنجي جوانيءَ جي، جوانيءَ ۾ وري ڪهڙا پَرَ لڳل هيئي وهيءَ ۾ ٻه اها ئي دانگيءَ جو ترو هُئينءَ، وهيءَ ۾ وري ڪهڙو..............“

”اڙي هاڻي نهيو، ماسيءَ مان پئي وِڏان ڪيين، قران سنئون ماسي اجا وڳ مينهن جو لهئي.“

”ايئن ٻچڙا، تون ڪو بدر يَرِ، باقي هيءَ رنڙي ته اصلي دشمن ٿي بيٺي آهي“

”مان ته ڪو اهڙو ٿانڊو ڏنو اٿمانءِ، جو جڏي تڏي پئي ڪوسا پاڻي هارين.“ راحت سچ پچ چڙي رُسامي جي انداز ۾ چوندي، جنهن تي پوڙهي ناس جي دٻلي ترِيءَ تي هٽندي دٻلي کولي، چپٽي پريندي چوندي،

”اڙي هاڻي نهيو، نهيو، ڇو ٿي پاڻ پٽائين، قرآن سنئون مان آهيانءِ اصلي ٻازن ڪان ٻچڙي.“

”چڱو هاڻي ڇڏيو ان ٻڙڏڪ کي، ڇا چوندا پاڙيوارا“ هو ٻنهي کي خاموش ڪرائيندي، راحت جي هنج ۾ پيل هٿ ڪٽندي چوندو.

”منِي، ڇڏ ته وڃان ٻاهر گهوڙو بيٺي، بيٺي بليڪم ٿيندو هوندو.“

ايئن ئي هڪ ڏينهن ويو ته وڃڻ کي ويو، نه ٻڌائڻ نه سُڏائڻ بس يڪي ٽپي، هن جي يڪي ٽپيءَ ساٽس بي انتها محبت ڪندڙ راحت کي بي چين ڪري ڇڏيو. ان بيچينيءَ مان هوءَ ويچاري ڪافي وقت انتظار، اوسيئڙي ۾ گهر جي آڳر ۾ اجايو ڦيريون پائيندي رهي هئي ۽ پوءِ ٻه جڏهن هو نه آيو هو تڏهن بيزاريءَ ۽ خوف ڪان ٻاهرين دورازي ڏانهن وڪ ڪٽندي،

”اج الائي ڇو اَوير ڪئي ٿئين؟ چوڻ ٻه ٿس ته سج لٿي کان پوءِ ڪاڏهن نه ويندو ڪر، ڇونه ڪٽي ڪو هزار روپيا ڏيئي.“

پوڙهيءَ ڪرسيءَ تي آرام سان ليٽي، ناس جون چپٽيون ڏيندي اڳڙيءَ سان آڱريون اگهندي چيو هو.

”اڙي سڪيلڏي، تون ايڏي پساري ۾ پئي ڇو آهين، اصل دم ٿو نڪرئي دم، ايئن پائين، جيڪر هڪڙي جهٽڙي ٻه توڪان پري نه ٿئي، لڳي هوندس ڪا پري جي سواري يا ڪنهن رَهلي ۾ اڇي ويو هوندو. مڙس ماڻهو آهي، ڪا چوڪري ٿورئي جو ڪو ڪنن مان والا لاهي ويندس.“

هن پوءِ ٻاهرين در ڪان جهاتي پائي واپس اچي پنهنجو پاڻ کي ڪرسيءَ تي سٽيو هو پوءِ هٿن کي مهٽي آگرين مان نڪاءَ ڪيندي ڳٽي ظاهر ڪندي چيو هئائين،

”ڏس ته زمانو ڪهڙو نه ظهير لڳو پيو آهي، آهي ڪو ڪنهن جو سڄڻ، ماڻهوءَ کي پنهنجي ڪپڙن تي به اعتبار نه رهيو آهي ۽ هي وري....... ڳالهه به پاڻ تي ڪيائين ته ڪئين کي شاهينگ ڊرائيور کي ماري جيپ ڪاهي هليا ويا.“

”جائي به خدا ته خير ڪري پر جي............ اسان مسڪينن جو روزڪار ان بگيءَ تي“ پوڙهيءَ اوچتو ڪجهه ياد ڪندي چيو،

”ماسي، ٻيو ته سک آهي، اتي رکو بگيءَ جي هاتِ تاتِ ڪن ڪا ٻي به اتئي.“

”هاءِ، هاءِ............ هيءَ ڏس وري ٻوگهڙ پر چَکُهُ تنهنجو آهي، سک توکي تو ڏي ڪن............ منهنجو چاهه مان ته موڙيءَ جي مالڪياڻي.“

”چگو، چگو هاڻي اهو چپ جهڙو وات بند ڪر، سچو وات نڪ ناس سان ٺڦيو پيو آهي، جيءَ جيرا تنهنجا جو بچان به نه تي اچئي.“

پوءِ جيئن جيئن شهر جو گوڙ، شور جهڪو ٿيندو ويو هو تيئن تيئن راحت جي بيزاريءَ ۽ آنڌ مانڌ ۾ واڌ ايندي رهي هئي. ڪيتري ويچارڻ ۽ اوسيئڙي کان تنگ اچي هوءَ پوءِ ڪرسيءَ تان اٿي وڏا وڏا قدم کڻندي اندران برقعو کڻي پهريندي ٻاهر نڪرڻ لاءِ اچا وک مس کنئي هئائين جو پنيان پوڙهيءَ هڪلايو هو،

”رن هن آويڙي وکت تون وري نياڳي کي ڪاٿي وڃي ڳوليندئين؟“ اچا به وڏيک انديشو ظاهر ڪندي چيو هئائين،

”ڪٿي ڏنائين ته نه سچ به بگيءَ سوڌي گهوڙي کي مٺ، ڪيائين ته نه بر منهن، ٿي ته نه وئي ڪِل مان ظِل“

”چگو هاڻي وائي ته سڻائي ڪد“ راحت پريان بيني ئي بيني چيو هو ۽ پوڙهي پير سوئڻ لڳي هئي،

”چئو، ڪو اٿس هنڌ نڪاٽو؟ پيران پير ان وسن جهڙي بگيءَ ڏي خير ڪجانءِ، اسان کي به کهڙيءَ ڪاريءَ ڪاڏو جو............“

”مڙهي اتئي ڪو پير، مرشد، ڪن............ منهنجو تو لُک خامي، توکي وري ڪاڪڙي تي زور، ڏاڍو ته اُلکو ٿي، گهر پاتي چو الائي هن وکت تائين نه آيو“

”امڙ منهنجي وات ۾ تي کي ڪندا آهن، مان ته ويچاري اصلي وٽان ئي ڪانه ٿي، هونئن به سچ چئو ڏُور ٻَهُ، اج سچ چوڻ جو ته زمانو ئي ناهي.“

”ماسي، وسيلي کي ڏس، مان کي اجائي تاراج نه ڪر، منهنجو اڳي ئي مجز جاءِ ناهي.“ راحت ٻاهرين دروازي طرف وڌندي چيو هو. پوڙهيءَ کيس ٽوڪيندي چيو هو،

”عقل جي اڪابر ته ڏس، ڪتي پنهنجي عمر، ڪتي وات مان ڪير وهندڙ ڪالهوڪو ٻار، ڪڇ ۾ تون آئون ٻڌڻ هاڻي مان پئي ٽيس، پر جي هاڻي............ الاهُ ته ڏي امان جي سچ به ڪاڏهن ڏنائين مٽ پوءِ ته تنهنجا الائي ڪهڙا پرڪار ٿيندا“

”مڙهي، ڏس پنهنجي دستگير ڏي، اجايو ڇو ٿي هرو پرو مان ڪي پاٽيءَ مان ڪڍين، ڏيانءِ نه گهر ڪي تيلي“ هوءَ چوندي، چوندي ٻاهر نڪري وئي هئي ۽ پنيان پوڙهي عينڪ کي درست ڪندي ڪيترو ئي وقت عجب ۽ پريشانيءَ وچان ٻاهرين در ڏانهن نهاريندي ئي رهي هئي. تنهن بعد چيو هئائين،

”هئي ڙي مومل هئي........... وجي جڪ مار، ڪُهُ گهر سندءِ، منهنجو ڪو اڌ جان ٿِهائي، نه جو جهل جهلينءَ، ساڳيو ئي لوڙ لوڙين ٿي نه“ پوءِ پنهنجي منهن راحت وارا ئي لفظ دهرائيندي، پاٽيءَ مان........... پاٽيءَ مان، پوءِ نه نڪر پاٽيءَ مان، ڪير ٿو ڪڍئي پاٽيءَ مان، پر هي سينڌ تي هٿ آ، جي ان گونگي پاٽيءَ ۾ ٽاقوڙا هڻي هڻي ٻڏي نه مُئينءَ ته ڏني نه ڪيڪارجانءِ، هون مير ماريو ٿمِ“ پوڙهيءَ سندس اوائلي لفظ دهرائيندي، ٽوڪ زني ڪندي چيو، ”وڃڻ واري جو ڏڳ هڪڙو، ٻُوليندڙ جا ڏڳ سوين، هن وجي الائي ڪهڙا وڻ وسايا ۽ هيءَ نائين وري هاڻي ٻُولڻ نڪتي اٿس.“

ان ٻُولڻ ۽ جاچڻ واري حالت ۾ نه رڳو هڪ وڏو عرصو لڳي ويو هو پر گهر جو به وايو منڊل بلڪل بدلجي ويو هو. جنهن گهر ۾ پيار پلبو هو، خوشيون ورهائبيون هيون، اتي، ان گهر تي نراسائيءَ ۽ اداسيءَ پنهنجا پک پکيڙي ڇڏيا هئا. پوڙهيءَ کي پنهنجي ٻن پئسن جي ٽانگي ۽ پيٽ قوت جي ڳڻتي ڳاريندي رهي ۽ راحت جا پور پڇايل پهه ڪن پل ۾ چڪنا چور ٿي ويل انهيءَ صدمي، انهيءَ پيڙا ۾ راتيان، ڏينهان روج راڙو ۽ پوءِ هڪ ڏينهن اهڙو به آيو، جڏهن ڪوئي ڪانگ ڪهي سندس اڱڻ آيو هو. ان وقت راحت ٽانوَ ٽپا ملي رهي هئي، سندس چهري تي هڪ قسم جي پريشاني پسجي رهي هئي ۽ پوڙهي ناس ڇپٽي ڏيندي ڪيس تسلا ۽ دلداري ڏيڻ جي ڪوشش ۾ ڪيس ٻيهر پنهنجي ڏنڌي شروع ڪرڻ لاءِ به منت ڪري رهي هئي.

”ڏيءُ، جيڪو ٻاب لکيل هوندو سو ضرور پڙندو، روج راڙي، منهن سڄائڻ مان آخر ڇا حاصل؟ سياڻي ٿيءُ، ٻئي جي به ٻُڌ، پڳي پنيان آخر ڪيترو پڄبو، چوندا آهن مرُ مرندن لاءِ، واٽان واهن لاءِ ڇا مرجي. جي مڙسيءَ جو هڪ به انگ هجيس ها ته جيڪر ايئن پاڙي تي نه پڄي ها ۽ هاڻي جي پڄي به ويو ته پڄڻ ڏينس پر مان هي رئو ٿي پيرن تي رکانءِ شروع ڪري ڏي پنهنجي ڏنڌي ڪي........... اڄ ڏسين ٿي........... جيڪي به ڏوڪڙ گهر ۾ ترپل هئا، سي به مئي ڪي هڻي ٽانگو خريد ڪري ڏنوسين ۽ هاڻي..........“ پوڙهيءَ چوندي چوندي راحت جي چهري جا تاثر ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ راحت پاروٿو پٽ ديگڙيءَ مان ڪڍي، پري ڪانون آڏو اڇلائيندي چيو هو،

”ماسي، ايترو ڏَوَندي مٿو سور نٿو ڪرئي، پر توکي وڏو ڪنهن آ ان ڏونڪي ۾“

”اڙي مانکي تہ بس تنهنجي ڳڻتي آ، آهي ڪو ٻيو آنديءَ ننيديءَ وارو“

”تون مانڙي ڪيون پئي ناس ڏي، خداءِ ڪندو اها تنهنجي ناس ڪانہ ڳُتندي، باقي هاڻي مان ڪان اهڙو ڪُڏو ڪم ڪيو ڪونہ پڄندو ۽ نہ ئي ٻيهر مانکي چئجانءِ ئي“ هن ڪيس خاڪ لڳل هٿ ٻڌندي چيو هو، تڏهن پوڙهيءَ غصي جو اظهار ڪندي چيو هو،

”تہ پوءِ پِني پورائو ڪجانءِ“ چوندي، چوندي پوڙهي اٿڻ لڳي هئي.

”ها، ها مان پِني پورائو ڪندس، آهي رڳو تنهنجو پيٽ پرڻو، ٻيو وري............. اجايو ٻي کي بہ بيزار ڪرڻو“

ان وير ئي ٻاهران دروازي جو ڪڙو کڙڪيو هو، تڏهن ٻنهي ڪنائيندي ٻاهرين دروازي ڏانهن ڏٺو هو، تنهن بعد پوڙهي رڙهي در تي نڪري آئي هئي. در ٻاهران ٽپاليءَ کي بيٺل ڏسي پوڙهيءَ چيو هو،

”ابا، ڪنهن ۾ ڪم آهي!؟“

”پوڙهي، هي اوهان جو آيو آهي“ پوسٽ مين پوڙهيءَ جي هٿ ۾ هڪ چٽڪمرو لفافو ڏيندي چيو هو،

”پر پٽ، آهي ڪٿان جو؟“ پوڙهيءَ لفافي کي نهاريندي عجب ۽ ڳڻتيءَ وچان چيو هو.

”سعوديءَ مان، سعوديءَ مان“ ٽپالي چوندي، چوندي اڳتي وڌي ويو هو.

”سعوديءَ مان!؟ هون کهڙو وري نئينءَ مان اچي مائٽ پيدا ٿيو آهي؟“ پوڙهيءَ چنتا ڏيکاريندي پنهنجي منهن پڙڪندي واپس گهر آئي هئي. اندر اچي هن لفافو راحت ڏانهن وڌايو هو،

”پائين مديني مان آيو آهي، الائي وري کهڙا................“

”مان کي چا تي ڏين، ايڏهن پڙهائي ونينس ڪنهن ڪان“ راحت پنل اکين کي رئي جي پلاند سان اگهي، ٽانون جو ڪارو ڪٽندي چيو هو.

۽ پوءِ خط ٻڌندي جيڪا خوشي محسوس ڪئي هُئائون، ان تي بي انتها خوشي ۽ مسرت جي جذبي وچان ٻئي هڪ ٻئي کي ياکر ۾ ڪري چنبڙي پيون هيون. ايسيتائين جو ان خوشيءَ جي گهڙيءَ کان پوءِ ڳچ ڳچ تائين راحت جي ڳلن تي ڳوڙها ٽمندا رهيا هئا ۽ مسرت پريل ڳوڙهن ڳاڙڻ لاءِ بہ انسان کي چا چا نٿو سَهڻو پوي، چا چا نٿو ڪرڻو پوي، کهڙا کهڙا نٽا رند راهہ پڇٽا پون، ڪيترا نٽا ڪانگ اڏائڻا پون، هن زندگيءَ جو، جيڪو هيڏو سارو عرصو پرائيويٽ اَڏن جي قربان گاهن تي ٻل چاڙهيو هو، ان جي سڀ جي صلي ۾ ڪيس مليو صرف اهو، جيڪو چڳل ٽانگي، ڏٻري گهوڙي جو ڪرايو، ڪراڙي وهيڪيل مينهن ڍڳيءَ جو ملهہ!؟ ايتري سستي

ملھ هجڻ ڪان پوءِ ٻہ هن هار ڪانہ مڃي هئي، شڪست ڪانہ قبولي هئي. ٻي ساهي ئي سهي پر عياشگاهن جي تلاون ۾ ترندي ئي رهي هئي. پنهنجا ٻي سرتا قدم رکندي ۽ ڪٽندي ئي رهي هئي. ان ڪرت ڪرڻ لاءِ ڪوبہ سمون مقرر ڪونہ هو، ڪوبہ ٽائيم ٽيبل ڪونہ هو، مهل ڪمهل، پلا ڏنڊو جو ٽيو.

۽ ايئن ئي هڪ رات، ٻي ڪي سڪ رسائي پنهنجو سڪ ڦٽائي، جيئن ئي پنهنجا سست ۽ ٻي سرتا قدم ڪٽندي پنهنجي ڳوري جسم کي گهليندي مڇي مارڪيٽ واري سڄي اونداهين روڊ تي پهتي هئي، تيئين ئي ڪيس پريان هڪ پراڻو ٽانگو، ڏٻرو گهوڙو پاڻ ڏانهن ايندي نظر آيو هو. هن پوءِ ٽانگو چٽي سڏيو هو. ٽانگي ويجهي اچڻ تي هن جيئن تيئن ڪري پنهنجو پاڻ کي ٽانگي جي هودي ۾ هنيو هو، تنهن بعد مس مس پاڻ کي گدن جي ٽيڪ تي پختو ڪندي سڪ جو ساھ ڪنيو هئائين. سڄي ڏينهن جي روڊ لتاڙڻ ۽ ماڻهو ڍوئڻ ڪان پوءِ ٽڪل گهوڙو سست رفتاريءَ سان پنهنجا ٽڪل قدم ڪٽندو آخري سواري ڪٽي اڳتي رڙهيو هو. ٽانگو ويهن پنجويهن سالن کن جو هڪ ٻت ۾ پترو پورڙو نوجوان هلائي رهيو هو ۽ ڪڏي ڪڏي گهوڙي کي ٺڦڪي ڏيندي هڪلائي بہ رهيو هو. راحت کن لاءِ پنهنجي دک کي پلائي پاسيرو ٿي گديءَ کي ٽيڪ ڏيندي کهڙي جي پراڻي بنگلي جي سڄي اونداهيءَ واري ماحول تي نظر وجهندي مرڪي چيو هو،

”تهان ٽانگي وارا بہ وڏا ڪم ٽا اٽلايو.“

”ٽانگو هلائڻ، هنن ملائڪن کي ڪنٽول ۾ رکڻ بہ تہ سٽرو ڪم ناهي.“ هن پوءِ گهوڙي کي ٺڦڪي ڏيندي بغير ڪنهن رڪاوٽ يا بناوٽ جي نشي ۾ ڏت ڳالهايو هو.

”روز گهڻو ڪمائيندو آهين!؟“ هن تجسس ڀريل نگاهن سان ڪيس چتائيندي چيو هو.

”چار ساوا نوٽ، عيد براد، ميلي ملاکڙي تي اجا سبيل ۽ ڪڏي ڪڏي تہ اهڙي گهمري جو گهوڙي جو داڻو بہ ڪنڊ ۾“ هن سندس پائوڊر جي پلستر ٿيل چهري ۾ اکيون کپائيندي چرس ڀريل سگريٽ مان سوٽو هڻي ڏانهس دونهون اڇلائيندي مرکي چيو هو.

”ايڏا پئسا ڪيئن کپائيندو آهين!؟“ هن عجب مان سوال ڪيو هو.

”ڏهڙي گهوڙي جي، پندرنهن مالڪاڻا ۽ باقي پنهنجي ڪيسي ۾.“

هن ڪجھ خاموشيءَ ڪان پوءِ ڳالهايو هو،

”پرڻيل آهين؟“

”نہ“ گهوڙي کي ڳنڪر ڏيندي، ڪيس تيز ڪندي چيو هئائين.

”پنيان ڪير تي!!؟“

”هڪ پوڙهي هئي ساڀ پروڪين سردين ۾ وڃي پنهنجي ڏيهہ پهتي، هاڻي آءٌ ۽ ڪانءُ.“

”پئسا پوريندو ٿو وڃين ڇا!؟ ايترن پئسن هوندي ههڙا حال، جهڙو ڪتيءَ جي دڪان مان نڪري آيو هجين.“ هن پوئتي وڪڙ هڻندي چلڪٽي روڊ تي نظر ڊوڙائيندي چيو هو ۽ پوءِ ٽانگي واري خرچ جو وچور پيش ڪندي چيو هو،

”ميٽرڪ تي پئجي ها تہ هن وڪت جيڪر غنياءُ هجان ها، مان تہ بس هڪ گولي پيٽ، فلم جي ٽڪيٽ ۽ ڪڏي ڪڏي روح سٺ ڏني تہ بهار پور جو پاسو، ڳاڙهي بازَرِ“

”ڳاڙهي بازَرِ ڪنهن ڏي ويندو آهين!؟“ هن مرڪندي سوال ڪيو هو.

”بس، ڪوسو پاڻي هارٽو، جيڪا آئي سا اَڳِهي“ بغير ڪنهن شرم جي چئي ڏنو هئائين. ان وقت ٽانگو روڊ جي ادڙيل پلستر سبب ذري گهٽ ڪلٽي ڪائيندي، ڪائيندي بچي ويو هو، جنهن تي راحت پاڻ کي سوگهي ڪرڻ جي ڪوشش ۾ پوءِ ٻيهر نيڪ ٿيندي چيو هو،

”چگيان، منهنجو تہ ساهہ ئي ڪڍي ڇڏيو هيئي.“

يلا گهوڙا آهن ملائڪ خدا جا، انهن جا اهي لوڏا تہ آهن.“

”چوندا آهن گهوڙا چڪ پائيندا آهن، ها ڇا!؟“

”ٻڌ، نہ پيو ٿئي ڪنهن گهوڙي جو چڪ، پٽارا وات وجهڻ سکيا آهن پر ڪنهن وات ڪڍڻ سيکاريو ئي ڪونہ اٿن. جنهن عضوي ۾ وات هنيائون، اتان سچو ٻُوٽُ ئي ٻاهر“ هن ڪيس سمجهائڻ واري انداز ۾ ڏوريءَ ٻڌل لڪڻ کي هوا ۾ لهرائيندي چيو هو،

”اَئي منيس، پوءِ تهان ڪيئن ٿا ساڻن منهن ڏيو!؟“ هن ڊيڄهڙي وارا انداز ۾ چيو هو. تنهن بعد ڪن جي خاموشي، سنبن جا آواز، روڊ جو ڪنجهي جي ٿالهيءَ جيان وجڻ، هن جي مڪمل ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ الائي ڇو هرو پرو ٻہ سندس دل ضد ڪري بيٺي هئي، تڏهن پڇيو هئائين،

”آهين ڪٿان جو؟“

”ڪهڙو وري ڊِس جو آهيان، اهو ئي ڪرما باغ واري محلي جو ۽ هاڻي تہ عظيم شاهہ تي“

”شادي نٿو ڪرين!؟“

”اسان لال جي آرسين کي وري ڪير ڏيندو؟“

”ايڏي عرصي کان بگي ٿو هلائين، ڪجهہ تہ ميڙيو هوندئي؟“ هن الائي ڇو اهو سڀ ڪجهہ پڇڻ چاهيو هو، تڏهن اقبال صاف صاف لفظن ۾ جواب ڏنو هو،

”نہ، ڪا ٽيڊي پائي بہ حرام“

”پوءِ جي ڪو سگ ڏيئي بہ تہ ڪيئن ڪندين؟“

”جڏي نہ ڇائي، تڏي ڏنو ويندو“ هن مرڪندي چيو هو ۽ پوءِ ڪجھ خاموشيءَ ڪان پوءِ راحت پوئتي دور پري ڏسندي چيو هو،

”مائٽ ٻائٽ تہ هوندئي؟“

”نائين لِچ، لڪ پاراتو، ڪَلَ ئي ڪانہ تہ ڪير مئو ڪير بچو“ هن وڊبائن جو سگريٽ دڪائيندي چيو هو ۽ راحت جو چهرو ڪنهن اَڄاتي خوشيءَ ڪان ٻهڪي پيو هو. هن ڪي پهريون پيرو ئي اندر ۾ اٿليل هلچل جي ڄاڻ پئجي وئي هئي. پهريان تہ هوءَ خود بہ سمجهي نہ سگهي هئي انهن سوالن جوابن ۽ هڪ اوپري ٽانگي واري سان بي حجاب ٿيڻ جو سبب. هن آخر ۾ پنهنجي دل جي ڳالھ پيش ڪرڻ لاءِ رستو هموار ڪندي چئي ڏنو هو.

”پوءِ ڏٽڪو چو نٽو ٿين، ننڊٽڪو تہ ڪتو بہ چڱو ناهي.“ تنهن بعد ٻاڻ ئي پنهنجي ڇُڪ تي پچتائيندي تيزيءَ ۾ ڦڙتي ڪاڏي هئائين،

”پلا جي سجي ڏينهن لاءِ ٽانگو گُهرجي تہ گهڻا وننديں؟“

”جيڪو ڏنئي، سائن سان ڪهڙا ليڪا“ هن سوال جي پهرين حصي جو جواب ڏيندي مرڪي سندس واسنا سان پريل جسم ۾ اڪيون ڪپائيندي چيو هو.

”ڪجھ لاهو ڳاهو ڪجانءِ“ هن پڻ سندس نظرن سان نظرون ملائيندي مرڪي چيو هو.

”اسان بہ ساسي ساھ ٽا ماريون، پوءِ انصاف نہ لهٽوسين، پلا جي نہ ڏنئي تہ سمجهندس ڄڻ گهوڙو جوٽيو ئي نہ هئم.“

”ايئن تہ ڪَسُ لڳي ويندئي“

”پوءِ لڳي تہ لڳڻ ڏينس، پر ڄائي هلبو ڪٿي، اهو تہ تو........“

”صوفي رانجهن شاھ جي مئخاني تي“

”اتي ڪنهن سان.............“

”اڙي نہ چريا، اتي پنهنجو گهر اٿم، مان اتي ئي رهندي آهيان.“

”پوءِ تہ هيڏهن اڄايو وڪڙ ڪرٽو پيو.“

آخر ۾ ٽانگو اچي صوفي رانجهڻ شاھ جي پڙ تي پهتو، تڏهن راحت جوانڙي ڪي پنيءَ تي هٿ رکندي بيهڻ جو اشارو ڪيو، جنهن سان سندس جسم ۾ هڪ قسم جو ڪرنٽ اچي ويو هو. ان وقت ٻئي هڪ ٻئي ڪي عجيب نظرن سان تڪڻ لڳا هئا. سندن چهرن تي هڪڙا رنگ اچڻ ۽ ٻيا وڃڻ لڳا هئا. هوءَ لڄي تي جيئن ئي ٽپ ڏئي ٽانگي مان لٿي هئي تيئين ئي پائدان ۾ پاچو وچڙي ويو هئس ۽ ان تڪڙ ۾ ڪرڻ ڪان تہ بچي وئي هئي پر شلوار جو پاچو ڦاڙائي ويني هئي. پاچي ڦاٽڻ تي جوانڙي افسوس ظاهر ڪيو هو ۽ هن ٽرڊ ڪلاس پرس مان چئن روپين جا نوٽ ڏانهس وڌائيندي مرڪي چيو هو،

”هي بہ تنهنجي ڪنڌي............. ۽ ها صبح پڪ ٽئي، ڪن بيانو ڏئي ڇڏيانءِ؟“

”تهان جي زبان ئي ڪافي آهي، بيانو وري...............“

”هو ڏسين ٿو نه پريان ٽيڙيءَ وارو در، او اتي پر نيرن ڏاري اچي پهريان پڇي وڃجانءِ، هوءَ چوندي چوندي مرڪي اڳتي وڌي وئي هئي ۽ ٽانگو ٻيهر پنهنجي منزل طرف ڊوڙڻ لڳو هو.

هوءَ جنهن وقت ٽئين درجي جي هڪ پُٽ تي پيل گجڻ پور محلي جي هڪ پراڻي طرز، ڪچين سرن ۽ ڳچ سان لِتل گهر ۾ داخل ٿي هئي، تڏهن گهر جي صحن ۾ پيل هڪ اڌ پراڻي ڪرسي ۽ پراڻي ٽيبل مان هڪ ڪرسيءَ تي هڪ پنجاهه سٺ سالن ڪن جي پوڙهي آهليل هئي. هن جي اکين تي هڪ پراڻي سڳن سان ٻڌل نظر واري عينڪ چڙهيل ۽ آڏو ئي پراڻي ٽيبل تي ناس جي دٻلي ۽ ناس اگهڻ واري اڳڙي پيل هئي. پوڙهيءَ جي نڪ ۽ وات ڪي ناس ٿقيل هئي. پوڙهي ننڊ ۾ الوٽ ڪونگهرا هڻي رهي هئي. پوڙهيءَ تي نظر پوندي ئي راحت ڪي ٻچان وني وئي هئي.

”مئيءَ ڪي ننڊ به ڪا اکن سان ٻڌي پئي آهي، جڏي ڏس تڏي.............“ هن ايندي شرط برقعو لاهي پري ڪري ڦِٽو ڪندي هڪ ڪرسي سيري ڦهه ڪري پاڻ اڇلائيندي وڏو ساهه ڪنيو هو. اوچتي ڪڙڪي تي پوڙهي سجاڳ ٿي پئي هئي. هوءَ سجاڳ ٿيندي ئي راحت تي ڏاڪا ٻڌي چڙهي وئي هئي.

”ائي ڇو پئي آئينءَ، اڃا ته نه اچين ها، اڃا ته يارن سان راڳها ڪرين ها، مان آهيان جو باشاهزاديءَ ڪي ڏسي، ڏسي ٿڪي آهيان ۽ هيءَ وري..............“

”ماسي مُرزا آهن توڪي، ايڏي ننڊ، شهر آهي جو اڃا سوڏو ڪليو پيو آهي، رستا پيا وهن، توڪي ساجهر ئي ننڊ، توبهه باهه ڏيانس، گرمي ته ڏس، ونڃڻو ڪاڏي ڪيو ٿي؟“ هن رئي جو پلاند هوا ۾ لهرائيندي وڏا وڏا ساهه ڪڻندي چيو هو.

”اڙي ها، ها جهڪي ٿيءُ، جهڪي ٿيءُ، مان ڪي ٿي ننڊ جا مهڻا ڏين، پاڻ سو ڪندي ئي ڪانهين.“

”ڪئي چونه پر ڪنهن ٽيم جي، ڪن چارئي پهر ننڊ جي حوالي“

”ڪهڙو وري پاءُ گلن ۾ ٽُرڻ واري ميرن جي بالي آهين، جو تنهنجي مٿان ويهي پهرا ڏيان“ پوڙهي ٽيبل تان ناس جي دٻلي ڪڻي، هٿ جي ترِيءَ تي هڻي، ناس چپٽي ڏيندي چيو هو،

”هَهه هَهه هَهه، مڙهي بالي وري ڪهڙي عرش تان لهي آئي هوندي، اها به اسان ماڻهن جهڙو ماڻهو هوندي، ان ڪي وري ڪهڙا به سِڱَ مٿي تي هوندا.“ راحت ٽهڪڙا ڏيندي چيو هو.

”اڙي ٻُڌم، ٻڌم، پر اهو ته ٻڌاءِ ٽيو ڪو اُپراسو؟“

”اُپراسو؟ هَهه هَهه هان هي وٺ ساهُ نه نڪرئي“ هن پرس مان ڪجهه نوٽ ڏيندي چيو هو. ۽ پوڙهيءَ نوٽ ڳڻيندي چيو هو،

”ڇو اڄ خوشيءَ ۾ ماپي نه ٿي ماپين، ملي ته نه وئي ٿي ڪا سوني آسامي!؟“

”ڏاڍو سٺيو شڪار، جي پوڻُ لڳو ته پَئون ٻارنهن، اصلي ڏوئي ڏيکڻ گيهه.“ هن آرس ڀڃي جنگهان ڊگهيريندي پوڙهيءَ تي رعب ويهارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ پوڙهيءَ نوٽ مٺ ۾ قابو ڪندي چيو هو.

”ها، مارجي ته مير مارجي باقي چاڪرَ ڇا ڇُڪائجن“

”مڙهي، چاڪرن کي ڏي ٻَنِ، مان ته مير ماريو آهي مير“

”اڙي اهو آهي ڪير؟ مان ڪان به ڳجهائي؟“

”هل ڙي هل، تون پنهنجو وکت ڪائي وئينءَ“

”مُئي ماٺهو تي حرامي، رهزن، متان ڪو متيان پتڻ نه گهمائي ڇڏئي“ پوڙهيءَ چِتاءَ جي انداز ۾ چيو هو ۽ پوءِ راحت ٿهڪڙا ڏيندي رازداريءَ واري لهجي ۾ چيو هو.

”متيان پتڻ، هَههههَ ههَ............ ڏني مڪياري نه وٽئي ته مال مالڪن جو.“

”يلا آهي ڪير؟“ پوڙهيءَ بيقراريءَ مان پڇيو هو. راحت پنهنجي ڪرسي ڇڏي، هلي اچي پوڙهيءَ متان بيني هئي، مرڪي چيو هئائين،

”ڪير به هجي، تنهن سان تنهنجو ڪم، تون ته بس موڙيءَ جي مالڪياڻي“

”چڱو نه ڏس، باقي مان به ماريي آڏو پِتا پڌرا نه ڪيا مانءِ ته اهائي ڳالهه“ پوڙهيءَ خفي ٿيندي چيو هو.

”رن آهين ڪن راهو، هون............ پتا پڌرا ڪندي، پاڻ سو ستي جتي آهين، سجا سارا راهه رند تنهنجا ڏيڪاريل، هاڻي وري........ ٻلي سئو ڪوئا ڪائي حج هلي هئي.“ هن پوءِ ڇڙي رُسامي جو انداز اختيار ڪندي ٻيهر پنهنجو پاڻ کي ڪرسيءَ تي سٽيو هو.

”مُئي ماري پوءِ چو تي ايڏو پسرائين، ڪرين چو نه تي نجرا“ پوڙهي نوٽ هڪ مٺ ۾ ڪندي ڪرسيءَ تان اٿندي،

”ڪُهه گهر سندس، ماريو ڇهڙو هجي يا چمار، مان ته بس هنن نوٽن سانڍڻ واري، تون ڄاڻ تنهنجو ڏنڌو.“

”چڱو هاڻي ڇڏ، هيانءُ تو چتجي ڪو مانيءَ ڳيو ڪاراءِ“

”چو ان سجي سڪٽي نه ڪارائي ڇا، جنهن جي ساراهه ڪندي اصلي ڏاپين ئي نه ٿي“

”اڙي ڀَپَ اهو ته نئون شڪار آهي نئون، ان کي ته نئين چوڻِ وڏي اٿم“

”ڪير آهي؟ ڪٿي وينو آهي؟ ڇا ڪندو آهي؟“ پوڙهيءَ هلندي هلندي هڪ هنڌ رڪجي ڪيس معنيٰ خيز نظرن سان گهوريندي چيو هو.

”اڙي ها، ها پيٽ نه ڦاٽئي، سجي رات پئي آ، پهريان ڳيو ته پيٽ ۾ وجهڻ ڏي“

”چڱو تون ڪپڙا بدلائي وٺ، ٽَيتر مان چانور پائي اچان پر ان دبلڙيءَ جي پارت اٿي، متان لمڪي ۾ ڪيرائي نه رکينس، پوءِ سجي رات............“

۽ پوءِ صبح تي سوير ئي اٿي بئي ڄڻيون گهرو ڪم ڪار ڪي لڳي ويون هيون. گهر ۾ هر هڪ شئي ڪي سليقي سان رکي رهيون هيون، جڻ ڪو پير مرشد ايندو هجين. راحت سوير ئي پنهنجو ڪم ڇڏائي رات جي اوجاڳي، ٿڪ، صبح جي رئي، دز لٿيل جسم کي پاڪ پوتر بنائڻ لاءِ وڃي نلڪي جو پاسو ورتو هو ۽ پوڙهي ٻاهر آڳند کي ٻهاري رهي هئي. هر هر ڪنڌ هيٺ ڪرڻ ڪري سندس عينڪ کسڪي هيٺ ٿي رهي هئي. هوءَ هر هر عينڪ کي درست ڪري رهي هئي ۽ ڪڏي ڪڏي وڏيڪ خفي ٿيندي پنهنجي ئي منهن ٻڙ ٻڙ ڪري رهي هئي.

”هاڻي هڪ هنڌ ڪٽي نُهُ ته ڦهڪاياڻ نه پت تي، کهڙو نه اڇي ڪارِهُ ڪيو تي“

ڪن ڪان پوءِ اوچتو ٻاهران ڪڙو ڪڙڪيو، پوڙهي ٻهاري هڪ پاسي اڇلائي گوڏن تي هٿ رکي اٿي ٻاهر وڃڻ لڳي هئي، دروازو ٻيهر ڪڙڪيو ۽ وري ٿيهر، پوڙهيءَ دروازي ڏانهن وکون کڻندي پنهنجي منهن بيزاريءَ مان چيو هو،

”ماريو، ڪو چڙهئي گهوڙي آيو آ، اصلي ڊِنڊي ٻاري ڏني اٿائين.“ پوءِ جڏهن پوڙهي در تي آئي هئي، تڏهن ٻاهر اقبال کي ڏسي ڪجهه ياد ڪندي هڪي ٻڪي ٿي وئي هئي پر تڪڙو پاڻ سنڀالي، هرويرو ٻه پڪائي ڪندي پڇيو هئائين،

”ابا، ڪنهن سان ملڻو آهي؟“

”ماسي مان ٿانگي وارو آهيان، اڄ سڄي ڏينهن لاءِ ٻولايل............“ هن قدري ڏيرج مان چيو هو ۽ پوءِ پوڙهي واپس مڙندي چيو هو،

”چڱو چڱو ٻچڙا مان اطلاع ڪيان ٿي“

۽ پوءِ ويندي ويندي هڪ دفعو ٻيهر ڪيس ٿيڏي اک سان ڏنو هئائين، تنهن بعد اڳتي ويندي پنهنجي منهن پٽڪيو هئائين،

”ڇورو ته سون تي رتي آ پر خداءِ ڪري نيبهه ڪريس.“ پوڙهيءَ اندر پهچندي ئي ڦڪڙيون ڪرڻ شروع ڪيون هيون. نلڪي هينان سنان ڪندڙ راحت ڏانهن وڏندي پڪاريو هئائين،

”اڙي ڪاڏي وئينءَ، هيڏي ٻاهر ته نڪر“

”ٻيو ته سک آ، صبح مردان سان هنيانءُ ئي ڪائي ڇڏيو تي، وري کهڙي ڪاڻ ڪتي تئي؟“ راحت نلڪي چوڌاري ڏنل ديوار ڪان منهن ڪڍي چيو هو ۽ پوڙهيءَ ڏانهس وڏيون وکون کڻندي چيو هو،

”مُنهن ڪاري، هيڏي ٻاهر ته نڪر، لاشڪ ته هو آيو تئي“ پوءِ سرگوشيءَ جي انداز ۾ چيو هئائين،

”سچ...........!! پر ٻڌاءِ ڪيئن لڳئي!؟“ راحت خوشيءَ جي عجيب احساس وچان پڇيو هو. پوڙهيءَ ڪيس جلدي ڪرڻ لاءِ رهڙ ڏني هئي.

”اڙي هاڻي ڇڏ ني، هجني رڳو فتوائون وٺيون، وڃينس ٻاهر، ڇا چوندو پرائو مڙسالو“

”امڙ، تون به ڏاڍي ٿي ٻڌائين، ڏسين ٿي اجا پورو ٻضون ئي ڪين ساريو ٿم، تون وٺي اچينس تيتر مان جلديءَ ۾ ڪپڙا پهري وٺان پر ڳالهه ڪي چوريندينءَ تون.“

”اڙي ها، ها، چو ٿو ساهه نڪرئي، اچڻ ته ڏينس، ڏس ته ڪيئن ٿي هٿن تي پِرتا ڪري ڏيڪاريانءِ“ چوندي، چوندي پوڙهي ٻيهر ٻاهرين در ڏانهن وڌڻ لڳي هئي. در تي ايندي پوڙهيءَ اقبال کي اندر اچڻ لاءِ چيو هو، تڏهن هن وڌيڪ پڪ ڪندي چيو هو،

”ماسي، اندر اچان؟“

”اڙي تڏي ڇا، تون پنهنجو ٻچو آهين، توکان پلا کهڙو پئو“ پوڙهيءَ اڳيان، اڳيان هلندي اچاترا قدم کڻندي هلي رهي هئي ۽ اقبال پنيان، پنيان سست ۽ ڍلا قدم کڻندو هلي رهيو هو. پوڙهيءَ کيس آڻي آڳر ۾ پيل پراڻين ڪرسين مان هڪ تي ويهاريو هو ۽ پوءِ پاڻ جلدائيءَ مان نلڪي طرف وڌي وئي هئي.

”مائي، ڇڏاءِ، يڪو ٿو تنهنجو اوسو لهي“ پوڙهيءَ هلڪي آواز ۾ چيو هو ۽ راحت ٽوال سان لِڱ اگهندي،

”بس، بس، تيتر تون کيس ريجهائي ويهار“

ڪن ڪان پوءِ آڌوڪن وارن کي چنڊڪا ڏيندي راحت، اقبال ڏانهن ايندي مرڪي چيو هو،

”ايترو ساجهر!؟“

”ڏنتو جو آهي“

”شڪر جو آئين، ماسي ته سِرُ پٽي وئي هئي“ هن وارن کي پنٽي وائڪو ڪندي چيو هو، جنهن سان گڏ هوءَ وڌيڪ سندر لڳي رهي هئي. هن جي پِڳل ڳردار سيس ۽ واسنا پريل جسم تي آڌوڪو چولو چنبڙيل هو. سنهي لونِ جي چولي مان هن جو پورو ڳاڙهو اُرهه هرويرو به اقبال کي مجبور ڪري رهيو هو ته سندس ڳردار جسم ۾ پوئداون جيان اڪيون ڪپائي ڇڏي، هوءَ هلڪي مرڪ سان ڪرسيءَ تان اٿي هئي،

”مان، اجهو آيس“

۽ پوءِ جڏهن ٿورڙي جهٽ ڪان پوءِ واپس آئي هئي، تڏهن سندس هٿ ۾ سادي چانهن داني، سادا ڪوپ پڪڙيل هئا. هن پوءِ هڪ ڪوپ ۾ چانهن پريندي اقبال ڏانهن وڌائي هئي، ٻئي کن پوڙهيءَ پنهنجي ڏڪندڙ هٿن ۾ ڪوپ ڪندي مرڪي پڇيو هو،

”پوءِ پٽ کهڙي ڳالهه تي ٻينين؟ اسان ته سيني ڳالهين ۾ مڪياري ڇڏيو ٿي“

پوڙهيءَ جي اوچتي آواز تي اقبال ڇرڪي ڦڪي مرڪ مرڪندي، راحت جي اُرهه تان نظر هٽائيندي چانهن جي سرڪ پريندي چيو هو،

”ماسي، مان ڪي قبول آ“

هن جي اقرار سان گڏ راحت جي چهري تي هرو ڀرو به شرم جي لڪير اڀري آئي هئي، پوڙهيءَ اجا به وڌيڪ کيس هرڪائڻ لاءِ چيو هو،

”ابا، ڪئي ڳالهه ڏور ويندي آهي، اڄ ڏسين ٿو ته پتين ڪي به ڪن آهن، تون ٻچو آهين، تو سان ڪهڙي ڳجهائي، اسان وٽ ڏٽيءَ جو ڏنو سڀ ڪجهه آهي، مرحيائت منهنجي خاوند جا مليل ڳهه ڳِنا، ٽانوَ ٽپا، جيڪي سي چار ڪوڏيون هَٿَ ۾، بس هجي جيڪو سنڀالي“

”پوءِ مان ڪي اجازت، ٽانگو مالڪن جي حوالي ڪري اوڪا پوڪا پلي اچان.“ اقبال چانهه جو ڪوپ خالي ڪري ٽيبل تي رکندي، اتي راحت جي چهري ۾ اکيون ڪپائيندي، مرڪي چيو هو.

”پلي، پلي تون پنهنجو سُوس پلي اچ، جڏي به اچين اسان جون اکيون ٽڏيون.“

اقبال اٿي هلڻ لڳو، جنهن سان گڏ راحت به اٿي ساٽس گڏ هلڻ لڳي هئي. پوڙهيءَ ٻيهر پنيان آخري تير اڇلايو هو،

”آئون جائي، پنهنجو نلو پلو ٽانگو به وٺي ڏينداسونءِ.“

هو ٻئي اڳتي وڌي رهيا هئا، ٻئي هڪ ٻئي ڪي عجب نظرن سان ڏسڻ لڳا هئا. راحت مرڪي پڪ ڪرڻ خاطر پڇيو هو،

”پڪ موٽندين ني؟“

”ٻڌ..........“ اقبال کيس يقين ڏياريندي چيو هو، تڏهن راحت وڌيڪ ڪائنس وچن وٺندي مرڪي چيو هو،

”مڙساٽو اقرار؟“

”ڏس هاٽي ايئن ڏنو تي، هي ڪبو هٿ ڪاڏي ويندو آهي“

”پوءِ مان اوسيئڙي ۾ رهنديس“ هن کيس در جي چائٹ ٽپائيندي آخري ڀيرو مرڪي چيو هو ۽ پوءِ جڏهن واپس آيو هو، تڏهن ساٽس جيڪي ڪجهه ساعتون گڏ گهاريون هئائين انهن جون يادون سارينديي، سارينديي هن ڪي ننڊ اچي وئي هئي. ان ننڊ ۾ هن پوائنتو خواب ڏٺو هو. هوءَ پنهنجو پاڻ ڪي پراٽن، ميرن، گدلن ڪپڙن ۾ پنندي، ڪنهن ڦٽ پاٽ تي پيل هر لنگهندڙ آڏو هٿ ڊگهيري خيرات گهرندي، مڙس هٿان موچڙا ڪائي گهر مان تڙجندي، ڌڪا ڪائيندي، بي عزتو ٿيندي، مڙس کي ٻي ڪنهن نئين نويل ڪنوار جي آغوش ۾ مزا ماڻيندي ڏسندي رهي هئي. اهڙن بڇڙن حالن تي پوڙهي ڪِلون ڪندي وڏا وڏا ٺهڪ ڏيندي چٿرون ڪري رهي هئي.

”هَهَ........ هَهَ......... احسان، احسان، احسان ڪير ٿو چوي تنهنجو هن تي احسان آهي، هن ته پاڻ توتي احسان ڪيو آهي. تون اهو اجاڙ وڻ آهين، جيڪو برپٽ ۾ بيني، بيني سُڪي، سڙي ويو هجي. تون اها وانجهه آهين، جيڪا سهسين سينگار ڪرڻ ڪان پوءِ به ماءُ بڻجي نٿي سگهي. تون اهو بينل پاٽيءَ جو دُبو آهين، جيڪو

بيٺي بيٺي سينوارجي بدبودار ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ، پوءِ ماڻهو ته ڇا پر ڪو ڪُتو ٻلو به نوسڻ ڪونه ايندس. تون اها ڪلراٺي زمين آهين، جنهن ۾ ڪوبه سَلو اپري نه ٿو سگهي. هن کي سائو سلو گهرجي، هن کي ٻيو اقبال گهرجي، هن کي.......... ۽ تون يا عمر رولو ڪُتيءَ جيان ڀُڳيءَ ڀُڳيءَ لاءِ پٺيءَ نوسيندي وتندين، ٻچڪر تي پٺي پڇ گسائيندينءَ“

”نه نه مان ايئن ڪرڻ نه ڏينديس، ايئن ڪرڻ نه ڏينديس، نه ڏينديس، نه ڏين......................“

هوءَ ننڊ ۾ سُتي ئي سُتي، وڏيون هيئين ڦاڙ دانهون ڪرڻ لڳي هئي، جنهن تي پوڙهيءَ سجاڳ ٿي ڪيس وڏي آواز ۾ سڏ ڪيا هئا.

”ڇا ڪرڻ نه ڏيندينءَ؟ سنجها وکت اهو ڇا پئي جابولين، لڳا ته نٽي موت جا مارون؟“ پوڙهيءَ جي آواز تي هوءَ ڇرڪ ڀري اٿي ويٺي هئي. هن جي اکين مان پاڻي وهي رهيو هو. سندس سڄو جسم پگهر ۾ شل هو. هن پنهنجي پريشاني لڪائيندي رئي جي پلاند سان منهن اگهندي گهٻرايل آواز ۾ چيو هو،

”ماسي!؟“ ايئن ڄڻ ڪنهن ڏٻڻ ۾ ڦاسي مدد لاءِ واجهائيندي هجي.

”ڇڏ هاڻي في الحال، مان کي ننڊ ڪرڻ ڏي، سڀي ڏينهن ۾ اک به ٻوٽڻ ڪانه ڏني ٿي.“

”نه ماسي، اڄ مان توکي مورئون ننڊ ڪرڻ ڪانه ڏينديس، اڄ اسان کي ڪنهن نه ڪنهن فيصلي تي پهچڻو ئي پوندو، ڪونه ڪو رستو لهڻو ئي پوندو.“ هن ڪي قدر پختي آواز ۾ چيو هو، جنهن تي پوڙهي ڪنهن اڄاتي خوشيءَ وچان ٽپ ڏئي اٿي ويهي رهي هئي. پوءِ ويهاڻي هيٺان عينڪ ڪڍي اکين تي چاڙهيندي،

”هئي............ نور ڪان سواءِ به نسورو ڪوڙ آهي. ٻانهن واري عينڪ پائڻ به کهڙي نه سولي آهي.“

”ماسي، اڄ ڪنهن نه ڪنهن فيصلي تي پهچڻو ئي پوندو.“

”فيصلي تي ته پهتينءَ، اڳ ۾ مانکي ناس جي دٻلي ته هٿ ڪري ڏي، مٿو ٿو ڦري، ڪچي ننڊ مان اٿاريو ٿي.“ پوڙهيءَ ويهاڻي هيٺان هٿوراڙيون ڏيندي ناس جي دٻلي جاچيندي ۽ پوءِ دٻلي ملڻ تي، دٻلي هٿ جي ترىءَ تي هڻندي ناس چپٽيون ڀري نڪ ۽ وات ۾ ڏيندي،

”هاءِ، هاءِ............ مس مٿو جاءِ آيو آهي. ها، هاڻي چئو ڇا پئي چيئي؟“

”ماسي، مان اهو ئي............ مان اهو ئي پئي چيو ته متان جائي به تنهنجو چيو سچ نه نڪري.“

”جي ايترو سپ ڪجهه ڏسندي به گيسر جو گهر ٿيندينءَ، ڪيس پوليءَ وانگر چنبڙي پئي هوندينءَ ته پوءِ هڪ ڏينهن پاڻ به ڏيهڙپ ٿيندينءَ، مان مڙهيءَ کي به اڃي مٽي ۾ در پنائيندينءَ.“

”پلا ڪا ٽِڪ سوچ، جيئن لال بہ ليپي ۽ پريت بہ رهجي اچي.“

”مائي جي مان ڪان ٿي پڇين تہ پوءِ نہ لال ليندو نہ پريت رهندي. ها، ايئن ضرور ٿيندو، نانگ بہ مرندو، لٺ بہ بچندي.“ پوڙهيءَ پنهنجو فيصلو ڏيندي چيو هو، جنهن ڪان راحت ڪنهن خوف وچان ڏڪي وئي هئي.

”نہ نہ ايئن نہ ، ايئن نہ ماسي ايئن.......... اهو سڀ ڪجھ مان ڪان نہ پڄندو، مان ڪان نہ پڄندو، مان ڪان...............“

”اڄ پلا تڙ نہ ڪرائينديئن ڇا؟“ اقبال مرڪي ساڻس مخاطب ٿيو هو ۽ هن لنوائڻ جي انداز ۾ چيو هو،

”نہ اڄ مان ڪي مٿي ۾ سور آهي“

”چئبو اڄ سائين جن جي دشمنن جي طبيعت نيڪ ناهي“ اقبال مرڪي نلڪي طرف وڌندي چيو هو. هن پاسي جڏهن نلڪي گيڙڻ جا ڪافي آواز ٿيا هئا، تڏهن پوڙهيءَ وائر تي لٽ ڏيندي ٻنهي چيزن کي ڏار ڪري ڇڏيو ۽ اکين ئي اکين ۾ راحت کي رٿيل پروگرام جي تڪميل لاءِ اشارو ڏنو. راحت ڪرسي ڇڏي پريان ئي پريان ٻوڪڙ ڪندي سڏيو هو.

”اڙي جُود ڪر هيڏي........... ماسيءَ ٿي ويءَ جي وائر کي ڇني وڌو.................. هيڏي ٻاهر تہ...................“

”هاڻي جو هلي پئي“ هن صابڻ هڻندي چيو هو.

”ماسيءَ ڪرسي سيريندي، وچڙائي ڇني رکي“ هن جي لرزندڙ آواز سان گڏ جسم بہ ڪُنبي رهيو هو. هن پوءِ اندران ئي چيو هو،

”وائر ڇڄي تہ نہ ڳنڍجي سگهبي ڇا، تون ڇو اچي پريشان ٿي آهين؟“ اقبال جي ناهوڪيءَ دلداريءَ تي راحت گنگ منگ ٿي بيٺي ئي رهي هئي، ڪيس هينئين هارايل ڏسي پوڙهيءَ بہ وکان ڏانهس ڪڻندي چيو هو،

”نہ، پوءِ وڃي يڪو وهنج، ٻچڙا ڏاڍو سنو پروگرام هليو ويندو.“

تڏهن اقبال جلدائيءَ مان اڌوگابرو صابڻ لاهي ٽوال هيٺ تي ڪري وائر مٿان آيو هو ۽ راحت کي چيو هئائين،

”چڱو وڃ اندارن وڃي ٻنڻ مٿي ڪرينس.“

راحت جي ويندي ئي پوڙهيءَ ڳالهايو هو،

”ماريي پئسا بہ ڊوٻھ جا ورتا، جائي اڄ ملڪ کي حرام ڪائي ويو آ“

”ماسي، تهان کي بہ اجائي جي تڪڙ ٻئي سان بہ تہ صلاح ڪجي.“

۽ پوءِ اندران راحت آواز ڏنو هو ٻنڻ مٿي ٿس“

راحت جي ٻڌندڙ آواز تي پوڙهيءَ پنهنجي لفظن جو پردو وجهندي چيو هو،

”ٻچڙا، ڏاڍو مزو ٿس.“

”ماسي، چوندي جو آهين ٽيليوزن اکين کي وڻي ٿي؟“ اقبال وائر جي ٻنهي ڇيڙن کي ڏار ڏار ٻنهي هٿن ۾ ڪٽيندي چيو هو ۽ پوءِ جيئن ئي ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪندي ٻنهي ڇيڙن کي ملايو هئائين تيئين ئي بجليءَ جي جهٽڪي سان ڦهَ ڪري زمين تي ڪريو هو. هن ڪان وڏي دانهن نڪري وئي هئي ۽ ان دانهن تي راحت اندران بدحواسيءَ جي عالم ۾ ٻٽڻ مٿي ڪرڻ سواءِ ئي تيزيءَ ۾ ٻاهر اچي اقبال کي بچائڻ جي ڪئي هئي، ڪيس بچائڻ جي ڪوشش ۾ جيئن ئي ڪيس پري ڇڪيو هئائين تيئين ئي پاڻ بہ ڦهڪو ڪري ڪِري پئي هئي، وائر جسم کي ويڙهجي وئي هئس. ان بعد پوڙهيءَ تڪڙو اٿي ڪوٺين جي دروازن کي بند ڪري وڏي آواز ۾ رڙيون ڪيون هيون.

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڪي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**



هونئن ماڻهو ڳوٺن ۽ شهر جي حوالي سان سڃاتا ويندا آهن پر ملڪ آگاڻيءَ پنهنجي ڳوٺ کي سڃاڻپ ڏئي ڇڏي آهي. ڳوٺ آگاڻي وراڻي ملندي ملڪ آگاڻيءَ جو ڳوٺ.

ملڪ آگاڻي هڪ ئي وقت گهڻين خوبين جو مالڪ هو. ساڳي وقت استاد، سياسي ڪارڪن، سوشل ورڪر، شاعر، ڪهاڻيڪار، ڊراما نويس، ناول نگار ڪلٽو ملٽو ڪچهريءَ جو ڪوڏيو. داستان گو قصو ٻڌائيندو ته رات ڪٽي وجي . سندس پهرين ڪهاڻي "ڪائنر" کان وٺي آخري ڪهاڻي "موٽي محرم آيو" تائين جي سفر ۾ هن ٻهراڙي جي ئي ڪردارن کي ڪهاڻين ۾ امر ڪيو. سندس ڪهاڻيون سنڌي ادب ۾ مکيه جڳه والارين ٿيون.

سندس ڊراما "چنڊ گرهڻ"، "ٽٽيءَ کي ٽاڪو" پنهنجي دور ۾ خوبصورت ڊرامن ۾ شمار ٿيا.

ملڪ آگاڻي ئي هو جنهن آگاڻي ڳوٺ کي عزت ڏني ۽ سنڌ جو "بيجنگ" سان مشهوري ماڻي .

**اخلاق انصاري**